

سنڌ ساري ويئي ٻُڏي

(ٻوڏ 2010ع جي ڪھاڻي)

مرتب

يوسف سنڌي

سنڌ ساري ويئي ٻُڏي

(ٻوڏ جي ڪهاڻي)

مرتب

يوسف سنڌي

سچائي اشاعت گهر- دڙو

2010ع

اسٽاڪسٽ

پڻائي بڪ هائوس گاڏي کاتو حيدرآباد
سنڌي ادبي بورڊ جا بڪ اسٽال حيدرآباد
قليچ ڪتاب گهر لئنگويئج اٿارٽي حيدرآباد
گل ڪتاب گهر لکي در شڪارپور
مهراڻ ڪتاب گهٽي چوڪ لاڙڪاڻو
المهراڻ بڪ فائونڊيشن سانگهڙ

حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب جو نالو	:	سنڌ ساري ويئي ٻڏي
مرتب	:	يوسف سنڌي
ڇاپو پهريون	:	2010ع
لي آئوٽ/ڊزائين	:	مور ساگر (ساحل پرنٽرز حيدرآباد 03332634650)
ڪمپوزنگ	:	منظور احمد جوڻيجو مزمل حسين
	:	(الرزاق ڪمپيوٽر 44 رابعہ اسڪوائر حيدرآباد 0333-2696934
ڇپائيندڙ	:	سچائي اشاعت گهر۔ دڙو فون: 0301_3640468

قيمت: =/ 250 روپيہ

SINDH SAARI WEAI BUDDI. Compiled by: Yousif Sindhi
Published by: Manzer Yousif, Sachai Ishait Ghar, DARO, Sindh, Pakistan Edition First, 2010. Cell:03013640468

نصير ميمڻ

جي

نالي

فھرست

❖ مرتب پاران	يوسف سنڌي	07
❖ مهاڳ نصير ميمڻ	نصير ميمڻ	14
- حصو پھريون		21
- (سنڌ ۾ ٻوڏ ڪيئن آئي؟)		
● صديءَ جي وڏي ٻوڏ ۾ سنڌ	دلشاد ڀٽو (سينيئر)	23
● نيٺ ڇا ٿيندو؟	عبدالقادر جوڻيجو	32
● ٻوڏ مان اسان ڪھڙو سبق پرايو؟	محمد ادريس راجپوت	42
● سنڌ ۾ قدرتي آفت جي تباھہ ڪاريءَ		
● غير قانوني فيڪٽر جو ڪردار	نصير ميمڻ	48
● ٻوڏ سٽيلن جي بحالي جو اڻانگو سفر	نصير ميمڻ	56
● اڇوتہ سياسي ڀوتارن جي ڏاھپ کي سلام ڪريون.	غلام نبي مغل	66
● مڪلي، ٻوڏ متاثرين ۽ تلخ حقيقتون	يوسف سنڌي	74
- حصو ٻيو		83
- (ٻوڏ ڊائري)		
● 30 جولاءِ کان 20 سيپٽمبر 2010 تائين		85
- حصو ٽيون		185
- (ٻوڏ ڪھاڻيون)		
● مُورک اُڄ مرن	فاطمہ حسين	187
● مونکي بہ جيئڻ ڏيو.	يوسف سنڌي	193

مرتب پاران

گذريل ٽيهٺ سالن کان پاڪستان جنهن بحران ۾ ورتل آهي، انهن ۾ هڪڙو بحران ”سجاڻپ“ جو بہ آهي. پيارو پاڪستان هر ٻي ٽي سال ان سجاڻپ جي بحران يعني سولي سنڌيءَ ۾ چئجي تہ ”گهوٽالي“ ۾ پئجي ويندو آهي، ۽ هونئن بہ اهو ”گهر (پاڪستان) ۾ گهوٽالو“ تہ ڪڏهن ختم ٿيڻون ئي ناهي، ۽ اهو گهوٽالو تڏهن اچا بہ وڌي ويندو آهي، جڏهن گهر جي رهاڪن کي ڪا نہ ڪا مصيبت اچي وڪوڙيندي آهي. جيئن هينئر آهي... ۽ هينئر ان گهوٽالي هڪ ڀيرو ٻيهر ڪر کنيو آهي ۽ هر روز ميڊيائي / حڪومتي ۽ مخالف ڌر جا مَلهہ ان گهوٽالي کي اٿي جو گهوٻاٽو ڪرڻ جي لاءِ مختلف چينلز ۽ اخبارن ۾ ڪم کي ڪٽيو ٻيٺا آهن... ۽ هر روز حڪومت جي تبديلي، نظام جي تبديلي، چهرن جي تبديلي (يعني گڏهہ ساڳيو آٽر ٻيا) جون ڳالهيون پيون هلن... ٻي پاسي سنڌ، بلوچستان، خيبر پختونخواهہ ۽ پنجاب جا ٻن ڪروڙن کان بہ وڌيڪ ماڻهون آيل ٻوڏ سبب اٿي، لٽي، اجهي يعني ”زندگيءَ جي بحران“ ۾ ورتل آهن. هنن جو سڀ ڪجهہ ٻوڏ جي پاڻي ۾ لُڙهي ويو آهي، مال ملڪيتون، ٻنيون ٻارا، ڍور ڍڳا ۽ انهن سان گڏ انهن جون مستقبل جون اميدون بہ...

جت حڪمران چور، لباڙي، ڪوڙا، بد ڪردار ۽ عوام جا عوام جي ووٽن تي چونڊجي دشمن بڻجي ويل هجن، ۽ هنن جي پهرين ۽ آخري ڪارڪردگي پنهنجي چورين کي لڪائڻ، ڪاري ڌن کي اڇو ڪرڻ ۽ عوام تي مهانگائي ۽ ٽئڪسن جو وڌيڪ بار وجهڻ هجي، جتي انصاف ٻن اکين

جي بدران هڪ اک سان ڏسي، جتي وڏن ماڻهن تي ڪو هٿ ڪٽڻ وارو نہ هجي (وڏا ماڻهو هڪ ٻئي تي ڀلا هٿ ڪيئن ڪٽندا؟) اُتي نہ رڳو سڄاٽپ جو بحران دائمي رهندو پر هر روز انيڪ بحران / گهوٽالا جنم وٺندا.

اڄ ٿي روزاني ايڪسپريس (پهرين نومبر 2010ع) ۾ 'رئوف ڪلاسرا' جي ڪالم ۾ پڙهيم تہ پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽيءَ جي چيئرمين چوڌري نثار پاران اڳوڻي وفاقي وزير همايون اختر تي واجب پارهن لکن جي وصولي جو نوٽيس رد ڪري ڪيس سَتو جتو قرار ڏيئي ڇڏيو آهي. رئوف ڪلاسرا ان ڪالم ۾ لکيو آهي تہ پاڪستان جي آڊيٽر جنرل آف پاڪستان، ايف - بي - آر جي چيئرمين کان اڳوڻي صدر جنرل پرويز مشرف جي اثاثن ۽ ان پاران ادا ڪيل ٽئڪسن جي تفصيلن جو فائيل ورتو ۽ اهو کولڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. فائيل ۾ جنرل مشرف پاران ادا ڪيل ٽئڪسن جو سمورو تفصيل هو. اچو تہ اهو تفصيل رئوف ڪلاسرا جي لکت ذريعي پڙهون:

"فائيل نہ ونڻ جو سبب اهو هو تہ ان ۾ جنرل مشرف جي ملڪيت ۽ ٽئڪسن جي باري ۾ سڀ تفصيل ڏنا ويا هئا. خواجہ آصف زور ڀريو تہ اهو فائيل ڪميٽي جي سامهون کوليو وڃي، پر آڊيٽر جنرل ۽ ايف - بي - آر جو چيئرمين سندس ڳالهہ ٻڌڻ جي لاءِ تيار نہ هئا، نتيجي ۾ خواجہ آصف ڪاوڙ ۾ اچي احتجاج طور ڪميٽيءَ مان واڪ آئوٽ ڪري ويو. خواجہ آصف چاهيو ٿي تہ ڪميٽي چيئر پرسن، جنرل مشرف جو اهو فائيل وٺي کولي. اوچتو اُتي ويٺل ميمبرن مان ڪنهن سرباٽ ڪندي چيو: جيڪڏهن جنرل مشرف جي دولت ۽ ٽئڪس جو فائيل کوليو ويو تہ پوءِ ان ڪميٽيءَ ۾ نواز شريف جو فائيل بہ گهرايو ويندو. ان تي خاموشي ڇانئجي [illegible] خوفناڪ جملي جي مٿي ٿي ڪا نہ ويٺي هئي، جو ڪنهن هڪ ڇٽ ياسمين رحمان (جيڪا ڪميٽيءَ جي چوڌري نثار جي غير موجودگيءَ ۾ صدارت ڪري رهي هئي) ڏانهن وڌائي، جنهن ۾ ڪيس ان ڳالهہ کان اڳوات واقف ڪيو ويو هو تہ جيڪڏهن جناب نواز شريف جو فائيل هتي گهرايو ويو تہ پوءِ جناب آصف علي زرداريءَ جي جائيداد ۽ ٽئڪسن جي تفصيلن

جو فائيل ٻه هٽ گهرايو ويندو.

ان ڪميٽيءَ ۾ شامل پي پي پي، پي ايم ايل نواز پي ايم ايل ڪيو ايم ڪيو ايم ۽ اي اين پي جا ميمبر ويٺا آهن. ان گهڙيءَ سيني کي اها ڳالهه ياد اچي ويئي ته جيڪڏهن جنرل مشرف جو فائيل هتي کوليو ويو ته هڪ اهڙو پنڊورا باڪس کلي پوندو جنهن ۾ سڀ لڙهي پوندا. ايئن سيني وڏي سمجهداريءَ جو مظاهرو ڪندي جنرل مشرف جي فائيل کي بند ٿي رهڻ ڏنو. جنرل مشرف جو فائيل نه کولڻ جو قدم ان وقت کنيو ويو جڏهن پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽيءَ جو چيئرمين مسلم ليگ نواز جو چوڌري نثار علي خان آهي. جنرل مشرف کان انتقام وٺڻ ۽ سندس احتساب ڪرڻ جو نعرو هڻندڙ ايترا سمجهو ضرور آهن ته جڏهن رٽائرڊ جنرل جي ٽئڪسن جو فائيل کلڻ جو وقت اچي ٿو ته سندن اکين جي سامهون نواز شريف ۽ آصف علي زرداريءَ جا فائيل اچيو وڃن.

ايئن اسان جي پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽي جي قابل احترام ميمبرن، پنهنجي اڳواڻن جا فائيل پي - اي - سي جي سامهون کلڻ کان بچائڻ لاءِ جنرل مشرف جو فائيل بند رهڻ ڏنو ۽ هاڻ انشاءَ الله اهو بند ٿي رهندو ڇو ته چوڌري نثار علي ڪڏهن به ڊپ سبب اهو فائيل کولائي نه سگهندو جو جيڪڏهن نواز شريف جي ٽئڪس پيپارڻ جو فائيل گهرايو ويو ته انهن ۾ فقط پنجن هزارن جو ٽئڪس پيپارل نڪرندو.“

مٿيون حوالو ڏيڻ جو مقصد سمجهڻ وارا سمجهن ٿا. هاڻ اچون ٿا اصل ڳالهه تي...

پين صوبن ۾ آيل ٻوڏ سان گڏ سنڌ ۾ آيل ٻوڏ سبب سڀ ڪجهه تباهه ٿي چڪو آهي، ڪيترن ئي شهرن ۾ پاڻي اڃا تائين بيٺو آهي، جنهن کي نيڪال ڪرڻ ڏانهن حڪومت جو ڌيان ڪونهي. سڄو انفرا اسٽرڪچر تباهه ٿي چڪو آهي، روڊ رستا اڃا تائين ٻڏا پيا آهن، انهن جي فوري بحالي جي گهرج آهي، پر پاڻ وٽ اقتدار جي ايوانن ۾ ويٺلن لاءِ هڪ پيرو پيهر ”سجاٽپ“ جو بحران پيدا ٿي چڪو آهي، جنهن جي ڳولا ٻوڏ کان متاثر ملڪ جي ٻن ڪروڙ ماڻهن کان وڌيڪ آهي، ۽ هاڻ ته ٻوڏ ۽ ان کان پوءِ آيل

تباهيءَ جون خبرون ميڊيا تائين اُيئن گم ٿي وڃون آهن، جڻ ڪجهہ ٿيو ئي نہ هجي لڪل هٿن وڏي رٿا بنديءَ سان سڄي دنيا مان ٻوڏ ستايلن جي لاءِ مليل ڪربين روپين جي امداد هڙپ ڪرڻ لاءِ ماڻهن جو ڌيان هٽائڻ جي ڪوشش شروع ڪري ڇڏي آهي.

انهن ئي ڏينهن، جڏهن سنڌ ۽ ملڪ جي ٻين صوبن ۾ ٻوڏ تباهي مچائي رهي هئي، لاطيني آمريڪا جي ملڪ چليءَ جي هڪ شهر "پياپو" جي ويجهو "سين جوزي" نالي هڪ کاڻ ۾ هڪ حادثي جنم ورتو. اهو 5 آگسٽ جو ڏينهن هو ۽ پنهنجي معمول موجب کاڻ ۾ ڪم ڪندڙ 33 ڪارڪن 2300 فوٽ هيٺ ڪم ڪري رهيا هئا، جو اوچتو هزارين ٽن وزني هڪ پٿر ڪريو ۽ سرنگ جو منهن بند ٿي ويو ۽ انهن 33 ڪارڪنن جو دنيا سان رابطو ڪٽجي ويو. اسان جهڙن ملڪن ۾ اهڙو ڪو حادثو ٿئي ها تہ معمول جي ڪارروائي ڪري ڳالهہ کي لٽہ مٽي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ها ۽ سرنگ ۾ ڦاٿل ڪارڪنن کي اندر ئي گهٽجي مرڻ لاءِ ڇڏي ڏنو وڃي ها، پر جن ملڪن جا حڪمران ذميوار هوندا آهن، منجهن عوام جي خدمت جو جذبو هوندو آهي، انهن لاءِ هڪ ماڻهوءَ جي زندگي بہ اهم هوندي آهي. چليءَ جي صدر فوري طور تي امدادي ڪارروايون شروع ڪرايون ۽ انهن ڪارڪنن جو حياتيون بچائڻ پنهنجي ذميداري سمجهي ۽ 14 آڪٽوبر تي ان ڪهاڻي جي پڄاڻي انهن ٽيتهن ڄڻن جي زنده سلامت نڪري اچڻ تي ٿي ۽ چلي جي صدر "مسٽر سنبرٽيان پينرا" جي محنت، جستجو ۽ سرگرمي الائجي ڪيتري عرصي تائين ڳائي رهبي ۽ هو "هيري" جي حيثيت اختيار ڪري ويو آهي. چلي جي صدر جو چوڻ هو تہ "مون کي انهن ڪارڪنن جون حياتيون بچائڻ لاءِ جيڪڏهن چلي جي سڄي بجيٽ خرچڻي پوي ها تہ بہ نہ ڪيٻايان ها." انهيءَ کي چئبو آهي ذميداريءَ جو احساس ۽ انساني جانين جو قدر ۽ جڏهن انهن ڪارڪنن کي کاڻ مان 'ڪيپسول' جي ذريعي ٻاهر آندو ويو تہ سندس آجيان لاءِ چلي جو صدر، سندس گهر واري ۽ بوليويا جو صدر اُتي موجود هئا ۽ هو لڳ ڀڳ ٻاويهن ڪلاڪن تائين اتي پير پير بيٺا رهيا، جيستائين 33

ٿي ڪارڪنن کي جيئرو سلامت ٻاهر نہ آندو ويو.

انهي جي ابتڙ پاڻ وٽ ڇا ٿيو؟ وزيراعظم تہ سنڌ ۾ اچي اهو چيو تہ "سنڌي پنهنجي لاپرواهي ۽ سستي جي ڪري ٻڏا آهن" ۽ حڪمرانن جنهن غير ذميداري جو مظاهرو ڪيو اهو ڪنهن کان بہ ڳجهو ڪونهي.

انهن حڪمرانن جي لاپرواهي ۽ غير ذميداري جي حوالي سان، گڏيل قومن جي نمائندي 'انجلينا جولي' جي رپورٽ جا لفظ بہ پاڻ وٽ ايس - ايم - ايس جي صورت ۾ گردش ڪندا رهيا ۽ ڪجهہ اخبارن ۾ بہ انهي جو پڙاڏو ٿيو. اهي لفظ هن ريت آهن:

"Pakistan's elite was not interested in rescuing flood victims, everybody was just trying to have snaps with me, even P.M called his family from Lahore on Govt. expenses for Photo Session. I see dining table full of expensive items."

ان کان وڌي بہ ڪا 'شرم' جهڙي ڳالهہ ٿي سگهي ٿي!

"هي منهن ڏيئي ٻن، تون وهہ ڪائي نہ مرين"

مٿيون ڳالهيون لکندي مون کي 'گل خان نصير' جو مشهور نظم ياد پيو اچي:

جت حاڪم ڏاڙيل هجن،
جت وزير چور هجن،
جت، پئسن جي زور تي "اڳواڻ" بڻجي وڃن،
ان ملڪ ۾ پڪ سان هڪ ڏينهن،
ڌرتي ڌوڏيندڙ انقلاب ايندو.

في الحال تہ 'گل خان' نصير جي اڳڪٿي ان ڪري بہ پوري ٿيندي نظر نہ پئي اچي جو عوام نہ منظم آهي ۽ نہ ئي وري ڪا ايماندار ۽ پروسي جوڳي قيادت.... تنهنڪري عوام ڪنهن تبديلي آڻڻ جي بدران "وطن ڪارڊ" جي ويهن هزارن لاءِ ذليل ۽ خوار پيو ٿئي ۽ ڪنهن تبديلي لاءِ ميدان ۾ اچڻ جي بدران وڏيرن جي پويان "وطن ڪارڊ" لاءِ نالا داخل ڪرائڻ لاءِ وتي ڪين منٿون ۽ پٽڪا لاهيندو.

ماڻهن جي اها حالت ڏسي مون کي ڪافي سال اڳ (7 آگسٽ 2006ع) جي 'ايڪسپريس (اردو) اخبار' ۾ جسٽس فخر الدين جي ابراهيم جي انٽرويو جا لفظ آيا. هن چيو هو "ماڻهن جون معاشي حالتون ايتريون تہ خراب ٿي چڪيون آهن، جو مون کي حيرت ٿي ٿئي تہ هتي انقلاب ڇو نٿو اچي. پوءِ سوچيندو آهيان تہ پاڪستان ۾ انقلاب ان ڪري بہ نٿو اچي، جو ماڻهن کي چيو ويندو آهي تہ خدا 'جنت' جو واعدو ڪيو آهي، تنهن ڪري صبر ڪريو سڀ ڪجهہ ٺيڪ ٿي ويندو."

جسٽس فخر الدين جي ابراهيم جي اهي لفظ چار سال اڳ چيا هئا ۽ انهن چئن سالن ۾ حالت ڪٿي جو ڪٿي وڃي پهتي آهي. پوءِ بہ اسين "جنت" جي آسري ۾ "سجاڳپ" جي بحران ۾ مبتلا آهيون. تنهن ڪري وڏيڪ تبديلي جي ڳالهين کي انهن لاءِ ڇڏيون، جيڪي هن ٻوڏ کان پوءِ مختلف طريقن سان پاڻ کي تبديل ڪرڻ جي چڪر ۾ آهن... ۽ اسين لکندڙ جيڪي، ماڻهن جا ڏک، پيڙائون، عذاب ڏسي انهن تي ڪڙهئون ٿا ۽ ان جي نتيجي ۾ ڪجهہ لکون ٿا، سي بہ هڪ لحاظ کان ڏسجي تہ عملي طور تي پنهنجي لکڻين جي ذريعي ڪا وڏي تبديلي آڻي نہ سگهيا آهيون. ان جو وڏو سبب اهو آهي تہ اسين جن ماڻهن مان تبديليءَ جي اميد رکون ٿا، ڪين پنهنجون ڳالهيون پڙهائڻ ۽ سندن ذهن تبديل ڪرڻ چاهيون ٿا، سي تہ پڙهيل ئي ڪونهن، سنڌ ۾ ادائي - ٽن سيڪڙن کان وڏيڪ ماڻهو تہ پڙهيل آهن ئي ڪو نہ... پوءِ اسان جون لکڻيون ذهن ڪيئن تبديل ڪنديون؟

منهنجو هي ترتيب ڏنل ڪتاب بہ اهڙن ئي ماڻهن جي لاءِ آهي، پر افسوس جو هو پڙهي نہ سگهندا. پر آئون هي شيون ان ڪري رڪارڊ تي آڻي رهيو آهيان تہ سندن ايندڙ نسل ضرور تعليم پرائيندو ڳر موڙي اٿندو ۽ هن ڪتاب مان ڪين اها ضرور ڄاڻ ملندي تہ سندن وڏن جي سادگي، بي حسي، وڏيرن جي پويان هلڻ ۽ رضا تي راضي رهڻ جي ڪري ساڻن حاڪم طبقن ڪهڙيون نہ جُنيون ڪيون.

هي ڪتاب ٽن حصن تي ٻڌل آهي، پهرين حصي ۾ مضمون ڏنا ويا آهن، جن ۾ آيل ٻوڏ جي باري ۾ انگن اکرن سان بحث ٿيل آهي ۽ ٻوڏ

سٽايلن جي بحالي لاءِ رتون ڏنيون ويون آهن. ٻيو حصو 30 جولاءِ کان وٺي 20 سيپٽمبر 2010ع تائين جي اخباري خبرن جي روشنيءَ ۾ روزاني ڊائري جي صورت ۾ آهي. جنهن ۾ ٻوڏ جي نقصانن، فوٽگين، حڪمرانن جي رويـن ۽ ماڻهن کي ڏنل ڏتن جو مختصر تفصيل آهي، ٽيو حصو ٻن ڪهاڻين تي مشتمل آهي جن ۾ ڪهاڻيڪارن ٻوڏ بابت تخليقي انداز ۾ اظهار ڪيو آهي.

آئون ٽورانٽو آهيان پنهنجي دوست نصير ميمڻ جو جنهن نـ رڳو هن ڪتاب جي ترتيب ۾ منهنجي رهنمائي ڪئي، پر گهڻين مصروفيتن هوندي بہ مهاڳ لکيو. ان کانسواءِ آئون پنهنجي دوست ڊاڪٽر عبدالخالق ميمڻ جو بہ ٿورائتو آهيان، جنهن پنهنجي سنڀاليل اخبارن جي ذخيري مان مونکي استفعادو ڪرڻ ڏنو.

يوسف سنڌي

دڙو

4 نومبر 2010ع

0301-3640468

مهاڳ

ڪجھ ڏينهن اڳ جڏهن يوسف سنڌيءَ هن دستاويز جي مهاڳ لکڻ لاءِ چيو تہ مون کي تمام گهڻي خوشي ٿي تہ يوسف تاريخ جي هن تمام وڏي بربادي کي دستاويزي شڪل ۾ محفوظ ڪري ايندڙ نسلن تائين پهچائڻ لاءِ هڪ واڪاڻ جوڳو قدم کنيو آهي. سياڻي جي سنڌ کي سمجهڻ لاءِ اڄ جي سنڌ کي ڊاڪيومينٽ ڪرڻ نهايت اهم ڪم آهي. اڄ جي سنڌ کي سمجهڻ لاءِ اسان کي ماضيءَ جون ڪيئي ڳجهارتون پيچيون پون ٿيون، ڇو تہ تاريخ جا ڪيئي اهم صفحا درج ٿيڻ کان رهيل آهن ۽ ڪيترن ئي سوالن جا جواب اڻلڀ آهن. تاريخ جي هڪ ادنيٰ شاگرد جي حيثيت ۾ مون هميشہ حقيقتن ۽ انگن اکرن جي غير موجودگيءَ کي غلط نتيجا ڪڍڻ جو بنيادي ڪارڻ محسوس ڪيو آهي. هن پوڙ بابت هونءَ تہ اخبارن ۽ رسالن ۾ تمام گهڻو ڪجھ لکيو ويو آهي، پر ظاهر آهي تہ اهو ڇڙوڇڙ ۽ بي ربط مواد جي شڪل ۾ موجود آهي. يوسف سنڌيءَ جي هن ڪاوش سان اهو مواد مختصر ۽ جامع شڪل ۾ هڪ دستاويز اندر محفوظ ٿي ويو آهي، جيڪو اڄ جي سنڌ کي سمجهڻ ۽ ان سان سلهاڙيل حقيقتن جو ڇيد ڪرڻ لاءِ نهايت اهم ريفرنس طور ڪانئڊي سگهبو.

يوسف سنڌي هن کان اڳ بہ 'بينظير ڀٽو: آخري ستر ڏينهن' ڪتاب مرتب ڪري، شهيد محترمہ جي زندگي جي آخري ستر ڏينهن کي دستاويزي شڪل ۾ محفوظ ڪري، مستقبل جي مورخن لاءِ ڪئين آسانيون پيدا ڪري چڪو آهي.

هن صديءَ جي وڏي ۾ وڏي تباهه ڪاري آئينده ٻوڏ جو ڇيد ڪرڻ لاءِ هيٺيان پاسا اهم آهن:

- فني پاسو.
- انساني پاسو.
- انتظامي پاسو.
- سياسي، معاشي ۽ سماجي پاسو.

هونءَ ته هيڏي وڏي تباهڪاريءَ جو مڪمل ڇيد هن مختصر مضمون ۾ ممڪن ناهي ۽ ان جا ٻيا به انيڪ پاسا هوندا، جيڪي وڏيڪ بحث جا گهرجائو ٿي سگهن ٿا، پر انهن چئن بنيادي پاسن تي هڪ نظر وجهڻ سان گهٽيون حقيقتون سمجهه ۾ اچي سگهنديون.

جولاءِ مهيني جي پڇاڙڪن ڏهن ڏهاڙن دوران موسميات کاتي پاڪستان جي اُترين علائقن خاص طور خيبر پختونخواهه صوبي ۾ غير معمولي چؤماسي جي بارش جي اڳڪٿي ڪئي، 23 جولاءِ تي 'مون سون' جو هڪ بارشي سلسلو پاڪستان جي حدن ڏانهن گهٽ دٻاءَ جي شڪل ۾ وڌڻ شروع ٿيو جيڪو 26 جولاءِ تي ملڪ اندر داخل ٿي چڪو هو. ٻئي طرف اولهندي پاسي کان هوا جي گهٽ دٻاءَ وارو هڪ ٻيو سلسلو پاڪستان ۾ داخل ٿيو ۽ انهن ٻنهي موسمياتي سلسلن گڏجي خيبر پختونخواهه، گلگت بلتستان ۽ اوير افغانستان ۾ رڪارڊ ٿيل تاريخ جي سڀ کان وڏي برسات کي جنم ڏنو جيڪا 28 جولاءِ جي شام کان شروع ٿي ۽ 29 جولاءِ جو سڄو ڏينهن جاري رهي. انهن علائقن ۾ رواجي بارش جي ڀيٽ ۾ اها برسات پنجوڻ تي هئي، جنهن جي نتيجي ۾ سوات ۽ ڪابل ندين ۾ زبردست چاڙهه آيو. ٻئي طرف هندوڪش ۽ قراقرم پهاڙين تي ٿيندڙ برفباري ۽ گليشيئر جي ڳرڻ سبب پڻ ان چاڙهه ۾ واڌ آئي ۽ ان سان سنڌو ندي ۾ تربيلا وٽ ٻوڏ چڙهڻ شروع ڪيو. ان ٻوڏ گلگت بلتستان ۽ خيبر پختونخواهه جي مختلف علائقن ۾ زبردست تباهي مچائي. ان جي پٺيان 3 آگسٽ تي مون سون جو هڪ ٻيو سلسلو ملڪ ۾ داخل ٿيو ۽ ان جي نتيجي ۾ ٻوڏ جي هڪ ٻي لهر ڪر ڪنيو جنهن اڳتي هلي سنڌ ۾ زبردست تباهيءَ

کي جنم ڏنو. ٻوڏ جي هن سلسلي ۾ هڪ ڳالهہ نهايت اهميت سان نوٽ ڪرڻ جوڳي آهي تہ يارنهن لک ڪيوسڪ جو اهو وڏو چاڙهہ سنڌ جي ٽنهي بئراجن تي اٽڪل ڏهن ڏينهن تائين برقرار رهيو جيڪا هڪ غير معمولي ڳالهہ آهي. گڊو بئراج تي ڏهہ لک ڪيوسڪ جي ٻوڏ ڏهہ ڏينهن 17 ڪلاڪ موجود رهي، ان کان اڳ ان سطح جي وڏي ٻوڏ گڊو وٽ 1992ع ۾ 28 ڪلاڪ، 1988ع ۾ ڇهہ ڏينهن 22 ڪلاڪ ۽ 1986ع ۾ پنج ڏينهن 11 ڪلاڪ بيٺل رهي، ان حساب سان هن ڀيري ٻوڏ جو ايترو وقت بئراج تي رهڻ بلڪل نئين صورتحال هئي.

ماحوليات جا ماهر موسمياتي ڦير گهير (Climate Change) کي اڳي ئي هن خطي لاءِ هڪ وڏو خطرو قرار ڏيندا رهيا آهن. ڪلائميٽ چينج جو سڀ کان وڏو اثر موسمن جي شدت ۾ غير معمولي واڌ ۽ ان جي مناسب اڳڪٿي نہ ڪري سگهڻ جي شڪل ۾ ظاهر ٿيندو آهي. هن سال دوران پيش آيل موسمياتي واقعن جو جائزو وٺڻ سان اها حقيقت وڌيڪ کُلي سامهون اچي ويندي.

هن سال جي شروعات سوڪهڙي واري ماحول ۾ ٿي ۽ مارچ ۾ غير معمولي شديد گرمي رهي. جون جي پهرين ڏهاڪي ۾ ساحلي پٽي تي زبردست سامونڊي طوفان آيو. جڏهن تہ جون مهيني دوران ملڪ اندر ماضيءَ جي ڪيترن ئي سالن جا رڪارڊ ٽوڙيندڙ گرمي رهي، جڏهن تہ جولاءِ ۽ آگسٽ ۾ تاريخ جي وڏين ٻوڏن ملڪ اندر غير معمولي تباهي مچائي. ايئن هڪ ٻئي پٺيان اٺن مهينن اندر مختلف نوعيت جا شديد نوعيت جا موسمياتي واقعا پيش آيا.

مختصر لفظن ۾ تہ شديد موسمياتي اثرن جي نتيجي ۾ سنڌو درياءَ اندر جيڪو چاڙهہ آيو اهو آگسٽ جي پهرين هفتي ۾ گڊو بئراج وٽ پهتو. سنڌو ۾ داخل ٿيڻ شرط پاڻي جي شديد دٻاءُ وٽ ٽوڙي بند کي درياءَ جي ساڄي ڪپ وٽان گهارو لڳو. آبپاشي واري وزير پهرين تہ ميڊيا وسيلي اهو پڌرو ڪيو تہ اهو گهارو هٿرادو طور لڳايو ويو هو پر اڳتي هلي مختلف نوعيت جون وضاحتون سامهون آيون، جن ۾ ڪٿي چيو ويو تہ بند کي گهارو

نہ لڳو هو پر پاڻي بند مٿان اٿلي پيو هو ۽ اهو بہ چيو ويو تہ پاڻيءَ جي دٻاءَ سبب بند کي گهارو لڳي ويو هو. هينئر هڪ عدالتي ڪميشن ان پسمنظر ۾ جاچ ڪري رهي آهي، پر جيستائين ان ڪميشن طرفان ڪا رپورٽ سامهون اچي، تيستائين جيڪو ڪجهہ خلق جي زبان تي آهي، سو اهو آهي تہ ٿوري ڏاهپ ۽ وقتائتي مداخلت سان نقصان گهٽ کان گهٽ ٿي پئي سگهيو.

سنڌ جي ويجهي ماضيءَ جي تاريخ ۾ انساني بربادي جو اهڙو ڪو ٻيو مثال نظر نہ ٿو اچي، جنهن ۾ مُنو ڪروڙ ماڻهو بي گهر ٿي ڪئمپن ۾ پناهہ وٺڻ تي مجبور ٿيا هجن. سنڌ جي ساڄي ڪپ وارا لڳ ڀڳ سمورا ضلعا هن آفت جو شڪار ٿيا ۽ اڪثر شهرن ۾ تہ ماڻهن کي رڳو ڪجهہ ڪلاڪن جي نوٽيس تي پنهنجا اجها خالي ڪرڻ لاءِ چيو ويو. جيڪب آباد، غوثپور، ڪنڌڪوٽ، شهدادڪوٽ، قبو سعيد خان، خيرپور ناٿن شاهہ، ميهڙ، سجاول، جاتي، دڙو ۽ ٻيان سيد آباد وغيره جهڙن نيم شهري وسندين مان لکن جي تعداد ۾ سڪيا ستابا ماڻهو مفلسيءَ جي حالت ۾ ٻار ٻچا وٺي ڏڪا ڪائيندا ڪئمپن تائين پهتا ۽ بہ هفتا اڳ ٻوڏ جي يقيني آمد جي ڄاڻ هجڻ جي باوجود سنڌ سرڪار ممڪنہ ٻوڏ متاثر علائقا خالي ڪرڻ ۽ ماڻهن کي محفوظ ماڳن تائين پهچائڻ لاءِ ڪي بہ جوڳا بندوبست نہ ڪري سگهي. ان دوران ٽرانسپورٽرن آفت ستايل ماڻهن کي ٻنهي هٿن سان لٽيو ۽ ڪن ايڪڙ ٻيڪڙ علائقن کي ڇڏي حڪمران پارٽي ۽ سنڌ جون ٻيون سياسي پارٽيون، غير سرڪاري اداره وغيرهہ ماڻهن کي گهرن مان ڪڍي محفوظ هنڌن تائين پهچائڻ ۾ ڪو نمايان ڪردار ادا نہ ڪري سگهيا. ڪئمپن ۾ پهچڻ کان پوءِ بہ پهريان ٽي چار ڏهاڙا ماڻهن شديد مشڪلاتن ۾ گذاريا. ان کان پوءِ سرڪاري ادارن، قومپرست پارٽين، اين جي اوز ۽ سرنديءَ وارن ڪنهن نہ ڪنهن حد تائين سندن سار لڌي، پر بهرحال لکين ماڻهو هڪ هنياءَ ڏاريندڙ انساني الميي جو شڪار رهيا، خاص طور تي ڏورانهن علائقن ۾ رهندڙ ماڻهو لاوارثيءَ واري حالت ۾ رهيا، جتي سندن واهر لاءِ شايد ئي ڪو پهچي سگهيو هجي. ڪئمپن ۾ ماڻهن سان ڇا وهيو واپرايو هوندو ان جو اندازو لڳائڻ ناممڪن ناهي. تاريخ جي ان بدترين تجربي مان سنڌ

واسين کي ڇا هڻ حاصل ٿي سگهيو اهو ايندڙ وقت ئي ٻڌائي سگهندو.

ان سڄي عرصي دوران سنڌ جي گٽ لڳل سرڪاري مشينري پنهنجي وس آهر هٿ پير هنيا، پر ڇنڻ ڏهاڪن کان سنڌ واسين جي غير مشروط محبتن جي موٽ ۾ جيڪو ڪجهه کين مليو ان مان اڪثر ماڻهو غير مطمئن آهن. سنڌ واسين جي اکين ۾ ڪاوڙ جي اهڙي لهر ويجهي ماضيءَ ۾ شايد ئي نظر آئي هجي! پوئتارن ۽ ڪامورن جي ٻه پُڙي جنڊ ۾ پيسجندڙ سنڌ واسين کي هڪ پيرو پيهر ڪنهن عوام دوست قيادت جي اڻاٺ جو شديد احساس ٿيو ان سڄي عرصي دوران سندن آهن ۽ دانهن کي وس وارن تائين پهچائڻ جو واحد اثرائتو ذريعو سنڌي ميڊيا آهي. مجموعي طور تي سنڌ واسي اهنجن ۽ ڳوڙهن جي ان درياءَ ۾ ٻڏندا ترندا هوريان هوريان پنهنجي ماڳن ڏانهن ورڻ شروع ته ٿيا آهن، پر اڳيان کين ڪاريءَ وارا ڪک نظر اچي رهيا آهن.

انتظامي لحاظ کان سنڌ سرڪار جي ڪمزور ۽ عوام جي اهنجن کان عام طور تي لاتعلق رهندڙ انتظامي مشينري ماڻهن کي ڪو جوڳو رليف نه ڏئي سگهي. ڪجهه ضلعن جي اهل ۽ ايماندار عملدارن کي ڇڏي ڪري باقي اڪثريت ان تباهيءَ کي مال ڪمائڻ جي سيزن طور ڪتب آندو ۽ رليف ڪئمپن ۾ کاڌي پيتي جي فراهميءَ کان وٺي بندن جي مضبوطيءَ تائين جتي به جنهن کي وجهه مليو ان موقعي مان ڀرپور فائدو ورتائون. آبپاشي کاتي ان عرصي دوران بندن جي صحيح سار سنڀال نه لهي ۽ وقتائتا فيصلا نه ڪري عوام جي اهنجن ۾ بي پناهه اضافو ڪيو. خبر ناهي ته عدالتي ڪميشن انهن معاملن جي تهه ۾ ڪيتري حد تائين ويندي، پر ماضيءَ جي تجربي مان لڳي ٿو ته هن ڀيري به عوام جي بربادي‌ءَ جي ذميوار عنصرن تائين قانون جا ڊگها هٿ شايد ئي پڄي سگهن. صوبي اندر پي ڊي ايم اي (پراونشل ڊزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽي) ۽ ڊي ڊي ايم اي (ڊسٽرڪٽ ڊزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽي) ڪو خاص نتيجو ڇو نه ڏئي سگهيون، ان تي به ڳوڙهو ويچار ڪرڻ جي ضرورت آهي. درحقيقت انهن ٻن ادارن کي انتظامي، فني ۽ مالي طور جيتري اهميت ملڻ گهرجي ها، اها حقيقتن کين

ڪڌهن ٻه فراهم ناهي ڪئي ۽ ظاهر آهي ته انساني، فني ۽ مالي وسيلن جي غير موجودگيءَ ۾ اپاهج بڻيل ادارا ڪهڙا نتيجا ڏئي سگهندا. سنڌ جي سباحلي ۽ دريائي پٽي موسمياتي ڦير گهير جي ڪري مستقل طور تباهڪارين جي اثر هيٺ رهڻ جو انديشو آهي. ويجهي ماضيءَ ۾ 1999ع واري سائيڪلون، 2003ع ۽ 2010ع ۾ ٽري ويل ساموندي طوفان ڪان پوءِ ساحلي پٽيءَ تي آيل تباهڪارين کان پوءِ وس وارن کي ڪجهه اکيون کولي رکڻ گهرجن ها، پر انهن علائقن ۾ بربادي گذرڻ کان پوءِ سواءِ امدادون ورهائڻ جي ڪو به ڊگهي مدي وارو اهڙو ڪم نه ڪيو ويو جنهن کي ٻڏاسٽر جي تياريءَ جي حوالي سان ڪو ٺڪاپ جوڳو ڪارنامو قرار ڏئي سگهجي. هاڻي به ٻوڏ جي هن برباديءَ کان سمورو زور 'وطن ڪارڊ' ورهائڻ تي آهي، پر ٻوڏ متاثر علائقن جي نئين سر بحاليءَ لاءِ فني رٿا بندي جي حوالي سان شايد ئي ڪو ڪم ٿيو هجي. مثال طور ڪچي اندر زميني بندن کي ختم ڪرڻ، زمينن تي غير قانوني والار ختم ڪرڻ، دريائي ٻيلن جي بحالي وغيره جهڙن اثرائتن اُپائن سان ايندڙ سالن ۾ ٻوڏ جي بربادي کي ڪيئن گهٽائجي، ان تي في الحال ڪنهن جي به اک نه ٿي ٻڏي. دريائي بندن جي مضبوطي، ٻوڏ متاثر علائقن ۾ شهرن ۽ ڳوٺن جي نئين سر رٿا بنديءَ وسيلي ايندڙ سالن ۾ انهن کي محفوظ رکڻ بابت اڃا ڪا خاص تياري نظر نه ٿي اچي. ٻوڏ ستايلن جي نئين سر بحاليءَ ۾ عوام جي شموليت، حقيقي متاثرن تائين پهچ ۽ سندن واهر بابت ڪو ماسٽر پلان في الحال نظر نه ٿو اچي. ان مقصد لاءِ ڪهڙي ادارتي جوڙجڪ ٺهڻ گهرجي، ان بابت به گهٽو ڪري ماٺ آهي.
هڪ ڳالهه سيني کي ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته موسمياتي تبديلين (Climate Change) سبب هن قسم جي تباهڪارين جو انديشو ايندڙ سالن ۾ وڌي ويو آهي، تنهنڪري رڳو ٻوڏ متاثرن جي امداد ۽ بحاليءَ تائين نه سوچڻ گهرجي، پر سنڌ کي هڪ ڊگهي مدي واري اثرائتي رٿا بنديءَ جي ضرورت آهي. ان رٿا بندي ۾ انفرا اسٽرڪچر، ادارا، ماحوليات، ادارتي سرشتو ۽ انساني توڙي وسيلا سڀ ڪجهه ٺيڪ ڪرڻ جي ضرورت پوندي. ان مد ۾ سنڌ وٽ هن وقت جيڪو ڪجهه ميسر آهي، اهو بنهه اڻپورو آهي.

سنڌ جي سياسي ادارن، سول سوسائٽي توڙي ميڊيا کي گھرجي تہ ان کي ڏکھي مدي واري مسئلي طور کڻي حڪومت جو مستقل طور ان طرف ڌيان ڇڪرائڻ گھرجي تہ جيئن تباھڪارين کان بچاءُ ھڪ مستقل عوامي ايجنڊا جي شڪل اختيار ڪري وڃي.

تاريخ جي ان بدترين بربادي ۾ مان ھڪ بهتر سنڌ جي اڏاوت جا ڪيئي موقعا موجود آھن، پر انھن مان فائدو وٺڻ جو دارومدار حڪومت، سول سوسائٽي ۽ ساڃاھہ وندن جي ڏاھپ ۽ اھليت تي آھي.

نصير ميمڻ

اسلام آباد

7 نومبر 2010ع

سنتيوڨ كيئن آئي؟

جيئن مائرون پنهنجي پٽن لاءِ،
ٻاڏائينديون آهن،
تيئن ٻيون نديون سنڌوتو ڏانهن،
وڌنديون اَچن ٿيون،
جيئن ڳيورَ اڙيون ڳايون،
پنهنجن ڳاين ڏانهن ايندیون آهن،
تون پنهنجن ٻن ڪنارن وچ مان،
ايئن ٿي اڳتي وڌندي وڃي،
جيئن ڪو رَاجا لڙائي ڪرڻ لاءِ،
اڳتي وڌندو آهي.

(رِگويد، شلوڪ 4)

صديءَ جي وڏي ٻوڏ ۾ سنڌ

دلشاد ڀٽو سينئر

سنڌ تاريخ جي بدترين ٻوڏ مان گذري رهي آهي. هن وقت تائين 1942ع ۾ ايندڙ ٻوڏ کي سڀ کان وڏي ٻوڏ ليکيو ويندو هو پر هي ٻوڏ 1942ع واري ٻوڏ کان ٻه وڌيڪ شديد آهي. گذريل اڌ صدي ۾ سنڌ اندر جيڪي ٻه ٻوڏون آيون آهن، انهن جا وهڪرا چند ڏينهن اندر بئراجن وٽان گذري ويندا هئا، پر 3 آگسٽ کان وٺي سنڌ ۾ ايندڙهن ٻوڏ جو وهڪرو اڃا تائين جاري آهي. ٻوڏ جي وهڪري ۾ لاٿ اچڻ بجاءِ مسلسل واڌ اچي رهي آهي. جڏهن گُڊو بئراج وٽ پاڻيءَ جو وهڪرو ساڍا 9 لک ڪيوسڪ هيو ان وقت پنجاب ۾ نهيل تونسا بئراج وٽ پاڻي جو وهڪرو 7 لک ڪيوسڪ هيو اميد اها هئي ته ساڍا 9 لک ڪيوسڪ پاڻي کان پوءِ پاڻي جي وهڪري ۾ لاٿ اچڻ شروع ٿي ويندي، پر وهڪري ۾ لاٿ اچڻ بجاءِ 12 ڪلاڪن جي اندر گڊو وٽ وهڪرو ساڍا 10 لک ڪيوسڪ ٿي ويو هي سٽون لکجڻ تائين گڊو وٽ وهڪرو ساڍا 11 لک ڪيوسڪ کان وڌي چڪو هو جيڪو وهڪرو 12 لک ڪيوسڪ يا ان کان ٻه وڌيڪ ٿي سگهي ٿو ڇو ته پنجاب جي سرحدن تي چاچڙان ريگيوليٽر وٽ پاڻيءَ جو آخري وهڪرو 12 لک ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو هو جنهن کان پوءِ وهڪرن جو وڌيڪ تفصيل اچڻ بند ٿي ويو آهي. وهڪرن ۾ ايندڙ واڌ جو بنيادي سبب پنجاب جي سرحدن ۾ راجن پور جي پهاڙن مان ايندڙ پاڻي ۽ پنجاب جي ندين مان ايندڙ پاڻي آهي. راجن پور جي پهاڙن کان لهندڙ پاڻي ۽ پنجاب جي ندين جو پاڻي

ملي سنڌو درياءَ ۾ چاڙهه پيدا ڪري رهيا آهن. راجن پور وٽان ايندڙ پاڻيءَ جو ڪو بہ باضابطہ رڪارڊ ڪونهي، ان پاڻيءَ جو اندازو 2 ڪان اڍائي لک ڪيوسڪ هو. جيڪڏهن ان پاڻيءَ يا پنجاب جي ندين مان ايندڙ پاڻيءَ ۾ اضافو ٿو ٿئي تہ سنڌ اندر پوڙ جو ايندڙ وهڪرو 13 لک ڪيوسڪ يا 13 لکن کان وڌيڪ بہ ٿي سگهي ٿو. ايڏي وڏي وهڪري کي نہ سنڌ جا بند برداشت ڪرڻ جي صلاحيت رکن ٿا، نہ سنڌ جا بئراج برداشت ڪري سگهن ٿا. گڊو بئراج شايد ان وهڪري کي برداشت ڪري وڃي، پر سکر بئراج ايڏي وڏي وهڪري کي برداشت ڪري نہ سگهندو. جيڪڏهن ڪوٽڙي بئراج وٽ وهڪرو 8 لک يا 8 لک ڪيوسڪ کان وڏي ويو تہ ڪوٽڙي بئراج کي بہ خطرو ٿي سگهي ٿو. ان وهڪري جي دٻاءَ جيڪڏهن درياءَ جا بند ٽوڙي وڌا تہ پوري سنڌ ٻُڏندي ۽ ان سان گڏ سنڌ جا شهر بہ ٻڏندا. ان ڳالهہ جو بہ ڪو اندازو ڪونهي تہ سنڌو درياءَ ۾ اُهي وهڪرا ڪيترو وقت هلندا، ڇو تہ سنڌو درياءَ ۾ اُهي وهڪرا پهاڙن تي ٿيندڙ مون سون جي بارشن سبب آهن. مون سون جي بارشن جي موسم جون کان سيپٽمبر تائين هوندي آهي، ان حساب سان آگسٽ جو پورو مهينو بارشون هلي سگهن ٿيون. بارشن جو سلسلو اڃا جاري آهي، ان ڪري سنڌو درياءَ ۾ چاڙهہ بہ جاري آهي. ڪشمير کان وٺي هماچل پرديش تائين پوري پهاڙي سلسلي ۾ بارشون جاري آهن.

انهن سمورين بارشن جو پاڻي مختلف ندين وسيلي سنڌو درياءَ ۾ داخل ٿي رهيو آهي. ندين کان علاوه برساتي نالا بہ سمورن پهاڙن جو پاڻي ڪٽي سنڌو درياهہ ۾ شامل ڪري رهيا آهن. راجن پور وٽ برساتي پاڻي نالن جي شڪل ۾ سنڌو درياءَ اندر ڪِري رهيو آهي ۽ صوبہ خيبر پختونخواهہ ۾ آيل پوڙ ۽ بارشن جو پاڻي ڪالا باغ وٽ برساتي نالن جي شڪل ۾ ڪِري رهيو آهي. هماچل پرديش ۾ ٿيندڙ بارشن جو پاڻي پنجاب جي ندين وسيلي ۽ ڪشمير ۾ ٿيندڙ بارش جو پاڻي گلگت بلتستان جي ندين جي وسيلي سنڌو درياءَ ۾ داخل ٿي رهيو آهي. جيستائين بارشن جو سلسلو ختم نٿو ٿئي، ان وقت تائين سنڌو درياهہ جي وهڪري ۾ لاٿ جو امڪان ڪونهي. اهو

وهڪرو 5 ڏينهن به جاري رهي سگهي ٿو ۽ 15 ڏينهن به جاري رهي سگهي ٿو. ڪوٽڙي بئراج وٽ پهچڻ کان پوءِ سمنڊ ۾ ڪِرڻ تائين ٻوڏ جي ان پاڻيءَ کي گهٽ ۾ گهٽ هڪ مهينو لڳي سگهي ٿو. ان حساب سان سنڌ اندر ٻوڏ مهيني تائين جاري رهي سگهي ٿي. هن صديءَ جي بدترين ٻوڏ سنڌ ۾ ڪيتري تباهي آڻيندي، ڪا خبر ڪانهي. سنڌو درياءَ جا بند انتهائي ڪمزور حالت ۾ آهن، ڇا اُهي بند ايڏي وڏي عرصي تائين سنڌو درياءَ ۾ ايندڙ ٻوڏ جي وهڪري کي برداشت ڪري سگهندا يا ڦاٽي پوندا؟ سنڌ جي آبپاشي وزير سيف الله ڌاريجي پريس ڪانفرنس ڪندي اهو اعتراف ڪيو آهي ته گذريل 15 سالن کان سنڌو درياءَ جي بندن جي ڪا به مرمت نه ٿي آهي. سنڌ حڪومت 15 سالن کان مرمت نه ٿيڻ جي ڳالهه ڪري ٿي، جڏهن ته حقيقت اها آهي ته گذريل 35 سالن کان سنڌو درياءَ جي بندن جي ڪا به مرمت نه ٿي آهي. درياءَ جي بندن جي مرمت ان وقت ٿي هئي، جڏهن 1973ع ۾ سنڌ اندر وڏي ٻوڏ آئي، ان وقت ذوالفقار علي ڀٽي جي حڪومت هئي، ذوالفقار علي ڀٽو سنڌ اندر بندن جي مرمت جي نگراني ڪشمور کان وٺي ٺٽي تائين هيليڪاپٽر وسيلي پاڻ ڪئي هئي. هن وقت بندن جي نگرانيءَ جو ڪم يا ته چند وزير ڪري رهيا آهن يا اسيمبلي ميمبر ڪري رهيا آهن.

گذريل 15 سالن کان سنڌو درياءَ ۾ ڪا ٻوڏ نه اچڻ ڪري تر جي وڏيرن ۽ سردارن سنڌو درياءَ ۾ لفٽر ذريعي پاڻي ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي، جڏهن لفٽر جي پاڻيءَ ۾ پورت نه ٿي ته مختلف جاين تان درياءَ جا بند ٽوڙي پاڻي ڪنيو ويو. انهن 15 سالن تائين سنڌوءَ درياءَ کي لُٽ جو مال سمجهيو ويو ۽ جڏهن ٻوڏ آئي ته حڪمرانن بدحواسيءَ ۾ بندن جي چڪاس ڪئي. خبر پئي ته پاڻي چورائڻ لاءِ ڪئنالن ۽ شاخن جي بندن کي هنڌان هنڌان ٽوڙيو ويو آهي. 15 سالن کان سنڌ جا وڏيرا، مير ۽ سردار درياءَ جا بند ٽوڙي پاڻي ڪڍندا رهيا، پر نه ڪنهن حڪومت ان جو نوٽيس ورتو ۽ نه ئي آبپاشي کاتي جي عملدارن ان عمل خلاف ڪارروائي ڪئي. انِ کي چوندا آهن ”ننڍڙا ڪا گهوڙا، غيباٽا سوار!“ صرف اهو چئي ڇڏڻ سان ته درياءَ جا بند هنڌان هنڌان

ٽٽل آهن، سنڌ حڪومت جي ذميواري ختم نٿي ٿئي، پر حڪومت جي ذميواري ته اتان کان ئي شروع ٿئي ٿي.

ٻوڏ جو خطرو گذريل ٻن مهينن کان موجود هيو. قدرتي آفتن کي منهن ڏيندڙ اداري طرفان اهو اطلاع ڏنو ويو هو ته هنزه جي علائقن ۾ ٺهندڙ ڍنڍ جي ٽٽڻ جو خطرو موجود آهي، جيڪڏهن ڍنڍ ٽٽي ته خطرناڪ ٻوڏ ايندي. گذريل ٻن مهينن کان ٻوڏ جو خطرو موجود هجڻ باوجود سنڌ حڪومت بندن جي مرمت ۾ مجرمانه غفلت ڇو ڪئي؟ اها ڳالهه به ذهن نشين ڪري ڇڏجي ته اجا ته هنزه نه ٽٽي آهي، هي صرف انهن بارشن جو پاڻي آهي، جيڪو ٻهاڙن کان هيٺ لهي رهيو آهي. جيڪڏهن بارشن هنزه کي ڦاڙي وڌو ته پوءِ اجا وڏي تباهي اچي سگهي ٿي. ڇا سنڌ حڪومت ۽ سنڌ جي آبپاشي ماهرن کي اها ڄاڻ نه هئي ته هندستاني ڪشمير جي لداخ واديءَ ۾ جون کان پوندڙ برساتن ۽ ٻوڏن جا وهڪرا سنڌو درياءَ تي ڪهڙا اثر ڇڏيندا؟ گذريل ڏيڍ مهيني کان لداخ واديءَ ۾ برسات ۽ ٻوڏ هلي رهي آهي. ڇا سنڌ جي آبپاشي ماهرن کي اها ڄاڻ نه آهي ته لداخ وادي ۽ سنڌو درياءَ جو پاڻ ۾ ڪهڙو تعلق آهي؟ ڇا انهن کي خبر نه آهي ته سنڌو درياءَ لداخ مان گذري ٿو ۽ لداخ ۾ ايندڙ ٻوڏ جو پاڻي سنڌو درياءَ ۾ لهندو؟ جڏهن لداخ مان لهندڙ پاڻي گلگت نديءَ کي ڦاڙي وڌو ان وقت به سنڌ جي آبپاشي عملدارن کي اها ڄاڻ نه پئي ته سنڌ ڏانهن ڪهڙي تباهي اچي رهي آهي؟ لداخ ته هندستان ۾ آهي، پر گلگت ته پاڪستان ۾ آهي. ڇا آبپاشي کاتي کي پاڪستان جي ندين جي به ڄاڻ ناهي ته گلگت ۽ هنزه سنڌو درياءَ ۾ ڇوڙ ڪنديون آهن؟ جيڪڏهن سنڌ جي آبپاشي کاتي کي سنڌو درياءَ جي جاگرافيءَ جي ڄاڻ ناهي ته پوءِ سنڌ کي اهڙي کاتي رکڻ جي ڪهڙي ضرورت؟ ٻوڏ جو پاڻي گذريل هڪ ڏيڍ مهيني کان پهاڙي علائقن ۾ تباهي مچائيندو رهيو پر سنڌ حڪومت ۽ سنڌ جا آبپاشي عملدار سُتا رهيا. انهن کي جاڳ ان وقت ٿي جڏهن پاڻي ڪالا باغ وٽ پهچي ويو. جڏهن تربيلا جا منهن کلي ويا، جڏهن سايا 10 لک پاڻي سنڌ ڏانهن وڌڻ لڳو اهو به ان وقت، جڏهن موسميات کاتي اطلاع ڏنو ته ٻوڏ جو پاڻي سنڌ ڏانهن وڌي رهيو آهي، اُپاءَ ورتا وڃن.

جيڪڏهن موسميات کاتو اطلاع نہ ڏي ها تہ سنڌ حڪومت اجا تحرڪ ۾ نہ اچي ها. درياءَ جي بندن جي مرمت ان وقت شروع ڪئي وئي، جڏهن پاڻي سِر تي پهچي ويو. هاڻي سنڌ جو آبپاشي وزير پريس ڪانفرنس ڪري چوي ٿو تہ اسان بيوس آهيون، اسان ڪجهہ ڪري نٿا سگهون. جيڪو کاتو انگريزن جي ڏنل بهترين آبپاشي نظام کي سنڀالي نہ سگهيو اُهو ڪڏهن بہ اهل ٿي نٿو سگهي. آبپاشي کاتي جي نااهليءَ جو پيو ڪهڙو ثبوت ٿي سگهي ٿو جو اُن طرفان ٻوڏ جي وهڪرن جا ڏنل انگ اکر غلط ثابت ٿي چڪا آهن. جيڪي ماهر ٻوڏ جو صحيح اندازو لڳائي نٿا سگهن، اُهي سنڌ کي ٻوڏ کان ڪهڙو بچائي سگهندا؟ جڏهن اليڪٽرانڪ انجنيئر کي آبپاشي جو چيف انجنيئر بڻايو ويندو تہ ايئن ئي ٿيندو جيڪو ٿي رهيو آهي. تارن مان اليڪٽرڪ ڪرنٽ ٽپائڻ واري کي ڪهڙي خبر تہ بئراج مان پاڻي ڪيئن گذاريو آهي؟ اسان نوان بند تعمير ڪري نٿا سگهون، پر جيڪڏهن اڳ موجود بندن جو تحفظ بہ نٿا ڪري سگهون تہ پوءِ باقي ڇا ڪري سگهون؟ اسان جي بئراجن جا دروازا مٽيءَ ۾ پورجي ويا آهن، انهن کي صاف ڪرڻ لاءِ اسان وٽ نہ وسيلا آهن، نہ جديد مشينون آهن. 1932ع ۾ ٺهندڙ سکر بئراج کي لڳ ڀڳ 70 سال پورا ٿيڻ وارا آهن. پنهنجي فطري عمر پوري ڪرڻ کان پوءِ سکر بئراج آخري پساهہ کڻي رهي آهي. بئراج جي اسٽرڪچر ۾ ڏار پئجي ويا آهن، ديوارن جا پلستر اکڙي چڪا آهن، بئراج جا 13 دروازا مٽي ۾ پورجي مڪمل طور تي بند ٿي ويا آهن. سکر بئراج، جنهن تي سنڌ جي 50 سيڪڙو معيشت جو دارومدار آهي، ان بئراج کي آثارِ قديمہ ۾ فالتو شيءِ سمجهي نظر انداز ڪيو ويو آهي. جيڪڏهن اهو بئراج ٽٽي پيو تہ سنڌ ڏڪار جو شڪار ٿي ويندي. سکر بئراج مان 11 لک ڪيوسڪ پاڻي جو گذرڻ ڪنهن معجزي کان گهٽ ناهي. اهو وهڪرو سکر بئراج جي اسٽرڪچر کي نقصان پهچائي سگهي ٿو.

پنجاب ۾ بئراجن کي بچائڻ لاءِ هڪ جديد آبپاشي نظام موجود آهي. جڏهن پنجاب جي دريائن ۾ پاڻيءَ جو وهڪرو بئراج جي گنجائش کان وڌي ويندو آهي تہ اضافي پاڻيءَ کي هڪ الڳ چينل ذريعي بئراج جي پاسي کان

گذاري ٻيهر درياءَ ۾ داخل ڪيو ويندو آهي، جيئن اضافي پاڻيءَ جي دٻاءَ سبب بئراج جي اسٽرڪچر کي نقصان نه پهچي، پر سنڌ ۾ بئراجن کي بچائڻ لاءِ اهڙو ڪو به انتظام ڪونهي. انگريزن جڏهن سکر بئراج ٺاهيو هو ته ان وقت سکر بئراج مان 15 لک ڪيوسڪ پاڻي گذرڻ جي گنجائش موجود هئي. سنڌ ۾ ايندڙ 1976ع واري وڏي ٻوڏ ۾ سکر بئراج وٽان 12 لک ڪيوسڪ پاڻي آسانيءَ سان گذري ويو هو پر اڄ جڏهن سکر بئراج جي گنجائش 15 لک ڪيوسڪ مان گهٽجي صرف 9 لک ڪيوسڪ رهجي وئي آهي ته اها به پنجاب جي مهرباني آهي؛ ڇو ته سکر بئراج ۾ وهڪرن جي گنجائش وقت گهٽجي وئي، جڏهن تربيلا ڊيم جي تعمير ٿي. پنجاب جي آبپاشي ماهرن جو چوڻ هو ته ٻوڏ جو پاڻي سمنڊ ۾ ڪِري اجايو زيان ٿي رهيو آهي، ان ڪري ان پاڻي کي ڊيم ٺاهي روڪڻ سان زمينون آباد ڪري سگهجن ٿيون. تربيلا ڊيم جي پاڻي مان زمينون ته پنجاب جون آباد ٿيون، پر سزا سنڌ کي ملي. ٻوڏن جو پاڻي جڏهن دريائن مان گذرندو آهي ته اهو پاڻي بئراجن جي درن ۾ ڦاٿل مٽي کي ڌوئي پاڻ سان گڏ ڪٽي ويندو آهي. تربيلا ڊيم ٺهڻ کان پوءِ آهسته آهسته مٽي سنڌ جي بئراجن جي دروازن ۾ ڦاسندي وئي ۽ تربيلا ڊيم ٺهڻ کان پوءِ سکر بئراج جا 13 دروازا مٽيءَ ۾ پورجي بند ٿي ويا، جنهن ڪري سکر بئراج جي گنجائش گهٽجي وئي. دريائن ۾ پاڻيءَ جا تيز وهڪرا جڏهن ايندا آهن ته پاڻ سان مٽي به ڪٽي ايندا آهن. اهي وهڪرا ان مٽيءَ کي لوڙهي وڃي سمنڊ ۾ اُڇليندا آهن. تربيلا ٺهڻ کان پوءِ جڏهن ان ۾ پاڻي روڪيو ويو ته درياءَ جا اهي وهڪرا گهٽجي ويا، انهن وهڪرن ۾ اها سگهه نه رهي ته مٽيءَ کي ڌڪي سگهن؛ ان ڪري ڪمزور وهڪرن پاڻ سان آندل مٽي درياءَ جي پيٽ ۾ ڇڏڻ شروع ڪئي. بئراجن وٽ درياءَ جي پيٽ ۾ مڙندڙ ان مٽيءَ درياءَ جو پيٽ ايترو مٿي ڪري ڇڏيو جو اتان پاڻي گذرڻ جي گنجائش گهٽجي وئي. 1976ع ۾ سکر بئراج وٽ پاڻي گذرڻ جي گنجائش جيڪڏهن 12 لک ڪيوسڪ تصور ڪجي ته تربيلا ٺهڻ کان پوءِ 3 لک ڪيوسڪ جيتري مٽي درياءَ جي پيٽ ۾ جمع ٿيڻ سان هن وقت سکر بئراج جي گنجائش صرف 9 لک ڪيوسڪ رهجي

وئي آهي. پاڻيءَ جي وهڪرن جڏهن درياءَ جي پيٽ ۾ مٽي اڇلڻ شروع ڪئي ته ان مٽيءَ جي نتيجي ۾ درياءَ اندر مختلف جاين تي پيٽ ٺهڻ شروع ٿيا. سکر بئراج وٽ درياءَ جي پيٽ ۾ ٺهندڙ پيٽ تربيلا ڊيم جو تحفو آهن. درياءَ جي پيٽ ۾ پيٽ ٺهڻ سان پاڻي گذرڻ جي گنجائش گهٽجي ويندي آهي ۽ گهٽ پاڻي به وڏيڪ چاڙهه ڏيکاريندو آهي. هڪ طرف درياءَ جي اندر پيٽ ٺهي رهيا آهن ته ٻئي طرف پلاٽ مافيا ناجائز قبضا ڪري درياءَ اندر غير قانوني تعميرات ڪري رهي آهي، جنهن سبب ٻوڏ جي وقت جڏهن درياءَ مان پاڻي گذري ٿو ته ٻوڏ جو پاڻي هڪ طرف بچاءَ بندن تي دٻاءُ وڌائي ٿو ته ٻئي طرف پاڻي گذرڻ وقت بئراجن مٿان دٻاءُ پوي ٿو. سنڌو درياءَ جي ڪنارن تي سکر ۽ حيدرآباد سميت ڪيترائي شهر آباد آهن. انهن پيٽن ۽ ناجائز تعميرات مان ٻوڏ جي وقت سنڌ جي شهرن کي خطرو ٿي سگهي ٿو. سنڌ کي ٻوڏن کان بچائڻ جو ڪو به انتظام ڪونهي. تربيلا ڊيم جيڪا ان دعوي سان ناهي وئي هئي ته سنڌ کي ٻوڏ جي پاڻي کان بچائيندي، پر اها ڊيم خود سنڌ کي ٻوڙڻ جو سبب بڻجي چڪي آهي. هن وقت سنڌ طرف جيڪا ٻوڏ اچي رهي آهي، جيڪڏهن تربيلا ڊيم کي خالي رکيو وڃي ها ته شايد سنڌ ۾ ايڏي شديد ٻوڏ نه اچي ها، پر تربيلا ڊيم کي خالي رکڻ بجاءِ ان کي ڀريو ويو. تربيلا ڊيم کي ان وقت ڀريو ويو جڏهن سنڌ ۾ پاڻي جي شديد کوٽ هئي. جيتوڻيڪ پاڻي جي کوٽ سبب سنڌ جون زمينون سُڪي رهيون هيون ۽ ٻج سڙي رهيا هئا. ٺٽي ۽ بدين جي علائقن ۾ پيئڻ جو پاڻي ڪو نه هو پر ان جي باوجود به پنجاب جي آبپاشي ماهرن پاڻي سنڌ ڏانهن موڪلڻ بجاءِ پاڻيءَ کي روڪي تربيلا ڊيم ڀريو. جيتوڻيڪ قدرتي آفتن سان منهن ڏيندڙ اداري طرفان اهو چيل هو ته هنزه ڦاٽڻ جي خطري سبب مئي ۽ جون جي مهيني ۾ تربيلا ڊيم ۾ پاڻيءَ جو مقدار گهٽ کان گهٽ رکيو وڃي، پر پوءِ به پنجاب جي آبپاشي ماهرن سمورين سفارشن کي نظر انداز ڪندي تربيلا ڊيم کي چوٽي تائين ڀري ڇڏيو جنهن جو نتيجو اهو نڪتو ته جڏهن ٻوڏ جو پاڻي آيو ته ان پاڻي کي روڪڻ لاءِ تربيلا ۾ ڪا به گنجائش نه هئي، ٻوڏ جي پاڻيءَ مان صرف 27 هزار ڪيوسڪ پاڻي روڪي باقي سمورو پاڻي سنڌ ڏانهن ڇڏيو

ويو. تربيلا کان پوءِ ڪالا باغ جي پهاڙن وٽ صوبي خيبر پختونخواهہ مان لهندڙ ٻوڏ جو پاڻي شامل ٿيڻ کان پوءِ سنڌو درياءَ ۾ پاڻيءَ جي ليول خطرناڪ حد تائين وڌي وئي. تربيلا ۽ ڪالا باغ مان خارج ٿيندڙ ساڍا 10 لک ڪيوسڪ پاڻي جڏهن پنجند وٽ پهتو تہ باقي ڪسر پنجاب جي درياءَ پوري ڪئي، باوجود ان جي تہ موسميات کاتي اها وارننگ جاري ڪئي هئي تہ بارشن پوڻ سبب درياءَ ۾ پاڻي جي ليول وڌندي، ان ڪري منگلا ڊيم کي نہ ڀريو وڃي، پر پنجاب ان وارننگ کي بہ نظر انداز ڪري تربيلا سان گڏ منگلا ڊيم کي بہ ڀري ڇڏيو. جڏهن ٻوڏ آئي تہ تربيلا ۽ منگلا ٻنهي ڊيمن مان پاڻي سنڌو درياءَ ۾ ڇڏيو ويو هن وقت پنجاب جي نڪين جو سيلابي پاڻي ۽ منگلا ڊيم جو پاڻي جڏهن پنجند وٽ سنڌو درياءَ ۾ شامل ٿئي ٿو تہ ان سموري پاڻيءَ جو رخ سنڌ طرف آهي.

پنجاب ۾ راجن پور ۽ مٺڻ ڪوٽ وٽ بند ٽٽڻ جي باوجود پاڻيءَ جو وهڪرو ساڍا 11 لک ڪيوسڪ آهي. جيڪڏهن اهي بند نہ ٽٽن ها تہ گڊو وٽ وهڪرو 13 يا 14 لک ڪيوسڪ هجي ها. گڊو وٽ مسلسل ساڍا 11 لک ڪيوسڪ جو وهڪرو ظاهر ڪري ٿو تہ پويان اڃان 13 کان 14 لک ڪيوسڪ پاڻي اچي رهيو آهي. ٽوڙي بند ٽٽڻ کان پوءِ اها اميد هئي تہ سکر بئراج تي پاڻيءَ جو دٻاءُ گهٽبو پر ٽوڙي بند جي ٽٽڻ کان پوءِ سکر بئراج تي پاڻيءَ جو دٻاءُ برقرار آهي. سکر بئراج وٽ پاڻيءَ جي سطح ۾ واڌ ۽ سيپيج سبب پاڻي سکر شهر ۾ داخل ٿيڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. ٽوڙي بند ٽٽڻ سان سکر بئراج کي تہ ڪو فائدو نہ ٿيو البتہ پنجاب جي دريائن مان ايندڙ پاڻيءَ کي سنڌو درياءَ ۾ اچڻ جو رستو ملي ويو. جيڪڏهن راجن پور، مٺڻ ڪوٽ ۽ ٽوڙي بند نہ ٽٽن ها تہ سنڌو درياءَ ۾ موجود پاڻيءَ جو چاڙهہ پنجاب جي دريائن مان ايندڙ پاڻيءَ کي قبول ڪرڻ بجاءِ واپس ڌڪي ڇڏي ها، پاڻي واپس ڌڪڻ سان پنجاب جا درياءَ ڦاٽي پون ها ۽ پنجاب جا شهر ٻڏن ها. پهرين پنجاب کي ترقي ڏيارڻ لاءِ سنڌ جا وسيلا استعمال ٿيا، هاڻي پنجاب جي شهرن کي بچائڻ لاءِ سنڌ جا شهر ٻڏي رهيا آهن. ٽوڙي بند سان گڏ پنجاب جا مٺڻ ڪوٽ ۽ يونگ وارا بند ٽٽڻ کان پوءِ اتان جو پاڻي بہ سنڌ

طرف اچي رهيو آهي. هن وقت سنڌ جي ٻنراجن تان درياءَ گهٽائڻ لاءِ سنڌ جا سڀ ڪينال فل وهايا ويا آهن. سيلاب ٻنراجن جي وسيلي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچي ويو آهي.

انگريز بي وقوف ڪو نه هئا، جو انهن ڪينالن جي بندن تي وڻ پوکرايا هئا، وڻ بندن کي مضبوط ڪندا آهن، پر انگريز جي وڃڻ کان پوءِ انگريز جي سموري نظام کي سبوتاج ڪيو ويو. ڪينالن جا سڀ وڻ ڪپي هڪ هڪ ڪري وِڪيا ويا، ڪينالن جا ڪمزور بند پاڻيءَ جي درياءَ تي ڦاٽندا ۽ سيلاب سنڌ جي ڳوٺڻ ۽ شهرن ۾ ڪاهي پوندو. ڪينالن جا وڻ آبپاشي عملي جي اهلڪارن تباهه ڪيا ۽ سنڌ جا ٻيلا ملڪ جي حڪمرانن ڪپي ناس ڪيا. ٻيلا ڪپڻ سان درياءَ جا بند طاقت وڃائي ويٺا آهن. سنڌ ۾ ڪو به اهڙو هنڌ محفوظ ناهي، جتي ٻوڏ جو خطرو نه هجي. هن وقت تائين سنڌ ٻين کي پناهه ڏني آهي، حڪومت ٻيو ته ڪجهه ڪري نه سگهي، پر ايترو ته ڪري سگهي ٿي ته ڪراچيءَ جي علائقن ۾ ڪيمپون هڻي سنڌ جي متاثر ماڻهن کي پناهه ڏيڻ جو بندوبست ڪري ۽ عالمي ادارن کان مدد طلب ڪري متاثر ماڻهن جي خوراڪ ۽ رهائش جو بندوبست ڪيو وڃي، يا حڪومت اجا ڪراچيءَ ۾ سنڌين کي پناهه ڏيڻ بجاءِ ٻين صوبن جي ماڻهن کي پناهه ڏيندي؟

(روزاني ڪاوش، اربع، 11 آگسٽ 2010ع).

❁

نيت ڇا ٿيندو؟

عبدالقادر جوڻيجو

اسان ماڻهن سان وڏي ڄُٽ اها ته آهي ته انگريزن جي لکيل رڪارڊ کي ڇڏي ڪري هيستائين "سنڌ جي تاريخ" جي نالي ۾ جيڪي ڪجهه لکيو ويو آهي، پاڻ کي ته اهو "ڪوڙن جو ڪارو" ٿو نظر ٿو اچي؛ جيڪو اسان جي مٿي ۾ هنيو ويو آهي. جڏهن ته آرڪيالاجي جو ماهر سائين حاڪم علي شاهه بخاري انهيءَ ساڳئي تاريخ کي پنهنجي تڏي مزاج موجب "تعصبات جو مجموعو" ڪري ڪوٺي ٿو. سائينءَ جي انهيءَ پڪي پختي راءِ کي پاڻي ڏينديءَ پري ڪو نه ٿا وڃون. پلا انهيءَ کان پيو وڏيڪ تعصب ڪهڙو هوندو، جو جن انگريزن نه رڳو ڪوشش ڪري سنڌي ٻوليءَ جي الفابيٽ ٺهرائي ڏني، پر گڏوگڏ سوين سالن کان سرڪاري سطح تي گم ٿيل سنڌي ٻولي ورائي ڏني، اُهي انگريز ئي هئا، جن سنڌ کي قرون وسطي جي ڏني وائني ظلمي نظام جي ڳُنَ مان ڪڍي ڪورٽن جو اهڙو نظام ڏنو، جو اڄا تائين سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ اها وائي وات آهي ته "انگريزن جي واري شينهن ۽ ٻڪري هڪڙي ئي گهيڙ تان پاڻي پيئندا هئا." جڏهن ته انگريزن جي اچڻ کان اڳ اهو پهاڪو مشهور هوندو هو ته "بادشاهن جي واري، هڪڙي هَنگي، ٻئي نهاري!".

اهي انگريز ئي هئا، جن سنڌ ۾ ريلن ۽ رستن جو جار وڇائڻ سان گڏوگڏ "ڪارو ڪاري" جي ڪريت کي سختيءَ سان چٽڻ جي ڪوشش ڪئي، پر انهن ۽ اهڙن ٻين ڪمن کان به وڌي ڪري سنڌ کي وسيع ۽ شاندار ٻئراج سسٽم ڏيئي ملڪ کي سائو ستابو ڪيو ۽ ايئن سنڌ ۾ بنا ڪنهن جي

مٿو ڦاڙڻ جي، سنڌ ۾ وڏي پيماني تي ”اقتصادي انقلاب“ آڻيندائون. پر هاڻي پيٽ پرائيءَ جو اهو عالم آهي جو جنهن بہ تاريخ دان کي ڏسو اهو لٽ ڪٽي انگريزن تي ٿُتو اڇي. اهو اسان جي تاريخ دانن جو تعصب ناهي تہ ٻيو ڇا آهي؟ اسان جي انهن نالي ۾ نهال تاريخ دانن رڳو حاڪمن ۽ حڪومتن جو ذڪر ڪندي يا تہ قصيدا لکيا آهن يا وري مجنون ناما لکيا آهن. پر سنڌ جي ڪنهن بہ تاريخ دان لڏ پلاڻ، ڪرائيم، وبائن، ڏڪارن، سڪارن، پاڻيءَ جي وهڪرن، سامونڊي طوفانن، واچوڙن، زلزلن، ٻوڏن ۽ سماجي تبديلين تي ڪا بہ تاريخ نہ لکي آهي، جو ماضيءَ مان فائدو حاصل ڪندي اڳتي لاءِ ڪجهہ لکي سگهجي تہ نيٺ ڇا ٿيندو؟ انهي ڪري لاچار ٿي دل جي سوجهري تي پاڻ ٽپ ٽا ڏيون.

ڏاڍن کي پُڇيو ڪو نہ سگهون، ٻوڏ هڻ جو ٿو هيٺي جي مٿي ۾ - ڏٺي ڇٿو نوڪر ڦاٿو ٻيا سپ ڇٽا، نہ وڃي تہ اهو آبپاشي کاتي جو حاضر سروس ملازم نہ وڃي، جو ڏڪ هٽڻ ۾ سولو آهي. ڪڏهن ڪنهن اهو سوچيو آهي تہ انهن ملازمن (نوڪرن) پُر اسرار خاموشي ڇو اختيار ڪئي آهي؟ منهن تي رڪ ٻڌيو ۽ ڇپن تي ڇنو ڇو هٽيو ويٺا آهن ۽ ڦاٿن ڇو نٿا؟ پنهنجا ڪک ڇو لڪائيندا وتن؟ سنئين سڌي ڳالهہ پيئي آهي تہ مِٽي بہ ماٽ - مٽيءَ بہ ماٽ. اها هڪ مجبوري آهي، ٻيو ڪجهہ بہ ناهي. جنڊ جي ٻن پڙن جي وچ ۾ ڦاٿل آهن، مٿان داٻا ۽ هيٺان پٿون ۽ پاراٽا. انهيءَ ڳالهہ کي سمجهڻ لاءِ ڪنهن وڏي عربي فارسي جي ضرورت ناهي. مانيءَ جا پہ ويلا ڪائڻ واري هر ماڻهوءَ کي خبر آهي تہ درياءَ جون بہ لهانديون آهن. هڪڙي لهاندي اتر ڪان ڏکڻ طرف آهي تہ ٻئي لهاندي خود درياءَ اندر آهي، جنهن موجب درياءَ جو ساڄو ڪپ مٿي ۽ کاٻو ڪپ هيٺ آهي، تہ ڇا چيف انجنيئر ڪان وٺي آبدار ۽ داروغي تائين کي اها خبر نہ هوندي؟ ٻين ڪان وڌيڪ خبر هوندين ۽ ڪين اها بہ خبر هوندي تہ درياءَ جون قدرتي ڇنڊڻيون ڪٿان ڪٿان ٿيون وهن ۽ ڪيڏانهن ٿيون وڃن. انهيءَ هوندي بہ درياءَ کاٻي پاسي ٽپ ڏيڻ جي بدران ساڄي پاسي ڇو ٽپ ڏنو؟ حقيقت پڌري پٽ پيئي آهي تہ خود درياءَ توڙي بند وٺان جيڪب آباد ۽ ڪنڌ ڪوٽ ضلعن ڏانهن ڦاٽ نہ ڪاڏو آهي،

پر درياءَ کي هٿ وٺي گهارو هنيو ويو آهي، پر ڪنهن انجنيئر جي مجال آهي جو ايئن ابتو گهارو وجي هڻي. اصل ۾ اهو گهارو حڪم تحت هنيو ويو آهي، ڇو جو انجنيئر حڪم جو ٻڌو آهي. رهيو درياءَ جي ٻنڌن جو ڪمزور هئڻ ته گذريل 35 سالن ۾ ڪنهن به حڪومت ڪڏهن به انهيءَ پاسي ڪو به ڌيان نه ڏنو آهي. جي گذريل 35 سالن ۾ ڪا به حڪومت ڌيان ڏيئي پئسا ڇنڊي ها ته ههڙو حشر نه مچي ها. جو انجنيئر ذات کي اها خبر آهي ته ڪيترا پئسا ٻنڌن تي خرچ ڪرڻا آهن، ڪيترا پئسا پنهنجي کيسي ۾ وجهڻا آهن ۽ ڪيتري خرچي فنانس کاتي، ٽريزري کاتي ۽ آڊٽ کاتي وارن کي ڪرائڻي آهي. انهيءَ سان گڏوگڏ ٻنڌ به اهڙا ٺاهيا وڃن ها جو پاڻيءَ جو دٻ جلي سگهن ها. نانگ به مري ها، لٺ به بچي وڃي ها. ملازمن کي اهي گُر اچن ٿا، پر هاڻي جو ايترن ٻارن سالن کان پوءِ جڏهن سر مٿان اچي ٺٺي آهي ته حڪم جو ٻنڌو ڇا ڪري، انجنيئر ڪيڏانهن وڃي، اونڌن ابتن حڪمن کي پاڻي ڏئي يا پنهنجي نوڪري ڇنڊي ڪرائي. اصل ۾ گذريل ڇٽن سالن ۾ بلوچستان سان جيڪا حالت ٿي گذري، اها هر ڪنهن جي نظر ۾ آهي. تنهن کان سواءِ سنڌ توڙي بلوچستان جي جابلو علائقي مان جيڪي نئيون اُٿيون، تن هٽي اُتر سنڌ جا ڪنڌا ڪٽي ڇڏيا، اها ڳالهه به ڪنهن کان لڪل ناهي. خود ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد کي جيڪو مينهن ڌڪ هنيو ۽ نوري آباد جي جبل جي نئن جيڪو ٻوڙڪ مچائيو (جنهن ۾ خود آئون ڊرائيور ۽ سرڪاري گاڏيءَ سميت ذري گهٽ نئن جي حوالي ٿيڻ کان بچي نڪتاسين) ۽ ڪيترائي ماڻهو نئن ۾ لڙهي ويا. پاڻ وٽ هڪڙي ئي بندوق هئي، قلم جي، سو هر سال اخبار جي هنن صفحن تي ڇوڙيندا رهياسين، پر ڪنهن به با اختيار ٻندي جي ڪن تائين ڪا به جوڻ پهچي نه سگهي. تنهن کان پوءِ ميرپور خاص شهر ٻڏندي ٻڏندي بچيو ۽ سانگهڙ ضلعو به ٻوڏ جو شڪار ٿيو. سو انهن گذريل ڇٽن سالن ۾ جيڪو اُپ وسندو رهيو تنهن کي ڪنهن نه ڪنهن وقت ڦاٽڻو هو نيٺ هيل سال اهو اُپ ڦاٽو رڳو انهن ڇٽن سالن ۾ اُپ جي موڊ کي ڏسندي ڪجهه ڪجي ها ته ڪر ههڙو ويل نه ٿئي ها. پولينڊ هڪ ننڍڙو ستايل ۽ غريب ملڪ آهي، پر اُتي به زلزلي

جهڙي آفت کي (جيڪا اوچتي ايندي آهي) منهن ڏيڻ لاءِ پلاننگ موجود آهي، پر اسان وٽ دير سان پهچندڙ آفت کي منهن ڏيڻ لاءِ پلاننگ جو تہ ڪو تصور ئي ناهي. ظاهر آهي تہ اهڙي صورتحال ۾ اُپ جا ڏنل اشارا ڪٿي ٿا ڪائونٽ ٿين، اها ڳالهہ اڃا پُڇتي ـ وٺ وهنديءَ کي.

خير، جيئن بہ ٿوڙي وٺان بند ٽٽو سو تہ ٽٽي چڪو. انهيءَ بند ٽٽڻ جي نتيجي ۾ جيڪب آباد کي بچائڻ لاءِ ڪيل ڪوششون پنهنجي جاءِ تي راءِ طلب هيون، پر اهو ڪٿان جو انصاف آهي جو يارن جا سُور ٻارن مان ڪيڻ لاءِ ڪنڌيون هٽي اڳ ۾ ئي ڏکويل بلوچستان کي ٻوڙجي. ڇا بلوچ اسان جا يائر ناهن؟ جيڪي اڳ ۾ پر گهلن جيڏا ڦٽ جهليو ويٺا آهن، جن کي ڏيئي وٺي ٿورو گهڻو اعتبار سنڌ ۾ آهي. حقيقت تہ اها آهي تہ بلوچن کي ٻوڙڻ سندن ڦٽن تي لوڻ ٻرڪڻ جي برابر آهي. ٻيلي ائين نہ ڪريو جو سياڻي يائرن جو نہ رهي.

انجنيئر هجن يا ڊي ـ سي ـ او ۽ ڊي ـ پي ـ او هجن، آهن تہ حڪم جا ٻندا، پر پڙهيا لکيا ماڻهو آهن. جن کي اها خبر آهي تہ بين الاقوامي ضابطن موجب وڏي ٻوڏ جي صورت ۾ ڪٿان بہ، ڪنهن بہ وهڪري کي ايستائين وڍ نہ هڻڻو آهي، جيستائين اها وڍ پاڻيءَ کي ڇڪي ڪنهن درياءَ يا سمنڊ يا وري ڪنهن رڻ پٽ، وارياسي ۽ ويران علائقي ڏانهن روانو نٿو ڪري يا وري ڪنهن قدرتي ڇنبڻ ڏانهن پاڻي نٿو وري ۽ گهٽي نقصان ڪرڻ جي بدران تمام گهٽ نقصان نٿو ڪري. جديد تحقيق موجب اڳي جنهن شيءِ کي ”قدرتي آفت“ چيو ويندو هو اها ٻي جنگ عظيم کان پوءِ هاڻي ”انسان جي آندل آفت“ بڻجي چڪي آهي. اڳي ماڪڙ قدرتي آفت هوندي آهي، پر هاڻي اها آفت انسان جي هٿ وس اچي ويئي آهي، جو ماڪڙ اُٿڻ کان اڳ هيلي ڪاپٽرن ذريعي ڦوهارو ڪري ختم ڪري سگهجي ٿي. اڳي وبائون قدرتي آفت هونديون هيون، پر هاڻي دوائن ذريعي انهن جو خاتمو آڻڻ سولو ٿي پيو آهي. هن دور جي وڏي ۾ وڏي وبا ايڊز آهي، پر انهيءَ کي ماڻهوءَ تائين پهچڻ کان اڳواٽ جا طور طريقا نڪري آيا آهن: تنهن کان علاوه ايڊز جي وئڪسين اچا پنڌ ۾ آهي ۽ جلد ئي پهچي ويندي سيني کان اوچتي،

سيڪنڊن جي حساب سان تيزيءَ سان ايندڙ ۽ خوفناڪ ترين قدرتي آفت زلزلو رهي آهي، پر هاڻي جاپان ۾ روزانو لڳ ڀڳ ٻه ٽي ڀيرا زلزلو اچي ٿو پر جاپان جي اڳواٽ رٿا بنديءَ جي ڪري اهي زلزلا نقصان نٿا پهچائين. جي ٻنهه وڏو زلزلو به ايندو ته ڏيڍي وٺي 50 يا 100 ماڻهو مرن ٿا. آباديءَ جي لحاظ کان جاپان اهڙو ملڪ آهي، جو ماڻهوءَ ماڻهوءَ جي مٿان سٽيو پيو آهي، پوءِ به بچاءُ موجود آهي. انهيءَ صورتحال کي ڏسي پاڻ کي آمريڪا جو مشهور سائنسدان "ڪارل ساگان" مرحوم ياد اچي ٿو جيڪو ناسا جي سائنسي اداري ۾ ويهي ڪائنات تي ريسرچ ڪندو هو. سندس آخري ڪتاب Billions and Billions ۾ هو لکي ٿو ته: "ايندڙ ٽن چئن ڪروڙن سالن ۾ ڪو به گرهه يا تارو زمين سان ٽڪرائجي ڪا به تباهي ڪو نه آڻيندو پر خود حضرت انسان جون حرڪتون ڪنهن به وقت هن ڌرتيءَ جو خاتمو آڻي سگهن ٿيون". جڏهن ته سنڌ ۾ آيل ٻوڏ ايتري نقصان نه ڪري ها، جي سمجهه، تڏائي ۽ صبر کان ڪم وٺجي ها ۽ پنهنجي ئي مُٺ ۾ ترڪي نه ڪرجي ها ۽ درياءَ جي اولهندئين حصي ۽ اُتر ۾ هالي ووڊ جي ڪنهن ايڊونچر فلم جو ڪردار ٻڻجڻ جي ڪوشش نه ڪئي وڃي ها. بابا، اهڙا ايڊونچر فلم جو حصو ته ٻڻجي سگهن ٿا، پر سرزمين جون حقيقتون فلم کان بنهه الڳ آهن. ڪنهن جي دل رکڻ لاءِ چوڻ لاءِ گهڻو ئي ڪجهه چئي سگهجي ٿو اها ڳالهه به دل رکڻ لاءِ چئي ويئي آهي ته موجوده ٻوڏ سوناميءَ کان به وڏي آهي. ظاهر آهي ته ڏٽن ڏيڻ تي ڪا ڏل ته ڪا نه ٿي لڳي، پر اصلي حقيقت اها آهي ته سونامي اسان وٽ آيل ٻوڏ کان سوين ڀيرا خطرناڪ هئي. سونامي بروقت جيترا ماڻهو ماريا ۽ جيتريون بلڊنگون ڪيرايون ۽ جيترن ملڪن کي ڌڪ هنيو انهيءَ جو شمار ڪبو ته پوءِ ڳالهه پري وڃي ٿنندي، پر سونامي اچڻ کان پوءِ انسان جيڪا حڪمت عملي اختيار ڪئي ۽ رهيءَ کهٽيءَ جي نقصان جو جيڪو ازالو ڪيو اهو اسان لاءِ هڪ سبق ٻڻجي سامهون آيو هو ته درياءَ جي چاڙهه کي ڪيئن منهن ڏجي، پر اهڙيون ڳالهيون اسان لاءِ ايئن آهي، جيئن مينهن مٿان پاڻي پيو ۽ مينهن ڇنڊڪو ڏيئي پاڻي پنهنجي پٺيءَ تان ڇنڊي ڇڏيو.

اسان ماڻهو اڃا انهيءَ Hang up جو شڪار آهيون ته ٻين کي ٻوڙي

پنهنجو پاڻ کي ۽ پنهنجي ملڪيت کي بچايو انهيءَ Hang up ۾ هوندي اسان اهو وساري ويهي رهياسين تہ لکا ماڻهو وچي ٻڏن تہ پلي وڃي ٻڏن، اربين کربين روپين جي ملڪيت هلي وڃي تہ پلي هلي وڃي، جيڪو پاڻي پهرئين جيڪب آباد ۽ پوءِ شهداد ڪوٽ کي بچائڻ لاءِ هٽ سان گهارا هڻي مختلف رخن ڏانهن ڇنڊيو ويو اهو ساڳيو پاڻي هِتان هُتان ڦري گهري لڪين ماڻهن جي پيينگ ڪندو نہ رڳو واپس اچي منهن ۾ لڳو پر گڏوگڏ ڏکڻ طرف ڦهلجڻ لڳو ۽ وڏي چر ۾ تبديل ٿيڻ لڳو. اهو پاڻي جڏهن شڪارپور ڏانهن وڌڻ لڳو تہ اتان جي چڱن مڙسن پيو تہ ٺهيو موريو ريل جي پٽڙيءَ کي اکوڙي گهارا هنيا تہ پلي وڃي ننڍا شهر، ٻهراڙيءَ جا ڳوٺ، ماڻهو فصل ۽ مال وڃي ٻڏن، پر اسان بچي وڃون. ڪنهن بہ اهو نہ سوچيو تہ توڙي وارو گهارو ڏينهون ڏينهن ويڪرو ٿيندو ٿو وڃي، جيڪو ڪين بہ پوڙي سگهي ٿو مٿان وري اهڙا بيان بہ اچي ٿٿا تہ سنڌ جا شهر بچايو پين اڪرن ۾ ايئن ڪٽي ڇٽون تہ ٻهراڙيءَ جا ڳوٺ پلي وڃي ڊهڙ ۾ پون. سچ ڪري پڇو تہ اهو گهرو فلسفو ۽ ٿيوري پاڻ کي سمجهہ ۾ نہ آيا. اهو انهيءَ ڪري جو سڄي ملڪ ۾ شهرن ڏانهن جيڪا بہ سپلاءِ لائين ٿي اچي، اها ٻهراڙين مان ٿئي ٿي اچي، پوءِ اُهو اناج هجي، کير هجي، ڀاڄي پتي هجي، مرچ مصالحا هجن، ميوات جي افرادي قوت هجي، اچڻ وڃڻ لاءِ روڊ رستا ۽ ريلوي هجي يا ڪٽي فون، گئس ۽ بجليءَ جون تارون هجن، جي اها سپلاءِ لائين ٽٽي ٿي وڃي تہ شهرن جي بيٺن ۾ ويٺل ماڻهو مِٽي ڦڪيندا نظر ايندا ۽ ڊاڪٽر جو هٽ بہ ڪو نہ رسندن. سنڌو درياءَ جو اولهنديون حصو اهڙين عجيب و غريب ٿيورين جي رهڙي ۾ اچي جيڪب آباد کان وٺي ڪوٽڙيءَ تائين هڪ اهڙي چَر بڻجي چڪو آهي، جنهن جي ڪا بہ ڪنڌي نظر نٿي اچي. انهيءَ چر جي وچ ۾ جيڪي شهر بچايا ويا آهن، انهن شهرن ۾ ڪجهہ وقت کان پوءِ ڪاڏي پيتي جون شيون ڏينهون ڏينهن اڻ لڀ ٿينديون وينديون، تان جو شهرن جي سِر سِر سان وڃي لڳندي ۽ ماڻهن کي پنهنجا ئي گهر ڪاٽڻ ايندا. جابلو پٽيءَ کي ڇڏي ڪري اولهنديءَ سنڌ ۾ Catch 22 جي صورتحال بڻجي چڪي آهي ۽ ڪنهن کي ڪا خبر ناهي تہ هو پاڻ ۽ پيا ماڻهو ڪهڙي دڳ سان لڳل

آهن. انهيءَ سچي Catch 22 واري صورتحال ۾ جنهن ماڻهو پنهنجا حواس برقرار رکندي، ڏکهي نظر کان ڪم وٺندي ۽ وڏي دل ڏاريندي پنهنجي ڪروڙين اربين روپين جي قبولي ۽ حقي واجبي مال ملڪيت داءَ تي هڻي بيءَ سنڌ کي بچائڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي. اهو ڪو بيو نه پر 1983ع ۾ هلندڙ ايم - آر - ڊي تحريڪ جو هيرو محترم غلام مرتضيٰ جتوئي آهي. غلام مرتضيٰ خان جتوئي ڪلهه به هيرو هو اڄ به هيرو آهي ۽ سڀاڻي به هيرو رهندو. جيڪو پنهنجي ديس لاءِ ڪُس ڪائيندا آهن، اڳو پوءِ جيت انهن جي هوندي.

اسان جا ماحوليات جا ماهر اها وائي وات لڳايو ويٺا آهن ته گلوبل وارمنگ جي ڪري گليشيئر ڳري رهيا آهن. انهن يارن مان ڪنهن به ڪو گليشيئر نه ڏٺو آهي، جي ڏسن ها ته ڍڪرجي پون ها. پاڻ به اسلام آباد کان بيجنگ ويندي رڳو دريءَ ۾ اُهي بلائون ڏٺيون آهن. انهن گليشيئرن مان هڪڙو گليشيئر اهڙو آهي، جو جيڪڏهن ڳري پوي ته سڄو ايشيا ۽ سڄو اوير يورپ پاڻيءَ جي اهڙي رهڙ ۾ اچي ويجي جو ڦڪ به نه بچي. پر گلوبل وارمنگ واري گرمي ايندڙ هزار سالن تائين ڪنهن به گليشيئر کي ڳاري نه سگهندي، جو هڪ ته اهي گليشيئر هيٺان کان وٺي تائين ڪاٿو 20 سي سي (20 ° CC) کان 30 سي سي (30 ° CC) تائين جي پد ۾ پاتا وڃن ٿا. ٻئي ڳالهه ته اهڙي برف ڪٽي به هجي ته اها گرميءَ جي ڪري نه ڳرندي آهي. اها حقيقت پڌري ڪرڻ لاءِ تمام معمولي تجربي جي ضرورت آهي، جيڪو بنا ڪنهن لئبارٽري جي ڪري سگهجي ٿو. ڇا ڪريو جو جست جو گلاس پاڻيءَ سان ڀري فريزر ۾ رکي ڇڏيو جڏهن برف جمي وڃي ته اهو گلاس اونڌو ڪري مٿان سيڪ ڏيو پر گرميءَ ڪائڻ کان پوءِ به برف جو ڳوڙهو هيٺ ڪو نه ڪرندو. پر جي گرميءَ جو تئه ڏيڻ جي بدران ساڳئي گلاس مٿان ٿڌو پاڻي هاريندئو ته برف جو ڳوڙهو ٺوهه اچي هيٺ ڪندو. پوءِ به ساڳئي برف جي ڳوڙهي کي پاڻيءَ ۾ وجهندئو ته پوءِ وڃي برف ڳرندي. مطلب ته برف کي گرميءَ جي بدران مينهن جو پاڻي ڳاريندو آهي، پر جنهن ٽيمپريچر ۾ گليشيئر هوندو آهي، جي انهيءَ مٿان به مينهن وسندو ته اهو پاڻيءَ جي ڦڙن

جي بدران ڪڇه جي پوٽيءَ جهڙي نرم برف ٻڌجي گليشيئر مٿان ڪرندو رهندو ۽ گليشيئر مٿان پئي برف ڄمندي ويندي. سو مهرباني ڪري گليشيئر جي ڳرڻ جو ڏپ ڏيڻ کان پاسو ڪيو وڃي. پر اصل حقيقت اها آهي ته جڏهن به سياري جي مند ۾ جبلن تي جنهن سال معمول کان گهٽ وسيءَ پوندو آهي ته اوتري ئي گهٽي برف ڄمندي آهي. اهي جبل وڏن گليشيئرن کان هيٺ آهن. پوءِ جڏهن وسڪاري جي مند ايندي آهي ته انهيءَ ڄميل برف مٿان مينهن وسندو آهي ته اها برف ڳري مختلف هنڌن تان پاڻيءَ جي وهڪرن جي صورت ۾ سنڌو درياءَ ۾ ڪِرندي آهي ۽ پوءِ اڳ ۾ ئي رهندڙ پاڻيءَ ۾ شامل ٿي درياءَ کي ايڏي وڏي پرپ ڏيندو آهي جو درياءَ معمول کان وڏيڪ وهڻ لڳندو آهي ۽ مستي ۾ اچي ويندو آهي. جن وهڪرن جو مون ذڪر ڪيو آهي، اهي وهڪرا تبت، لداخ، ڪشمير ۽ گلگت بلتستان جي جبلن مان اچي درياءَ ڀيڙا ٿيندا آهن. جڏهن عطا آباد ڍنڍ جو مامرو پيدا ٿيو هو انهن ئي ڏينهن ۾ اسان جي محققن دلشاد سينيئر پٽو هنن ئي صفحن ۾ سنڌ وارن کي ڪن ڪٽايو هو پر حڪومت جي ڪنهن به ڪارندي انهيءَ ڳالهه تي ڌيان نه ڏنو ۽ اهي انهيءَ رڙ تي ڌيان ڏيڻ جي بدران مدي خارج رٽائرڊ انجنيئرن جون پيشنگوئيون ٻڌي ٽڙندا رهيا ته ڇهه لک ڪيوسڪ کان پاڻي مٿي ڪو نه چڙهندو. جيڪي تجربا نئين ريسرچ کان خالي هوندا آهن. انهن جو حشر اهو ئي ٿيندو جيڪو ٿي چڪو. پر اڃا تائين به سرڪار اهڙن ماڻهن کي چنبڙي بيٺي آهي. ڀلا دلشاد پٽو چئو ته گهٽ ۾ گهٽ انڊين ريسرچ تي ڌيان ڏنو وڃي ها. جتان جي ٽن صوبن هر هڪ بهار جهاڙکنڊ ۽ اولهه بنگال ۾ هر سال ٻوڏ ايندي رهندي آهي، ايڏانهن به ڪنهن ڌيان نه ڏنو. بابا هي دور مٿان کان پيرا ڪڍڻ جو دور آهي، فوٽ پٽين کان قصو اڳتي وڌي چڪو آهي، سو ٻوڏ جو وڏو ڪارڻ ته اهو ئي هو مٿان جو وري پختونخواهه ۾ جيڪو اُپ ڦاٽو (Cloud Burst)، تنهن جي پاڻيءَ به سنڌو درياءَ ڏانهن رخ ڪيو پر پوءِ به وڏو ڪارڻ مٿي ڄاڻايل وهڪرا هئا، جن جو ڏهو (Double Figures) موٽي آيو آهي؛ يعني ته جيترا سال سوڪهڙي جا گذريا، هاڻي ايترا ئي سال ڇٽو ماسو پنهنجو رنگ ڏيکاريندو رهندو پوءِ ڪڏهن گهٽ ته ڪڏهن

وڏيڪ. هي هڪڙا سرڪلس آهن، جيڪي گول وانگر ڦري وري اچي ساڳئي هنڌ بيهندا آهن. اڳي جيڪو چئو ماسو 15 آگسٽ تي ختم ٿيندو هو اهو هاڻي کسڪي وڃي 15 سيپٽمبر تي بيٺو آهي. انهيءَ ڪري اجا امڪان بيٺا آهن ته سنڌو درياءَ جي مٿئين شروعاتي گذر گاهه وارن هنڌن تي مينهن پوي. هڪڙي ته ٿي اها ڳالهه. ٻئي ڳالهه اها آهي ته پارت وارن چناب درياءَ ۾ ايترو پاڻي ڇڏيو آهي جو تعليم جو مرڪزي وزير ٿوپلو پايو ٻيڙين تي پير گهمي ۽ رڙ پيئي پويس ته کين پارت وارن ٻوڙي ڇڏيو آهي. نئين اها ڳالهه ته اڄ جڏهن هيءَ مضمون پيو لکان ته ڪي - ٽي - اين ۽ ڪاوش جي لاهور واري رپورٽر امداد سومري راوي درياءَ ۾ ٻنهه گهڻو پاڻي اچڻ جو اطلاع ڏنو آهي. ايئن لداخ کان هيٺ وهندڙ وهڪرا چناب ۽ راويءَ جي واڌ گڏجي ڪري ٿيو وهڪرو آڻي سگهن ٿا. باقي نجوم جو علم پاڻ ڪو نه ڄاڻون ته ٿيون وهڪرو ڪيتري سطح جو ۽ ڪيتري وقت تائين. هلندو بس ايترو چئي سگهجي ٿو ته ايندڙ ڪجهه سال سنڌو درياءَ ڪڏهن گهٽ ته ڪڏهن وڌ ٻڏيءَ جا پيٽا ڪندو رهندو.

ڪن يارن وري اهو هل هلايو آهي ته هن سال واري ٻوڏ 1942ع واري ٻوڏ کان گهٽي آهي، جڏهن ته حقيقت انهيءَ جي ابتڙ آهي. 1942ع واري ٻوڏ هن ٻوڏ کان گهڻو مٿي هئي، پر هڪ ته انهيءَ وقت ايڏي گهڻي آبادي ڪا نه هئي جو انساني نقصان نظر اچي، ٻيو ته انگريزن هوشياريءَ کان ڪم وٺندي مٿان کان هيٺ تائين ڪيتريون ئي پاڻيءَ جون ڇنڊڻيون آجيون رکيون هيون. وڏي ۾ وڏي ڇنڊڻ روهڙيءَ وٽان ڇڏيل هئي، جيڪا اچڙي تر جو ڪس وٺي، اچڙي تر جون ڪيئي ڍنڍيون پرينڊي سانگهڙ ضلعو ٽپي وڃي ٿر پارڪر ۽ ميرپور خاص وارو ڪس وٺي وڃي بدين ضلعي کان ڏکڻ ٿر پارڪر ضلعي ۾ ئي سمنڊ ۾ وڃي چوڙ ڪندي هئي. سنڌو درياءَ جو اڌ پاڻي ته اها ڇنڊڻ کڻي ويندي هئي، ٻي وڏي ڇنڊڻ لاڙ ۾ هوندي هئي، جيڪا ڍنڍيون ڍورا تار ڪندي وڃي رڻ ڪڇ ۾ ڪرندي هئي، ٽئي وڏي ڇنڊڻ سنڌو درياءَ جي ڊيلٽا جون ست ڇاڙون هونديون هيون، جيڪي ڪراچيءَ وٽان وڃي سمنڊ کي ٻڪ وجهنديون هيون، ننڍيون ننڍيون ڇنڊڻيون انهن کان

علاوه هيون. انهن مان هڪڙي ننڍي چنڊڻ ته لاڙڪاڻي شهر وٽ چوڙ ڪندي هئي. هاڻي انهن چنڊين جو ڪو ڏس پتو نٿو پوي.

ڊاڪٽر عارف حسن هڪ معتبر اسڪالر آهي. ڊيلٽا جي باري ۾ سنڌس ڪيل ريسرچ سنڌو درياءَ جي چوڙ جو هڪ دلچسپ باب آهي. سندس ريسرچ مطابق، ڊيلٽا جون جيڪي ست چاڙون هيون، انهن مان ڇهه چاڙون ڪراچي شهر جي هيٺان اچي ويون، البته ڪجهه سال اڳ هڪ چاڙ هڪ نالي وانگر وهندي هئي، جيڪا پوءِ گٽر جي لائين ۾ تبديل ٿي ويئي؛ ايئن اهو سلسلو ختم ٿيو. هاڻي ته اهي اطلاع پيا ملن ته سنڌو درياءَ ٺٽي ضلعي ۾ ڪاري چاڻ ۽ ڪيٽي بندر وٽان سمنڊ ۾ چوڙ ڪندو پر ايندڙ سائي ڏهي (لڳ ڀڳ ٻاويهه سال) ۾ سنڌو درياءَ ڪٿي چوڙ ڪندو اها خبر نٿي پوي. تنهن ڪري مُنجهي پيا آهيون ته نيٺ ڇا ٿيندو؟ ڪجهه نه ڪجهه ٿيندو يا گهڻو ڪجهه ٿيندو. وقت نه تنهنجو مائٽ نه منهنجو مائٽ. وقت ته درياءَ شاهه ڪان به وڏو بادشاهه آهي.

(روزاني ڪاوش، اربع، 25 آگسٽ 2010ع).

❁

ٻوڏ مان اسان ڪهڙو سبق پرايو؟

محمد ادريس راجپوت

سنڌ جو هر درد مند دل رکندڙ ماڻهو ٻوڏ متاثرن جو حال ڏسي پريشان آهي. سنڌ جي غريب ماروئڙن ۽ جهانگيئڙن کي ٻوڏ جيترو بيحال ڪيو آهي، انهيءَ تي هر ڪو پريشان آهي. سمجهه ۾ نٿو اچي ته هيترن لکن ماڻهن جي پنهنجن گهرن ڏانهن واپسي ڪيئن ۽ ڪڏهن ٿيندي؟ پر ڪي ماڻهو آهن، جيڪي انهن ڏتڙيل ۽ برد بار ماڻهن جي مدد ڪري اڳتي لاءِ به سوچين ٿا. انهن مان هڪڙو سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جو سربراهه سيد جلال محمود شاهه آهي، جنهن مون کي دعوت ڏني ته مان ان سان گڏ بند جي ڪجهه علائقن جو دورو ڪريان ۽ ڏسان ته ٻوڏ سنڌ مان پاس ٿيڻ ۾ ڪهڙا مسئلا پيدا ڪيا؟ اسان جي همراهن ڪيئن منهن ڏنو ۽ ٻوڏ اسان کي ڪهڙا سبق ڏئي وئي ۽ اڳتي ٻوڏ کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪهڙا اپاءَ وٺجن؟ ته جيئن هن سال واري تباهي ۽ بربادي کان بچي سگهجي.

مان هڪ غير سياسي ماڻهو آهيان، منهنجو ڪنهن به سياسي پارٽي سان واسطو ناهي، پر جڏهن ڪو ماڻهو (سياسي يا غير سياسي) مون کان سنڌ جي معاملن ۽ مسئلن بابت ڪجهه به مدد گهري ٿو يا ڪنهن به قسم جو تعاون گهري ٿو جنهن مان ان جو مقصد سنڌ ۽ سنڌ وارن جي ڀلائي ۽ بهتري هجي ٿي ته مان يڪدم حاضر هوندو آهيان. ڪڏهن چيف منسٽر سنڌ چشما - جهلم لنڪ ڪئنال بابت فني راءِ لاءِ گهرائي ٿو ته مان حاضر هوندو آهيان ۽ وزيراعظم جي گڏجاڻي ۾ اهو چوڻ کان به نٿو ڪيٻايان ته ارسا جي ڦڙتي

چيئرمين زوري چشما - جهلم لنڪ ڪئنال کولي ايٿن ارسا جي قانون جي ڀڃڪڙي ڪئي آهي، جيئن هڪ فوجي آمر آئين جي ڀڃڪڙي ڪري مارشل لاءِ هڻي ٿو. جيڪا ڳالهه پنجاب جي چيف منسٽر شهباز شريف کي نه وڻي ۽ انهيءَ تي اعتراض ورايائين. ڪڏهن ٻوڏ جي سلسلي ۾ مان صلاح ٿو ڏيان ته چوڏهن سالن کان پوءِ ٻوڏ اچي پئي، انهيءَ کي گهٽ نه سمجهو ۽ ٻه ڳالهيون يڪدم ڪريو هڪڙي اها ته ڪاتي وارن کي پئسا رليز ڪريو ته هو ٻوڏ کي منهن ڏيڻ لاءِ ماڻهن ۽ متيريل جو بندوبست ڪري سگهن، ٻي اها ته بندن تي صحيح پهرو تڏهن ٿي سگهندو جڏهن ملڪ ۾ امن وامان هوندو. پوليس امن وامان قائم نٿي ڪري سگهي، تنهن ڪري يڪدم فوج کي گهرايو ته بندن تي ڪم ڪندڙ ماڻهو بنا ڪنهن ڀوَ جي ڊيوٽي ڏئي سگهن. ڪڏهن ٽن پراڻن سيڪريٽريز يعني مزمل قريشي، بشير احمد ڏهر ۽ مون کي گهرايو ٿو وچي ته اسان فوج وارن کي Convince ڪيون ته انهن جو اهو ارادو آهي ته سکر بئراج کي ٻوڏ واري پاڻي کان بچائڻ لاءِ علي واهڻ وٽ ڪنڊ ڏنو وڃي، صحيح ناهي. نيٽ اڌ مني ڪلاڪ جي بحث کان پوءِ ڪور ڪمانڊر ۽ جي - او - سي پنو عاقل Convince ٿي ٿا وڃن ۽ علي واهڻ وٽ بند کي ڪٽ نٿو هنيو وڃي. مان پنهنجيون اهي Services سنڌ ۽ سنڌ وارن سان محبت ۽ سِڪ جي جذبي تحت ڏيان ٿو ۽ ڪوشش ڪندو آهيان ته سنڌ ۾ خوشحالي اچي ۽ سنڌ وارن کي ڪوڪوسو واءُ به نه لڳي.

ڪن ماڻهن جو خيال آهي ته مان انهن معاملن تي سنڌ جو ڪنسلٽنٽ آهيان ۽ سنڌ سرڪار کان پگهار کڻان ٿو. نه مان سنڌ جي پاڻي وارن مسئلن تي سنڌ سرڪار جو پگهار تي رکيل ملازم ناهيان ۽ اها خدمت مان سنڌ ۽ سنڌ وارن سان محبت ۽ پيار واري جذبي هيٺ ڪريان ٿو. انهيءَ سلسلي ۾ سنڌ وارن جيڪا مون کي محبت، عزت ۽ سِڪ جي موٽ ڏني آهي، تنهن جو مان تمام ٿورائتو آهيان. جلال محمود شاهه صاحب جي اها ڳالهه مون کي تمام سٺي لڳي ۽ مان اها دعوت خوشي سان قبول ڪئي. اسان ڇنڇر 14 آگسٽ تي پهريون سڄيون متياري بند تي اڏيرو لال چنبڙ کان پاٽوٽ کان هالا تائين هلياسين ۽ تنهن کان پوءِ واپسي تي وري اڏيرو لال چنبڙ کان هيٺ گهليان

بند، ڪوٽڙي بئراج جو ليفٽ مارجينل بند، ڄامشورو فرنٽ بند ۽ گدو مل بند (لطيف آباد بند) توڙ تائين ڏٺوسين. انهن بابت تاثرات هن ريت آهن:

اڏيرو لال چڊڻ ڪان پاٽوٽ ٻند (هالا):

انهيءَ رينج ۾ مٽياري ۽ هالا جا شهر اچي وڃن ٿا. ٻند مينوئل مطابق اٺ سببن ڪري بند کي نقصان ٿي سگهي ٿو. اهي آهن بند جو اوور ٽاپ ٿيڻ، روڙ، ويو واش، بلو آئوٽ، بند سلوس جو فيل ٿيڻ، درياءَ جي ڪاڙ، بند جو سيمو بند جو ويهجي وڃڻ، پوين ٻن سببن کي ڇڏي مٿيان ڇهه ئي سبب اسان کي انهيءَ حد ۾ ڏسڻ ۾ آيا. اهي هئا اوور ٽاپ ٿيڻ ۽ ويو واش، بندن تي پاڻي جي ليول ايتري مٿي هئي جو پڙهڻ وارا لڳل گيج ٻڏي ويا ۽ انهن تي ٻيو واڌو گيج هنيو ويو. گيج تي وڌ ۾ وڌ آيل 1976ع واري ٻوڏ جو نشان به لڳل هو. ڏٺوسين ته پاڻي انهيءَ نشان کان 5 کان 6 فوٽ مٿي آيو هو. ياد رهي ته اسان جا بند وڌ ۾ وڌ آيل ٻوڏ جي ليول کان ڇهه فوٽ مٿي ٺهيل هوندا آهن، معنيٰ بندن تي فري بورڊ جيڪو ڇهه فوٽ هجڻ کپندو هو اهو ڪو نه هو ۽ بند اوور ٽاپ ٿيڻ جو خطرو هو. انهيءَ سوال تي ته توهان ايتري وڏي حد ۾ بند کي اوور ٽاپ ٿيڻ کان ڪيئن بچايو؟ حد جي ايس - ڊي - او ٻڌايو ته انهيءَ لاءِ سرڪاري ۽ غير سرڪاري مشينري استعمال ڪئي وئي، جنهن ۾ ٽريڪٽر ٽرالي ۽ ايڪسيويٽر وڏو ڪم ڪيو. مان جڏهن ويو واش بابت پڇا ڪئي ته ايس - ڊي - او ٻڌايو ته انهيءَ لاءِ بڪ ورڪ ڪيوسين ۽ مٽيءَ جون ڳوٿيون ڀري رکيون ويون، پر جيترو ڪم هو اهو ريگيولر ۽ آبڪلاٽي وارن بيلدارن جي وس کان ٻاهر هو. ايس - ڊي - او ٻڌايو ته ماڻهن جي سلسلي ۾ لوڪل ماڻهن هنن جي ڏاڍي مدد ڪئي. مٽياري مان امير علي شاهه ۽ هالا مان مخدوم امين فهيم ۽ سندس فرزند جميل الزمان ٻوڏ واري سڄي وقت ۾ هزارين ماڻهن سان گڏ بند تي موجود هئا. هنن جي سروري جماعت پنهنجي ليڊر جي قيادت ۾ جيڪا ڊيوٽي ڏني آهي، انهيءَ کان سواءِ بند بچي ئي نه سگهن ها. آبپاشي واري ايس - ڊي - او ٻڌايو ته ايئن سمجهو ته هالا وارا بند مخدوم صاحبن ۽ مٽياري وارا بند ڄاموٽ صاحبن بچايا. اسان رڳو بندن تي مشينن وسيلي مٽي چاڙهڻ ۽ رابطي

۾ مشغول رهياسين. هن وڌيڪ ٻڌايو تہ انهن ماڻهن ۾ ڪيترا تجربيڪار ماڻهو بہ هئا، جيڪي روڻ ڳولهڻ ۽ ان کي بند ڪرڻ ۾ بہ ماهر هئا. پاڻوٽ وٽ اسپرن جو تيل ڪم بہ ڏنوسين. هن ٻوڏ ۾ رڳو هڪڙي اسپر تي ڪاڏ تي، باقي ٺيڪ بيٺا رهيا. رستي تي اسان پراڇا وارو ڪيلن جو باغ بہ ڏٺوسين، جيڪو ڪچي ۾ هيو. ان جي بچاءُ لاءِ زميداري بند بہ ڏٺل هو جيڪو ٽٽي ويو باغ ٻڏي ويو ۽ سندس ڪچي ۾ ٺهيل بنگلو بہ پاڻي هيٺ هو. رستي تي اهو بہ ڏٺوسين تہ بند تي ڪيترائي گهر ۽ پڪيون جايون بہ ٺهيل هيون. ڪن هنڌن تي بند تي ٻنهي پاسي جهنگ ۽ ديويون بيٺيون هيون، جتي بند تي صحيح پهرو ممڪن نہ هو.

گهلياڻ، ڄامشورو فرنٽ ۽ گدو مل بند (لطيف آباد بند):

اهي ٽئي بند حيدرآباد شهر جي سلامتي لاءِ آهن. مون پنهنجي مضمون ۾، جيڪو ڪاوش ۾ 18 آگسٽ تي "سپر فلڊ ۽ حيدرآباد شهر جي سلامتي" جي عنوان هيٺ لکيو هيو، واسطيدار عملدارن کي انهن خطرن بابت چتاءُ ڏنو هو تہ جيڪڏهن هنن صحيح ڊيوٽي نہ ڏني تہ حيدرآباد شهر ٻڏي سگهي ٿو. بند جو انچارج ايس ـ اي محمد خان نظاماڻي اسان سان گڏ هو. گهلياڻ بند تي تمام گهڻي اوور ٽاپ واري حد کان سواءِ اسان تمام گهڻي ويو واش ۽ زمين واري پاسي سيمو ڏٺوسين. اسان پاڻ ڏٺوسين تہ پاڻي وڏ ۾ وڏ آيل ٻوڏ کان اٽڪل ڇهہ فوٽ مٿي هو فري بورڊ ڪو نہ هو جڳهن جڳهن تي ميلن ۾ بند تي مٽي چڙهيل هئي، ويو واش لاءِ ڳوٽيون درياءَ واري پاسي سلوپ تي رکيل هيون، ايترو ڪم ٿيل هو جو اسان کي اعتبار ئي نہ پئي آيو تہ اهو ڪم ڪيئن ٿيو!؟ جڏهن پئسا ئي رليز ڪو نہ ٿيا هئا تہ ايتريون مشينون ۽ ايترو مٽيريل گهرائڻ ڪيئن ممڪن ٿيو!؟ انچارج ايس ـ اي ٻڌايو تہ پاڻي ايترو خطرناڪ ۽ مٿي هو تہ اسان سوچيوسين تہ بند بچائڻ ڏکيو آهي، پر وسپ جي پي ـ ڊي جيڪا اسپيشل ڊيوٽي ۾ هو، تنهن هنن کي چيو تہ هن مهل پنهنجي سلامتي ۽ پئسن جي ڳالهہ بدران حيدرآباد جي سلامتي وڌيڪ اهم آهي، تنهن ڪري پنهنجي چاڻ ۽ واقفيت جو فائدو وٺي سر توڙ ڪوشش ڪرڻي آهي. سو اسان مشينن ذريعي بند تي مٽي چاڙهيندا وياسين ۽ ماڻهن وسيلي

ڳوٺيون پري درياءَ واري پاسي سلوپ تي رکندا وياسين. تہ جيئن ويو واش ڪري بند نہ ڪاڃي. ماڻهوءَ هر طرح جي مدد امير علي شاهہ ڄاموٽ ڏني، جنهن جي مدد ڪان سواءِ اهو ڪم ناممڪن هو. هن وڏيڪ ٻڌايو تہ هڪ رات صورتحال ايتري خراب ٿي تہ هن سمجهيو تہ بند هاڻي ٽٽي پوندو. مون بيوس ٿي بانگ ڏيڻ شروع ڪري ڇڏي ۽ ڇئن هنڌن تي بانگ ڏنم. تنهن ڪان پوءِ مون ڏٺو تہ پاڻي جو زور ٽٽي ويو ۽ بند بچي ويو. محمد خان نظاماڻي اهو فني مشورو ڏنو تہ بند ٺاهڻ جي Specification تبديل ڪرڻ کپي. بند جي ٽاپ تي ويڪر 20 فوٽن بدران 40 فوٽ ٿيڻ کپي ۽ بيڪ برم 5 فوٽن بدران 10 فوٽ رکڻ کپي. تنهن ڪان سواءِ اسان ڪوٽڙي بئراج جو ليفٽ مارجينل بند، ڄامشورو فرنٽ بند ۽ گدو مل بند ڏٺاسين. ڄامشورو گند تي گيج وارا پلر ٻڏي ويا هئا. فري بورڊ ڪو نہ بچي سگهيو ۽ ڪاڏ تي هئي، ڪاڏ لاءِ ايترا پٿر آندا ويا جو هلڻ جو رستو ئي سوڙهو ٿي ويو هو. مشين ذريعي بند کي مٽي چاڙهيو ويو پٿر وجهي ڪاڏ کي روڪيو ويو. ڪيترن هنڌن تي ماڻهن بند تي گهر ۽ اڏاوتون ٺاهي ڇڏيون هيون. خاص طرح سحرش نگر سامهون. گدو مل بند جي حالت ناجائز اڏاوتن جي لحاظ ڪان تمام خراب هئي، ايم-ڪيو-ايم وارن بند تي ڊيوٽي لاءِ تمام گهڻا ماڻهو ڏنا، پر پٿر اڻ کٽ گهرايو ويو جتي ضرورت نہ هئي، اُتي بہ پٿر گهرايو ويو بند تي هنڌ هنڌ ايترو پٿر پيو هو جو هلڻ ئي ڏکيو ٿي ويو ڪچي ۾ پارڪ ٺاهيو ويو هو جيڪو ٻڏي ويو.

اهي بند ڏسڻ ڪان پوءِ منهنجي ۽ جلال محمود شاهہ جي آبزرويشن اها هئي تہ سيڏا وارن تمام خراب حالتن واري بندن کي اڻٿڪ ڪوشش ۽ محنت سان مشينن ۽ ماڻهن جي مدد سان حيدرآباد وارن بندن کي ٽٽڻ ڪان بچايو ۽ انهن جي ڪاوش ۽ ڪوشش کي نہ ساراهڻ زيادتي ٿيندي. بندن تي هلندي مان ۽ جلال محمود شاهہ صاحب بندن تي خامين، بندوبستن ۽ اوڻاين ۽ بندن تي سوسائٽي جي ڏاڍائين ۽ ڪچي ۾ حد دخلين تي تبصرو ڪندا وياسين. مستقبل ۾ ٻوڏن کي منهن ڏيڻ لاءِ هيٺين ڳالهين تي ڌيان ڏيڻ ضروري سمجهيو ويو.

1. اهو سمجهڻ تہ بند سنڀالڻ رڳو آبپاشي کاتي جي ذميواري آهي، صحيح ناهي. جيستائين معاشرو سڄي جو سڄو انهيءَ ۾ شامل نہ ٿيندو بندن ۾ نقصان جو انديشو رهندو. جتي بہ لوڪل ماڻهن انهيءَ ڪوشش ۾ حصو

ورتو بند محفوظ رهيا. جتي ايئن نہ ڪيو ويو تہ اُتي نقصان ٿيا.

2. بندن تي ڪنهن بہ اڻتري ۽ اوچتي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ مشينن جي گهرج آهي، جيئن بندن تي مٽي چاڙهڻ، روڻ بند ڪرڻ، بلو آئوٽ لاءِ منگلي ٺاهي سگهجي، تنهن ڪري آبپاشي کاتي وارن وٽ جهجهي انگ ۾ مشينون هئڻ کپن.
3. ڪنهن بہ اوچتي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ آبپاشي کاتي وارن وٽ هنگامي پلان (Contingent Plan) هئڻ کپي، جيئن جيڪڏهن ڪنڌ پئجي وڃي تہ ڇا ڪرڻ کپي؟ جدا جدا جاين تي پاڻي کي ڪهڙو رستو ونرائڻ کپي تہ گهٽ ۾ گهٽ نقصان ٿئي. بئراج جي گنجائش کان وڌيڪ پاڻي اچي تہ ڇا ڪرڻ کپي وغيره...
4. بند تي ڪم ڪندڙ اسٽاف کي تربيت ڏيڻ کپي تہ مختلف صورتن ۾ ڪيئن بند کي بچائجي. اها ٽريننگ ٻوڏ اچڻ کان اڳ ۾ ڏجي. اپريل جي مهيني کان ئي بندن جي سار سنڀال ٿيڻ کپي.
5. بندن تي Specification ورجائڻ کپن. جنهن ۾ بند جي ويڪر، بيڪ برم جي ويڪر، فري بورڊ ۽ بين شين جي گهرج شامل ڪرڻ کپي.
6. ڪچي ۾ زميندارن بند ٺاهڻ تي بندش هجڻ کپي، ڇو جو اهي بند درياءَ جي پاڻي کي مين گيٽ کي لڳڻ کان روڪين ٿا، جنهن ڪري جڏهن اهي ٽٽن ٿا تہ مين بند کي اوچتي پاڻي لڳڻ ڪري اهي بہ ٽٽي پون ٿا، جنهن ڪري تمام گهڻو نقصان ٿئي ٿو.
7. بند تي نهيل اڏاوتون ڊاهڻ کپن ۽ نيون اڏاوتون ٺاهڻ تي پابندي هجڻ کپي، بلڪ جيڪو ٺاهي انهيءَ تي ڏنڊ وجهڻ کپي.
8. سکر بئراج تي بند وال اندر نهيل سڀ گهر ۽ اڏاوتون ڊاهڻ کپن تہ جيئن پاڻي جو رستو بلاڪ نہ ٿئي.

هي ڪجهہ تجويزون مٿيان بند ڏسڻ کان پوءِ ذهن ۾ آيون. بند خاص طرح آر-بي-او-ڊي وارا اجا ڏسڻا آهن. جيڪڏهن انهن کي ڏسڻ کان پوءِ ڪجهہ وڌيڪ تجويزون ذهن ۾ آيون تہ سنڌ وارن آڏو پيش ڪبيون.

(روزاني ڪاوش، سومر 5 سيپٽمبر 2010ع).

❁

سنڌ ۾ قدرتي آفت جي تباهڪاريءَ پٺيان غير قانوني فيڪٽرن جو ڪردار

نصير ميمڻ

ٽن چئن ضلعن کي ڇڏي ڪري سڄي سنڌ ٻوڏ جي گهيري ۾ آهي ۽ سنڌ ورهاڱي کان پوءِ واري تاريخ جي هڪ وڏي ڏونگهي دور مان گذري رهي آهي. ان ۾ ڪو به شڪ ناهي ته گذريل ڇهن ڏهاڪن دوران سنڌ ۾ جيڪا ايتري سيري ترقي ٿي آهي، اها ڇهن هفتن اندر ڏوبجي وئي آهي ۽ عملي طور سنڌ معاشي ۽ سماجي حوالي سان ڪيئي ڏهاڪا پٺتي ڌڪجي وئي آهي. مري ويلن ۽ بي گهر ٿيلن جو ماتم ته جاري رهندو پر ان سان گڏوگڏ انهن فيڪٽرز کي سمجهڻ به انتهائي ضروري آهي ته ڪهڙي طرح غلط رٿا بندي، ڪمزور حڪمراني، ادارتي زوال ۽ انتظامي نا اهلي هڪ قدرتي آفت کي انساني آفت ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. هي فيڪٽر سمجهڻ ان لاءِ به ضروري آهن ته جيئن سموري تباهه ڪاريءَ جو الزام رڳو قدرت جي کاتي ۾ وجهڻ بجاءِ ان پٺيان موجود انساني هٿن کي به سڃاڻي سگهجي. هن بحث جو ٻيو اهم رخ آهي هن بربادي کان پوءِ نئين سنڌ جي اڏاوت جو هن وقت جاري رليف ۽ انساني همدرديءَ واري ڪم سان گڏ ايندڙ مهينن ۽ سالن تي سوچ ويچار ڪرڻ پڻ نهايت اهم آهي. جولاءِ جي پڇاڙڪن ڏهاڙن کان شروع ٿيل ٻوڏ خيبر پختونخواهه ۽ سرائيڪي وسيب کي اجاڙيندي جڏهن سنڌ جي حدن ۾ داخل ٿي ته ان بابت شروعاتي چارڻ کي هفتو کن گذري چڪو هو ان

هفتي دوران سنڌ سرڪار جيتوڻيڪ ٻئراجن ۽ ٻنڌن جي تہ ڪجهہ نہ ڪجهہ سار سنڀال لڌي، پر ڪنهن ممڪنہ انساني الميي بابت شايد ئي ڪا تياري ڪئي وئي. ميڊيا ٻڌائي ٿي تہ ڪيترن ٻنڌن تي استون پچنگ جو ڪم بہ ان هفتي دوران ڪيو ٿي ويو جنهن مان آبپاشي کاتي جي تياريءَ جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. ڊڪڻ پنجاب ۾ ڪوهہ سليمان تان نئين واري ٻوڏ لهڻ کان اڳ ماهرن جو اندازو هئو تہ سکر ٻئراج وٽ اٺ لک ڪيوسڪ کن جو وهڪرو پهچندو، جيڪو ايترو سيريس مسئلو نہ هئو. قدرتي آفتن جي جيئن تہ مڪمل ۽ حتمي اڳڪٿي گهٽي ياڳي ممڪن ناهي هوندي، تنهن ڪري ان جي تياري "بدترين منظر نامي" هيٺ ڪئي ويندي آهي. سنڌ ۾ اها تياري البتہ بهترين منظر نامي هيٺ ڪئي وئي، اهو ئي ڪارڻ آهي جو ايڏي وڏي انساني الميي کي منهن ڏيڻ حڪومت لاءِ ممڪن نہ رهيو.

ٻوڏ جي انتظام ڪاري (Flood Management) هڪ الڳ سائنس آهي، جنهن ۾ ٻوڏ جي بهتر اڳڪٿي، سيٽلائيٽ نقشن وسيلي انساني آبادين جي نشاندهي ۽ انتهائي صورتحال ۾ هٽرادو ڪنڌ وجهڻ لاءِ مناسب ماڳن جي چونڊ ڪئي ويندي آهي. جديد سائنس ان سڄي عمل کي سياسي فيصلا بازيءَ بجاءِ هڪ فني مهارت ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي. اڄ ڪلهہ جي دور ۾ اهو سڀ ڪجهہ ڪرڻ ڪا راڪيٽ سائنس ناهي، ان قسم جي ٽيڪنالاجي هاڻي سهولت سان ميسر آهي. بدقسمتيءَ سان هن ٻوڏ کان اڳ ان قسم جي جاچ ۽ گهڻ رخي تياريءَ جا ڪي چٽا آثار نہ ٿا نظر اچن. اهو ئي سبب آهي جو هٽرادو ڪنڌ هڻڻ لاءِ فيصلا سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ بجاءِ سياست طئي ڪيا. نتيجي ۾ سڄي سنڌ ۾ هٽرادو گهارن وسيلي ۽ ٻين طاقتن سبب جيڪا ٻوڏ آئي، ان بابت گهڻو ڪري ماڻهن کي ڪو بہ اڳواٽ اطلاع نہ هئو ۽ لکن جي تعداد ۾ ماڻهو مشڪل سان جانيون بچائي گهرن مان نڪري سگهيا. آبپاشي کاتو جيڪو هاڻي هنر مند ۽ ايماندار آفيسرن کان لڳ ڀڳ وانجهو ٿي چڪو آهي، ان جي ڪمزور رٿا بندي ۽ ناقص فيصلي سازيءَ پڻ علائقا ٻوڙڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. ايئن سالن جي جاکوڙ کان پوءِ ماڻهن جا ٿهيل ايرا سيرا اجها ۽ مال ملڪيتون لڙهي وڃون ۽ هڪ رات وچ ۾

لڪن جي انگ ۾ ماڻهو بي يار و مددگار ٿي اجهن بجاءِ رستن تي بيٺل هئا، ۽ ڪين ڪو بہ پتو نہ هئو تہ سندن اڳين منزل ڪهڙي هوندي؟ فلڊ پلاننگ جيان ڊزاسٽر مينيجمينٽ بہ هڪ مڪمل سائنس آهي. تباهہ ڪاري اچڻ کان پوءِ واري انتظام ڪاريءَ جا چار اهم مرحلا هوندا آهن، يعني ريسڪيو (بچاءُ)، رليف (واهر)، ريهيبليٽيشن (بحالي) ۽ ڪنسٽرڪشن (نئين سر اڏاوت). انهن چئن مرحلن کي گڏائي ڊزاسٽر مينيجمينٽ چيو ويندو آهي. ريسڪيو توڙي رليف وارن پهرين ٻن مرحلن ۾ اهم ترين فيڪٽر وقتائتي ۽ ٺيڪ چارٽ جي فراهمي هوندي آهي. بدقسمتيءَ سان اهو بنيادي عنصر گهٽجي يا ڳي غائب رهيو. ڪنهن کي ڪو بہ پتو نہ ٿي پيو تہ هن آفت اچڻ کان پوءِ ماڻهن کي ڪيڏانهن وڃڻو آهي ۽ ڪيئن پهچڻو آهي؟ اهو ئي ڪارڻ آهي جو غوث پور بند کي ڪنڊ هڻڻ کان پوءِ صوبائي ڊزاسٽر مينيجمينٽ اٿارٽي پاران جاري ڪيل ابتدائي رپورٽ ۾ ڄاڻايو ويو تہ سکر - جيڪب آباد روڊ تي هزارين ماڻهو بنا ڇت جي ويٺل آهن. اهڙو ئي منظر سڄاول ٻڏڻ کان اڳ ۽ پوءِ ٺٽي ضلعي ۾ نظر آيو. ڪجهہ ڏينهن گذرڻ کان پوءِ ڪيمپون ۽ خاص ريل گاڏيون نظر آيون، پر تيستائين آفت سٽيل لکين ماڻهو هڪ بدترين لاوارثيءَ مان بڪ ۾ بدحاليءَ جو مرحلو اُڪري چڪا هئا. ٽي - وي اسڪرين تي انهن بي گهر ٿيل ماڻهن جا انٽرويوز ٻڌي صاف اندازو ٿي رهيو هو تہ حڪومت ۽ حڪمراني نالي جي ڪا بہ شيءِ سندن پاسي کان نہ گذري هئي. ان ۾ ڪو بہ شڪ ناهي تہ تباهہ ڪاريءَ جو اسڪيل تمام وڏو آهي، پر تنهن هوندي بہ جيتريون شيون حڪومتن جي وس ۾ هونديون آهن، اهي بہ نظر نہ ٿي آيون. مثال طور متاثرين کي پاڻيءَ مان نڪرڻ کان پوءِ محفوظ ماڳن تائين پهچائڻ لاءِ ٽرانسپورٽ جو ڪو بہ جوڳو انتظام نظر نہ ٿي آيو. سر بچائي نڪتل ماڻهن کي پبلڪ ٽرانسپورٽ جا غير انساني مالڪ جيئن ٻنهي هٿن سان لٽي رهيا آهن، ان جو حڪومت وٽ ڪو بہ حل ناهي. جيڪڏهن چونڊن ۽ اهم سياسي جلسن وقت هفتو اڳ کان حڪومت روڊن تي چرندڙ پرندڙ هر گاڏيءَ کي سرڪاري تحويل ۾ وٺي سرڪاري ڊيوٽين تي لڳائي ڇڏيندي آهي تہ پوءِ هن غير معمولي آفت دوران ٽرانسپورٽ

ڪنٽرول هيٺ آڻي متاثرين جي واهر لاءِ ڇو نہ استعمال ٿي سگهي؟ ٻوڏ سٽيل علائقن ۾ ڏيڍ سئو کان ٻہ سئو روپيہ ليٽر پيٽرول وڪامجندو رهيو پر حڪومت جو ان تي ڪو بہ ڪنٽرول نظر نہ آيو. حڪومت نهايت آسانيءَ سان پي. ايس. او جي معرفت پيٽرول ۽ ڊيزل جي سپلاءِ تي ڪنٽرول ڪري سگهي ٿي، پر ان قسم جي آپشنز کي ڪنهن شايد ويچار هيٺ ئي نہ آندو. جن ضلعن ۾ ڊي. سي. اوز ۾ ڪجهہ اهليت يا ڪمٽمينٽ هئي، انهن پنهنجي طور تي سرڪاري ۽ غير سرڪاري وسيلا ڪٽب آڻي ماڻهن جي واهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ظاهر آهي تہ لکن جي انگ ۾ بي گهر ٿيل ماڻهن جي واهر ڪرڻ ڪو چرچو ناهي. حڪومت طرفان ٻوڏ متاثرن جي واهر لاءِ اعلانيل 10 ارب روپيہ اعلان ڪئي ڏهاڙا گذرڻ کان پوءِ بہ ضلعن تائين نہ پهتا هئا ۽ ضلعي حڪومتون مختلف مدن ۾ رکيل رقمن ۽ اوڌرن تي ڪم هلائينديون رهيون. حڪومت وٽ ايمرجنسي ۾ بروقت رقمون پهچائڻ جو بہ ڪو فعال نظام نظر نہ آيو.

در حقيقت تباهہ ڪاريءَ جي تياري تباهہ ڪاريءَ کان اڳ ڪئي ويندي آهي، نہ ڪي بربادي ٿيڻ کان پوءِ ان مقصد لاءِ ملڪ ۾ 2005ع جي زلزلي کان پوءِ نيشنل ڊزاسٽر مينيجمينٽ اٿارٽي، پراونشل ڊزاسٽر مينيجمينٽ اٿارٽيز ۽ ڊسٽرڪٽ ڊزاسٽر مينيجمينٽ اٿارٽيز قائم ڪيون ويون آهن، پر انهن جي ادارتي حالت ڪا خاص بهتر نہ آهي. قومي سطح جي جڙيل اٿارٽيءَ جو ڪم گهڻو ٿڙو رابطي وارو آهي. باقي اصل ڪم صوبائي ۽ ضلعي اٿارٽيز جو هوندو آهي. بدقسمتيءَ سان صوبائي ۽ ضلعي سطح تي اُهي اٿارٽيز آفتن بابت فني مهارت رکندڙ ماهرن بجاءِ سول بيورو ڪريسي جي حوالي آهن، جيڪي ٿوري گهڻي انتظامي پيچ ڊڪ جا تہ شايد ماهر هجن، پر آفتن واري صورتحال کي منهن ڏيڻ ۽ انهن حالتن جي انتظام ڪاري سندن تربيت يا مهارت جو حصو ناهي. اهو ئي سبب آهي جو انهن اٿارٽيز وٽ ٻوڏجي آفت کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪا بہ اڳواٽ رٿا بندي يا وسيلا موجود نہ هئا ۽ ڦري گهري زميني ۽ آبي فوج کي ٻيڙيون ۽ هيليڪاپٽر آڻي ٻوڏ ۾ ڦاٿل ماڻهن جي ريسڪيو جو ڪم ڪرڻو پيو. ڊزاسٽر مينيجمينٽ

اثار تيز رڳو نالي ماتر ادارا بڻيل آهن، جن وٽ گهربل انتظامي اختيار مالي ۽ انساني وسيلن، چاڻ ۽ تربيت جي سخت اڻاٺ آهي. ان صورتحال ۾ انهن ادارن اندر جيڪڏهن ڪي چار چڱا آفيسر موجود به هوندا ته اهي به ڪو نتيجو ڏئي نه سگهندا.

حڪومت نه رڳو سرڪاري ادارن ۾ اهليت ۽ ڪمٽمينٽ جي اڻاٺ سبب هن انساني الميي کي منهن نه ڏئي سگهي. پر ساڳي وقت ان جو سياسي ڍانچو به ڪو فعال ڪردار ادا ڪندي نظر نه آيو. صوبي ۽ ملڪ جي وڏي ۾ وڏي پارٽي جنهن کي انهن تباهه حال علائقن جا ماڻهو چئن ڏهاڪن کان ووٽ ڏيندا رهن ٿا، ان جا لکين ورڪر ڪنهن منظم شڪل ۾ متحرڪ نظر نه آيا. اهي سڀ ماڻهو جيڪي چوندا مهم وقت ڳوٺ ڳوٺ جي هر گهر ۽ گهٽيءَ تائين پهچي ويندا آهن، اهي سواءِ انفرادي چرپر جي ڪنهن وڏي هلچل جي شڪل ۾ ڪجهه ڪندي نظر نه آيا. جيئو ٽيڪ سياسي ڌريون ڪنهن منظم طريقي سان متحرڪ نه ٿي سگهيون. پر تنهن هوندي به سڄي سنڌ ۾ سياسي ورڪرن، سماجي تنظيمن ۽ شهرين پاران ٻوڏ ستايلن جي واهر لاءِ ڪيل اڳڀرايون نهايت قدر لائق نظر آيون. ٻوڏ دوران پڪي جي علائقن مان ٿيل لڏپلاڻ ته بندن کي لڳل ڪنڊن سبب ٿي، پر ڪچي وارن علائقن مان هڪ اندازي موجب لڳ ڀڳ 20 لک ماڻهو بي گهر ٿيا آهن. اصولي طور تي ڏسجي ته ڪچي جو علائقو دريائي ٻوڏ جي پٽيءَ لاءِ وقف هوندو آهي ۽ ماضيءَ ۾ اُتي محدود آبادي هوندي هئي، آبڪلاٽي ڪچي جي ماڻهن لاءِ سرهائي ڪٽي ايندي هئي، جو ته ان کان پنيان ڪچي ۾ زراعت، چوپائي مال، ماهيگيري ۽ ٻيلن مان ٿيندڙ اُپت ۾ واڌ ايندي هئي، جيئن جيئن سنڌ اندر دريائي چاڙهه جو زمانو ختم ٿيندو ويو ۽ ٻهراڙين جي معيشت ڪمزور ٿي ته ڪچي ۾ آباديءَ جو اضافو ايندو ويو ۽ اتي پڪي جيان ڳوٺ ٻڌجڻ لڳا. هن ڀيري جڏهن ٻوڏ جي اڳڪٿي ٿي ۽ ڪجهه علائقن ۾ سرڪاري مشينري ڪچي ۾ ماڻهن کي علائقا خالي ڪرڻ جو چيو ته انهن تيستائين نڪرڻ کان انڪار ٿي ڪيو جيستائين نوبت ٻيڙين تي نڪرڻ جهڙي نه ٿي.

تربيلا ڊيم ٺاهڻ کان اڳ سنڌ جي ڪچي ۾ ٽي لک ڪيوسڪ تائين جي ٻوڏ لڳ ڀڳ هر سال ايندي هئي. جڏهن ته پنج لک ڪيوسڪ جي وچولي ٻوڏ هر ڏهن مان ستن سالن لاءِ ايندي هئي، اهو ئي سبب آهي جو ڪچي ۾ ٻوڏ وهڪري وارن پيچرن ۾ مستقل انساني آبادين جو رواج نه هوندو هيو. سنڌوءَ مٿان ڊيم ۽ بئراج ٺهڻ کان پوءِ ننڍي توڙي وچولي ٻوڏ جي ورجاءَ وارن سالن جي وٿي وڌندي وئي ۽ بچاءُ بندن جي وچ ۾ هڪ مخصوص وهڪري واري پٽيءَ کي ڇڏي باقي وسيع ايراضي مستقل طور پاڻيءَ کان وانجهي ٿي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ ڪچي جو علائقو انساني آباديءَ جي لحاظ کان عملي طور پڪي ۾ تبديل ٿيندو ويو. ڪشمور کان ڊيلٽا تائين بچاءُ بندن جي وچ ۾ موجود لڳ ڀڳ 21 لک ايڪڙ ايراضيءَ مان ڇهه لک ايڪڙن جي لڳ ڀڳ ايراضي سنڌوءَ جو خالي ڪيل پيٽ آهي. گذريل ٽن چئن ڏهاڪن دوران ان ايراضي تي انساني آباديءَ جي والار ٿي آهي، ڀيلا ڪٽي آبادي ۽ پوکي ڪرڻ وارا انگ اکر اڃا الڳ آهن. هن ٻوڏ جي دوران جڏهن انهن علائقن ۾ ماڻهن کي گهر خالي ڪرڻ جو چتاءُ ڏنو ويو ته هو اها ڳالهه مڃڻ لاءِ تيار ئي نه هئا ته اتي ڪا ٻوڏ به اچي سگهي ٿي. ٻيو ته اڪثر ماڻهن کي اهو به ڀروسو نه هئو ته سرڪار جي چوڻ تي علائقا خالي ڪرڻ کان پوءِ سرڪار کين ڪو عزت ڀريو ٺڪاڻو فراهم ڪري سگهندي. ساڳئي طرح سنڌ مٿان راڄ ڪندڙ بد امنيءَ جي راڪاس سبب کين اها به ڳڻتي هئي ته سندن پنيان گهرن ۾ مال متاع جو ذمو ڪير کڻندو. پاڻيءَ ۾ چاڙهه اچڻ کان پوءِ آخري وقت تي گهر خالي ڪندڙ انهن لکين ماڻهن کي سنڀالڻ خود هڪ وڏو چئلينج هئو جنهن کي اڪيلي سر حڪومتي مشينري لاءِ سنڀالڻ ممڪن نه هئو. بهرحال ان سڄي ٽريجڊيءَ کان پوءِ هاڻي اهم ترين مرحلو متاثرن جي بحاليءَ جو آهي. هن وقت اڃا علائقا ٻوڏ هيٺ آهن ۽ ماڻهن جو سمورو ڌيان رليف ڏانهن آهي. جيئن جيئن ٻوڏ جو پاڻي لهندو ۽ چوماسي جون برساتون بند ٿينديون ته پوءِ انهن لکين ماڻهن جي بحاليءَ جو ڀوائتو سوال ڪر کڻندو. سون جي تعداد ۾ ڳوٺ پاڻيءَ هيٺ آيل آهن، جن جي بحالي ڪو آسان ڪم ناهي. بحاليءَ جو مقصد ماڻهن جا گهر، ڪاروبار، زراعت، مال مويشي ۽ ڀڃ ڊاهه جو انفرا اسٽرڪچر بحال

ڪرڻ آهي. ٻوڏ سٽيل علائقن جو انفرا اسٽرڪچر ته هونءَ به بربادي واري حال ۾ هئو هاڻي ته اهو مڪمل طور تباهه ٿي چڪو آهي. گذريل سٺ سالن دوران انهن علائقن ۾ شرم ڪان ڪنڊ جهڪائيندڙ ترقي مس ٿي هئي، جيڪا هاڻي مڪمل طور لڙهي چڪي آهن. انهن سوين ڳوٺن مان بي گهر ٿيل لکين ماڻهن جي گهڻائيءَ جو گذر سفر، زراعت، چوپائي مال ۽ ننڍين ڪاروبارن تي هئو انهن جي يڪدم بحالي تمام ڏکيو ڪم آهي. سرڪار جا وسيلا سيني کي سُڃهن ٿا، جيڪڏهن ٻاهرين ملڪن مان ڪا امداد اچي به وڃي ته سرڪاري مشينري انتهائي حدن کي ڇهندڙ ڪرپشن ۾ ٻي حسي، ٻوڏ متاثرن تائين امداد جو ڪيترو لاڀ پهچڻ ڏيندي، ان جو اندازو به سڀ ڪو لڳائي سگهي ٿو ميڊيا ۾ اهو رپورٽ ٿي چڪي آهي ته مالي واهر ڪندڙ عالمي ادارا سرڪاري مشينريءَ وسيلي امداد ڏيڻ ۾ نا خوش آهن. سنڌ حڪومت به ساڳ جي اهڙي ئي بحران جو شڪار آهي ۽ جنهن قسم جي گورننس موجود آهي، ان ۾ بحاليءَ واري امداد جي پٺيان جيڪي مفادن جا ٽڪراءُ ٿيندا، اهي خود هڪ وڏو ڊزاسٽر ثابت ٿي سگهن ٿا. جيڪڏهن بحاليءَ وارو ڪم شفاف طريقي سان مڪمل رٿا بنديءَ هيٺ نه ٿيو ته سنڌ جي ٻهراڙين ۾ هڪ ٻيو سماجي ڊزاسٽر جنم وٺي سگهي ٿي، جنهن جو نتيجو خطرناڪ بد امنيءَ ۽ غربت جي نتيجي ۾ سامهون اچي سگهي ٿو. ان معاملي ۾ سنڌ سرڪار کي هڪ وڏي چئلينج کي منهن ڏيڻو پوندو ته ٻوڏ متاثرن جا درست انگ اکر ڳڻا ڪري ۽ ٻوڏ جي نقصانن جو صحيح ڪاٿو لڳائي. بد قسمتيءَ سان ٻوڏ جي نقصانن جي انگ اکرن ۾ سنڌ سرڪار کي جيترو سجاڳ رهڻ گهرجي ها، ان جون نشانيون گهٽ نظر اچن ٿيون. مثال طور وفاقي حڪومت جي اداري فيڊرل فلڊ ڪميشن طرفان ٻوڏ متاثرن جي جاري ڪيل انگن اکرن ۾ چٽي هيرا ڦيريءَ جي باوجود سنڌ سرڪار ان تي ڪو جوڳو ردِ عمل نه ڏيکاريو آهي. 20 آگسٽ تي فيڊرل فلڊ ڪميشن ٻوڏ متاثرن جي انگن اکرن ۾ پنجاب صوبي اندر متاثرن جو انگ 19 لک ڄاڻايو آهي، جڏهن ته 2 سيپٽمبر جي رپورٽ ۾ اهو تعداد حيرت انگيز طور 80 لک ٻڌايو ويو آهي. جيئن ته ان دوران سموري تباهي سنڌ صوبي اندر ٿي رهي هئي. بدقسمتيءَ سان سنڌ حڪومت جو هينئر تائين ڪو به باقاعدي ردِ

عمل ان تي سامهون نہ آيو آهي. ساڳئي طرح سنڌ جو وڏو وزير، جنهن ڏينهن سنڌ اندر متاثرن جو انگ 70 لک ٻڌائي رهيو هو ساڳي ڏينهن صوبائي ڊزاسٽر مينيجمينٽ اٿارٽيءَ جي رپورٽ ۾ اهو انگ 47 لک ٻڌايو ويو. انگن اکرن ۾ ايڏي وڇوٽي ملڪي توڙي بين الاقوامي امداد جي معاملي ۾ سنڌ کي نقصان پهچائي سگهي ٿي. سنڌ سرڪار کي گهرجي تہ ٻوڏ متاثرن جي بحاليءَ لاءِ جامع رٿا بنديءَ جو ڪم بہ هنگامي بنيادن تي شروع ڪري ۽ ان ڪم لاءِ رڳو سرڪاري مشينريءَ تي ڀاڙڻ بدران سول سوسائٽي جي ساڪائتن فردن ۽ ادارن کي گڏ ڪٽي ڪو اهڙو مڪينزم جوڙي، جنهن سان سنڌ جي ماڻهن ۾ اهو يقين پيدا ٿئي تہ بحاليءَ وارو ڪم شفاف طريقي سان ٿيندو. اهو ذهن ۾ رکڻ گهرجي تہ لکين ماڻهن جي بحالي مهينن نہ، پر سالن جو ڪم آهي. ساڳئي طرح ٻوڏ سٽيل علائقن ۾ انفرا اسٽرڪچر جي بحالي بہ هڪ ڊگهو پراسيس آهي. ان مرحلي کي حڪومت اڪيلي سر منهن نہ ڏئي سگهندي ۽ خدشو آهي تہ ٻوڏ سٽيل علائقا ٻوڏ لهڻ کان پوءِ هڪ نئين سماجي بحران کي منهن ڏيندا، خاص طور تي فصل تباهہ ٿيڻ سبب ڪجهہ عرصي اندر خوراڪ جو بحران بہ ڪر کڻي سگهي ٿو جنهن سان مهانگائي ۽ بد امنيءَ جي پوائٽي لهر ڪر کڻي سگهي ٿي.

اهم ترين ڳالهہ اها آهي تہ هن هيڏي وڏي سانحي مان سنڌ سرڪار ڇا پرائيندي؟ هڪ ڳالهہ ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ موسمياتي تبديلين جي ڪري هيءَ خطو ايندڙ سالن ۾ طرح طرح جي قدرتي آفتن کي منهن ڏئي سگهي ٿو. غير معمولي سوڪهڙو، غير معمولي چوماسو ۽ گليشيئرن جو ڳرڻ هن خطي بابت ايندڙ خطرن جي علامت آهن. ساڳئي طرح ڏاڪٽي سنڌ جي ساحلي پٽيءَ تي سامونڊي طوفانن جي شدت ۾ اضافي جون پڻ اڳڪٿيون آهن. سنڌ سرڪار کي گهرجي تہ سنڌ اندر ڊزاسٽر مينيجمينٽ جي ڪم کي بهتر اداراتي شڪل ڏيڻ لاءِ ڪا منظم حڪمت عملي جوڙي، جنهن ۾ سماج جي مختلف شعبن جي ماهرن کي شامل ڪري ايندڙ سالن ۾ هر قسم جي آفتن کي منهن ڏيڻ لاءِ ڊزاسٽر مينيجمينٽ جو ڪو ماسٽر پلان جوڙي. اهو ڪم آفتن اچڻ کان پوءِ نہ، پر اڳي ڪرڻ جي ضرورت آهي.

(روزاني ڪاوش، خميس، 9 سيپٽمبر 2010ع)

ٻوڏ ستيلن جي بحاليءَ جو اڻانگو سفر

نصير ميمڻ

سنڌ ۾ مهينو گذرڻ جي باوجود ٻوڏ ڪٽڻ جو نالو ئي نہ ٿي وٺي. آگسٽ جي شروعات ۾ توڙي بند ڪي لڳل / هنيل گهارو ڪنهن راڪاس جيان سنڌوءَ جي ساڄي ڪپ وارن ضلعن کي ڳڙڪائي رهيو آهي. سکر، ڪشمور، جيڪب آباد، شڪارپور ۽ قمبر - شهداد ڪوٽ کان پوءِ هاڻي ٻوڏ جو بدروح دادو ضلعي ۾ ڪاهي پيو آهي. ٻئي طرف ڪراچيءَ کي ڇڏي باقي سنڌ جي ذري گهٽ اڌ آبادي بي گهر بڻيل آهي ۽ سنڌ جو عوام ٻوڏ جي بربادي‌ءَ سان گڏوگڏ هڪ احساساتي ۽ نفسياتي صدمي جو شڪار پڻ بڻيل آهي. سرڪار ۽ سول سوسائٽي جا ادارا ۽ فرد جنهن همت سان هن صورتحال کي ڪنهن حد تائين سنڀالي رهيا آهن، اها غير معمولي ڳالهہ آهي. رليف يعني واهر وارو هي مرحلو ٻوڏ ستايلن جي ايڏي وڏي انگ کي اجهو، کاڌو ۽ صحت جون سهولتون فراهم ڪرڻ غير معمولي همت ۽ وسيلن جو گهرجائو آهي. تمام گهڻين ڪمزورين ۽ ڪوتاهين جي باوجود سنڌ جي ماڻهن مجموعي طور امتحان ۽ آزمائش جي هنن ڏکين لمحن جو هڪ زندهہ قوم جيان مقابلو ڪيو آهي، جنهن سان سنڌي سماج جي اندروني سگهہ بابت ڪيئي اُتساهيندڙ تصور پڻ جنم وٺي رهيا آهن. ورهاڱي کان پوءِ سنڌي قوم هن نوعيت جي ڏونڌاڙ کي پهريون ڀيرو منهن ڏئي رهي آهي ۽ اجتماعي آزمائش اجا تائين ان جي گڏيل حوصلي کان آڻ نہ ميڄائي سگهي آهي. ان دعويٰ جي دليل ۾ ننڍا وڏا سوين مثال ڏئي سگهجن ٿا، پر رڳو هڪ جوهيءَ جي شهرين جو حوالو ئي ان لاءِ ڪافي آهي، جتي

شهرين نہ رڳو شهر کي بچائڻ لاءِ سمورا آسرا پلي پاڻ اڳيرائي ڪئي آهي، پر نيم بدحواسيءَ واري انتظامي ماحول ۾ شهر اندر ڪا ذري جيتري بہ انارڪي نہ پکڙجي سگهي. رليف بهرحال هڪ عارضي مرحلو آهي، جيڪو ڪنهن نہ ڪنهن ريت گذري ويندو. پر اصل ڳنڀير سوال متاثرين جي بحاليءَ جو آهي. سنڌ اندر وڏي وزير چواڻي 16 ضلعا متاثر ٿيا آهن، جن مان 8 شديد متاثر آهن. جن باقي ضلعن ۾ ٻوڏ هاڃا نہ ڪيا آهن، اُتي ٻوڏ سٽيلن جو هڪ تمام وڏو انگ پهتل آهي، جنهن ڪري زندگيءَ جو ڪاروهنوار اتي بہ رواجي ناهي. ايئن مجموعي طور ڏسجي تہ سڄي سنڌ ٻوڏ جي اثر هيٺ آهي. اجا متاثر علائقن مان ٻوڏ جو پاڻي ناهي نڪري سگهيو تنهن ڪري هڪ ڪروڙ جي لڳ ڀڳ ماڻهو ٻوڏ ۾ لڙهي ويل زندگيءَ جي بحاليءَ واري اوکي سفر جي شروعات ناهن ڪري سگهيا. گڏيل مفادن واري ڪائونسل ٻوڏ ستايلن کي گهر اڏڻ لاءِ لک روپيا في گهر ڏيڻ جو اعلان ڪيو آهي. هونءَ تہ ان رقم مان اڄ جي دور ۾ ڍنڍل گهرن جو ملبو هٽائڻ بہ مشڪل آهي ۽ اڃان اهو بہ پتو ناهي تہ اهي پئسا حقدارن تائين ڪيئن پهچندا ۽ ان رقم اندر هٽرادو گهارا نہ لڳڻ کي ڪيئن يقيني بڻايو ويندو؟ پر هڪ ڳالهہ سمجهڻ گهرجي تہ متاثرن جي بحالي رڳو هڪ لک روپيا ڏيڻ سان نہ ٿي ويندي، ٻوڏ سٽيل علائقن جي مڪمل بحالي هڪ ڊگهو منجهيل ۽ اوکو ڪم آهي، جنهن ۾ هيٺيان مرحلا اهم آهن:

بحاليءَ جي جامع رٿا بندي:

هي سڀ کان اهم ۽ ترت شروع ڪرڻ وارو ڪم آهي، جنهن ۾ ڪا بہ دير نہ ڪرڻ گهرجي. رٿا بنديءَ جي مرحلي ۾ حڪومت کي سڀ کان پهرين متاثر علائقن جي مختلف نقصانن جا تفصيلي انگ اکر ڪٺا ڪرڻا پوندا ۽ ان لاءِ مختلف شعبن جهڙوڪ ڪميونيڪيشن، ريلوين آبپاشي، صحت، تعليم، زراعت، چوپائي مال، ڪاروبار ٽائون پلاننگ وغيره جي شعبن تي ٻڌل هڪ ٽيم هجڻ گهرجي، جيڪا سيٽلائيٽ نقشن وسيلي نقصانن جو ڪاٿو لڳائي سگهي. رٿا بنديءَ کي خامين کان آجو ۽ قبولڻ جوڳو بڻائڻ لاءِ

بهتر اهو ٿيندو ته ان ڪم ۾ سرڪاري ادارن کان سواءِ ضلعي سطح تي بهتر ساک رکندڙ غير سرڪاري ادارن، چونڊيل عيوضين ۽ فردن کي به شامل ڪيو وڃي. نقصانن جو درست ڪاٿو بحاليءَ جي بهتر رٿا بنديءَ جا بنياد رکندو. ساڳئي طرح انفرادي سطح تي ماڻهن جي ذاتي ملڪيتن ۽ گذر سفر جي وسيلن جي نقصانن جو به ڪاٿو لڳائڻو پوندو ته جيئن متاثر ڪٽنبن جي سماجي ۽ معاشي بحاليءَ لاءِ ڊگهي مدي واري رٿا بندي ڪري سگهجي. ان لحاظ کان حڪومت کي ننڍي، وچولي ۽ ڊگهي مدي وارا پلان تيار ڪرڻا پوندا، جن جي عمل درآمد ۽ ان جي نگراني لاءِ ادارتي ڍانچو ٺاهڻو پوندو، جيئن ٻوڏ متاثر بحاليءَ جي مرحلي تي سرڪاري دفترن ۽ وڏيرن جي اوطاقن جا ڌڪا نه کائيندا رهن. ڪروڙ جي لڳ ڀڳ ماڻهن جي بحاليءَ وارو ڪم جيڪڏهن شفاف ۽ انصاف جي آڌار تي نه ٿيو ته ان جا سياسي ۽ سماجي اثر ٻوڏ کان به خراب ثابت ٿي سگهن ٿا. بحاليءَ واري رٿابنديءَ دوران ٿيل نقصانن جي ڪٿ ڪرڻ لاءِ انهن کي هيٺين ڪيٽيگريز ۾ ورهائڻ گهرجي.

- ٻوڏ کان بچاءَ ۽ آبپاشي وارو ڍانچو جهڙوڪ بچاءُ بند، ريگيوليٽر، شاخون، واهن جا ڪپر، رنگ بند وغيره. فلڊ مينيجمينٽ پلان بابت الڳ مضمون ۾ تفصيلي بحث ڪنداسين.
- انفرادي ملڪيتون ۽ گذر سفر جا وسيلا جهڙوڪ گهر، دڪان، ٻنيون، چوپايو مال، وٿاڻ، گاڏيون، ڪاروباري مرڪز ۽ اوزار، مڇيءَ جا تلاءَ، فصل، گودام وغيره.
- شهري ڍانچو جهڙوڪ گهٽيون، پارڪ، اسٽريٽ لائيٽس، صحت ۽ تعليم جا مرڪز سرڪاري آفيسون، بس اڏا، ريلوي اسٽيشنون، بينڪون، پوسٽ آفيسون، ٿاڻا، ڪورٽون وغيره.

انهن مڪيه ڪيٽيگريز هيٺ نقصانن جي ڪاٿي کان پوءِ بحاليءَ جي مڪمل رٿا بنديءَ ڪئي وڃي. ان ۾ ڪجهه ڪم فوري نوعيت جا هوندا ته جيئن زندگيءَ ڏانهن واپسيءَ جو سفر شروع ٿي سگهي. ڪجهه ڪم وچولي مدي وارا هوندا، جيڪي سال ڏيڍ اندر ڪرڻا پوندا ته جيئن اجتماعي

ضرورتن جو پورائو ٿي سگهي ۽ ڪجهه ڪم ڊگهي مدي وارا هوندا تہ جيئن علائقن جي ترقيءَ جو رڪجي ويل ڦيٿو نئين سر روان ٿي سگهي. نائين سيپٽمبر تائين پراونشل ڊزاسٽر مينيجمينٽ اٿارٽي سنڌ پاران جاري ڪيل انگن اکرن موجب سنڌ اندر ساڍا ست هزار ڳوٺ متاثر ٿيا آهن، 72 لک ماڻهو متاثر ٿيا آهن، 72 لک ايڪڙ ايراضي متاثر ٿي آهي، جنهن ۾ لڳ ڀڳ 26 لک ايڪڙ پوکيءَ هيٺ زمين شامل آهي. ساڳئي طرح 2 لک 63 هزار ڍور بہ ضايع ٿيا آهن. اِسپتالن، اسڪولن، روڊن، رستن ۽ ڪاروبارن جا انگ اکر اڃا سامهون نہ آيا آهن. ان پئماني جي بحالي ڪيڏو ڊگهو ۽ اوکو ڪم آهي، ان جو اندازو هر ڪوئي لڳائي سگهي ٿو. بحاليءَ واري ان ڪم ۾ عام شهرين کي پيرن تي کڙيءَ ريت بيهاري سگهجي ٿو ۽ ان لاءِ کهڙا اُپاءَ تڪڙن بنيادن تي وٺڻ جي ضرورت آهي، ان لاءِ ڪجهہ رٿون هيٺ ڏجن ٿيون.

- ٻوڏ متاثر علائقن ۾ ماڻهن جي بحالي ٿن کان پنجن سالن جو ڪم آهي. ان ڪم جي سائنسي بنيادن تي رٿا بندي، عمل درآمد ۾ نظر داري لاءِ سنڌ سرڪار کي فلڊ ريهيبليٽيشن اٿارٽي جهڙو ڪو وادارو قائم ڪري ان جو انتظامي ڍانچو جوڙڻ گهرجي.
- ٻوڏ سٽيل علائقن ۾ ٿيل نقصانن لاءِ ٻوڏ کان اڳ ۽ پوءِ وارن سيٽلائيٽ نقشن وسيلي انهن جو ڪاٿو لڳائي اثرائتي رٿا بندي ڪئي وڃي. اهو ڪم سائنسي بنيادن تي ڪرڻ گهرجي ۽ ان کي ٺيڪيدارن جي رحم و ڪرم تي نہ ڇڏڻ گهرجي.
- شهري ۽ نيم شهري يا ڪچي وارن علائقن ۾ عوامي بحاليءَ جي ڪم جي شروعات جو پهريون اهم ڏاڪو ڪميونيڪيشن نظام جي بحالي آهي. جن علائقن ۾ اونهون پاڻي بيٺل آهي، اتان فوري طور تي پاڻي نيڪال ڪري علائقن ۾ اچ وڃ جي نظام کي بحال ڪيو وڃي. ان سان گڏ ٽٽل رستن، پلين ۽ شاخن جي مورين کي فوري طور تي مرمت ڪري اچ وڃ جهڙو بڻائڻ جي ضرورت پوندي تہ جيئن ماڻهو پنهنجي گهرن ڏانهن واپسي ممڪن بڻائي سگهن.

- ٻوڏ جي ڏهاڙن ۾ سرڪار جي اڳواٽ تياري نه هجڻ سبب ٽرانسپورٽر ۽ پيٽرول پمپن وارن ٻوڏ ستايلن جي جسم تي باقي بچيل کل به ياڙن وسيلي لاٿي هئي. حڪومت کي گهرجي ته ٻوڏ ستايلن جي واپسيءَ لاءِ ٽرانسپورٽ جو اڳواٽ مناسب انتظام ڪري.
- شهرن ۽ ڳوٺن ڏانهن واپسيءَ کان پوءِ ماڻهن جي پهرين ضرورت روزگار ۽ اجهن جي بحالي هوندي. جيئن ته زرعي معيشت وارن هنن علائقن ۾ ماڻهن جا فصل ۽ ڍور ڍڳا ختم ٿي چڪا آهن، تنهن ڪري اهي ايندڙ ڇهن کان ٻارهن مهينن تائين هو معاشي محتاجي ۽ مفلسيءَ واري حال ۾ هوندا. نيم شهري ڪاروبار به اڻ سڌي طرح زراعت سان واڳيل آهن، تنهن ڪري عملي طور انهن بدحال علائقن ۾ بيروزگاريءَ وارو ماحول هوندو. حڪومت کي گهرجي ته سخت متاثر ٿيل علائقن ۾ رهواسين کي ڇهن مهينن لاءِ گهٽ ۾ گهٽ راشن سرڪاري خرچ تي فراهم ڪري ته جيئن ماڻهو اتي جي ڳٽتيءَ کان آجا ٿي زندگيءَ جي بحاليءَ لاءِ هٿ پير هڻڻ جي قابل ٿي سگهن. هن کان اڳ خيبر پختونخواهه ۾ دهشت گردي خلاف جنگ جي متاثرين کي به حڪومت فوڊ ٽوڪن جي سهولت وسيلي ساڳي سهولت فراهم ڪندي رهي آهي، تنهن ڪري اهو سنڌ ۾ به ڪرڻ ممڪن آهي.
- متاثر علائقن بابت 9 سيپٽمبر تائين پي - ڊي - ايم - اي سنڌ طرفان سامهون آيل انگن اکرن موجب 11 لک گهر مڪمل ۽ جزوي طور متاثر ٿيا آهن. ٻيا ڪاروبار جهڙوڪ دڪان، ڪيبنون ۽ بازارون ان کان الڳ آهن. متاثرين جي واپسيءَ کان پوءِ وڏي پيماني تي نئين سِر اڏاوت جو ڪم شروع ٿي ويندو ان ڏس ۾ به ڪم ڪرڻ جي گهرج آهي. زلزلي متاثر علائقن ۾ جڏهن نئين سر اڏاوت شروع ٿي هئي ته حڪومت هڪ اداري "ايرا (E.R.R.A)" وسيلي اڏاوتن لاءِ نئون ڪوڊ متعارف ڪرايو هيو ته جيئن انهن علائقن ۾ ٻيهر زلزلو اچي ته نيون اڏاوتون ان کان محفوظ رهن. هاڻي به ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته سنڌ اندر فلڊ ريهيبليٽيشن اٿارٽي سنڌ جي مختلف علائقن لاءِ اهڙو

اڏاوتي ڪوڊ تيار ڪري، جنهن سان پيهر تعمير ٿيندڙ وستين ۾ اڏاوتون مستقبل ۾ ٻوڏ جي اثرن کان محفوظ رهي سگهن يا گهٽ ۾ گهٽ متاثر ٿين. اهو ڪوڊ مقامي ماحولياتي جتاءُ داريءَ کي مدِ نظر رکي تيار ڪيو وڃي ۽ ان نئين اڏاوت کي ٽائون پلاننگ جي اصولن آڌار ڪيو وڃي. اهو ڪم ناممڪن ناهي، پر تيز رفتاري، بهتر انتظام ڪاري، سياسي عدم مداخلت ۽ سياسي توجهه جو گهرجائو آهي. ساڳئي طرح نئين اڏاوتن کي انرجي ايفيشنٽ پڻ بڻائڻ جو هي هڪ بهترين موقعو آهي. اڄڪلهه اهڙا اڏاوتي نمونا عام آهن، جن سان انهن گهرن ۾ رهندڙن کي سج جي روشني ۽ تپش وسيلي ٻارڻ ۽ بجليءَ جو استعمال گهٽائڻ ۾ مدد ملي ٿي. سنڌ ۾ يو - اين - ڊي - پي (جيف پروگرام) اهڙا گهر آزمائشي بنيادن تي ڪاميابيءَ سان متعارف ڪرائي چڪو آهي. ان اداري ۾ پين ماهرن جي مدد سان نئين اڏاوت لاءِ ان ماڊل کي عام ڪري عوامي ڀلائيءَ وارو ڪم ڪري سگهجي ٿو. نئين اڏاوت واري ڪم ۾ هڪ ٻيو چئلينج ايڏي وڏي مقدار ۾ اڏاوتي سامان جي رسد هوندي. تمام گهڻا امڪان آهن ته ايندڙ ڏينهن ۾ سنڌ اندر اڏاوتي سامان جي گهرج ۽ رسد واري فرق سبب اڏاوتي سامان جي بليڪ مارڪيٽنگ شروع ٿي وڃي. سنڌ سرڪار کي ان لاءِ هاڻي کان ئي رٿا بندي ڪرڻ گهرجي ۽ يونين ڪائونسل يا تعلقي سطح تي اڏاوتي سامان جي ڪنٽرولڊ پرائيز تي فراهميءَ جا ڊپو قائم ڪرڻ گهرجن. اهو به ممڪن آهي ته ماڻهن کي نئين اڏاوتي ڪوڊ تي آماده ڪرڻ لاءِ انهن ڊيپوز تان رڳو انهن ماڻهن کي سامان ڏيڻ جي اجازت هجي، جيڪي نئين اڏاوتي ڪوڊ هيٺ اڏاوتون ڪري سگهن ٿا. ان سان هڪ طرف عام ماڻهن کي مناسب اگهن تي اڏاوتي سامان ملي سگهندو ته ٻئي طرف نئين اڏاوتي ڪوڊ تي عمل درآمد به آسان ٿي پوندو. فلڊ ريهيبليٽيشن اٿارٽي جهڙو ڪو ادارو هاڻي کان ئي انهن ڪمن جي رٿا بندي ڪري سگهي ٿو. ساڳئي طرح ڪچي ۽ پڪي جي علائقن ۾ زراعت جي بحالي عوامي روزگاريءَ جي بحالي جو اهم

قدم هوندي، مثال ربيع جي سيزن شروع ٿيڻ واري آهي، حڪومت کي گهرجي تہ فوري طور تي ٻوڏ متاثر علائقن ۾ زمينن جي بحاليءَ لاءِ سروي شروع ڪرائي. ان ڏس ۾ پاڻيءَ هيٺ آيل زمينن مان پاڻيءَ جو نيڪال، زمين جي بحالي، ٻج، ڀاڻ ۽ مشينريءَ جي گهرج ٿيندي، حڪومت کي گهرجي تہ فلڊ ريهيبليٽيشن اٿارٽيءَ وسيلي سنڌ ۾ تعلقي سطح تي زرعي بحالي مرڪز قائم ڪري ننڍين ۽ وچولن زميندارن کي زمينن جي بحالي ۽ اينڌڙ فصل جي پوکيءَ جون سهولتون فراهم ڪري. ان ڏس ۾ آبپاشيءَ جو بنيادي ڍانچو پڻ فوري طور بحال ڪرڻو پوندو تہ جيئن ٻوڏ ۾ لڙهي ويل شاخون ۽ واٽر ڪورس فوري طور بحال ڪري ربيع جي فصل جي تياريءَ کي ممڪن بڻائي سگهجي. ان سڄي ڪم ۾ ضرورتمندن ننڍين ۽ وچولن آبادگارن کي وڏن آبادگارن جي سياسي اثر کان ڪيئن محفوظ ڪري سگهبو. ان ڏس ۾ سرڪار جو گورننس وارو تجربو گهٽو همتائيندڙ تہ ناهي، پر بهرحال ان تي پاڻ کان سواءِ ڪجهہ ڪري بہ نٿو سگهجي. ان اٿارٽيءَ کي حڪومت جيترو سياسي مداخلت کان پاڪ رکي ڪم هلائڻ ڏيندي، اوترو ئي عوام ۽ حڪومت لاءِ بهتر ثابت ٿيندو.

- ٻوڏ متاثر علائقن ۾ زرعي ۽ ڪاروباري قرض مڪمل طور معاف ڪرڻ يا انهن جو ڪجهہ حصو ملتوي ڪرڻ لاءِ بہ سوچڻ گهرجي. هن وڏي بربادي‌ءَ کان عام ماڻهو اُهي قرض لاهڻ جهڙا نہ رهيا آهن. جيڪڏهن حڪومت وڏن صنعتڪارن، سيٺين ۽ سياسي اڳواڻن جا اربين روپين جا قرض معاف ڪري سگهي ٿي تہ پوءِ ايڏي وڏي آفت جي ستايل ماڻهن جا قرض انهن جو معمولي حصو بہ نہ ٿا بڻجن. ساڳئي طرح ٽن کان ڇهن مهينن لاءِ انهن علائقن ۾ يوٽيلٽيز جا بل بہ معاف ڪرڻ گهرجن.
- ٻوڏ ستايل ماڻهن ۾ هزارن جي انگ ۾ هنر مند مرد ۽ عورتون پڻ شامل آهن، جيڪي ٿوري گهٽي واهر سان شهري علائقن ۾ روزگار سان لڳي سگهن ٿا. ان ڏس ۾ بہ رکن کان سوچڻ جي ضرورت آهي. هڪ تہ ان

قسم جي هنر مند ماڻهن کي عالمي مارڪيٽ ۾ روزگار سان لڳائڻ لاءِ سمنڊ پار پاڪستانين واري وزارت هنگامي بنيادن تي پيڪيج تيار ڪري. بهتر سفارت ڪاريءَ وسيلي ماڻهن جي هڪ چڱي موچاري انگ کي پرڏيهه ۾ روزگار ڏياري هزارين ڪٽنبن کي فوري طور بحال ڪري سگهجي ٿو. هونءَ به پرڏيهه ۾ روزگار جي حوالي سان سنڌ ماضيءَ ۾ نظر انداز ٿيندي رهي آهي. هن موقعي مان فائدو وٺندي ماضيءَ جيان انهن زيادتين جو به ازالو ڪيو وڃي. ان ڪم جو ٻيو حصو سنڌ ۽ پاڪستان جي وڏن صنعتي مرڪزن ۽ شهري مارڪيٽن ۾ ٻيهر رکڻ لاءِ انهن هنر مندن جي واهر وارو ٿي سگهي ٿو. ليبر ۽ انڊسٽريز وارن کاتن وسيلي مقامي صنعتن ۾ ٻوڏ ستايلن هنر مندن کي اوليتي بنيادن تي روزگار فراهم ڪرڻ لاءِ اسڪيمون جوڙي سگهجن ٿيون. ساڳئي طرح ڪراچي، حيدرآباد، لاهور، فيصل آباد ۽ ٻين وڏن شهرن ۾ انهن هنر مندن کي رهائش جي بنيادي سهولت فراهم ڪري ننڍا قرض ڏئي خود روزگار (Self Employment) لاءِ واهر ڪري سگهجي ٿي. ان قسم جي قرضن لاءِ ورلڊ بئنڪ ۽ ايشيائي ترقياتي بئنڪ کي آسانيءَ سان راضي ڪري سگهجي ٿو. ساڳي طرح نيشنل رورل سپورٽ پروگرام، سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن، پاڪستان پاورٽي ايليويشن فنڊ، سرڪاري ۽ خانگي بئنڪن ۽ ٻين اين-جي-اوز وسيلي هزارين ماڻهن کي ان سهولت وسيلي ڇهن مهينن اندر پيرن تي بيهاري کين سماجي بدحالي، غربت ۽ ڪرائيم ۾ ڌڪجڻ کان بچائي سگهجي ٿو. جيڪڏهن ڪراچيءَ ۾ سڄي دنيا جا بيروزگار اچي گذر سفر ڪري سگهن ٿا ته سنڌ جي نوجوانن جو اُتي اولين حق بڻجي ٿو. ٻوڏ ستايل علائقن ۽ متاثرن جي بحاليءَ جو مرڪز مقامي سطح تي معيشت جي بحالي هجڻ گهرجي ۽ ان ڏس ۾ ڊگهي عرصي واري خيراتي ۽ امدادي پروگرامن کان پرهيز ڪري اهي رقمون مقامي معيشت جي بحاليءَ ۾ صرف ڪرڻ گهرجن. ان ڏس ۾ عالمي سطح تي ڪيئي ڪامياب ماڊل موجود آهن، جن کي بنياد بڻائي

معاشي بحاليءَ جي رٿا بندي ڪري سگهجي ٿي. آئون حوالي طور 1930ع واري ڏهاڪي وارن آمريڪي گريٽ ڊپريشن مان بحاليءَ واري تجربي جو مختصر حوالو ڏيڻ چاهيندس. ياد رهي تہ هي رڳو هڪ حوالو آهي ۽ حڪومت کي سنڌ ۾ متاثر علائقن جي پس منظر ۾ مقامي زميني حقيقتن کي آڏو رکي نهڪندڙ رٿا بندي ڪرڻي پوندي، تنهن هوندي بہ هي ماڊل يا ان جهڙا ٻيا ماڊل تجزئي ۽ رٿا بنديءَ لاءِ هڪ ڪارائتو حوالو ٿي سگهن ٿا.

- ٻي مها ڀاري لڙائي کان ڏهاڪو سال کن اڳ آمريڪا ۾ هڪ شديد معاشي بحران ڪر کنيو. 1930ع ۾ شروع ٿيل ان بحران ڏهاڪو کن سالن تائين آمريڪا کي ڏونڌاڙيو. تاريخ ۾ ان کي ***Great Depression*** چيو ويجي ٿو. ان دوران بين الاقوامي واپار اڌ کان وڌيڪ گهٽجي ويو ۽ آمريڪا ۾ بيروزگاريءَ جي شرح 25 سيڪڙو کان وڌي وئي، يعني ڪم ڪرڻ جي سگهہ رکندڙ هر چوٿون آمريڪي بيروزگار هيو. صنعت، زراعت، بينڪنگ سميت زندگيءَ جا سمورا شعبا ڊانوا ڊول ٿي چڪا هئا. ان وقت جي آمريڪي صدر فرينڪلن روز ويلٽ New Deal جي نالي هيٺ هڪ پلان متعارف ڪرايو. جنهن جو مقصد ايمرجنسي رليف ۽ پبلڪ ورڪس پروگرام وسيلي معاشي بحالي ڪرڻ هو. ان پروگرام جو سڄو بنياد ان ڳالهہ تي هئو تہ سرڪاري شعبي هيٺ وڏيون رٿائون شروع ڪيون وڃن. ان سان هڪ طرف روزگار جا وسيلا پيدا ٿيندا تہ ٻئي طرف سرڪاري ناڻو ملڪي انفرا اسٽرڪچر جي ترقيءَ ۾ استعمال ٿي سگهندو. هي پروگرام خيرات يا امداد بجاءِ ترقيءَ واري رويي تي ٻڌل هئو. آمريڪي صدر ان دور کي ”زمانہ امن جي ايمرجنسي“ قرار ڏنو ۽ وفاقي حڪومت رياستن بجاءِ سڌو سنئون ان ڪم جي سرواڻي ڪئي. ان مقصد لاءِ صدر روز ويلٽ ”فيڊرل ايمرجنسي ايڊمنسٽريشن (F.E.R.A)“ نالي ادارو قائم ڪيو. ان اداري طرفان رياستن کي رقمون فراهم ڪيون ويون، جيڪي گهڻي ڀاڱي Work Relief (ڪم ذريعي واهر) طور استعمال ڪيون

ويون ۽ ڇهه مهينن اندر ٽاليهه لک ماڻهن کي ڪم سان لڳايو ويو. پنجن سالن کان پوءِ اهو ڪم رياستن ڏانهن منتقل ڪيو ويو. ان دوران پبلڪ بلڊنگ ايڊمنسٽريشن ۽ پبلڪ روڊس ايڊمنسٽريشن ڪاتن وسيلي شهرن اندر روڊن، اسڪول، پلئن وغيره جا وڏا پراجيڪٽ شروع ڪيا ويا. نيو ڊيل رٿا مڪمل ٿيڻ کان پوءِ ان تي تمام گهڻي تحقيق پڻ ڪئي وئي آهي. هڪ ريسرچ موجب پبلڪ ورڪس ۽ رليف ۾ هڪ ڊالر خرچ ڪرڻ تي ملڪ اندر 85 سينٽ آمدنيءَ ۾ واڌارو ٿيو. ساڳئي طرح هڪ ٻي ريسرچ سان تعلق رکندڙ ڏوهن ۾ 1.5 سيڪڙو گهٽتائي آئي. ساڳئي طرح ٻارن ۽ مائرن جي موت ۽ خودڪشين تي ٻه وڏو فرق آيو جيڪو مختلف ريسرچ پيپرز ۾ تفصيل سان موجود آهي. آمريڪا جي ڪيترن ئي شهرن ۾ ان دور جا تمام وڏا پراجيڪٽ اڄ به نظر اچن ٿا.

ان يا ان نوعيت جي مختلف ماڊلز کي ذهن ۾ رکندي حڪومت کي ايندڙ پنجن سالن لاءِ ٻوڏ سٽيل علائقن ۾ سرڪاري شعبي اندر خانگي شعبي ۽ سول سوسائٽي سان گڏ وڏي پيماني تي ترقياتي پروگرام شروع ڪرڻ گهرجي. ان مقصد لاءِ صوبائي سطح تي هڪ پنج ساله ماسٽر پلان تيار ڪرڻ گهرجي، جنهن هيٺ ضلعي سطح جا ترقياتي پلان جوڙڻ گهرجن. ان پلان کي وڌيڪ اثرائتو ۽ شفاف بڻائڻ لاءِ ضلعي سطح تي پلاننگ، ايگزيڪيوشن اينڊ مانيٽرنگ سيل قائم ڪيا وڃن، جن ۾ خانگي شعبي، سول سوسائٽي جي ادارن ۽ عالمي ڊونر ادارن کي به شامل ڪيو وڃي. سنڌ سرڪار کي اها ڳالهه ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته ٻوڏ سٽايلن جي بحالي هڪ گهڻ رخو ۽ پيچيده ڪم آهي، جنهن ۾ سوسائٽي جي سمورن شعبن کي گڏ ڪٽي هلڻ سان ئي گهربل نتيجا حاصل ٿي سگهندا.

(روزاني ڪاوش، 17 سيپٽمبر 2010ع)

❁

اڇو تہ سياسي پوتارن جي ڌاهپ کي سلام ڪريون !

غلام نبي مغل

سنڌ جي ڌرتي پنهنجي هزار سالن جي تاريخ ۾ سوين انقلاب ڏٺا ۽ انقلابن جا سور سٺا آهن. هن وقت درياءَ شاهہ بادشاهہ هڪ نئين انقلاب جو سڏ ڏيئي رهيو آهي. انقلابن ۾ ڌرتي ڏڏندي آهي، ماڻهو رُلي ويندا آهن، وڻ ٽڻ پاڙون پٽجي ويندا آهن. هن وقت بہ ساڳئي ئي صورتحال آهي. انسانن کي ماضيءَ ۾ پهتل عذاب، هڪ نئين طرز جي سورن ۾ بدلجي ويندا آهن، ۽ نيٺ انهن سورن جي ڌرتيءَ تي هڪ نئون نظام ڪر کڻندو آهي. استحصال ڪندڙ انسان ڊوڙ وانگر اڏامي ويندا آهن. عام بيوس انسان جي حق ۾ انقلاب لَٽ لوڙهي آڻيندو آهي. اڄ اسين درياءَ شاهہ بادشاهہ جي آندل انقلاب کي ڏسون پيا. ٻوڏ بابت اڳواٽ گهڻا ئي اطلاع مليا هئا، پر اسان جي حڪومت ڪندڙ پوتارن وٽ سياسي ڌاهپ جي اڻ هوند آهي، حڪومت ڪندڙ پوتارن کان وٺي ويندي ايس - ڊي- او ۽ ڊي - ڊي - او تائين سڀ ان اڻ هوند ۾ شامل آهن. پوتار هجن يا ڪامورا شاهي جي زنگ لڳل ڪرسين تي ويٺل زور آور هجن، اهي سڀ درياءَ شاهہ بادشاهہ جي ڦهلايل انقلاب کي يا تہ بند ٻڌن پيا يا ان جي طاقت جو رخ موڙين پيا، يا اڄڪر جيڏي مشينريءَ سان ڪٽ مٽان ڪٽ ڏيڻ ۾ مُنجهيل آهن. وٽن ايتري ڌاهپ ناهي، جو انهي قدرت جي زمين تي ڦهلجي آيل انقلاب کي اهڙي رخ ڏانهن وٺي وڃجي، جو

سنڌ واسي هڪ نئين ترقي واري مستقبل ڏانهن شروع ڪن. گذريل هڪ ٻن ڏينهن کان دادو ضلعي کي لوڪل انتظاميا ۽ سياسي اڳواڻ بنا ڪنهن سوچ ۽ ويچار جي ماڻهن توڙي شهرن ۽ ڳوٺن سان شطرنج راند ڪري رهيا آهن. 3 سيپٽمبر کان انين سيپٽمبر تائين آبادين کي خالي ڪرڻ جا ڪچا پڪا نوٽيس، ٻوڏ جي پاڻيءَ کي آخري گهڙين ۾ ويجهو ايندي ڏسي ڏنا ويا. ڪيترن عوامي نمائندن جي رڙين کي ڪو ٻڌي ڪو نه ٿو ۽ ڪيترا وزير موقعي تي موجود هوندي به عجيب فيصلا ڪن پيا. جنهن ڪري ڳوٺن، شهرن ۽ وستين جا اڻ ڄاڻ ماڻهو مُنجهي پيا آهن ته ڇا ڪن؟ لڏين، نه لڏين، مال ڪڻن يا جانيون ۽ ٻار بچائين؟ اها عجيب ۽ غير يقينيءَ جي صورتحال آهي. حڪومتي انتظامن جي اڻ هوند سبب خانگي گاڏين وارن ڀاڙا ٻيڻ تي ڪري ڇڏيا ۽ عوامي نمائندا، ووٽن جي ٺوٺڻ تي بيٺل پنهنجي براندڊ سوٽس سان غريب ماروئڙن اڳيان پنهنجي زور آوري جي نمائش ۾ رڌل آهن. ڇڻ اهي سوچيندا هجن ته جيڪي هاڃا قدرت اقتداري پوتارن جي نا اهليت ڪري اڄ سنڌ کان وڏيڪ سان ڪيا آهن، تن سيني کي فنشنگ ٽچ ڪيئن ڏجي؟

• وس وارن کي سُڌ آهي ته سنڌ سان ٿيل هاڃن جو ڊراپ سين ٿيڻ وارو آهي، باقي ڪي هڪ به شهر ٻڏن ۽ ڪجهه آباد وسنديون لڙهي وڃڻ کان پوءِ هو ماڻهن جي بحاليءَ واري مرحلي ۾ جنبي وڃڻ لاءِ تيار آهن. جو اهو ڪم سولو ۽ فائدي وارو آهي. نڪا بندن جي مٽي ۽ ڊوڙ هوندي، نڪو پاڻيءَ ۾ ٻڏڻ جو خوف هوندو ۽ عام ستايل ابوجهه ماڻهن جي اباڻڪيل مايوس چهرن جو ڪتراڳ هوندو. ايئر ڪنڊيشنڊ ميٽنگ هال هوندا، ملڪي، غير ملڪي امداد ۽ ڊوڪڙن جا اڪائونٽ هوندا، ملڪي توڙي غير ملڪي ٺيڪيدار هوندا، پلاننگ جا ماهر چپ هوندا ۽ نا اهل سياسي پوتار ماڊرن گيٽ اپ ۾ نهايت تجربيڪار ۽ ٽيڪنيڪل انداز ۾ ڄاڻ سان ڳالهائڻ شروع ڪندا ۽ ڪين هاڻ صدر صاحب جو پڇيل سوال "ڪور وال" جي به خبر پوندي، پوءِ گذريل ٽن سالن وانگر اجلاس پيا ٿيندا، پر فيصلا ان وقت ٿيندا، جڏهن وقت گهڻو وڃائي چڪا هوندا ۽ معاملي جي ترت اهميت به پنهنجي اهميت وڃائي ويهندي ۽ ان سان گڏ حالتون ۽ قدرت جا عطا ڪيل موقعا هٿان

وڃائي ويهندا. سياسي ٻوتار ۽ ضلعي ڪامورا ڪو فيصلو نہ ڪري سگهيا تہ دادو شهر خالي ڪجي يا نہ! سڀ منڌل هئا، پر هڪ اڻ پڙهيل جهوني ضلعي آفيس مان ٻاهر نڪري ڪنهن چئنل جي مائيڪ ۾ چيو:

”ابا ڪو فيصلو نہ ٿيو آهي، وزير، مشير ۽ ڪامورا سڀ ڳالهيون ايتريون ڪن پيا، جيترا دادوءَ شهر کي چوڌاري بند ٻڌڻ لاءِ پٿر پيا آهن. سچ نٿا ڳالهائين تہ شهر ڇڏيون يا شهر نہ ڇڏيون؟“

دادو شهر ۽ ضلعي جي ماڻهن جي چهرن تي مايوسي ڦهليل هئي ۽ صاحب سڳورا لينڊ ڪروزرس ۾ ويا هليا، جو ڪين ڪراچي پهچڻو هو.

اسان جا حاڪم سائين الائي ڪيترو وقت وٺن فيصلا ڪرڻ ۾، پر اڌ سنڌ پاڻي ۾ ٻڏل آهي، ماڻهن جا جسم پگهريل، ڪچو پڪو پاروٿو ڪاڌو ڪائي جيئڻ ڪاڻ وڏا وس ڪن پيا. مون پنهنجي زندگيءَ ۾ بک سبب مرندي انسانن جا قصا ٻڌا آهن، پر ڏٺا هن سيلاب ۾ آهن، انسان بک وگهي مري ويجي. (خدا جي واسطي جلدي فيصلا ڪري انهيءَ تي عمل ڪريو).

سيد سردار احمد متحده قومي موومينٽ جي سينئر ليڊرس مان هڪ آهي، هو پاڪستان سپيريئر سروسز (PSS) جو ميمبر بہ رهيو آهي. آخر ۾ سنڌ صوبي جو چيف سيڪريٽري بہ هو ۽ ريٽائرڊ ٿيڻ کان پوءِ متحده ۾ شامل ٿي سينيئر وزير جي عهدي تي بہ يا ٽي ڀيرا رهيو آهي ۽ هينئر بہ وزير آهي. انهيءَ صاحب پنهنجي هڪ بيان ۾ چيو تہ هن وقت جيڪا سنڌ ۾ تباهي آئي آهي، سا 1947ع ۾ بہ ڪا نہ هئي. **پيو چيائين تہ اها حقيقت آهي تہ متحده کان پوڙ جي ستايلن لاءِ امداد ۽ مدد جي ڪارروايـن ۾ دير ٿي ويئي آهي،** انسانيت ۽ انساني عظمت وڏين بينڪن جي لاڪرس ۾ بند آهن، يا گڏريل سٺ سالن کان رائفلن جي آٽوميٽڪ هٿيارن منجهہ قيد آهي.

پهرين فيصلو ٿيو تہ هر متاثر ڪٽنب کي عيد جي موقعي تي ويهہ هزار امداد ڏبي تہ جيئن هو عيد ڪري سگهن. ايئن ٿئي ها تہ هو خالي عيد نہ ڪن ها، پر سندن ذهنن ۾ مستقبل بابت مثبت انديشا ۽ رُخ جنم وٺن ها. پنهنجن ٻارن کي نہ رڳو محسوس ڪرائين ها، پر ڪن چڱن ڊاڪٽرن ۽ اسپتالن جو رخ بہ ڪن ها ۽ ڪين سرڪاري مدي خارج دوائن بدران صحيح

دوائون بہ حاصل ٿين ها. پئسو هڻڻ ۾ وڏي طاقت آهي، جو ڏک سور آهستي آهستي ڳري ذهن مان لڙهي وڃن ٿا ۽ رڳو ماضيءَ جي ياد وڃي باقي بچي ٿي، پر هاڻ ٻڌون پيا تہ ويهہ هزار بہ وڏن ڪامورن قاعدن، شناختي ڪارڊن، شاهدن ۽ ٻين ثابتين پيش ڪرڻ تي ملندا. هيءَ عيد تي ايئن هٿين خالي گذري وئي. ويهہ هزار معنيٰ اڍائي پوڻا ٽي سئو ڊالر- انهيءَ پئسن جي ڇا حيثيت آهي؟ وزير، مشير، ڪامورا ڪروڙين روپيا وٺن پيا. اقوامِ متحده ۽ ڊونرس هڪ فيمليءَ لاءِ عيد جي موقعي تي اڍائي سئو ڊالر ڏيڻ لاءِ ڪين ڪيٻائين ها. سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ ان سان ڏتڙيل عوام جو بہ حاڪم برادري تي اعتماد بحال ٿيڻ شروع ٿئي ها، جيڪو اعتماد ٻوڏ جي هڪ مهيني واري عرصي منجهہ صاحبن جي بد انتظاميءَ ڪري وڏيڪ ڪمزور ٿيو آهي.

2 سيپٽمبر تي 'ڊيلي ٽائمز' ۾ گورنر پنجاب سلمان تاثير جي اخبار ۾ فيڊرل ڪيبنيٽ جي ذريعن جي حوالي سان هڪ خبر ڇپي آهي تہ اهڙي تجويز تي غور ڪيو ويو آهي تہ سڄي ملڪ ۾ وڏن انڊسٽريل شهرن جي پر ۾ ڏهہ شهر آباد ڪيا وڃن، جن سڀني جو نالو 'بينظير آباد' هجي ۽ هر شهر ۾ پنج کان ڏهہ هزار گهر سرڪار ٺهرائي ٻوڏ جي متاثرن کي بنا معاوضي يا نهايت سستي اگهہ تي قسطن تي ڏي ۽ پوءِ آسپاس سرڪاري ۽ پرائيويٽ سيڪٽر ۾ انهن متاثرن کي روزگار مهيا ڪيو وڃي. سٺي تجويز آهي، پر سنڌ جي عام راءِ اها ٿي آهي تہ سنڌ ۾ جيڪي پنجاهہ لک ماڻهو لڏپلاڻ ڪري مختلف شهرن ۾ ۽ اتي مٽن مائٽن وٽ ڦهلجي ويا آهن، تن مان ويهہ لک کن ڪراچيءَ ۾ آباد ڪجن، جيڪڏهن ويهہ نہ تہ ڏهہ کان پندرهن بہ آباد ٿين تہ بهتر. هڪ عجيب ڳالهہ! ڪجهہ عرصو اڳ اها بہ ٿي آهي تہ سنڌ سرڪار سپر هاءِ وي جي حدن کان وٺي ڏکڻ اوڀر پاسي سمنڊ تائين 12,093 ايڪڙ زمين اڍائي ٽي روپين جي اگهہ سان في ايڪڙ يا وال ڊيفنس هائوسنگ سوسائٽيءَ کي ڏني آهي ۽ سوسائٽيءَ پنهنجا بورڊ بہ هڻي حدون نروار ڪيون آهن، انهن حدن ۾ ڪراچي ٽول پلازه، دمبا ڳوٺ، ميمڻ ڳوٺ ۽ ٻيون ڇهہ سئو سال پراڻيون وسنديون بہ اچي وينديون آهن. ان کان علاوه سي

- ويو وٺ پڻ ساموندي پٽي، جيڪا ڊيفنس سوسائٽيءَ سان لاڳو آهي، اها 881 ايڪڙ زمين بہ پڳڙن مٽ جي قيمت يعني اڍائي روپيا ميٽر جي حساب سان ڊيفنس سوسائٽيءَ کي الاٽ ٿي آهي. اها زمين سوسائٽي پنهنجي ميمبرن کي نالي ماتر قيمت تي الاٽ ڪندي ۽ اهي ميمبر اها ئي زمين سڄي ملڪ جي جاگيردارن، وڏيرن، چوڌرين، سردارن ۽ شهر جي سرمائيدارن کي لکين ۽ ڪروڙين روپين ۾ وڪڻي ڇڏيندا. اچا بہ دير ڪا نہ ٿي آهي، سنڌ سرڪار اسيمبلي منجهان ڪو قانون پاس ڪري تازي الاٽ ڪيل اها زمين متاثرين کي درياءَ شاھہ بادشاھہ ۽ بينظير جي طرفان نذر سمجهي ڏئي سگهجي ٿي. (ڪراچي سٽي گورنمينٽ جا صاحب لوڪ هونءَ بہ 1700 ارب روپيا خرچ ڏيکارڻ جي باوجود قانون جي گهرج (آڏٿ وغيره) کان نابري واري بيٺا آهن). هتي هڪ اهم ڳالھہ اها بہ آهي تہ متاثرين کي الاٽمنٽ کان پوءِ پلاٽ وڪڻ يا اٿارٽي پاورس تي ٽرانسفر جي قانوني طور اجازت نہ هئڻ کپي، ان لاءِ گهٽ ۾ گهٽ ڏهہ کان پندرهن سال پابندي ضروري آهي.

هن وقت سڀ کان اهم ڳالهہ متاثرين کي بي موت مرڻ کان بچائڻو آهي. ٻين صوبن جي مون کي خبر ناهي، پر هتي صحت کاتي نالي ڪا شيءَ نظر نٿي اچي. ڪيترن ڪئمپن ۾ ڪجھہ بندوبست آهن، پر نالي ماتر ونڊو ڊريسنگ جا منظر نظر اچن ٿا. روز سڄي سنڌ ۾ سوين ماڻهو گيسٽرو بخار ۽ چمڙيءَ جي بيماري تحت مرن پيا. هڪ متاثر عورت جي چوڻ مطابق تہ ”هڪڙا مڙس ماڻهو ٻوڏ ۾ لڙهي الائي ڪيڏانهن هليا ويا؟ ٻيا گهر جا ياتي ڳوٺن ۽ شهرن ۾ اڃا پاڻيءَ جي ور چڙهيل آهن، تن جي ڪا جاڻ ناهي، نڪا ڪين اها خبر آهي تہ اسين ڪٿان کان رُلندا پنندا اچي هت بيٺا آهيون. اسان جا ننڍڙا معصوم روز پيا دم ڏئيءَ جي حوالي ڪن.“

صحت جو وفاقي وزير ٽي - وي چئنل تي چيو تہ ”ڪو بہ گيسٽرو بخار يا وبائي انفيڪشن ذريعي نہ مئو آهي، اها پروپيگنڊا ٽي - وي چينلز جي آهي.“ اسان جي ملڪ ۾ جٽ سردار ۽ چوڌري آهن، اتي ڪي ڪوڙا آفيسر بہ آهن، جو وفاقي وزير کي اهڙي رپورٽ اسان جي صوبائي ڊي - جي هيلٿ

ڏني، جنهن جي بنياد تي مخدوم صاحب هلڪي مرڪ سان چيو تہ، "هيلٿ ڊپارٽمينٽ جي ڪارڪردگي صحيح آهي، سنڌ ۾ هڪ بہ ماڻهو بيماريءَ سبب نہ مئو آهي."

سنڌ جا عام ماڻهو جيڪي حڪومتي پارٽيءَ جا ووٽر پڻ آهن، سي بہ چاهين ٿا تہ اهي ڪامورا، اهي وڏيرا ۽ اهي وزير مشير، سڀ پنهنجي ڪارڪردگي جو حساب ڏين. جن جي مڙسي، زور آوري ۽ ذاتي فائدن جي ڪري ٽوڙي بند کي گهارو لڳو يا ڏاڙو لڳو جنهن اڌ سنڌ کي ٻوڙي ناس ڪري ڇڏيو. ٻي انڪوائري سنڌ هيلٿ ڊپارٽمينٽ جي ٽيڻ گهرجي، جن کي حڪومت الله جي خلقيل مخلوق جي صحت، صفائي ۽ Sanitation جي ذميواري بخشي آهي. ٽئين انڪوائري ان ڳالهہ جي بہ ٿيڻ گهرجي تہ جوهي برانچ کي ڪٽ ڏئي منڇر ۾ ڇوڙ ڪرڻ واري فيصلي ۾ دير ڇو ڪئي وئي، جنهن جي ڪري خيرپور ناٿن شاهہ تہ مڪمل طور تي ٻڏي ويو پر هن وقت جيڪو خطرو دادو، ميهڙ سيتا ۽ خود منڇر جي ٽٽڻ کي آهي، سو اهڙي فيصلي ۾ دير سبب ئي ٿيو. درياءَ جي ساڄي ڪناري جا اهي سڀ شهر جوهي برانچ کي ڪٽ ڏيڻ ۾ دير سبب ٻڏي رهيا آهن. جوهي برانچ کي ڪٽ ڏيڻ ۾ رڪاوٽ بڻيل چونڊيل نمائندن، وزيرن، مشيرن ۽ سرڪاري اهلڪارن مٿان غير ذميواري ۽ ذاتي مفادن لاءِ شهرن، ملڪيتن ۽ ماڻهن کي ٻوڙڻ، مارڻ ۽ تباهہ ڪرڻ جي انڪوائري ويهاري ها، ڇاڪاڻ جو انهن مٿان اهي الزام گردش هيٺ آهن تہ انهن جوهيءَ ۾ ڪم ڪندڙ هڪ تيل ڪمپنيءَ سان "ڏيتي ليتي" ڪئي هئي، حڪومت کي پنهنجي ساک برقرار رکڻي آهي ۽ عرش تي شهيدن آڏو سرخرو ٿي وڃڻو آهي تہ اهي انڪوائريون هفتن يا مهيني کن ۾ ڪرائي انڪوائرين جي نتيجي ۾ کي ان جا پنهنجا ايم - اين - اي، ايم - پي - اي، وزير، مشير سزا لائق هجن، تن تي ڊپارٽمينٽل / ڪرمنل ڪيس هلائجن ۽ انهن کي نا اهل ڊڪليئر ڪري ڇڏجي، انهن جا ڪرتوت اخبارن توڙي ميڊيا تي آڻجن. جيڪڏهن پيپلز پارٽي کي ساک بحال ڪرڻي آهي تہ ان کي اهڙا قدم کڻڻا پوندا تہ جيئن ماڻهو سمجهي سگهن تہ پارٽي عوام سان گڏ آهي، نہ کي ڪرپٽ پوتارن

سان.. ساک بحال ٿيڻ جي صورت ۾ ٿي هو ۽ سالن کان پوءِ ماڻهن جي درن تي ووٽ وٺڻ لاءِ منهن کڻي وڃڻ جهڙا ٿيندا. وقت جا حڪمران سمجهن ته هيءُ وقت سنڌن صحيح ڪارڪردگي ڏيکارڻ جو آهي، نه ته وقت، درياءَ بادشاهه کان به ڏاڍو ڏکيو آهي، وقت الائي ڪيترين بادشاهيون، شهنشاهيون ۽ شهزورن کي نابود ڪري ڇڏيو آهي، ان لاءِ شهنشاهِ ايران کي ڏسي سگهو ٿا. ماڻهن جي خدمت ۽ اهليت کي رائج ڪرڻ سان ٿي ڪجهه ٿي سگهي ٿو. هن وقت سنڌي مري بچيا آهن، بلڪ سمجهو ته مئل ئي آهن، ڪين جياريو. ڪامن ڪائونسل جي پاران لک روپيا ڏيڻ ايئن ئي آهي، ڇڻ اسان ڪين جيئرو ته ڪيو آهي، آڪسيجن وسيلي ساهه کڻڻ جهڙو ته ڪيو آهي، پر ڪين صحت ۽ سگهه نه ڏني آهي: ته سنڌي ماڻهو پنهنجن پيرن تي بيهن ۽ اوهان بيهر سنڌن ووٽن تي ڪرسيون سنڀاليو نه ته ايئن سمجهو ته سنڌ ڪارڊ اهڙي حالت ۾ سکر بئراج جي ڪنهن در ۾ قاتل هوندو يا توڙيءَ تنڙ ڪري لکين ڪيوسڪ پاڻيءَ سان گڏ لڙهي ويو هوندو. انهن دربدر بي سگهه ماڻهن کي شهري تهذيب ۾ آڻيو سڀ نتا اچي سگهن ته وڏي تعداد کي ڪراچي، حيدرآباد، نوابشاهه، ميرپور خاص، سکر ۽ نوري آباد ۾ آباد ڪريو ۽ نئين سنڌ جو سنگِ بنياد رکو جت روزگار هوندو، اُتي شعور به هوندو. ڪجهه ارب روپيا ايمانداري ۽ شفاف طريقي سان خرچ ٿي ويا ته پاڪستان ڪٿي ڪو نه پوندو. گذريل ويهن سالن ۾ ڪامورن، وزيرن، مشيرن، صدرن، وزيراعظمن ۽ سرمايه دارن جيڪي پئسا ناجائز طور ڪمايا آهن، تن کان صحيح طرح ڇڪي مال ڪڍو، انهيءَ لاءِ قانون ناهيو ڪجهه ته ڇنڊ ڇاڻ ٿيڻ کپي. جيڪڏهن سياسي پارٽين کي مضبوط ٿيڻو آهي، ۽ وري ساڳين ماڻهن وٽ ساڳيا منهن کڻي وڃڻو اٿوَ ته ماڻهن کي سکيو ڪريو جيئن پاڻ سکيا ٿيا آهيو تيئن ڪجهه الله جي مخلوق جو به خيال ڪريو جن جي هٿ ۾ ووٽ به آهن.

هي وقت سياسي ۽ سماجي ڏاهپ جو آهي ۽ ان سان گڏ انسانيت جي جذبي کي به ذهن ۾ رکڻ گهرجي. ڏتڙيل ماڻهن کي واپس اونداهه ۾ نه موڪليو انهن کي روشنين جي ماحول سان واقف ڪرايو ڀهراڙين ۾ رڳو

سرنديءَ وارن ۾ پنهنجون زمينون رکڻ وارن کي موڪليو باقي سينيءَ ماڻهن کي Urbanization جي عمل ۾ شامل ڪري سنڌ کي هڪ نئين رخ ۾ هلايو. 1947ع جي لڏپلاڻ ۾ به اڪثريت ماڻهن جي نا اهل، اڻ پڙهيل، بي همت ۽ Un-skilled ماڻهن جي هئي. پر وقت ۾ جديد سهولتن کي ڇا ڪري ڇڏيو؟ ٿورو تاريخ مان سبق سکو وڏيرپ جو جبو لاهي ڪجهه عام ماڻهن لاءِ سوچيو.

(روزاني ڪاوش، 14 سيپٽمبر 2010ع)

❁

مڪلي پوڊ سٽايل ۽ تلخ حقيقتون

يوسف سنڌي

26 آگسٽ جي رات جي آخري پهر ۾ مسجدن مان لائوڊ اسپيڪرن جي اعلانن، دوستن جي فونين، پاڙيوارن پاران، ٻاهرين دروازي کي بنا ڪنهن وقفي جي ڪڙڪائڻ تي جڏهن اک کلي ۽ گهر مان ٻاهر نڪتس ته دڙي واسين جي لاءِ دنيا ڄڻ بدلجي چڪي هئي. درياءَ شاهه ڪين ٻي گهر ڇڏڻ جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو هو. ويهن ٻاويهن هزارن جي آباديءَ واري "دڙي" جي شهرين جو "هڪ ڪلاڪ اندر شهر خالي ڪريو" جي اعلانن، ساهه ئي ڪڍي ڇڏيو. ماڻهو ايئن گهرن مان نڪرڻ شروع ٿيا، جو جنهن جي هٿ ۾ جيڪا شئي هئي، اها کڻندو ڀڄندو ويو. قيامت جو منظر هو! قرآن پاڪ ۾ قيامت جو منظر چٽيندي فرمايو ويو آهي:

"ان ڏينهن ڪير به ڪنهن جو نه هوندو. نه پيءُ پٽ جي خبر وٺندو نه ماءُ اولاد جي... هر ڪو پنهنجي اعمالن جو ڇنو کڻي ڀڄندو وتندو. سڀ نفسا نفسيءَ ۾ هوندا."

مون ڏٺو ته ڪن عورتن کي هڪ پار ڪپڙو تي هو ته ٻي جي سار نه هئي. هڪ پير ۾ چپل پاتل هئي، ته ٻيو پير اگهاڙو هئس. ٽرانسپورٽ نه هئي، نه ڪو سونهون هو نه صحيح معلومات. جن وٽ گاڏيون هيون، اهي ته قطارن ۾ روانا ٿي ويا، باقي غريب غربو ٻي سهارا، بس الله جي آسري.. ڪيئن ڳوٺان نڪتاسين ۽ ڪٿي پهتاسين ۽ وري اتان ٻي هنڌ... اها به هڪ ڪهاڻي آهي.

ٻن ڏينهن کان پوءِ، مڪلي تي، ماڻهن سان ملندي، انهن جا حال احوال معلوم ڪندي، جيڪو ڪجهه معلوم ٿيم، ان لاءِ پتائي جو هي شعر ئي

ڪافي آهي:

حقيقت هن حال جي، ظاهر ڪريان ذري،
لڳي ماٺ مروئن کي، ڏونگر پون ڏري،
وڃن وڻ ٻري، اوپڙ اُپري ڪينڪي.

انهيءَ ڏينهن شام جو اسان پنجن دوستن رشيد آزاد، اياز امر شيخ، سڄاد ميمڻ ۽ منصور جلالاڻي گڏجي فيصلو ڪيو ته هٿ تي هٿ رکي ويهڻ کان بهتر آهي ته ڪجهه ڪجي. ايئن اسان اردو جي مشهور ليکڪا ڊاڪٽر فاطمه حسن سان رابطو ڪري چيو ته اسين ٺٽي ۾ ٻوڏ متاثرين جي سهائتا لاءِ ڪم ڪرڻ ٿا چاهيون، اوهين اسان سان سهڪار ڪيو. فاطمه حسن اڳ ۾ ئي آرٽس ڪائونسل ڪراچي پاران دادو ضلع ۾ ٻوڏ متاثرين کي کاڌ خوراڪ جو سامان پهچائي رهي هئي. ٻي ڏينهن فاطمه حسن آرٽس ڪائونسل ۽ پنهنجي طرفان تمام گهڻو سامان ٺٽي کڻي اچي اسان جي حوالي ڪيو جيڪو اسين پوءِ ٻن ڏينهن تائين متاثرين ۾ ورهائيندا رهياسين.

انهن ٽن چئن ڏينهن دوران ڇا ڇا نه ڏٺم - اهو سڀ هٿ لکڻ ته ممڪن ڪونهي. بس ڪجهه ڳالهيون ۽ واقعا مختصر نمونې لکي رهيو آهيان.

اسان کي ته ڪنهن پونڊو به نه ڏنو آهي:

سنڌو درياءَ جي منارڪي بند تي ٻوڏ جا ستايل هزارن جي تعداد ۾ کي کليل آسمان جي هيٺان، ته ڪي ڪانيون اُڀيون ڪري، انهن جي چوڌاري چادرون ڏيئي، عارضي اجهو ناهي ويٺل، ته ڪي وري منهه اڏي ٻارين ٻچين انهن ۾ ويٺل نظر آيا. اسان جڏهن انهن مان هڪ کان پڇيو: ”ڏي خبر! اوهان کي ڪجهه کاڌي پيتي جو سامان مليو آهي يا نه؟“ ته ان وراڻيو: ”ابا اوهين ته کاڌي پيتي جو سامان ٿا پڇو... پر اسان کي ته ڪنهن پونڊو (ٻُجو) به نه ڏنو آهي.“

ٻي ڏينهن اسين جڏهن اتي کاڌي پيتي جو ڪجهه سامان کڻي پهتاسين ۽ ماڻهن کي ڏيڻ شروع ڪيوسين ته ان ئي همراهه وڏيڪ سامان وٺڻ جي لاءِ دادا گيريءَ وارو اسٽائيل اختيار ڪري اسان کي دابا ڏيڻ شروع ڪيا، جنهن هڪ ڏينهن اڳ چيو هو ته اسان کي ڪنهن پونڊو به ناهي ڏنو جنهن تي مون سان گڏ هڪ دوست اياز امر شيخ چڙي پيو. مون ڪيس

روڪيو ۽ پوءِ پنهنجي منهن چيو ماڻس: "اهي صدين جا ستايل ۽ وڏيرن جي هٿان پيڙهيل ماڻهو هينئر ڏٺيڪا ڪونهن... ٻچا وات ۾ اٿن، مجبور بي وس ۽ بکيا آهن، انهن تي ڪاوڙجڻ ۽ چڙڻ نہ گهرجي... هڻ ڪان دادا گيري، سنڌس مجبوريءَ ٿي ڪرائي هوندي، نہ تہ هي اهڙا خراب ماڻهو ڪونهن."

منارڪي بند تي اڳوٺي ضلع ناظم سيد شفقت شاهہ جي ڳوٺ "سيد پور" جي بلڪل سامهون بند تي ڪليل آسمان جي هيٺان ويٺل هڪ همراهہ هٿ ملائيندي چيو "اسين سائين شفقت جا هاري آهيون...!"

"سائينءَ اوهان جي ڪا سار بہ لڌي..؟"

"نہ ابا! ڪير ٿو ڪنهن کي پُڇي..."

مون ٿتي ۾ ماڻهن جي واتان ٻڌو هو تہ "شيرازي ماڻهن جي وڏي مدد ڪري رهيا آهن." مون اهو بہ ٻڌو تہ "شفقت شاهہ شيرازي پارٽيءَ جا ڪيترائي ٽئنڪر پرائي سجاول شهر ويو هو ۽ اتي، جيڪي ماڻهو اڃا موجود آهن، تن کي گهر گهر پاڻي پهچايائين..." تي سگهي ٿو تہ ايئن هجي، پر هتي منارڪي بند تي ويٺل سنڌس ٿي هاري بُک سبب بي حال هئا.

اسين فقط مومنن جي مدد ڪنداسين:

اسان جڏهن آرٽس ڪائونسل ڪراچي ۽ ڊاڪٽر فاطمہ حسن جي سهڪار سان امدادي سرگرميون شروع ڪيون تہ سجاول جي هڪ دوست ڊاڪٽر اڪبر علي خواجہ اسان سان رابطو ڪري چيو تہ "ڪراچي جا ڪجهہ مخير حضرات ٿتي ۾ ٻوڏ ستايلن جي مدد ڪرڻ ٿا چاهين، ۽ هو چاهين ٿا تہ اهو سامان صحيح ۽ حقدار ماڻهن کي ملي..." اسان چيس: "تون اُلڪو نہ ڪر... ايئن ئي ٿيندو."

شام جو فون ڪري چيائين: "سامان تہ هو سياڻي ڪٺي ايندا، پر هو چون ٿا تہ فقط مومنن کي ڏيو."

مون ڳالهہ نہ سمجهي ۽ "مومن" لفظ جي تشريح پڇيمانس. جواب ۾ هن جيڪا ڳالهہ مون کي چئي، ان نہ رڳو مون کي حيرت ۾ وڌو پر ڪافي ڏک بہ ٿيم. مون وراڻيو ماڻس: "هي وقت بنا ڪنهن فرق، رنگ، نسل، مذهب ۽ فرقي جي، انسانيت جي خدمت ڪرڻ ۽ ماڻهن جي حياتي بچائڻ جو آهي... اهي دوست جي اهو فرق رکن ٿا تہ سندن مرضي... باقي اهو ڪم اسان کان نہ

پُڇندو هو يلي پاڻ وچي ورهائين. "ان مهل مون کي آسي زميني ۽ جو شعر ياد اچي ويو:

اي خدا! تون هيٺ لهي آءِ،
پنهنجو جوڙيل ڏيهه وسي وڃ،
۽ پنهنجن تي نيشان هٽي وڃ!

ڪراچي جي سوشلسٽن جي مشروط ماني:

ڪراچيءَ سان واسطو رکندڙ هڪ ڪاپي ڏر سان واسطو رکندڙ هڪ گروپ جي همراهه اسان جي ٽيم جي هڪ ساٿي رشيد آزاد کي فون ڪري چيو: "اسان جو اهڙن پنجويهن پڙهيل لکيل، غريب ٻوڏ ستايل گهراڻن سان رابطو ڪرايو جن جي اسين مدد ڪريون ۽ انهيءَ سان گڏ انهن ۾ سياسي ڪم به ڪري سگهون."

رشيد جواب ڏنس: "اوهين في الحال پڙهيل لکيل ۽ سياسي ڪم جو شرط ڇڏي اچي ماڻهن جون حياتيون بچايو... جو هينئر هو ڳيي جي ڳولا ۾ آهن، کين ماني، اجهو ۽ پاڻي پهچائڻ ئي اوهان جو ڪم هئڻ گهرجي."

ڪم هيئن به ٿيندو آهي:

مڪلي تي ڪيترين ئي غير سرڪاري تنظيمن، ادارن ۽ ڪجهه سياسي تنظيمن جون رليف ڪئمپون لڳل آهن. جن ۾ پاڪستان فشر فوڪ، السٽ، ايل - ايڇ - ڊي - پي ۽ هئنڊس وغيره جون ڪئمپون منهنجي سامهون آهن. انهن مان"هئنڊس Hands" تيهه ڪئمپون هلائي رهي آهي، جن ۾ لڳ ڀڳ اڍائي هزار ماڻهن کي رليف ڏنو پيو وڃي. مون انهن ڪئمپون جو چڪر هنيو ۽ ٻوڏ متاثرين کان خبرون چارون پڇيون. جن ٻڌايو ته هو پهريان ته تي ڏينهن کين پيٽ ڪارائيندا هئا، ۽ هاڻ کين سيڌو سامان ڏيڻ شروع ڪيو اٿن. هنن کين هڪ ڪوپن ڏنو آهي، ۽ ان ڪوپن جي آڌار تي کين رات جو سامان ڏيئي ويندا آهن. هنن کين ٽينٽ به ڏنا آهن ۽ هاڻ ضروري حاجت لاءِ "عارضي ڪاڪوس خانا" به ٺاهي ڏنا آهن. وڙ ڪندي، هئنڊس جي مڪليءَ واري آفيس پهتس، جيئن وڌيڪ معلومات حاصل ڪري سگهان. هئنڊس ٽتي جي ٽيم انچارج مصطفيٰ زنئور سان ملاقات ٿي، جيڪو پاڻ اُرپڻ واري جذبي تحت ڪم ڪندي نظر آيم.

مصطفيٰ زنئور انسان دوست، سنڌ دوست ۽ باشعور هئڻ سان گڏ سنڌ جي ان نئين نسل سان واسطو رکي ٿو جيڪو ضرورت تحت اين - جي - اوز ۾ نوڪري ته ڪري ٿو پر هو نئين سنڌ اڏڻ لاءِ سنا ارادا پڻ رکي ٿو. آئون نه رڳو سندس ڪچهري، پر ڪم جي طريقي کان به متاثر ٿيس. ٻي ڏينهن مصطفيٰ زنئور جي ٿي ڏنل گاڏي ۾ "سنڌي ادبي سنگت" جي ٽيم آرٽس ڪائونسل پاران ٻوڏ ستايل ماڻهن تائين امداد جو سامان پهچائي سگهي. آئون مصطفيٰ زنئور ۽ سندس سڄي ٽيم کي، جنهن جذبي سان هو ڪم ڪن پيا، سلام ڪرڻ ڪانسواءِ نٿي رهي سگهان. حقيقت ۾ ٺٽي ضلعي ۾ ٻوڏ ستايلن جي جيتري مدد اين - جي - اوز ڪري رهيون آهن، ان جي اڌ جيترو به حڪومت ڪريَ ته به ماڻهن جو ڪجھ ڀلو ٿي پوي. پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته چئن ڏينهن جي رولاڪي جي باوجود به مون کي حڪومت جو ڪم ڪٿي به نظر نه آيو.

مال خور اين - جي - اوز جا فوٽو سيشن:

ٺٽي، مڪلي ۾ جتي هئنڊس ۽ مصطفيٰ زنئور جهڙا نوجوان پاڻ ارپڻ جي جذبي تحت ڪم ڪري رهيا آهن، اتي "اين - جي - اوز" جي حوالي سان ڪجھ تاريڪ پهلو به نظر آيا. هڪئي تنبوءَ ۾ واري واري سان بينر هٽي، ڪجھ کير جا دٻا ۽ دالين جا پئڪٽ ورهائيندڙ ڏنڌوڙي تنظيمون به جام نظر آيون. ۽ سامان ورهائڻ دوران سڄو زور فوٽو ڪڍائڻ ۽ وڊيو ٺهرائڻ تي نظر آيم. ڪجھ اين - جي - اوز ماڻهن ۾ جيڪي کير جا دٻا ۽ دوائون ورهايون، انهن جي ايڪسپائر ٿيڻ جي تاريخ به مهينا اڳ جي هئي. مون کي خبر ناهي اها ڪهڙي انسان دوستي آهي، ان کان ته بهتر آهي ته اهڙيون تنظيمون رڳو فوٽو سيشن ئي ڪرائين، انهن جي آڌار تي پلي پراجيڪٽس وٺن، پر ماڻهن کي وڌيڪ تباھ ته نه ڪن.

سسئي پليجو جي گهر اڳيان ايم - ڪيو - ايم جو جهنڊو:

آئون وڙ ڪندي شام ڏاري صوبائي وزير ثقافت سسئي پليجو جي گهر جي اڳيان پهتس، جتي ڏٺم ته دروازي جيِ ٻاهران ڪجھ ميرن ڪپڙن وارا موجود هئا. انهن مان هڪ جهڙو سگريٽ جي خالي ڪوکي تي ڪجھ لکي

رهيو هو. آئون انهن ڏانهن وڌي ويس ۽ پڇيو مانس: ”ڏيو خبر ڪير ماڻس آهيو ۽ ڪٿان جا آهيو؟“

”ٻنوري جا ملاح آهيون.“ هڪ زبان تي وراڻيائون.

”هت ڪڏهن پهتا؟“

”ڪلهه پهتا آهيون... ۽ زل ڪاڙهي ۾ ڪلي آسمان جي هيٺان ويٺا آهيون.“

”ڪا امداد وغيره ملي اٿوَ؟“ پڇيو مانس.

”هائو سائين! ڪوڙ بي عزتيون مليون آهن... اصل ڏۀ تي ويو آهي...“ هڪ همراهه چڙ مان وراڻيو.

”هت ڇو ويٺا آهيو... هنن ڪجهه ڏنو اٿو؟“ پڇيم.

”سائين پي - پي جا ووٽر آهيون... ارباب وزير ۽ مسعود مصطفيٰ شاهه کي ووٽ ڪياسين... هو ته پڄي ويا. صادق ميمڻ ۽ ڊاڪٽر واحد کي ڳولهيوسين... نيٺ هت پهتايسن ته ڪا اتي لپ ملي ته پيٽ جي باهه اجهايون... سڄو ڏينهن اڄ وچ لڳي پيئي آهي... سامهون ويٺل جنگشاهي مان آيل ماڻهن کي ته سيڌو سامان ڏين پيا، پر اسان کي رڳو ڏٽا... سڄو ڏينهن ليلايو اٿئون... تڏهن هاڻ ڇيو اٿن ته لسٽ ناهي ڏيو ته گهٽا گهر آهن... ڇا ڪريون سائين خوار ٿي ويا آهيون، ان ڪان ته ٻوڏ ۾ لڙهي وڃون ها ته چڱو هيئن ڏڪا ته نه جهليون ها... هاڻ ويٺا لسٽ ناهيون، پر آسرو ڪونهي.“

همراهن جون ڳالهيون ٻڌل دل ۾ خيال آيم ته ”سسئي پليجي جي والد غلام قادر پليجي کي خدا ايترو ڪجهه ڏنو آهي، جي روز ٻه سئو ديڳيون پيت جون ورهائي ته به سندس لاءِ ڪو مسئلو ڪونهي.“ ٻي ڏينهن هڪ اردو نيوز چينل تان ڏٺم ته محترمه سسئي پليجو متاثر ماڻهن ۾ سامان ورهائي رهي هئي، مون کي خبر ڪونهي ته ٻنوري جي انهن ملاحن کي ڪجهه مليو يا نه؟ سسئي پليجو جي گهر جي بلڪل سامهون هڪ بنگلي جي گيٽ تي ايم - ڪيو - ايم جو جهنڊو لڳل نظر آيو. پڇڻ ته خبر پيئي ته اتي امداد ورهائجي پيئي. مون محسوس ڪيو ته ايم - ڪيو - ايم اهو شعوري قدم کنيو آهي، جيئن سسئي کي چيڙائي سگهجي. سسئيءَ سان هزارين اختلاف ڪري سگهجن ٿا، پر سسئي جنهن جرئت سان ايم - ڪيو - ايم تي تنقيد ڪري ٿي، اها ايم - ڪيو - ايم کي هڪ اک به نٿي وڻي. ايم - ڪيو - ايم پلي ٻوڏ

متاثرين جي مدد ڪري، اسين سندن ان قدم تي ارها ناهيون، پر هن وقت سسئي جي گهر جي اڳيان جهنڊو هڻي امداد ورهائڻ سواءِ بدنيتي جي ٻيو ڪجهه به ڪونهي... ۽ ايم - ڪيو - ايم پاران ورهائجندڙ امداد به ڪا ايتري گهڻي نظر نه آئي، بس رڳو خانه پري ئي لڳي.

سرڪاري امداد رڳو اسان جي ماڻهن کي ڏيو:

ٺٽي ضلع جي لکين ڏتڙيل ماڻهن مان رڳو ڪجهه هزار ماڻهن تي ئي ڪن پارٽين ۽ وڏيرن جا نشان لڳل آهن، باقي ٻين لکين ماڻهن گذريل ڪجهه سالن ۾ پي - پيءَ - پي يا شيرازي گروپ کي ووٽ ڏيئي اقتدار جي ايوانن تائين پهچايو. پي - پي - پي جي چونڊيل نمائندن تي ڳالهائڻ ان ڪري به فضول آهي، جو هنن مان ڪنهن حد تائين سسئي پليجو جي باقي ايئن گم آهن، جيئن گڏهه جي مٿي تان سڱ! ڊاڪٽر واحد سومرو ته گهاري پوڻ مهل سڄي ڳوٺ ۽ ڳوناڻن کي ڇڏي، رڳو پنهنجا گهر وارا وٺي روانو ٿيو. صادق ميمڻ نوجوان آهي، منجهس سڀني اميدون هيون، پر هو به ڪو پوٺو باري نه سگهيو. عثمان جلباڻي ۽ رحماني، سي به شايد ڪنهن مراقبي ۾ ويٺل آهن. هنن سڀني جون ظاهري سرگرميون ڪٿي نظر نه اينديون هجن، پر هو ايندڙ سرڪاري امداد فقط پنهنجن نشان لڳل ماڻهن کي ڏيارڻ لاءِ ڳجهي نموني سرگرم نظر آيا (سرڪاري عملدار ته هونئن ئي ساڻن پٺ آهن). انهن نشان لڳل ماڻهن مان، جن کي اهي همراهه امداد ڏياري رهيا آهن، صفا ٿورا اهڙا چئي سگهجن ٿا، جيڪي حقيقي متاثرين آهن، باقي ٻيا سندن هاري ناري ۽ خاص ماڻهو چئي سگهجن ٿا. پر ٻوڏ متاثرين، بي نشان ماڻهن کي فقط پٽ جون ٿيلهيون ئي ملي رهيون آهن. جن مان هڪ ٻوڏ متاثر ساٿوڻ ماڇيءَ مون کي ٻڌايو: ”سائين! ڳاڙهن مرچن ۾ رڌيل پٽ کائي کائي هاڻ ته پيٽ ٿو سڙي..“

ٻوڏ جي ان خطرناڪ صورتحال ۾ به مقامي سياسي گروپ، ماڻهن جي واهر ڪرڻ جي بدران، پنهنجي سياست چمڪائڻ جي لاءِ هڪٻئي جي خلاف پروپيگنڊه ۾ رڌل آهن. پي - پي ته هونئن ئي پنهنجي نمائندن جي اعمالن سبب ضلع مان سيلابي ريلي سان گڏ لڙهي وڃي ”سنڌي سمنڊ“ ۾ پيئي. پر عوامي خدمت جي آڌار تي ٺٽي ضلع جي سياست تي حاوي رهندڙ ”شيرازي گروپ“ جو ڪردار به ڪو گهڻو نظر نه آيو. ٻيئي ڌريون

جيڪڏهين چاهين ها ته بهتر حڪمت عملي اختيار ڪري ضلع جا وڏا شهر سجاول ۽ جاتي بچائي پئي سگهيا. شيرازين وٽ پنهنجا وسيلا به آهن ته بهتر حڪمت عملي به، پر هنن به ٻنهي شهرن کي ننڍڙڪو ڇڏي ٻوڙائي ڇڏيو. هنن به پي - پي وارن جيان ئي پنهنجن خاص خاص ماڻهن کي پئسي ڏوڪڙ جي مدد ته ڪئي، پر عام خلقت کي ڪُت خلقت سمجهي مڪلي، ٺٽي ۽ درياءَ جي بندن تي بي يار و مددگار ڇڏي ڏنو آهي. ان سڄي صورتحال جو ذميدار پلي پي - پي کي ئي قرار ڏنو ويجي، پر هڪ ايم - اين - اي ۽ ٻه ايم - پي - اي جون سيٽون رکندڙ شيرازي گروپ جي ڪردار تي به آڱريون کڻڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهجي. هينئر هو مخالف ڌر ۾ هئڻ سبب پروپيگنڊه ۾ زور آهن، پر ايماندارانه راءِ اها آهي ته ”نڪا گهوٽ ڪئي، نڪا ڪمي ڪنوار ۾.“

ايندڙ ڏينهن ۾ ٻوڏ متاثرين جي لاءِ ايندڙ پئسن ٽان اجا به وڏيڪ وٽ وٺان ٿيڻي آهي، جو هينئر کان ئي اهڙن ماڻهن جون لسٽون تيار ٿيڻ شروع ٿي ويون آهن، جيڪي ڏرين جا ويجها ۽ خاص ماڻهو آهن. اصل حقدارن کي انهن لسٽن نهڻ ۾ جهيڙن کان پوءِ ڇا ملندو هر ڪو سمجهي سگهي ٿو.

ٺٽي تي ڄڻ غنيم ڪاهي آيو هو:

پهرين ٿي ڏينهن، هڪ لک کان به وڌيڪ آبادي رکندڙ ٺٽي شهر ۾ ڄڻ راڪاس گهميل هو. ائين پي محسوس ٿيو ته ارغون ۽ ترخان ٻيهر ٺٽي تي ڪاهي آيا هجن، ۽ انهن جي ڊپ کان يا ته ماڻهو گهرن ۾ لڪي ويهي رهيا آهن، يا شهر خالي ڪري ويا آهن. ٺٽي جي انتظاميا جي غلط حڪمت عمليءَ سبب، ماڻهن ۾ جيڪا وٽ وٺان ۽ ڀڄ ڀڄان ٿي، اهي نظارا ته شايد سڄي زندگي نه وسرن. پوءِ جڏهن ٺٽي تان ٻوڏ جو خطرو ٽري وڃڻ جو اعلان ڪيو ويو ته ماڻهن جي واپسي شروع ٿي ته دوڪان به کلڻ شروع ٿيا ۽ ڏنڊو ڏاڙي شروع ٿيو ته دوڪاندارن به پنهنجون ڪسرون ڪيڻ شروع ڪيون. ٺٽي جي هڪ ديوان دڪاندار جنهن سان منهنجي شناسائي هئي، تنهن کان وڌيڪ اگهه وٺڻ جو سبب پڇيم، جو هن عام طور تي منرل واٽر جي ڏهين واري ننڍي بوتل پندرهين روپئي وڪڻڻ شروع ڪئي هئي. وٺڻ ماڻهن جي

مجبوري هئي، منهنجي سوال جي جواب ۾ هن چيو: ”اسين واپاري موقعي جي تاڙ ۾ هوندا آهيون، تہ ٻہ پئسا ڪمايون.“ مون ڪيس چيو ”اهو ٺيڪ آهي... پر اهي موقعا ميلن، ملاڪڙن، عيدن، برادن تي ٺهن ٿا، پر هينئر جڏهن ماڻهن جو الهہ تلهہ چٽ ٿي ويو آهي، تڏهن اهو مناسب نٿو لڳي، اوهين تہ پاڻ ڪين وڏ ۾ وڏ رليف ڏيو ۽ منافعو نہ وٺو.“ ڪافي بحث ڪان پوءِ ڪلندي چيائين، ”توکي ڏنڏي جي ڪهڙي خبر... تون وڃي ڪتاب لک... اڃا تہ تون فلاڻن فلاڻن حاجي صاحبن جي دڪانن تي اگهہ تہ وڃي ڏس... مون تہ بوتل تي پنج روپيا وڌايا آهن، هنن تہ سڃا ڏهہ روپيا...“

”انهن جي تہ قيامت ئي ڪا نہ ٿيندي، پر تون تہ ڪجهہ رحم ڪر ماڻهن تي.“ مون ڪيس چيو.

مقامي ماڻهن بہ گهٽ نہ ڪئي:

ٻوڏ ڪان پوءِ متاثرين هزارن جي تعداد ۾ مڪلي جي ٽڪري تي بي يار و مددگار اچي ويٺا ۽ انتظاميا جي نا اهليءَ سبب سندن ڪا واهر ٿي نہ سگهي. ان دوران ڏسندي ئي ڏسندي، ڪجهہ ٽولا ٽڪري نروار ٿيا، جن ڪراچي ڪان ايندڙ امدادي سامان ڪٺي ايندڙ گاڏين مان امدادي سامان لٽڻ شروع ڪئي، پر انتظاميا ڪجهہ بہ نہ ڪيو. نتيجي ۾ اهو امدادي سامان متاثرين تائين پهچڻ ممڪن نہ رهيو. اهي ڦورو ڪير هئا؟ پهرين تہ اهو سمجهيو ويو تہ اهي متاثرين ئي آهن، پر پوءِ نيٺ اها نشاندهي ٿي تہ اهي ڪجهہ مقامي (مڪلي) جي برادرين سان واسطو رکندڙ ماڻهو آهن، جيڪي منظم انداز سان اهو ڪم پيا ڪن. انهن ڪجهہ ماڻهن جي انهيءَ ڦر لٽ، پوليس ۽ انتظاميا جي نا اهلي سبب، نہ رڳو امداد اچڻ بند ٿي ويئي، پر ٻوڏ متاثرين ڪيترائي ويلا لنگهڻ ڪاٽڻ تي پڻ مجبور ٿيا. هاڻ جڏهن اهڙن ماڻهن جي نشاندهي ٿي چڪي آهي تہ پوليس کي کپي تہ انهن کي فوراً گرفتار ڪري، سندن گهرن ۾ رکيل سامان هٿ ڪري متاثرين ۾ ورهائين.

❁

يوڌ ڊائري

[30 جولاءِ کان 20 سيپٽمبر تائين]

سڏي وهندڙ، سفيد رنگ واري،
۽ چمڪاڻ ڪندڙ سنڌو!
تنهنجو وهڪرو تيز آهي،
اَجهل سنڌو!
تون تِکي ۾ تِکن ۽،
ڪرشمن جهڙن گهوڙن وانگر،
تيز هلندڙ آهين.

(رِگويد، شلوڪ 7)

30 جولاءِ 2010ع

خيبر پختونخواهہ ۾ برساتن ۽ ٻوڏ جي تباهي، 200 ماڻهو فوت، 5 لک بي گهر ٿي ويا، ايمرجنسي لاڳو.

دهشتگردي سبب سخت متاثر ٿيل صوبي جي نظام کي 3 ڏينهن کان جاري برسات تباهہ ڪري ڇڏيو ريل سروس معطل، وفاقي حڪومت کي مدد جي اپيل ڪندي 10 ڪروڙ روپيا گهريا ويا. پشاور ۾ رڪارڊ برسات، ڪيترائي علائقا ٻڏي ويا، 11 ڄڻا فوت، اپر دير، لوئر دير ۽ شانگلا ضلعن ۾ ڪيترين ئي پلن لڙهي ويون، اسڪول تباهہ. سوات جي ضلعي هيڊ ڪوارٽر مينگوره ۾ پل لڙهي وڃڻ سبب پاڻي شهر ۾ داخل ٿي ويو عورتن سميت سوين شهري ڦاسي پيا، ٻوڏ سبب ضلعي ۾ 25 سئو پلون لڙهي ويون. ڪوهستان ۾ ٻوڏ سبب هائيڊرو پاور پراجيڪٽ تي ڪم ڪندڙ چيني شهرين جون ڪيمپون لڙهي ويون، 2 سئو چيني ڦاٿل، 3 چيني انجنيئر ۽ 9 ورڪر لاپتا ٿي ويا. نوشهره ۽ چارسده ضلعن ۾ ڦاٿل هزارين ماڻهن کي ٻاهر ڪڍڻ لاءِ پاڪ فوج جي مدد طلب ڪئي وئي، هيليڪاپٽر سروس شروع، وڌيڪ برساتن جو امڪان آهي: موسميات کاتو.

صوبي ۾ 50 سيڪڙو سيڪڙو پلون لڙهي وڃڻ سبب 80 سيڪڙو شهرن جو هڪٻئي سان زميني رابطو ڪٽجي ويو شانگلا ۾ پل لڙهڻ سبب شاهراهہ بشام بند ٿي وئي، گلگت بلتستان جو بہ سڄي ملڪ کان رابطو ڪٽجي ويو.

—

ڊيلٽا ۾ پاڻي اچڻ بعد مهاڻن ۾ خوشي جي لهر، دعائون گهريون ويون.

مهاڻن مختلف تڙن تي ٻارن ۽ عورتن سميت گڏ لوڪ گيتن سان سنڌو کي ڀيٽا ڏني. ڊيلٽا ۾ پاڻي جي وهڪري بعد رهواسين جون مرڪون موٽي آيون، هٿ کڻي دعائون گهريون ويون. پاڻي وهي اچڻ بعد مهاڻن ٻيڙين ۽ هوڙن جا سڙهہ اُڀا ڪري ڇڏيا، پلي جي افزائش ۾ واڌ اچي وئي.

سنڌوءَ سميت سمورا درياءَ تار تي ويا: منگلا پرڻ بند، سنڌ ۾ 4 آگسٽ کان وڏي ٻوڏ اچڻ جي وارننگ جاري.

خيبر پختونخواهہ ۽ پنجاب سميت سنڌو درياءَ جي ڪيچمينٽ ايريا ۾ لاڳيتين برساتن بعد انڊس رِور سسٽم ۾ 12 لک ڪيوسڪ پاڻي داخل، خيبر پختونخواهہ ۾ بدترين ٻوڏ، پنجاب جا ڪيترائي علائقا متاثر. تربيلا وٽ سنڌوءَ جو مٿيون وهڪرو 6 لک 30 هزار ڪيوسڪ پاڻي رڪارڊ، تربيلا کان هيٺ وڏي ٻوڏ، ڪالا باغ وٽ 6 لک 20 هزار ۽ چشما وٽ 6 لک ڪيوسڪ پاڻي رڪارڊ، اڄ وهڪرا ساڍا 8 لک ڪيوسڪ پاڻي تي پهچڻ جا امڪان. ڪابل درياءَ ۾ نوشهره وٽ پاڻي وهڪرا 3 لک ڪيوسڪ پاڻي تي پهتا، چشما کان هيٺ پاڻي وهڪرا خطرناڪ حد تائين وڌڻ سبب سي - آر - بي - سي جا گيجز ٽٽي ويا: ارسا پاران تصديق.

منگلا وٽ جهلم ۾ تمام وڏي ٻوڏ، پاڻي جا وهڪرا 3 لک ڪيوسڪ تي پهتا، واپڊا خطرناڪ صورتحال سبب منگلا ۾ پاڻي جي ذخيري اندوزي بند ڪري ڇڏي، چناب ۾ مرالہ وٽ سوا 2 لک ڪيوسڪ وهڪرن سبب وچولي ٻوڏ.

تونسا وٽ ننڍي ٻوڏ، سنڌ لاءِ 2 لک 35 هزار ڪيوسڪ پاڻي ڇڏيو ويو، گڊو وٽ پڻ ننڍي ٻوڏ واري صورتحال، مٿيان وهڪرا 2 لک 57 هزار ڪيوسڪ تي پهتا، 4 آگسٽ تي سنڌ ۾ ساڍا 7 لک ڪيوسڪ پاڻي پهچندو: ارسا جي وارننگ.

ٻوڏ جو ريلو گذرڻ تائين بئراجن مان نڪرندڙ سمورا واهہ بند رکڻ جي هدايت، پنجاب چشما - جهلم لنڪ ڪئنال، ٿل، ڏيرا غازي خان، مظفر ڳڙهہ ۽ پختونخواهہ چشما رائيٽ ڪئنال بند ڪري ڇڏيا.

سنڌ آبپاشي کاتي پاران ايمرجنسي ڊڪليئر، 158 هنڌ حساس قرار، ڪچو خالي ڪرائڻ جو حڪم.

سنڌ جي وڏي وزير سيد قائم علي شاهہ جي صدارت هيٺ اعليٰ سطحي اجلاس، سمورن کاتن، ضلعي انتظاميائن ۽ قانون لاڳو ڪندڙن کي

هاءِ الرٽ رهڻ جو حڪم. اسڪولي عمارتون خالي ڪرائي امدادي ڪئمپون قائم ڪرڻ جي هدايت، بندن جي 24 ڪلاڪ نگراني جو حڪم. سمورن ڊي ـ سي ـ اوز کي ڪچي ۾ رهندڙن کي لڏائي محفوظ هنڌن تي آڻڻ جو حڪم، آفيسرن توڙي عملي جون موڪلون بند. اسان 148 هنڌ حساس ۽ 10 ڪان 12 هنڌ انتهائي جساس قرار ڏنا آهن. ٻوڏ کي الله تعاليٰ جي مهرباني سان گذاري ويندا سين: شجاع جوڻيجو.

—

"گهر خالي ڪريو:" سکر ۾ درياءَ بند جي آبادين کي نوٽيس، پڙها ڏنا ويا.

سنڌوءَ جو وهڪرو پوڻا 2 لک هوندي پاڻي گهرن ۾ داخل ٿي ويو. دريائي پيٽ ۾ شهرين قبضا ڪري گودام، گهر ۽ دڪان تعمير ڪرائي ڇڏيا.

—

هيل هاءِ فلڊ اچي پيو ڪچي واسي پڪي تي اچن: چيف انجنيئر گڊو بئراج

6 سالن کان پوءِ سنڌ ۾ ٻوڏ واري صورتحال ٿي آهي، نگراني ڪريون پيا.

—

گڊو وٽان 1976ع ۾ 12 لک ڪيوسڪ جو ريلو ٻه گذريو هو.

1988ع ۽ 1992ع ۾ ٻه 9 لک ڪيوسڪ جي سُپر فلڊ جو گذر ٿيو.

دريائن جا وهڪرا:

درياءَ	وهڪرا (ڪيوسڪ ۾)
سنڌو (تربيلا وٽ)	630000
ڪابل (نوشهره وٽ)	300000
چناب (مرالہ وٽ)	227000
جهلم (منگلا وٽ)	300000
	ذريعو: ارسا ۽ فلڊ ڪميشن

(روزاني ڪاوش).

❁

31 جولاءِ 2010ع

سنڌ ۾ 48 ڪلاڪن اندر ٻوڏ ايندي: گڊو وٽ سا ڍا 9 لک ڪيوسڪ پاڻي جي اڳڪٿي: فوج جي مدد طلب

تربيلا وٽ صبح جي وقت تمام وڏي ٻوڏ جي صورتحال رهي، مٿيان وهڪرا 8 لک ۽ هيٺيان وهڪرا 6 لک ڪيوسڪ رڪارڊ. تربيلا ۾ 215 فوٽ پاڻي ذخيرو ٿي چڪو رات جي وقت وهڪرن ۾ گهٽتائي. نوشهره وٽ ڪابل درياءَ جا گيج ٽٽڻ سبب پاڻي جو ڪاٿو ڪرڻ ناممڪن بڻجي ويو شام جي وقت اٽڪ ـ خير آباد وٽ سنڌوءَ ۾ سپر فلڊ جا 12 لک ڪيوسڪ پاڻي وهڪرا رڪارڊ. جناح بئراج وٽ به سپر فلڊ جي صورتحال. چشما بئراج وٽ به سپر فلڊ واري صورتحال. پاڻي وهڪرا 9 لک 16 هزار ڪيوسڪ رڪارڊ. پنجاب جي آخري بئراج تونسا وٽ وچولي ٻوڏ. اڄ وهڪرا 5 لک ڪيوسڪ ٿيڻ جا امڪان. گڊو وٽ 48 ڪلاڪن اندر وڏي ٻوڏ جي وارننگ. منگلا وٽ جهلم درياءَ ۾ وڏي ٻوڏ: دريائي وهڪرا اڍائي لک ڪيوسڪ تي پهتا. چناب جي وهڪرن ۾ لاٿ: ڀارت پاران چناب جا ٻيهر وهڪرا وڌڻ جا اطلاع. پنجند وٽ 43000 ڪيوسڪ پاڻي پهچي ويو: ارسا پاران سنڌ ۽ پنجاب کي ٻيهر ايڊوائيزري جاري.

وزيراعليٰ جي صدارت هيٺ ٿيئي ڏينهن به اجلاس: سنڌ ۾ 4 آگسٽ کان سپر فلڊ ايندو. گڊو وٽان سا ڍا 9 لک ڪيوسڪ کان به وڌو ٻوڏ جو وهڪرو گذرندو. ٻوڏ جي خراب اثرن کي روڪڻ لاءِ فوج جي مدد گهري ويئي. ويجي: گڏجاڻي بابت ٻڌرائي. آبپاشي عملدار پوليس ۽ رينجرز بندن جو گڏيل گشت ڪندا: ڳوٺاڻن کي ڪچو خالي ڪرڻ جي صلاح. ٻوڏ سٽيل علائقن ۾ اسڪول خالي ڪرائي امدادي ڪيمپون قائم ڪيون وينديون. ٻيلو کاتو کاتيون ۽ زراعت کاتو بلڊوزر مهيا ڪندو صحت ۽ چوپائي مال جي کاتن کي گشتي ٽيمون موڪلڻ جو حڪم.

وفاقي سرڪار مهيني جي راشن جو انتظام ڪري ڇڏيو اقوام متحده کي مدد جي درخواست.

هفتي اندر سنڌ ۾ وڏي ٻوڏ ايندي، سنڌ سرڪار کي حفاظتي انتظام ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي: (صمصام بخاري). خيبر پختونخواهه ۾ وڏو نقصان ٿيو آهي، 292 ماڻهو فوت ۽ ڪيترائي گم ٿي ويا آهن، دوست ملڪن کي مدد لاءِ ناهي چيو. سکر بئراج کان 9 لک ڪيوسڪ کان وڌيڪ پاڻي گذرندو اها وڏي ٻوڏ هوندي. ٻوڏ کي ڪيئن منهن ڏجي؟ آبپاشي عملدارن ۽ فوج جون گڏجاڻيون.

-

گڊو جي نگراني روينيو ۽ سکر بئراج جي سنڀال آبپاشي وزير سنڀالي.
(روزاني ڪاوش).

❁

ڇهرين آگسٽ 2010ع

سنڌ ۾ خطرناڪ ترين ٻوڏ جي نئين وارننگ: پاڻي ريلو سا ڍا 10 لک ڪيوسڪ هوندو سکر بئراج ۾ ايتري سگهه ناهي: قائم علي شاهه

گڊو وٽ سا ڍا 10 لک ڪيوسڪ ۽ سکر وٽ 10 لک ڪيوسڪ پاڻي جا خطرناڪ وهڪرا پهچڻ جي اڳڪٿي، 6 کان 7 آگسٽ تي گڊو وٽ تمام وڏا غير معمولي ٻوڏ جا وهڪرا گذرندا، جنهن سبب گهوٽڪي ضلعي ۽ سکر جي هيٺين علائقن ۾ ٻوڏ اٿڻ قرار. 4 آگسٽ تي سکر وٽ 5 کان 6 لک ڪيوسڪ پاڻي جا وهڪرا شروع ٿيندا، جيڪي 7 آگسٽ تي 10 لک ڪيوسڪ جي سپر فلڊ وهڪرن تائين پهچي سگهن ٿا، جنهن سبب سکر، لاڙڪاڻو نوابشاهه، حيدرآباد ۽ نوشهرو فيروز ضلعا متاثر ٿيندا: موسميات کاتو.

چشما وٽ صدي جو وڏي ۾ وڏو 9 لک 80 هزار ڪيوسڪ جو ريلو گذرڻ لڳو اڄ تونسا وٽ 8 لک ڪيوسڪ سپر فلڊ جا وهڪرا پهچندا، منگلا وٽ اڃا پاڻي صورتحال تي ڪنٽرول ناهي ٿيو: ارسا جا عملدار.

وڏي وزير طرفان گڊو بئراج ۽ بچاءُ بندن جو دورو امدادي ڪمن جو جائزو آبپاشي عملدارن طرفان بريفنگ، ڪيترن ئي سالن کان بچاءُ بندن جي مرمت تي توجهه نه ڏنو ويو آهي، سمورا ڊي. سي. اوز ڪچي مان ماڻهن کي ٻاهر آڻين: (قائم علي شاهه). جڏهن تربيلا ۽ منگلا ڊيم ڀرجي ويا، تڏهن ڪابل ندي 3 لک ڪيوسڪ کان وڌيڪ پاڻي سنڌوءَ ۾ ڇوڙڪرڻ لڳي، جڏهن چشما وٽ سطح 8 لک ڪيوسڪ تي پهتي، تڏهن اسان کي اطلاع ڏنو ويو پاڪ فوج کي هاءِ الرٽ رکيو ويو آهي. پنجاب وارا اسان کي ڪوٽڙي کان هيٺ پاڻي ڏيڻ لاءِ تيار نه هئا، هاڻ جڏهن درياءُ بادشاهه گجگوڙ ڪري رهيو آهي، تڏهن پاڻي سنڌ ڏانهن ڇڏيو ويو آهي، ڪچي جا ماڻهو زندگيون بچائڻ لاءِ پڪي تي نڪري اچن: قائم علي شاهه جون ميڊيا سان ڳالهيون.

—

سکر بئراج وٽان 12 لک ڪيوسڪ پاڻي به گذري سگهي ٿو: ادريس راجپوت.

8 لک ڪيوسڪ پاڻي سکر وٽ ايندو جيڪو آساني سان گذري ويندو.

سنڌ حڪومت ٻوڏ کي منهن ڏيڻ لاءِ تياريون مڪمل ڪري ورتيون آهن. سکر بئراج جا 10 دروازا بند آهن. 1976ع ۾ آيل ٻوڏ دوران سکر بئراج وٽان 12 لک ڪيوسڪ پاڻي گذريو هو.

—

سنڌو ۾ ڪالا باغ، چشما ۽ جهلم وٽ اوچي درجي جي ٻوڏ.

گڊو سکر ۽ چناب وٽ هيٺاهين درجي جي ٻوڏ آهي: موسميات کاتو.

—

18 سالن کان سنڌ ۾ سُپر فلڊ نه آيو آهي، بندن جي سلامتي ۽ مضبوطي جي تصديق نٿي ڪري سگهجي: آبپاشي عملدار.

گذريل 7 سالن دوران سنڌ جي گهوڙا گهٽ، توڙهي ۽ ياڻوٽ بچاءُ بندن کان سواءِ ڪٿي به مرمتي ڪم نه ڪرايا ويا آهن. آبپاشي عملدارن ۽ ماهرن طرفان وڏي وزير کي بريفنگ کان پوءِ سنڌ حڪومت جا نمائندا پريشان: وڏي وزير طرفان سخت هدايتون.

(روزاني ڪاوش).

❁

2 آگسٽ 2010ع

ٻوڏ جو واچ ڪان سنڌ ڏانهن رخ: فوج انتظام سنڀالي ورتا: صورتحال خطرناڪ آهي، عوام آفت کي منهن ڏئي: سنڌ سرڪار.

چشما وٽان خير خوبي سان گذري خطرناڪ ٻوڏ جو 10 لک 34 هزار ڪيوسڪ وارو وڏو ريلو واچ تونسا بئراج پهچندو: سُنڌ جي ٻهرين بئراج گڊو وٽ اچ پاڻي جو وهڪرو ساڍا 3 کان 4 لک ڪيوسڪ جي وچولي ٻوڏ سطح جو ٿيندو. سنڌوءَ ۾ مسلسل پاڻي جا تار وهڪرا هئڻ سبب ڪالا باغ کان هيٺ ليسر ٿل ڪئنال جي هيڊ ريگيوليٽر کي خطرو. تربيلا وٽ سنڌو درياءَ جي وهڪرن ۾ لاٿ. پاڻي وهڪرا گهٽجي پوڻا 4 لک تي پهتا. منگلا وٽ جهلم جا وهڪرا بہ گهٽجي ڏيڍ لک ڪيوسڪ تي پهتا. گڊو کان ياڻوٽ بچاءُ بند تائين گهوڙا گهٽ، ڪي - ڪي، ٽوڙهي بنگلو، گهوٽڪي، رانوتي، ماڇلو، ٻيلو ميرپور، وستي جيوڻ شاهہ، الف ڪچو تيغاڻين جي ٽبي، منڊو ديرو، ڪچو پڪو ٻنڌي ۽ فريد آباد لوپ خطرناڪ قرار. رڪ اسپر، جهلي ڪلواڙي، ڪرڙي، ايم ايس، ايم ايس، ڏوڪري - ٻلهڙيجي، ياڻوٽ قاضي احمد، نوشهرو فيروز ۽ ڪنڊيارو وارا بند انتهائي حساس قرار: بندن جي ڊيگهہ 20 مان گهٽجي 10 فوٽ تي آهي، مٽي ڪٽڻ سبب گهارن جو خطرو آهي: سروي ٽيمون.

گهوٽڪي، سکر، شڪارپور، ڪشمور، خيرپور، نوشهرو فيروز ۽ دادو ضلعن لاءِ فوج جا جٿا روانا. پنو عاقل ڇانوڻي ۾ فلڊ مانيٽرنگ سيل قائم. هيليڪاپٽرن ذريعي نگراني شروع. گڊو ۽ سکر بئراجن جي ڪمانڊ ايريا ۾ رينجرز ۽ پوليس جو گشت شروع. امدادي ڪئمپون بہ قائم.

34 سالن کان پوءِ خطرناڪ ٻوڏ اچي ٿي، 1200 ميلن تي پکڙيل بندن جو انچ انچ خطرناڪ آهي، ڪچي مان هن وقت تائين رڳو 20 کان 25 سيڪڙو ماڻهن لڏپلاڻ ڪئي آهي، هاڻ لڏائڻ جي ذميواري پوليس حوالي ڪئي اٿئون. زميندار بہ مدد ڪن اسان کي ٻوڏ واري صورتحال کي منهن ڏيڻ

لاءِ ڪجهہ ڏينهن مليا آهن. ماضي ۾ سکر بئراج وٽان 10 لک پاڻي گذريو پر ڪن فني سببن ڪري هينئر اها گنجائش گهٽجي 9 لک ڪيوسڪ تي آهي، اسان پنهنجن اتحادي ڌرين، اپوزيشن، سياسي سماجي تنظيمن ۽ سرندي وارن کي ٻوڏ کي منهن ڏيڻ لاءِ اڳتي اچڻ جو سڏ ڏيون ٿا: (سيف الله ڌاريجو جي پريس ڪانفرنس).

—

خيبر پختونخواهہ ۾ ٻوڏ سبب فوتين جو انگ 1200 کان وڌي ويو، هڪ سئو لاپتا، پرڏيهين سميت سوين قاتل.

مالا ڪنڊ ڊويزن ۾ 2 هزار کان وڌيڪ گهر ۽ 170 هوٽلون تباهہ ٿي ويون. ڪوهستان ۾ ڦاٿل 90 چيني انجنيئرن کي اسلام آباد منتقل ڪيو ويو.

ڪوهستان ۾ اڃا هڪ سئو پرڏيهي ڦاٿل، ڪالام ۽ بحرين ۾ 15 سئو سياح ڦاٿل آهن: (پختونخوا جو صوبائي وزير ميان افتخار).

فوت ٿيلن جي وارثن کي هڪ هڪ لک بدران 3 ـ 3 لک ڏنا ويندا، 50 سال پوئتي هليا ويا آهيون: خيبر پختونخواهہ جو وڏو وزير امير حيدر هوتي.

—

ڪچي ۾ هزارين ماڻهو ڦاٿل، لڏپلاڻ بہ شروع، ڳوٺ پاڻي هيٺ.

مختلف ضلعن ۾ فوج ۽ سول انتظاميا جي عملدارن طرفان بچاءُ بندن جا دورا. لاڙڪاڻو ـ خيرپور پل تي دٻاءُ، سرڪار ڪا بہ سار ناهي لڌي: ڳوٺاڻا.

ٻوڏ جي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ انتظام ڪيل آهن: چيف انجنيئر سکر بئراج.

—

سکر بئراج جا 3 واهہ بند، 3 ڪئنالن جا وهڪرا گهٽايا ويا.

نارا، خيرپو ايسٽ توڙي ويسٽ ڪئنالن کي بند ڪيو ويو. روهڙي جو وهڪرو 50 ۽ دادو توڙي رائيس ڪئنال جو وهڪرو 20 سيڪڙو گهٽايو ويو.

—

آر ـ بي ـ او ـ ڊي (ٽو) وڏن شهرن لاءِ خطرو بڻجي ويو، ٻوڏ ۾ سن ۽ مانجهند بہ ٻڏڻ جا امڪان.

دولت پور کان هالا تائين شهر خطري هيٺ، منصوبي تي خرچ ٿيل 30

ارب روپيا ٻه پاڻي ۾ لڙهي وڃڻ جو خدشو. آر- بي-او- ڊي (ٽو) پان سيد آباد کان سيوهڻ شهر کان هيٺ درياءَ سان گڏوگڏ هلي ٿو انڊس هاءِ وي ٻه گڏ آهي. درياءَ ۾ اينڊڙ معمولي چاڙهه ٻه پڳي ٿوڙهي جبل وٽ بندن کي نقصان رسائيندي رهي آهي، سيوهڻ تائين 5 لک ڪيوسڪ پاڻي آيو ته سن ۾ مانجهند لڙهي ويندا. 1992ع ۾ آيل ٻوڏ انڊس هاءِ وي کي ٻوڙي ڇڏيو هو. هاڻي ٻه ايترو پاڻي آيو ته آر- بي- او- ڊي جا بند ٽٽي ويندا.

آر- بي- او- ڊي (ٽو) سنڌو درياءَ ۾ حد دخلي آهي، منصوبو ڊيزائين ڪندڙن خلاف ڪارروائي ڪنداسين، تباهي کان بچڻ لاءِ قدم کڻون پيا: وزير آبپاشي ڄام سيف الله ڌاريجو.

-

سنڌ جي ٽنهي بئراجن 12 لک ڪيوسڪ وهڪرن کي 3 ڀيرا منهن ڏنو.

5 آگسٽ 1976ع تي 11 لک 99 هزار ۽ 13 آگسٽ 1986ع تي 11 لک 72 هزار ڪيوسڪ وهڪرو هو.

(روزاني ڪاوش).

❁

3 آگسٽ 2010ع

گڊو وٽ ٻوڏ اچي وئي: نيوي ۽ ايئر فورس الرٽ: ڪچي جي 10 لک ماڻهن کي زبردستي لڏائڻ جو حڪم.

گڊو تي اڄ کان وڏي ٻوڏ شروع ٿي ويندي، بئراج تي پاڻي جو چاڙهه 6 لک ڪيوسڪ تائين پهچي ويندو، اينڌڙ 2 ڏينهن ۾ گڊو وٽان سا ڍا 10 لک ڪيوسڪ کان مٿي جو خطرناڪ ريلو گذرندو: فيڊرل فلڊ ڪميشن.

سکر ۽ گڊو بئراجن جي وچ واري علائقي ۾ درياءَ جو پاڻي ڪچي ۾ اڏيل بچاءَ بندن جي پهرين لائين تائين پهچي ويو: ٻوڏ متاثرين لاءِ سکر ۾ 14 ۽ گهوٽڪي ۾ 17 پڪيون امدادي ڪئمپون قائم ڪيون ويون. گهوٽڪي کان ٺٽي تائين 14 ضلعن جي ڊي- سي- اوز پنهنجن رپورٽن ۾ 10 لک

ماڻهن جون حياتيون خطري ۾ ڇاڻايون آهن. سنڌ حڪومت ماڻهن جون زندگيون بچائڻ لاءِ کين زبردستي منتقل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي: پي - ڊي - ايم - اي جو ڊي جي.

پهرين مرحلي ۾ گهوٽڪي کان سکر تائين 2 لک ماڻهن کي پڪي ڏانهن منتقل ڪيو پيو وڃي، ٻئي مرحلي ۾ دادو تائين اڍائي لک ماڻهن کي ڪچي مان ٻاهر ڪڍبو، ٽئين مرحلي ۾ دادو کان هيٺ آپريشن ٿيندو. قانون لاڳو ڪندڙن کي ڪا به رعايت نه ڪرڻ لاءِ چيو ويو آهي. سمورن ڊي - سي - اوز کي حساس قرار ڏنل بندن سان لاڳاپيل پڪي جي شهرن ۽ ڳوٺن کي به خالي ڪرائڻ يا هنگامي طور ٻاهر نڪرڻ لاءِ تيار رکڻ جو چيو ويو آهي، ايئر فورس جا هيليڪاپٽر، نيوي ۽ ڪوسٽ گارڊن جون لانچون به موجود هونديون: اخبار وارن سان ڳالهيون.

—

گڊو بئراج تي فوجي جٿا مقرر: رينجرز پوليس جو گشت شروع.

نيوي جا 200 اهلڪار پهتا، اڄ کان هيلي ڪاپٽرن ذريعي مانيٽرنگ ٿيندي

—

گهوٽڪي ۾ ٻوڏ جي وهڪري ۾ 2 نينگر ۽ عورت لڙهي وڃڻ جا اطلاع.

ڪچي جي علائقي نانگ واهه جي ڳوٺ قبول سندراڻي ۾ ٻوڏ جو پاڻي ڪاهي پيو. 7 سالن جو ساجد سندراڻي، نادر ولد ڪراڙو ۽ پيرسن جمال خاتون ٻڏي فوت ٿي ويا آهن: ڳوٺاڻو.

(روزاني ڪاوش)

❁

4 آگسٽ 2010ع

وڏو وهڪرو سياڻي سنڌ ۾ داخل ٿيندو سکر بئراج خطري ۾ آهي، سنڌوءَ کي گهارو هڻڻون پوندو: ڊزاسٽر اٿارٽي. هٿرادو گهارو نه هڻنداسين: قائم علي شاهه.

سنڌ جي پهرين بئراج گڊو وٽ پاڻي وهڪرا 4 لک ڪيوسڪ تائين پهچي ويا. اڄ سطح 5 کان 6 لک ڪيوسڪ تي پهچندي، سياڻي کان سنڌوءَ جا سا ڍا 9 لک ڪيوسڪ تائين خطرناڪ وهڪرا سنڌ ۾ داخل ٿيندا. ڪوٽ ادو ۾ مٺڻ ڪوٽ وٽ سنڌوءَ کي گهارا لڳڻ سبب هاڻ 10 بدران ساڍا 9 لک ڪيوسڪ پاڻي گڊو پهچندو: (ماهر). ڪوهه سليمان جي جابلو پٽي ۾ پيل برساتن جو ريلو سنڌوءَ ۾ داخل ٿيڻ سبب پاڻي جو اندازو ڪرڻ مشڪل بڻيل. گڊو بئراج جي هيٺين پاسي گڊو. ڪشمور توڙهي ۾ گهوڙا گهٽ بندن سان ٽڪرايو. سکر بئراج جي اوپاري پاسي پاڻي غلام بند، منڊو ديرو ۾ تيغاڻين واري ٽپي تائين پهچي ويو. فوج، نيوي ۾ رينجرز جا اهلڪار الرٽ. حساس هنڌن تي فوج ۾ رينجرز جا اهلڪار مقرر ڪيا اٿئون. هر ايم - پي - اي ۾ وزير کي 20 ڪلوميٽرن تائين بندن جي نگراني سونپي آهي، ماضي ۾ بندن کي نظر انداز ڪيو ويو: قائم علي شاهه.

سکر بئراج وٽان 9 لک ڪيوسڪ کان وڌيڪ پاڻي گذاري نٿو سگهجي، اسان آبپاشي کاتي کي بئراج بچائڻ لاءِ گهارو هڻڻ جي هنڌ جي نشاندهي لاءِ چيو آهي: (ڊزاسٽر اٿارٽي). گهارو هڻڻ جي ضرورت ناهي: شجاع جوڻيجو.

لاڙڪاڻو - خيرپور پل وٽ ٻوڏ صورتحال تي آبپاشي ۽ اين - ايچ - اي اختيارين ۾ تڪرار. آبپاشي کاتي پاران پل انتهائي خطرناڪ قرار.

وڏي وزير قائم علي شاهه آبپاشي وزير سان گڏ لاڙڪاڻي ضلعي اندر بندن جو فضائي معائنو ڪيو. لاڙڪاڻو - خيرپور بابت بريفنگ ورتي. بريفنگ دوران آبپاشي کاتي ۽ اين - ايچ - اي جي عملدارن ۾ تضاد. هڪٻئي جي موقف کي غلط قرار ڏيندا رهيا.

(روزاني ڪاوش)

❋

5 آگسٽ 2010ع

خطرناڪ ٻوڏ اڄ سنڌ جو رخ ڪندي، ڪچو ٻڏي ويو سکر بئراج کي خطرو آهي: (وفاق)، اُپاءَ ورتا آهن، وڏيڪ خدا جي مرضي: سنڌ سرڪار.

گڊو وٽ وڏي ٻوڏ جا وهڪرا 5 لک 66 هزار ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيا ويا، اڄ شام کان گڊو وٽ سُپر ٻلڊ جي صورتحال پيدا ٿيندي، گڊو وٽ 8 لک ڪيوسڪ پاڻي پهچندو: (سنڌ جو آبپاشي وزير)، پاڻي 9 لک ڪيوسڪ کان مٿي هوندو: (پنجاب جا آبپاشي ماهر).

ارسا ۽ فلڊ ڪميشن جي انگن اکرن ۾ فرق ظاهر، 12 ڪلاڪن تائين سائيٽ اپ ڊيٽ نہ ڪئي وئي، سکر بئراج وٽ وچولي ٻوڏ جو اعلان، پاڻي وهڪرا 3 لک ڪيوسڪ کان وڌي ويا، گڊو وٽ 36 ڪلاڪ وڏي ٻوڏ واري صورتحال رهندي، پنجاب ۾ پيل گهارن سبب سنڌ ۾ 8 لک ڪيوسڪ پاڻي جو وهڪرو داخل ٿيندو، جيڪو گڊو ۽ سکر بئراجن وٽان آساني سان گذري ويندو بئراجن کي ڪو خطرو ناهي، باقي سنڌ جا بچاءَ بند ڪمزور آهن جن کي بچائڻ لاءِ ڪوششون ورتيون آهن: سيف الله ڌاريجو.

گڊو ۽ سکر بئراجن وچ ۾ بندن ۾ 145 حساس هنڌ ظاهر ٿيا آهن، فوج، نيوي ۽ رينجرز موجود آهن، هر ضلعي کي امدادي ڪمن لاءِ 20 لک ڏنا اٿئون، بئراجن کي بچائڻ لاءِ سنڌوءَ جي بچاءَ بندن کي گهاري هڻڻ جو ڪو پروگرام ڪونهي. جيترو پاڻي پنجاب ۾ پيل گهارن سبب تڙي پکڙجي ويو آهي، ايترو ئي پاڻي ڊيرا غازي خان جي جابلو پٽي ۽ راجن پور ۾ پيل برساتن سبب سنڌوءَ ۾ داخل ٿيو آهي، وهڪرو 9 لک ڪيوسڪ تائين هوندو. گڊو ۽ سکر بئراجن وچ ۾ هفتي تائين سپر فلڊ رهندو: پنجاب جا آبپاشي ماهر.

سنڌو ۾ پنجاب وٽان پوڻا 11 لک ڪيوسڪ جو خطرناڪ ريلو ڇڏيو ويو: فلڊ ڪميشن.

فلڊ ڪميشن جي مليل انگن اکرن موجب پنجاب جي ڇاڇڙان واري علائقي وٽان پوڻا 11 لک ڪيوسڪ پاڻي ڇڏيو ويو: شجاع جوڻيجو.

خيرپور جي ڪچي ۾ ڪيترائي ڳوٺ ۽ 13 ٽاٽا پاڻي هيٺ، قلم 144 لاڳو. رهواسين کي زبردستي لڏائڻ جو عمل شروع.

ٻوڏ سبب ڪچي جا 70 سيڪڙو ڳوٺ ۽ فصل پاڻي هيٺ اچي ويا، انتظاميا پاران بجلي بند، ڪيترن ئي رهواسين پاران منتقل ٿيڻ کان انڪار.

—

گڊو بئراج وٽان اڄ 10 لک ڪيوسڪ پاڻي گذرندو: موسميات کاتو.

موسميات کاتي ٻوڏ بابت نئين ايڊوائيزري جاري ڪري ڇڏي.

شڪارپور جي ڪچي ۾ 50 ڳوٺن ۾ پاڻي داخل، 4 هزار ماڻهو ڦاٿل، نينگر لڙهي ويو.

ضلعي جي خانپور ۽ لکي غلام شاهه تعلقن ۾ ڳوٺن اندر درياءَ جو پاڻي داخل ٿي ويو. ڳوٺن جي چوڌاري پاڻي بيهڻ ڪري ڳوٺاڻن جو نڪرڻ مشڪل ٿي ويو. انتظاميا اسان کي ٻاهر ڪڍڻ ۾ مدد ڪري: (ڳوٺاڻا)، تياريون اماڻيون آهن: (انتظاميا).

—

سنڌ آبپاشي کاتي کي 40 ڪروڙ روپيا جاري ٿي ويا.

25 ڪروڙ آفتن کي منهن ڏيڻ ۽ 15 ڪروڙ واهن ۽ ڪئنالن جي رٿائن لاءِ استعمال ٿيندا. صوبائي رليف ڪمشنر کي 5 ڪروڙ روپيا آئوٽ آف بجيٽ جاري ڪيا ويا.

—

پنجاب ۾ منڻ ڪوٽ شهر کي ٻوڙڻ بعد ٻوڏ جو پاڻي مظفر آباد شهر ۾ داخل.

جناح هائيڊرو پاور پلانٽ تي ڪم ڪندڙ چيني انجنيئرن کي ميانوالي کان اسلام آباد منتقل ڪيو ويو.

—

فوج ٻوڏ متاثرن جي فنڊ ۾ هڪ ڏينهن جي پگهار ڏيندي: آرمي چيف.

—

لاڙڪاڻو - خيرپور پل انتهائي خطرناڪ ٿيل ڪجهي آهي، اين ايڇ اي پار ڪنٽرول سنڀالي: آبپاشي کاتو.

آبپاشي کاتي جو نيشنل هاءِ وي اٿارٽي جي چيئرمين کي خط، جيڪو نقصان ٿيو ذميندار اين ايچ اي هوندي، اين ايچ اي کي وهڪرن کي موڙڻ لاءِ جيڪي ٽريننگ ورڪس مڪمل ڪرائڻا هئا، اهي اڃا تائين مڪمل ناهن ٿي سگهيا: آبپاشي کاتو.

پل ۽ بچاءُ بند ٻوڏ جي ايندڙ وهڪرن جي سٽ سهي نہ سگهندا، اين ايچ اي هاڻي پاڻ منهن ڏئي. آبپاشي کاتو پنهنجي ڪوتاهي لڪائڻ لاءِ الزام هڻي رهيو آهي، ٽريننگ ورڪس 98 سيڪڙو مڪمل آهن. رهيل ڪم ٻن ڏينهن ۾ پورو ٿيندو: اين ايچ اي لاڙڪاڻي جو جي ايم.

سنڌ حڪومت ٻوڏ سبب امڪاني طور متاثر ٿيندڙن جا تفصيل فراهم نہ ڪيا.

ڊزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽي تفصيل نہ ملڻ ڪري سنڌ لاءِ امداد موڪلڻ خاطر تحرڪ نہ ورتو. اين ڊي ايم اي سنڌ حڪومت کان امڪاني طور متاثر ٿيندڙ آبادين ۽ علائقن جا تفصيل گهريا هئا. سنڌ کان تفصيل وٺي امدادي سامان سکر ۽ جيڪب آباد موڪلڻو هو: ذريعا.

(روزاني ڪاوش)

❁

6 آگسٽ 2010ع

ساڍا 9 لک ڪيوسڪ جو خطرناڪ وهڪرو سنڌ پهچي ويو: گڊو کان سکر تائين 5 لک ماڻهو متاثر، عالمي ادارا ۽ وفاق واهر ڪن: قائم علي شاهہ.

سنڌ جي آبپاشي ماهرن ۽ ادارن جا اندازا غلط ثابت ٿيا. گڊو وٽ وهڪرو 9 لک 40 هزار ڪيوسڪ کان وڌڻ بعد سپر فلڊ ۽ سکر وٽ 6 لک ڪيوسڪ تي پهچڻ بعد هاءِ فلڊ ڊڪليئر: گهوٽڪي، ڪشمور ۽ سکر ضلعن ۾ ريڊ الرٽ. چاچڙان وٽان گذريل 11 لک 45 هزار ڪيوسڪ پاڻي مان گهٽ ۾ گهٽ 10 لک ڪيوسڪ پاڻي اڄ گڊو پهچندو: (موسميات کاتو)، سنڌ ۾ 10 ڏينهن ٻوڏ واري صورتحال رهندي: (ماهر).

ٻوڏ سبب ٻه پاور پلانٽس جا 10 يونٽ بند ڪيا ويا. گڊو ڪان سکر بئراج تائين مختلف بندن تي دٻاءُ، وڏيڪ ڪچو پاٽي هيٺ، سنڌ جي ٽنهي بئراجن وٽان ٻوڏ جو وهڪرو گذاري سمنڊ تائين پهچائيندا سين: قائم علي شاهه.

—

سنڌوءَ کي گهاري جي افواهن سبب ڪنڌرا ۽ اروڙا ڏ خالي ٿي ويا.

علي واهڻ، منڌو ديرو، پهنوار، ٿمونهن ۽ پنٽي ۾ 50 سيڪڙو گهر خالي. 1976ع ۾ سکر شهر ۽ بئراج بچائڻ لاءِ علي واهڻ وٽان سنڌوءَ کي گهارو هنيو ويو.

—

قادر پور لوپ ۾ روڙيون: بلڊوزر آندا ويا. جي - او - سي پهتو.

2004ع کان ايريگيشن کاتي پاران ڪرايل ڏيڍ ڪروڙ جو ڪم نظر نه آيو. بند ۾ روڙيون پوڻ تي ماڻهن ۾ خوف. لڏپلاڻ ڪرڻ لڳا. آبپاشي وارا گم. قادر پور لوپ 1976ع ۾ شينڪ بند ٽٽڻ بعد تعمير ڪيو ويو. 1994ع ۾ درياءَ پائڻ شروع ڪيو. آرمي چيف جنرل اشفاق پرويز ڪياني ڪور ڪمانڊر سنڌ هجڻ دوران قادر پور لوپ جو معائنو ڪري چڪو آهي. بند ٽٽڻ سان گهوٽڪي شهر، پنو عاقل قومي شاهراهه ۽ ريلوي ٽريڪ تباهه ٿي ويندا.

—

ٻوڏ ۾ ٽيلي ميٽري نظام اوچتو بند ٿي ويو.

جديد نظام ذريعي ٻوڏ جا وهڪرا حاصل ڪرڻ جو سلسلو بند.

—

ٻوڏ سان گڏ برسات جي تباهي، 9 ڄڻا فوت، 50 زخمي.

لاڙڪاڻي، شڪارپور، جيڪب آباد، سکر، ڪشمور، گهوٽڪي، خيرپور ۽ ٻين شهرن ۾ برسات پئي.

—

ٻوڏ جي صورتحال: وزير اعظم اڄ ريڊيو تي قوم کي خطاب ڪندو.

وزير اعظم سيد يوسف رضا گيلاني اڄ شام جو ريڊيو تي قوم کي خطاب ڪندو.

(روزاني ڪاوش).

❁

7 آگسٽ 2010ع

گڊو وٽ اچ وهڪرا 11 لک ڪيوسڪ ٿيندا، وارننگ جاري، 390 ڳوٺ ٻڏي ويا، بندن کي 50 روٽيون، آرمي چيف بہ پهتو.

سنڌ جي پهرين بئراج گڊو وٽ سڄو ڏينهن 9 لک 62 هزار ڪيوسڪ جو وهڪرو رهيو سکر. وٽ اڄ کان سپر فلڊ واري صورتحال ٿيندي: (وفاقي ۽ صوبائي ادارا)، آرمي قادر پور لوپ بند جو ڪنٽرول سنڀالي ورتو. چاچڙان شريف وٽان رات دير سان سنڌ ڏانهن 12 لک ڪيوسڪ پاڻي ڇڏيو ويو اينڊز 24 ڪلاڪن تائين گڊو جي سطح ساڍا 10 لک کان 11 لک ڪيوسڪ تي پهچندي، اهو سلسلو 48 ڪلاڪ جاري رهندو، 3 ڏينهن تائين برسات جا امڪان بہ آهن: (موسميات کاتو). سنڌ ۾ ٻوڏ دوران هڪ فوتگي ٿي آهي، سکر بئراج کي خطرو هوندو تہ ڪنڊ لڳندو (جنرل نديم ۽ صمصام بخاري)، سنڌ بيگاري، قادر پور، توڙهي، ڪي ڪي، گڊو - ڪشمور، گهوڙا گهٽ، ماڇڪو، بيلو ميرپور ۽ مياڻي بندن ۾ روٽيون پيون: پاڻي واري وفاقي وزير راجا پرويز اشرف جا دورا.

ڏکئي وقت ۾ مصيبت ۾ مبتلا ماڻهن جي ڀرپور مدد ڪئي ويجي: (آرمي چيف)، سکر، گهوٽڪي، شڪارپور ۽ ڪشمور جي ڪچي مان 21 هزار ماڻهن کي پڪي تي آندو ائٽون، کاڌ خوراڪ مهيا ڪريون پيا: پاڪستان نيوي جو وائيس ايڊمرل طيب علي.

—

اسان کي اندازو ئي نہ هو تہ ٻوڏ سان ايڏي تباهي ايندي: راجا پرويز اشرف

سکر بئراج کي خطرو ناهي، سنڌوءَ کي گهارو نہ هٽبو متاثرن کي اڪيلو نہ ڇڏينداسين.

—

پاڻي وزارت ۽ موسميات کاتي پاران وهڪرن ۽ ڊزائين بابت متضاد انگ جاري.

موسميات کاتي سکر بئراج جي سگهہ 9 ۽ پاڻي وزارت 15 لک ڪيوسڪ ڄاڻائي.

(روزاني ڪاوش)

❁

8 آگسٽ 2010ع

ٽوڙي بند ٽٽي پيو غوثپور لوپ بند کي هٽرادو ڳهارو سوين ڳوٺ پاڻي هيٺ، ڪنڌڪوٽ، ڪرمپور، شڪارپور ۽ ٻين شهرن کي خطرو لڏ پلاڻ.

سکر بئراج کي بچائڻ لاءِ آبپاشي کاتي جي عملدارن غوثپور لوپ بند کي هٽرادو ڳهارو هنيو ڪجهه فني سببن جي ڪري غوثپور لوپ بند کي ڪٽ هنيو ويو هاڻي سکر بئراج کي ڪو به خطرو ناهي: آبپاشي وارو وزير ڄام سيف الله ڌاريجو.

شام جو ڳوٺ حامد ملڪ وٽان بند کي ڳهارو لڳو ته پاڻي تيزي سان غوثپور، ڪرمپور ۽ ٻين شهرن ڏانهن وڌڻ لڳو. اوچتو بند ٽٽڻ جي وارننگ تي شهري ۽ ڳوٺاڻا اهل تلهه ڇڏي جان بچائي ٻاهر نڪري آيا. ماڻهن جو اناج به پاڻي ۾ لڙهي ويو. فوج ۽ رينجرز انتظام سنڀالي ورتا. ٽوڙي بند ٽٽڻ بعد بي ايس فيڊر تي دٻاءُ. پاڻي غوثپور ۽ ڪنڌڪوٽ کان 10 ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي آهي، بي ايس فيڊر جي حالت به خراب. جيڪب آباد، ٺل ۽ ٻين ڳوٺن مان به لڏپلاڻ شروع. بند ٽٽڻ بعد شڪارپور، جيڪب آباد ۽ ڪشمور ضلعن جي ڪيترن ئي علائقن ۾ بجلي به بند. شڪارپور، خانپور، لکي غلام شاهه، ڳڙهي ياسين ۽ ڀرپاسي جي علائقن مان ماڻهو لڏپلاڻ ڪرڻ لڳا. پاڻي جي وهڪري ۾ وڌي واڌ سبب ٺٽو جيڪب آباد ۽ شڪارپور جي ماڻهن کي احتياط ڪرڻ گهرجي ۽ محفوظ هنڌن تي منتقل ٿين: (وڏو وزير قائم علي شاهه). اميد ته بي ايس فيڊر بچاءُ بند نه ٽٽندو جيڪڏهن اهو ٽٽو ته وڏو نقصان ٿيندو: رليف ڪمشنر پاشا.

—

پنجاب کان ايندڙ پاڻي سبب گڊو ۽ سکر وٽ حالتون وڌيڪ سنگين، وهڪرن ۾ مسلسل اضافو گڊوءَ تي 15 لک ڪيوسڪ ٿيڻ جو خدشو.

ارسا آبپاشي کاتي ۽ ٻين ادارن جي اندازن جي ابتڙ گڊو بئراج وٽ پاڻي جا وهڪرا 10 لک 94 هزار ڪيوسڪ ۽ سکر وٽ 9 لک 67 هزار

ڪيوسڪ ٿي ويا. ٻنهي بئراجن جا بند سخت دٻاءُ هيٺ. پاڻيءَ جو دٻاءُ ڪنڊ ڪوٽ، گهوٽڪي ۽ روهڙي تعلقن ڏانهن وڌڻ لڳو غلام بند انتهائي حساس قرار ، وڏيڪ لکين ماڻهن جي لڏپلاڻ. ڪوٽڙي وٽ مٿانهون وهڪرو هڪ لک 62 هزار ٿي ويو. گڊو بئراج وٽان گذرندڙ 10 لک 94 هزار ڪيوسڪ کان به وڌو وهڪرو اڄ شام يا رات جو سنڌ ۾ داخل ٿيندو. خطرناڪ ٻوڏ جي صورتحال ٻن کان ٽئن ڏينهن تائين جاري رهڻ جا امڪان. چاچڙان شريف وٽان 12 لک ڪيوسڪ پاڻي گذري رهيو هو. جيڪو 24 ڪلاڪن اندر گڊو بئراج تي پهچندو. گڊو بئراج وٽ اهي وهڪرا اچڻ بعد سطح 11 لک ڪيوسڪ کان وڌي ويندي.

—

اوباوڙي پرسان ينگ بند جي ٽٽڻ جو خطرو. سنڌ ۽ پنجاب جي شهرن ۾ گهر خالي ڪرڻ لاءِ اعلان.

ينگ شهر، ماهي چوڪ، احمد پور لمه، ڪوٽ سبزل ۽ رحيم آباد ۽ سنڌ جي مريد شاخ، ڪنيڙا، ڪمون شهيد ۽ ٻين علائقن ۾ اعلان ڪرايا ويا. بند ٽٽڻ جي امڪان ۽ حڪومتي اعلان بعد ڳوٺاڻن ۽ شهرين لڏپلاڻ شروع ڪري ڇڏي. ينگ شهر خالي ٿي ويو. بچاءُ بند کي درياءَ پائي رهيو آهي، ان ڪري وارننگ جاري ڪئي آهي: (آبپاشي عملدار). ينگ بچاءُ بند کي ٽوڙڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي: ذريعا.

—

سنڌوءَ جي ساڄي پاسي 6 ضلعن جي پڪي جي علائقن کي خطري هيٺ قرار ڏئي خالي ڪرڻ جي هدايت.

ڪشمور ايٽ ڪنڌ ڪوٽ، جيڪب آباد، قمبر، دادو، لاڙڪاڻو ۽ شڪارپور ضلعن ۾ درياءَ جي پر وارن علائقن ۾ ريڊ الرٽ.

—

پنو عاقل ۾ اڙل بند وٽان ٻوڏ اچڻ جي اطلاع تي خوف، لڏپلاڻ.

پنو عاقل لڳ اڙل بند وٽان روڙيون پئجڻ واري اطلاع سبب علائقي ۾ سخت خوف هراس پکڙجي ويو.

—

اطلاع باوجود آبپاشي وارن بند جون روٽيون بند نہ ڪيون: ڳوٺاڻا.

فوج جا جوان ڪجهہ ڪم ڪندا رهيا، باقي آبپاشي عملدار گهمندا رهيا.

—

گهوٽڪي ۾ رانوتي جي ڪچي ۾ 2 ٻارڙا ٻڏي فوت، ٻن کي بچايو ويو.

ڪچي ۾ اڃا بہ سوين ماڻهو ڦاٿل، رانوتي ۾ شاهہ دوست ۽ زرينہ ٻڏي مري ويا.

(روزاني ڪاوش)

❁

9 آگسٽ 2010ع

ڪچي ۾ ڪيترائي ماڻهو لڙهي فوت ٿيڻ جا اطلاع، اسان جا اندازا غلط ثابت ٿيا، سمجهہ بہ ڪم ڇڏي وئي آهي: ڏاريجو

گڊو ۽ سکر وٽ وهڪرا 11 لک ڪيوسڪ کان وڌي ويا، بي ايس فيڊر کي بہ گهارا انڊس هاءِ وي پاڻي هيٺ، ڪيترائي شهر خالي.

گڊو تي 11 لک 48 هزار ۽ سکر وٽ 11 لک 17 هزار ڪيوسڪ پاڻي، وهڪرن ۾ لاٿ نہ آئي، ڪوٽڙي بئراج وٽ پاڻي جو وهڪرو 9 لک ڪيوسڪ تائين ٿيڻ جو امڪان، ڳڻتي واري صورتحال. ٽوڙي ۽ غوثپور لوپ بند ٽٽڻ بعد بي ايس فيڊر کي بہ گهارا هنيا ويا، پاڻي ڪنڌڪوٽ- شڪارپور انڊس هاءِ وي کان ٿيندو ٽنگواڻي ۽ غوثپور شهر ڏانهن وڌڻ لڳو وڏيڪ ڳوٺ ٻڏي ويا. ايم پي اي عابد سندراڻي غوثپور، ڪرمپور ۽ ٻين شهرن کي بچائڻ لاءِ ڳوٺ دڙي وٽ بي ايس فيڊر کي ڪٽ هڻايو مڪواڻي بند کي بہ 2 ڪٽ لڳايا ويا، پاڻي ڊنڊ ۾ وڃڻ بعد واپس درياءَ ۾ ايندو. گڊو بچاءَ بند تي بہ دٻاءُ، شڪارپور ضلعي ۾ ڪئنالن تي دٻاءُ، گڊو سنڌ ڪئنال ۽ بي ايس فيڊر کي 5 گهارا، گڊو ڪئنال جا 2 دروازا لڙهي ويا، لکي، خانپور ۽ ميان صاحب 70 سيڪٽرو خالي. سنڌ مٿان تمام وڏي آفت آئي آهي، جابلو علائقن مان برساتن جو 2 لک ڪيوسڪ پاڻي آيو تہ حالتون ڪنٽرول مان نڪري وينديون اينديڙ 10 - 12 ڏينهن ۾ حالتون ڳڻتي جوڳيون هونديون، 800 ڪلوميٽر ڊگها بچاءَ بند دٻاءُ هيٺ هوندا: (آبپاشي وزير).

پنگ بچاءَ بند کي 3 گهارا، پنجاب جا شهر ۽ ڳوٺ ٻوڙي پاڻي سنڌ ڏانهن وڌڻ لڳو مريد شاخ، ڪنيڙا ۽ ٻيا علائقا خالي ڪرايا ويا.

ٽن ڪلوميٽرن جي اندر 3 گهارا پون تي سنڌوءَ جي پاڻي پنگ شهر، پنگ مسجد، رحيم آباد، ڪالي والي، ڳڙهي چوڪ ۽ ٻيا شهر ۽ ڳوٺ ٻوڙي ڇڏيا. شهري ۽ ڳوٺاڻا جانيون بچائي نڪتا، گهريلو سامان اناج ۽ ٻيو سامان لڙهي ويو پاڻي جي تيز وهڪري جو رخ صادق آباد، ڪوٽ سبزل ۽ سنڌ جي مرد شاخ، ڪنيڙا ۽ ٻين علائقن ڏانهن ٿي ويو. مريد شاخ، ڪنيڙا ڀڳڙا ڪوري، ڳوٺ رحيم بخش ٻوهڙ ۽ ڳوٺ پنهون مزاري کان سوين ماڻهو لڏپلاڻ ڪري محفوظ هنڌن تي منتقل ٿيڻ لڳا. پنجاب حڪومت هٿ سان بند ٽوڙائي ٻوڙيو آهي، رڳو وارننگ ڏني وئي، بند ٽوڙڻ جو نہ ٻڌايو: متاثرن جو الزام بند ٻڌڻ جون ڪوششون ڪيون ٻيا، پر درياءَ جو وهڪرو آهي، جلد بند نہ ٿو ڪري سگهجي، پاڻي اڄ سنڌ ۾ داخل ٿي ويندو: (ڊي سي او رحيم يار خان) پنگ بند ٽٽو آهي پر ان سان سنڌ جي ڪنهن بہ شهر کي خطرو ناهي، وچ تي ريٽي ڪئنال، گهوٽڪي فيڊر ۽ سيهڙ واهہ آهي (ڄام مهتاب ڏهر).

—

1976ع کانپوءِ پهريون ڀيرو سکر بئراج وٽان ايڏو وڏو وهڪرو گذرڻ لڳو.

وزيراعظم ترين ٽرالي ۾ ويهي سکر بئراج جي ٻوڏ صورتحال جو جائزو ورتو ۽ متاثرن جي ڪئمپ وٽ ٻارڙي کي پاڻي پياريو.

❁

10 آگسٽ 2010ع

سنڌ جي ٽنهي بئراجن تي خطرناڪ ٻوڏ واري حالت، ڪئنالن کي گهارا، 7 فوٽ، 8 ڇٽا لڙهي ويا، سکر بئراج فوج حوالي.

6 ڏينهن کان خطرناڪ ٻوڏ کي منهن ڏيندڙ گڊو بئراج تي ايندڙ 2 ڏينهن تائين سُپر فلڊ واري صورتحال رهندي، 3 ڏينهن کان خطرناڪ ٻوڏ ۾ گهيريل سکر بئراج واري صورتحال ڪوٽڙي بئراج تي پيدا ٿيندي: ماهرن

جي اڳڪٿي.

تربيلا کان تونسا تائين سنڌوءَ ۾ اڄ شام جو وڏي ۾ خطرناڪ ٻوڏ جا وهڪرا گذرندا: (فلڊ فور ڪاسٽ جي وارننگ). قادر پور ۾ غلام بند بدستور حساس قرار مختلف بندن ۾ روڙيون. خيرپور ۾ شڪارپور ۾ پاڻي جو دٻاءُ، سکر بئراج تي دٻاءُ گهٽائڻ لاءِ 7 واهه به کوليا ويا. شڪارپور ۾ جيڪب آباد ضلعن ۾ بيگاري، گدو ۾ سنڌ ڪئنال کي 22 گهارا، جيڪب آباد ـ سکر قومي شاهراهه ۾ ريلوي ٽريڪ ٻڏي ويا. گهارا لڳڻ تي ڳوٺ ۾ عورتن ۾ ٻارن ۾ رڙيون پئجي ويون. ڳڙهي خيرو ۾ چاڙهه سبب سوين ماڻهو بيگاري ڪئنال وٽ پهچي ويا. شڪارپور ضلعي ۾ بيگاري ڪئنال کي 9 هنڌن تي گهارا لڳا، لکي غلام شاهه ۾ 5 ٻارڙا دٻجي فوت ٿي ويا. ڪشمور ضلعي ۾ به 6 ڄڻا لڙهي وڃڻ جا اطلاع، غوثپور شهر ۾ پاڻي داخل ٿيڻ بعد 3 ڄڻا لڙهي ويا، ڪيترائي ماڻهو ڦاٿل، پنوعاقل جي ڪچي ۾ ڪنڌرا ۾ 2 ڄڻا فوت.

سکر بندر وال ۾ بند سمڻ سبب هراس، بندر روڊ بند، لڏپلاڻ.

هوا بندر وٽ بندر وال جي پاڙمان 2 هنڌن تي پاڻي سمڻ سبب هراس. قانون لاڳو ڪندڙن ۾ آبپاشي عملدارن پهچي بندر وال جو مرمتي ڪم شروع ڪرايو. جند پير وٽ بچاءُ بند ۾ ڪاڙ، آغا قادر داد ۾ بندر وال ۾ سيمو ٿيو.

خيرپور جي بندن تي دٻاءُ برقرار هزارين ماڻهو ٻوڏ ۾ ڦاٿل، هٿرادو بند ٽٽڻ سبب 30 ڳوٺن ۾ پاڻي ڇتن تائين پهچي ويو.

سنڌو درياءَ ۾ مسلسل چاڙهه سبب ضلعي جي فريد آباد، الرا جاگير بند ۾ جمشيد بندن پاڻي جو دٻاءُ وڌڻ لڳو. الرا جاگير بند کي پاڻي هنڌان هنڌان ڪاٽڻ لڳو سوين ڳوٺن جا هزارين ماڻهو ڪچي جي ٻوڏ ۾ ڦاسي پيا، رليف ڪئمپن ۾ منتقلي جو سلسلو جاري. فيض محمد ٻنڀرو واري علائقي ۾ ڳوٺاڻن پاران لڳايل هٿرادو بند ٽٽي پيا، پاڻي گهرن جي ڇتين تائين پهچي ويو 2 ٻارڙيون لڙهي وڃڻ جا اطلاع.

آسٽريليا پاران وڌيڪ 50 لک ڊالرز ۽ برطانيا طرفان 4 ملين پائونڊ امداد جو اعلان.

—

ٻوڏ سبب سونامي کان به وڏو بحران پيدا ٿيو آهي: گڏيل قومون.

پاڪستان ۾ آيل ٻوڏ هيٽي واري زلزلي کان به وڌيڪ نقصان ڪيو آهي. هڪ ڪروڙ 40 لک ماڻهو متاثر ٿيا آهن. سنڌ مان انگ اکر وٺون پيا.

—

گڊو سکر ۽ ڪوٽڙي بئراجن کي سخت خطرو آهي، ڪٽ به ڏئي سگهجن ٿا: ترجمان پاڪ فوج.

سنڌو درياءَ جي ٽنهي بئراجن کي ٻوڏ سبب سخت خطرو آهي: ميجر جنرل اطهر عباس.

—

سنڌ ۾ ٻوڏ سبب 2444 ڳوٺ متاثر ۽ 8 لک 24 هزار ماڻهو متاثر ٿيا آهن: اين - ڊي - ايم - اي.

—

ٻوڏ تباهي آندي آهي، ترت ازالو ممڪن ناهي: مخدوم امين فهيم.

ڪوٽڙي وٽ 8 لک ڪيوسڪ جو ريلو سپاٽي پهچندو اڄ کان ايمرجنسي جو اعلان، بندن تي رهندڙن کي لڏائڻ جو فيصلو.

بند 8 لک ڪيوسڪ کان وڌيڪ جو وهڪرو برداشت نه ڪري سگهندو: '(شرميلا فاروقي)، مٽياري ۾ 4 زميندراي بند ڊاهيا، رينجرز وسيلي لڏ پلاڻ ڪرائبي: چيف سيڪريٽري.

حيدرآباد جا شهري ڪنهن به صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار رهن، ٻوڏ خطرناڪ ٿي ته شهر بچائڻ لاءِ درياءَ کي ڪٽ هڻڻو پوندو: زاهد ڀرڳڙي.

(روزاني ڪاوش)

❁

11 آگسٽ 2010ع

سکر وٽ درياءُ برقرار، ڪوٽڙي وٽ اچ چاڙهه ٿيندو پيو وڌو وهڪرو سنڌ ڏانهن وڌڻ لڳو 18 ڄڻا فوت، ٺل ۽ ڪرم پور ٻڏڻ جو خطرو.

چاچڙان شريف وٽان سنڌ لاءِ ساڍا 10 کان 11 لک ڪيوسڪ جو وهڪرو ڇڏيو ويو سنڌوءَ ۾ ڪالا باغ، چشما ۽ تونسا بئراجن وٽ سپر ۽ هاءِ فلڊ، چناب ۽ پنجند جي وڏن وهڪرن جو به سنڌ ڏانهن رخ. گڊو وٽ پاڻي جي وهڪري ۾ واڌيک 60 هزار ڪيوسڪ جي لاٽ، بئراج جا وهڪرا 10 لک 57 هزار ڪيوسڪ تي پهتا، سکر بئراج وٽ 48 ڪلاڪن کان پاڻي جي سطح 11 لک 30 هزار ڪيوسڪ تي بيٺل، ڪوٽڙي وٽ اچ کان چاڙهه واري صورتحال ٿيندي، سکر ۽ گڊو وچ ۾ ساڄي ۽ کاٻي ڪپ تي واقع ڪچي ۾ ٻوڏ واري صورتحال بهتر ٿيڻ شروع، قادر پور لوپ، گيمڙو راونتي ۽ گبلو ۾ روڙيون، سنڌ ۾ 20916 گهر پٽ پئجي ويا: صمصام بخاري.

سکر، شڪارپور، ڪشمور، ڪنڌ ڪوٽ ۽ جيڪب آباد جي مختلف ٻوڏ ستيل علائقن ۾ معصوم ٻارڙن سميت 18 ڄڻا فوت ٿي ويا، شڪارپور جي ڪچي ۾ 3 ڄڻا، غوثپور لڳ 8 ڄڻا، گهوٽڪي جي ڪچي ۾ 2 ڄڻا ۽ پني عاقل لڳ هڪ نينگري ٻوڏ جي پاڻي ۾ ٻڏي فوت. غوثپور کان ٻوڏ جو پاڻي جونگل شهر تائين پهچي چڪو پاڻي جنهن رفتار سان اچي پيو ته اهو 12 ڪلاڪن اندر ٺل ۾ داخل ٿي ويندو ميرپور برڙو ۽ مبارڪ پور کي ٻڏڻ خطرو آهي، رهواسين کي علائقا خالي ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي: ڊي. سي. او جيڪب آباد.

ٻوڏ هيٺ آيل علائقن ۾ اڃا تائين سوين ماڻهل ڦاٿل، انتظاميا ڪي به اُپاءُ نه ورتا، جيڪب آباد جا سمورا اسڪول ۽ بيگاري پل کان ٻاءِ پاس تائين 15 ڪلوميٽر علائقو ٻوڏ متاثر ماڻهن سان ڀريل، معصوم ٻارڙا ۽ عورتون بُک ۽ اُڃ تي بي يار و مددگار ويٺل.

سنڌ ساري وئي ٻڏي: 108

لاڙڪاڻي وٽ ساڍا 10 لک ڪيوسڪ جو وهڪرو عاقل- آگاڻي بند کي ڪاٽ:

نصرت لوپ بند، آباد- منگلي، گاجي ديرو عاقل- آگاڻي ۽ لاڙڪاڻو- سيوهڻ بندن تي سخت دٻاءُ. انتهائي حساس قرار ڏنل عاقل- آگاڻي بند کي پاڻي پائڻ لڳو 4 ميل وٽ بند کي ڪاٽ ٿيڻ لڳي. هڪ سئو فوٽن تائين ٿيل ڪاٽ کان پوءِ اُتي پٿر وڌل آهن، هاڻي خطري جي ڪا به ڳالهه نه آهي: چيف انجنيئر.

—

"بند ٽٽو آهي:" سکر ۾ ڀاڄ، گاڏيون ٽڪرائجي ويون، ٽرٽلو.

وسپور ۾ مسجد مان جند پيير وٽ بند ٽٽڻ جي اطلاع تي ڀڙڏڪ متو.

نيو سکر ۾ دڪان بند ٿي ويا، عورتون ٻار وٺڻ لاءِ اسڪول ڀڄي ويون. ميڊيا پاران افواهه جي ترديد ڪرڻ بعد شهرين ۾ ساهه پيو.

—

ٺل ۽ ڀرپاسي جي علائقن ۾ خالي پيل گهرن ۽ دڪان جا تالا ڀڃي چوريون، ڦر.

—

خانپور- ڪنڌ ڪوٽ انڊس هاءِ وي جي ٻنهي پاسن کان هزارين ماڻهو ويٺل، ٻه ويلا ماني ملڻ به مشڪل!

خانپور ۽ غوثپور جي علائقن ۾ ٻوڏ اچڻ سبب سوين گهر تباهه ٿي ويا، هزارين خاندان دربدر ٿيل. اجها ختم ٿيڻ بعد هزارين ماڻهو خانپور- ڪنڌ ڪوٽ انڊس هاءِ وي تي مختلف هنڌن تي کليل آسمان هيٺ ويٺل.

—

شڪارپور ۾ بيگاري ۽ سنڌ ڪئنالن کي لڳل گهارا بند نه ٿيا، ڪيترائي ڳوٺ پاڻي هيٺ، آبپاشي وارا بلڪل گم.

ضلعي اندر بيگاري ڪئنال کي 8 هنڌن تان لڳل گهارن کي 48 ڪلاڪ گذرڻ باوجود بند نه ڪيو ويو. 200 کان وڌيڪ ڳوٺ پاڻي هيٺ اچي ويا، ميان صاحب وٽان لڳل گهارو وڌيڪ 250 فوٽ تي ويو پاڻي شهر ۾ داخل.

—

غوثپور ۾ ٻوڏ بعد هٿيار بندن جي ڦر، پوليس مقابلو 17 ڇاڙا گرفتار.

شهر ۽ ڳوٺ خالي ٿيڻ کان پوءِ هٿيار بندن پاران ٻيڙين تي چڙهي ڦر جو سلسلو شروع. ٻن اهلڪارن کان هٿيار ڦر ڪرڻ جا اطلاع، ڦرن کي

روڪڻ لاءِ اهلڪار مقرر ڪيا ويا آهن: ڊي. آءِ. جي لاڙڪاڻو.

—

حيدرآباد لاءِ امڪاني ٻوڏ پلان جاري، بند تي 39 پوليس چوڪيون قائم.

هنگامي يا ٻوڏ صورتحال ۾ قاسم آباد، لطيف آباد ۽ حسين آباد جا رستا بند ٿيندا.

—

سنڌ جا 15 ضلعا آفت سٽيل قرار، وفاق ۽ عالمي برادري کي مدد جي اپيل، آبپاشي وارن جي نا اهلي سبب بندن جي مرمت نہ ٿي: قائم علي شاهہ.

گهوٽڪي، سکر، ڪشمور، شڪارپور، جيڪب آباد، خيرپور، بينظير آباد، نوشهرو فيروز، دادو، ڄامشورو، حيدرآباد، ٺٽو، بدين، مٽياري ۽ ٽنڊو محمد خان ضلعن کي آفت سٽيل قرار ڏنو ويو. ٽوڙي بند کي گهاري سبب غوثپور شهر ٻڏي ويو. گهارو بند نہ ٿيڻ تائين ٿل ۽ جيڪب آباد کي خطرو آهي، شهرن کي بچائڻ لاءِ اعجاز جکراڻي جي سربراهي ۾ ڪاميٽي جوڙي آهي. بي ايس فيڊر ۽ بيگاري ڪئنالن کي گهارن سبب غوثپور ۽ ڪرمپور سوڍو ڪجهہ شهر ٻڏي ويا، متاثرن جي مدد لاءِ خيما ۽ کاڌي پيتي جو سامان ضلعي انتظاميا حوالي ڪيو ويو آهي، 20 سالن کان بندن جي مرمت نہ ٿي آهي، آبپاشي عملدارن صرف ڪاغذن ۾ ڪم ڏيکاري پنهنجا پيٽ ڀريا، جيڪا آبپاشي کاتي جي نااهلي آهي.

گڊو ۽ سکر بئراجن کي ڪو بہ خطرو ناهي، شڪارپور، ڳڙهي ياسين، خانپور، لکي ۽ سلطان ڪوٽ کي ٻوڏ کان بچائڻ لاءِ بند ٻڌڻ لاءِ هدايتون جاري ڪيون آهن: جيڪب آباد ۽ ڳڙهي ياسين ۾ وزير اعليٰ جون ڳالهيون.

—

ٻوڏ متاثرين کي اڪيلو نہ ڇڏبو، هر ممڪن مدد ڪئي ويندي: جنرل ڪياني.

سي 130 جهاز ذريعي امدادي شيون جيڪب آباد ايئر پورٽ تي پهچايون وينديون. جتي بہ ضرورت پئي تہ اُتي فوج موجود هوندي: آرمي چيف جو امدادي سرگرمين تي اطمينان جو اظهار.

(روزاني ڪاوش)

❈

12 آگسٽ 2010ع

11 لک ڪيوسڪ جو پيو وڏو وهڪرو 24 ڪلاڪن ۾ گڊو پهچندو 10 لک متاثر ٿيڻ جي تصديق: پاڻي ٺل ۽ ميرپور برڙو ۾ داخل.

چاچڙان شريف وٽان سنڌوءَ جي سطح اوچتو وڏي پوڻا 14 فوٽن تي پهتي، 11 ڪان ساڍا 11 لک ڪيوسڪ جو وهڪرو 24 ڪان 48 ڪلاڪن اندر گڊو وٽ پهچندو جنهن بعد بئراج جي سطح وڌي 11 لک ڪيوسڪ ٿيڻ جا امڪان. چشما بئراج وٽ وهڪري ۾ لاٽ اچڻ بعد 7 لک 94 هزار ڪيوسڪ رڪارڊ، تونسا وٽ ساڍا 7 لک ڪيوسڪ سطح رڪارڊ، پنجند وٽان 2 لک 61 هزار جا وهڪرا به سنڌوءَ ۾ داخل ٿي ويا. تريمو وٽ چناب ۽ جهلم جا گڏيل وهڪرا 3 لک 26 هزار ڪيوسڪ رڪارڊ، گڊو وٽ به وهڪري ۾ تيزي سان لاٽ، 9 لک 66 هزار ڪيوسڪ تي ويو سکر وٽ پهريون پيرو 17500 ڪيوسڪ جي لاٽ، ڪوٽڙي وٽ 14 آگسٽ تي 8 لک ڪيوسڪ پاڻي پهچندو: چيف انجنيئر.

ٻوڏ جو پاڻي غوثپور ٻوڙڻ بعد ميرپور برڙو ۽ ٺل شهر ۾ به پهچي ويو ڪيترن ئي ماڻهن گهرن جي ڇتن تي چڙهي پناهه ورتي، 2 ڪان 3 لک آبادي متاثر ٿيڻ جا امڪان، وڏي پيماني تي لڏپلاڻ. اعجاز جکراڻي ٺل مان قاتل ماڻهن کي ڪڍڻ لاءِ شهباز ايئربيس ڪان هيلي ڪاپٽر ورتو پاڻي مبارڪ پور طرف وڌڻ لڳو جيڪب آباد شهر کي به خطرو بي گهر ٿيل ماڻهو روئڻ لڳا، پاڻي خانپور ڏانهن به وڌڻ لڳو.

—

ٻوڏ جي وهڪرن ۾ 11 معصوم ٻارڙن سميت 13 ماڻهو ٻڏي فوت.

مديجي جي ڪچي ۾ 3 ٻارڙيون ٻڏي ويون، لکي ۾ 4 ٻار ۽ لاڙڪاڻو- خيرپور پل وٽ 2 ٻارڙا ٻوڏ جي پاڻي ۾ ٻڏي فوت ٿيا. ڏوڪري جي ڪچي ۾ 2 ٻارن سميت 3 ڄڻا لڙهي ويا، جيڪب آباد پرسان نوجوان لڙهي ويو راضي ديري ۾ ڇت ڪرڻ سبب عورت دم ڏنو.

"ٻوڏ تباهي ڪري ڇڏي آهي، تيل ۽ گئس رائلٽي جا 13 ارب روپيا فوري طور جاري ڪريو:" سنڌ جو وفاق کي خط.

صوبي مان تيل ۽ گئس جي پيداوار تي وفاق تي 13 ارب روپيا واجب الادا آهن، پر بنا سبب 4 مهينن کان روڪيا ويا آهن.

—

ٻوڏ متاثرن جي بحالي جو ڪم ڊسمبر ۾ شروع ڪرڻ جو اعلان.

ٻوڏ 15 ڏينهن جاري رهندي، 72 ضلعا متاثر ٿيا آهن: سرڪار.

—

سکر بندر وال واٽر سپلاءِ جون موٽرون ٻڏي ويون: پاڻي فراهمي بند.

—

عالمي برادري ٻوڏ متاثرن لاءِ 46 ڪروڙ ڊالرز ڏئي، امداد نه ملي ته ماڻهو بک وگهي فوت ٿي سگهن ٿا: گڏيل قومون.

پاڪستان ۾ ٻوڏ جي شروعاتي نقصانن جي جائزي کان پوءِ متاثرن لاءِ امداد جي اپيل ڪئي وئي، 2 لک 88 هزار گهر تباهه ٿيا آهن. سنڌ ۾ پاڻيءَ جو وڏو ريلو داخل ٿيو آهي، ماڻهو متاثر ٿيندا. فوج هزارين ماڻهن کي محفوظ هنڌن تي منتقل ڪيو آهي، پر اڃا انهن جي زندگين کي خطرو آهي.

فصلن جي تباهه ٿيڻ سبب خوراڪ جو مسئلو ٿي سگهي ٿو، گهربل امداد نه ملي ته ٻيهر اپيل ڪئي ويندي: عالمي برادري فوري جواب ڏئي. ٻوڏ متاثر آبادي جي جلد کان جلد مدد نه ٿي ته ڪاڏي جي ڪوٽ ۽ بيمارين سبب وڏيڪ ماڻهن جي فوت ٿيڻ جي لهر اچي سگهي ٿي، هڪ لک ماڻهن کي خوراڪ ۽ صاف پاڻي جي فوري ضرورت آهي.

—

ٻوڏ نقصانن جو شروعاتي ڪاٿو 40 ارب کان وڌيڪ آهي، گڊو ۽ سکر بئراج بچائڻ تمام ضروري هو: وڏو وزير.

ٻوڏ جا وڌيڪ خطرا موجود آهن، نقصانن لاءِ وفاق کان مدد گهري آهي، پر عالمي ادارن جي سهڪار جي گهڻي گهرج آهي.

—

مٽياري جي بندن تي دٻاءُ، ڪچي ۾ پڪي ۾ لڏپلاڻ ۾ هراس.

—

لاڙڪاڻي جي عاقل ـ آگاڻي بند وٽان پوڻا 11 لک ڪيوسڪ پاڻي جو گذر، بند تي وڏو دٻاءُ.

ضلعي جي حدن ۾ سنڌو ۾ وڏي درجي جي ٻوڏ، ڪچي جا رهيل علائقا به پاڻي هيٺ اچي ويا. لاڙڪاڻي ـ خيرپور پل وٽ 7 لک ڪيوسڪ پاڻي جو وهڪرو بندن کي مضبوط ڪرڻ جو ڪم هلندڙ آهي ۽ وڏي مقدار ۾ پٿر موجود آهن: چيف انجنيئر.

وڏي وزير پل جو به دورو ڪيو پل مان پاڻي بهتر نموني گذري پيو ڪو به خطرو ناهي: اين ـ ايچ ـ اي عملدار.

—

سنڌ ۽ بلوچستان ۾ برساتن جو سلسلو ايندڙ ٻن ڏينهن تائين جاري رهندو.

14 کان 15 آگسٽ تائين ٻوڏ جو نئون وهڪرو گڊو بئراج پهچي ويندو: (موسميات کاتو). سنڌ جي ٻوڏ ستيل علائقن کي وارننگ جاري ڪئي وئي آهي.

(روزاني ڪاوش)

❁

13 آگسٽ 2010ع

ٻوڏ وڌيڪ ڪيئي ڳوٺ ٻوڙي ڇڏيا، جيڪب آباد خطري هيٺ، اڌ ڳڙهي خيرو خالي، پاڻي مبارڪ پور کي گهيري ورتو 9 چٺا فوٽ، 12 لڙهي ويا.

چاچڙان شريف وٽ چڙهيل پوڻا 14 فوٽ وارو 11 لک ڪيوسڪ وارو ريلو اڄ گڊو پهچندو چاچڙان وٽان 14 فوٽ جو ساڍا 11 لک ڪيوسڪ جو ٻيو ريلو سنڌ روانو 72 ڪلاڪن بعد سنڌوءَ ۽ چناب جو گڏيل 10 لک ڪيوسڪ پاڻي سنڌ جو رخ ڪندو. تربيلا وٽ سنڌوءَ جوان فلو سوا 4 لک ڪيوسڪ رڪارڊ، ڪالا باغ بئراج وٽ 6 لک 14 هزار ۽ چشما وٽ 7 لک 43 هزار ڪيوسڪ پاڻي پهتو گڊو ۽ سکر وٽ عارضي لاٿ رڪارڊ.

ڪوٽڙي وٽ پاڻي ۾ 8000 ڪيوسڪ جي واڌ، مڪ وهڪرو هاڻ 15 آگسٽ کان پوءِ ايندو: چيف انجنيئر.

خيرپور ۾ نوجوان ۽ ٻارڙي ۽ لکي غلام شاهه ۾ عورت ٻڏي فوت، ٺل ۾ عورت جو لاش هٿ، سڄاٽپ جميلا طور ٿي، دلمراد مان ٻـ 4 ڇٽن جا لاش مليا. ميرپور برڙو جي ڳوٺ منشي سهراب چنو ۾ عنايت چنو سندس ڏيءَ هير، ڏوهٽو ميرل ۽ 2 معصوم پوٽيون لڙهي ويون، غوثپور ۾ الهورايو مانجهي ۽ مسمات ڪريمان کي ٻوڏ جو پاڻي لوڙهي ويو. ٻوڏ جو پاڻي تيزي سان جيڪب آباد ۽ مبارڪ پور طرف وڌڻ لڳو عورتون، ٻارڙا ۽ پيرسن محفوظ هنڌن تي منتقل ڪرڻ جي هدايت، شهر خالي تي ويو خطرو آهي: (ڊي سي او جيڪب آباد)، شڪارپور جي 'جاڳڻ' شهر ۾ پاڻي داخل.

—

غوثپور، ٺل ۽ ميرپور برڙو ۾ هزارين ماڻهو قاتل، خوراڪ بـ ختم، فون تي رابطا ڪٽجي ويا: وارث پريشان.

ٺل جي ڳوٺ محمد پريل، برڙو ڪرم علي لاشاري، مزاري خان لاشاري ۽ ٻين ڳوٺن ۾ عورتن ۽ ٻارن سميت ڪيترائي رهواسي قاتل. ميرپور برڙو جي بس اسٽينڊ علائقي ۾ 100 ۽ ڳوٺ دايا ۾ 100 کان وڌيڪ ماڻهو قاسي پيا، ٺل جي مختلف علائقن ۾ عورتن ۽ ٻارن سميت ماڻهو ڇتين تي ويٺل. ڪنڌڪوٽ جي ڪچي ۾ وڏي انگ ۾ قاتل ماڻهن وٽ خوراڪ ختم، سندن وارثن سان رابطا بـ ڪٽجي ويا، غوثپور ۾ پراڻي بچاءُ بند تي 6 هزار ماڻهو قاتل.

—

لاڙڪاڻي ۾ ٻوڏ جي خطرناڪ صورتحال، بندن کي روڻيون، لاڙڪاڻو - خيرپور پل تي دٻاءُ برقرار.

باقراڻي تعلقي جي پراڻي آباد وٽان بچاءُ بند کي روڻيون پئجي ويون، ڳوٺاڻن ۽ آبپاشي عملدارن پهچي بند ڪيون.

—

حيدرآباد، ٺٽي ۽ ٻين ضلعن کي خطرو آهي: وفاقي سرڪار.

ڪوٽڙي وٽ 7 کان 8 لک ڪيوسڪ پاڻي ايندو حيدرآباد تي ڏيان ڏنو پيو وڃي.

شهيد بينظير آباد ضلعي جا وڏيڪ 15 ڳوٺ ٻڏي ويا، 30 هزار ڳوٺاڻا ٻوڏ ۾ ڦاٿل.

سنڌو درياءَ ۾ ساڍا 6 لک ڪيوسڪ پاڻي جو وهڪرو رڪارڊ، حساس قرار ڏنل حاجي چرارو مڏ منگلي بند ۽ ميڪارو ڊورو تي انتظام سخت. قاضي احمد جي ڪچي ۾ 15 کان وڌيڪ ڳوٺ پاڻي هيٺ اچي ويا، ڳوٺاڻن گهر ڇڏي رليف ڪئمپن ۾ اچڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو.

(روزاني ڪاوش)

14 آگسٽ 2010ع

ٻوڏ جو پاڻي جيڪب آباد پرسان پهچي ويو 90 سيڪڙو شهر خالي، نور واهه کي ڪٽ ڏئي پاڻي جو رخ موڙيو ويو 10 ٻڏي فوت.

جيڪب آباد شهر کان 3 ڪلوميٽر پري ٻوڏ جو پاڻي ڳوٺ علي پور ۾ 3 سئو گهر ٻوڙڻ بعد نور واهه ۾ داخل، نور واهه کي ڪٽ ڏئي پاڻي جو رخ بلوچستان طرف موڙيو ويو شهباز ايئر بيس ۽ شهر کي خطرو گهٽ آهي: ڊي پي او. جيڪب آباد شهر ۾ امڪاني ڦر لٽ کي روڪڻ لاءِ رينجرز کي طلب ڪيو ويو پاڻي ڳوٺ احمد ميان سومرو ۾ داخل، انتظاميا جيڪب آباد - ڪوئيٽا باءِ پاس کي ڪٽ ڏيڻ لاءِ پهچي وئي. گڊو بئراج وٽ 20 هزار ڪيوسڪ جي لاٿ بعد اوچتو واڌ، متاثرن وهڪرو 9,56,878 مان وڌي 9 لک 86 هزار ڪيوسڪ تي پهتو سکر وٽ وهڪرو 10 لک 55 هزار ڪيوسڪ تي ويو بچاءُ بندن ۾ پيپل گهارن مان 80,000 ڪيوسڪ پاڻي پڪي طرف خارج، دادو- مورو پل خطرناڪ قرار.

—

بجيٽ تي نظر ثاني ڪري رقم ٻوڏ سٽيلن جي مدد ۽ بحالي لاءِ منتقل ڪرڻ جو فيصلو. ڪراچي، حيدرآباد، ڄامشوري ۽ ڪوٽڙي ۾ ٽينٽ سٽي ٺاهڻ جو اعلان، گهارا بند نه ٿيا ته لاڙڪاڻي کان منڇر تائين تباهي ٿيندي: وڏو وزير.

جيڪب آباد، ڪشمور ۽ شڪارپور ضلعن جي ٻوڏ متاثرن کي خيما

بستين ۾ رهايو ويندو. ڪراچي ۾ ناردرن بائي پاس، گڏاپ ۽ ڪيماڙي ٽائون ۾ ٽينٽ سٽي ٺهندا، حيدرآباد ۾ گنجي ٽڪر واري علائقي ۾ 10 ايڪڙ زمين رکي وئي. متاثرن کي انهن شهرن ۾ آڻڻ لاءِ اسپيشل رليف ٽرينون هلنديون، 5 ضلعن ۾ وڏي تباهي ٿي آهي، 16 ضلعن ۾ ٻوڏ جو پاڻي پهتو ته تباهي جو اندازو ڪرڻ ڏکيو ٿي ويندو: متاثرن جي بحالي لاءِ چيف سيڪريٽري جي سربراهيءَ ۾ ڪميشن قائم.

—

لاڙڪاڻو - خيرپور پل وٽ ٻن ڏينهن ۾ وڌيڪ 3 فوٽ چاڙهه جو خدشو آهي، صورتحال خطرناڪ هوندي: وڏي وزير کي بريفنگ

وڏي وزير سيد قائم علي شاهه لاڙڪاڻو خيرپور پل جو دورو ڪيو، ٿاهيل اسپرن جو معائنو ڪيو.

گذريل ٻن ڏينهن دوران پل وٽ اڍائي فوٽ چاڙهه ٿيو آهي: (چيف انجنيئر)، صورتحال مڪمل ڪنٽرول ۾ آهي، بندن تي ڪم هلي پيو: (اين ايچ اي).

ڪراچي پهتل ٻوڏ متاثرن تي تشدد، فائرنگ، 3 زخمي، عورتون بيهوش، ميڊيا ٽيمن کي ڌمڪيون.

محمود آباد جي مروت باغ ۾ آيل ماڻهن کي نڪري وڃڻ لاءِ ڌمڪيون، سنڌي ڪراچي ۾ چو ڪاهي پيا آهن: هڪ پشتو ڳالهائيندڙ همراهه. پوليس سان گڏ آيل هٿيار بندن جي فائرنگ عرفان مروت چيو ته ماڻهن کي اُتان اٿاريو: (پوليس)، ايس ايچ او معطل، قومپرست ۽ سياسي پارٽين جا اڳواڻ پهچي ويا.

—

ڊيرا الهيار ۾ ڪنور دل جوابدار ٻوڏ ستيلن کي ڪاڏي ۾ نشو ڏئي ڦر ڪري ويا.

—

غوثپور: بي ايس فيڊر جي بند تي سوين خاندان ڦاٿل، 2 ماڻهو فوت.

6 ڏينهن کان پراڻي بچاءِ بند تي ڦاٿل خاندانن جي انتظاميا ڪا به سار نه لڌي.

(روزاني ڪاوش)

❁

15 آگسٽ 2010ع

پيو وڏو وهڪرو گڊو پهچي ويو سکر بئراج لاءِ پيهر وارننگ، جيڪب آباد بچائڻ لاءِ ڪٽ جي ڪوشش، چڪتاڻ: پنجاب سان زميني رابطو ختم.

وفاقي وزير اعجاز جکراڻي ڊي سي او ۽ ڊي پي او سان گڏجي باءِ پاس کي ڪرين مشين ذريعي ڪٽ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ته اطلاع تي مير ظفر الله جمالي هٿيار بندن سان گڏ پهتو پوليس سان چڪريون. پاڻي باءِ پاس مٿان اوور ٽاپ ٿي بلوچستان طرف وڃڻ لڳو ڊيرا الهيار شهر، جعفر آباد ۽ نصير آباد ۾ ٻوڏ جو پاڻي داخل، قومي شاهراهه تي ٽريفڪ مڪمل طور بند ٿي وئي، جيڪب آباد شهر تان دٻاءُ گهٽجڻ لڳو. چاچڙان شريف وٽان گڊريل 14 فوٽ 2 انچ جي سطح واري وهڪري جي گڊو تي پهچ شروع، 10 لک 11 هزار ڪيوسڪ جي سطح رڪارڊ، گڊو جي سطح 11 لک ڪيوسڪ تائين پهچي سگهي ٿي: موسميات کاتي جي وارننگ

ٻوڏ سٽيلن جي بحالي اوليت آهي، سنڌوءَ جو بند ٽوڙڻ جي جاچ ڪرائبي: صدر زرداري.

سنڌ ۽ پنجاب وٽ ايتري ڪٽڪ آهي جو اهي ماڻهن جي گهرج پوري ڪري سگهن، بلوچستان ۽ خيبر پختونخواهه کي ڪٽڪ ڏني ويندي.

—

علي واهڻ کي گهارو هٽون ها ته پاڻي خيرپور ۽ بينظير آباد کي ٻوڙيندو حيدرآباد تائين پهچي وڃي ها: قائم علي شاهه.

ڪراچي ۾ گهٽ ۾ گهٽ 50 هزار ماڻهن کي ترسائڻ جي هدايت ڪئي آهي، ڪراچي سنڌين جو پنهنجو شهر آهي، هتي رهي سگهن ٿا. سکر بئراج کان مٿي بند کي گهارو هٽڻ لاءِ وڏو دٻاءُ هو پر اسان مخالفت ڪئي، گڊو کان سکر تائين ٻوڏ ۾ رڳو 11 ماڻهو فوت ٿيا آهن.

—

سنڌ جي 6 ضلعن ۾ ٻوڏ متاثرين جي سروي سومر کان شروع: ذميواريون

تعليم ۽ روينيو کاتن حوالي.

پهرين مرحلي ۾ گهوٽڪي، سکر، ڪشمور، جيڪب آباد، شڪارپور ۽ خيرپور ضلعن ۾ رجسٽريشن جو ڪم شروع ڪيو ويندو.

—

"پاڪستان ۾ ٻوڏ جي تباهي:" اقوامِ متحده پاران جنرل اسيمبلي جو اجلاس گهرائڻ جو فيصلو. بان ڪي مون ۽ صدر آصف اڄ ٻوڏ ستيل علائقن جو دورو ڪندا.

—

ٽوڙي بند کي لڳل گهارو بند نہ ڪيو ويو تہ پاڻي اچا بہ وڏي تباهي آڻيندو مون تي بيگاري کي هٽرادو گهارو هٽائڻ وارو الزام غلط آهي: هزار خان بجاراڻي.

—

ٻوڏ ستيلن جي واهر لاءِ نواز شريف سرڪار سان سهڪار لاءِ راضي: آزاد ڪميشن جوڙڻ ۽ فنڊن لاءِ گڏيل مهم هلائڻ جو فيصلو.

وزيراعظم گيلاني نواز شريف سان ملاقات ڪئي، ٻوڏ متاثرن لاءِ فنڊ گڏ ڪرڻ ۽ شفاف ورهاست لاءِ ايماندار ماڻهن تي مشتمل ادارو ٺاهيو ويندو راڻا ڀڳوان داس، ناصر اسلم زاهد ۽ فخر الدين جي ابراهيم جي نالن تي غور. وزيراعظم رليف فنڊ جون رقمون بہ انهي اداري کي ڏنيون وينديون، وفاقي ۽ صوبائي حڪومتون بہ فنڊ ڏينديون، غير ضروري خرچن تي پابندي هوندي، سياست کي هڪ پاسي رکي گڏجي ڪم ڪنداسين. متاثرن لاءِ پهرين عوام ۽ پوءِ عالمي برادري وٽ ويندا سين، نقصان جو اچا اندازو ناهي: وزيراعظم جا اسفند يار ولي ۽ فاروق ستار سان بہ رابطا، ٻين ملڪن کي امداد جي درخواست نہ ڪبي، پاڻ امداد ڏيندا تہ اها ٻي ڳالهہ آهي: نواز شريف.

—

ٻوڏ جي پاڻي ۾ 4 ماڻهو ٻڏي فوت، 6 ڄڻا لڙهي ويا.

—

ٻوڏ جو ٽيون وهڪرو اچي پيو، تربيلا ۽ منگلا خالي ڪريو: جنرل (ر) نديم.

پاڻي جو ٽيون وڏو ريلو خيبر پختونخواهه جي علائقي بشام ۾ آهي.

-

آگاڻي اسپر بند جو مول لڙهي ويو، آباد ۽ سيري بندن کي روڙيون، افواهن تي راڌڻ شهر خالي ٿي ويو، ماڻهو رستن تي ويٺل.

بندن تي پاڻي جو شديد دٻاءُ برقرار، سيري بند جون روڙيون بند ڪندي 3 ڳوٺاڻا ٻڏي ويا، هڪ کي بچايو ويو 2 ڦاٿل. لاڙڪاڻو - خيرپور پل سوڙهي هئڻ ڪري پاڻي جو پل وٽان ڊسچارج گهٽ آهي، ان ڪري عاقل - آگاڻي بند تي وڏو دٻاءُ برقرار آهي: ايڪسين.

-

خيرپور جي وڏيڪ 50 ڳوٺن کي پاڻيءَ گهيري ورتو 2 ٻيڙيون اونڌيون، 41 ڄڻن کي بچايو ويو.

-

حيدرآباد جي بندن تي دهشتگردي جو خدشو اڄ اهم اجلاس طلب، پ پ وزيرن ڀاران چرپر روڪڻ تي اتفاق متحده وزيرن ڀاران اڄ ورندي ڏيڻ جا امڪان.

ٽوڙي بند جو گهارو هڪ ڪلوميٽر تائين وڌي ويو روزانو هڪ لک ڪيوسڪ پاڻي خارج.

گهاري مان هڪ لک ڪيوسڪ پاڻي خارج ٿئي پيو: ڊي سي او جيڪب آباد جي دعويٰ.

-

جيڪب آباد ۾ ٿل ۾ وڏيڪ ڪيترائي ڳوٺ ٻڏي ويا، عورتون ۽ ٻار ڦاٿل.

(روزاني ڪاوش)

❁

16 آگسٽ 2010ع

گڏيل قومن طرفان پاڪستان لاءِ وڏيڪ هڪ ڪروڙ ڊالرز امداد، عالمي برادري کي مدد جي اپيل، اهڙي تباهي ڪڏهن نه ڏٺي: بان ڪي مون.

گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل بان ڪي مون اسلام آباد پهچي صدر ۽ وزيراعظم سان ملاقاتون ڪيون ۽ ٻوڏ متاثر علائقن جو دورو ڪيو پاڪستان ۾ ٿيل تباهي بابت بريفنگ ڏني وئي. پاڪستان ۾ جيڪا ٻوڏ جي تباهي آئي آهي، ان جو ڪو به مثال نٿو ملي، عالمي برادري کي مدد به ان حساب سان ڪرڻي پوندي، هر 10 پاڪستانين مان هڪ پاڪستاني ٻوڏ ۾ متاثر ٿيو آهي: بان ڪي مون.

60 لک ٻوڏ متاثرن کي دوائون ۽ صاف پاڻي فراهم ڪرڻ لاءِ بندوبست ڪيو پيو وڃي، گڏيل قومن جو ادارو هن ڏکئي وقت ۾ پاڪستان سان گڏ آهي، حمايت ۽ سهڪار جاري رهندو. ملڪ جا 72 ۽ سنڌ جا 19 ضلعا متاثر ٿيا آهن، 1400 ماڻهو فوت ۽ 2 ڪروڙ ماڻهو متاثر ٿيا آهن، 7 لک 20 هزار گهر تباهه ٿي چڪا آهن، 19 آگسٽ واري اجلاس ۾ عالمي برادريءَ کي ٻوڏ متاثرن لاءِ متحرڪ ڪبو: صدر / وزيراعظم.

—

سعودي حڪومت پاران ٻوڏ ستيلن لاءِ 5 ميٽرڪ ٽن چانورن جي امداد. سنڌ ۾ ٻوڏ ستيلن جي ڪئمپن ۾ گيسٽرو پکڙجي وئي، 9 ٻارڙن سوڌو 11 فوت، سوين مبتلا.

ڪشمور ضلعي ۾ 40 سالن جو محمد مراد، 20 سالن جي بختاور، 10 سالن جي الهڏني، 2 سالن جو غلام مصطفي، 6 سالن جي رضوانه ۽ 4 سالن جو مشتاق فوت ٿيا. 8 سالن جي رضيه مهر ۽ 7 سالن جي شبانه جاگيراڻي به فوت ٿيون، سوين ماڻهو گيسٽرو ۽ ٻين وبائي بيمارين ۾ مبتلا ٿيل. ٺل ۾ 3 سالن جي پيروزان، ٻير لوءِ ۾ 5 سالن جو هزار خان، 6 سالن جو حسن ۽ قلجي ۾ معصوم يار محمد چانڊيو به دم ڏنو خانپور ۾ وڏيڪ 80 مريض اسپتال داخل.

—

ريٽي ڪئنال جا گهارا بند نه ٿيا، 16 لاش لڙهندي ڏٺا ويا، ٻوڏ ڪوٽ سبزل ۾ داخل، قومي شاهراهه جا ٻئي پاسا بند.

ينگ بند کي گهارن ڪان پوءِ رستي ۾ داخل ٿيل ٻوڏ جي پاڻي تباهي مچائي ڇڏي، ڪوٽ سبزل ۽ ڀرپاسي جا علائقا ٻڏي ويا. قومي شاهراهه

پاڻيءَ هيٺ اچڻ تي آءِ - جي سنڌ ۽ آءِ - جي پنجاب ٻنهي طرفن کان ٽريفڪ روڪرائي ڇڏي، فوج هڪ پاسو بند ڪري گاڏيون شروع ڪرايون، 6 ڏينهن کان بک تي آهيون، هڪ شخص لقمان ٻارڙي کي بچائيندي فوت ٿيو آهي: ٻُوڙاڻن جو احتجاج.

—

ميهڙ پرسان سيري بچاءُ بند کي پيل رونڊ وڏين ڪوشش بعد بند، 2 ٻُوڙاڻا ڊهي فوت، خوف ۾ لڏپلاڻ.

ڏوڪري جي ڪڇي ۾ لڳل وڏي رونڊ کي اڌ رات جو بند ڪري خطرناڪ صورتحال تي ضابطو آندو ويو رينجرز توڙي پاڪ فوج جا جوان به پهتا. رونڊ بند ڪرڻ دوران بند جي پٽ ڪري پئي، آواز تي ماڻهن ۾ خوف پکڙجي ويو راڌڻ ۽ ٽرڙي محبت مان لڏپلاڻ.

—

گڊو ۽ سکر وٽ پيهر خطرناڪ ٻوڏ، پاڻي جيڪب آباد ۾ داخل، سنڌ - بلوچستان زميني رابطو خطم، آر بي او ڊي کي ڪٽ.

چاچڙان شريف وٽ پاڻيءَ جي سطح 14 فوٽ 4 انچ رڪارڊ، سنڌ ڏانهن 11,50,000 ڪيوسڪ واري خطرناڪ وهڪري رخ ڪيو سکر وٽ اوپارو وهڪرو 10 لک 15 هزار ڪيوسڪ تي ويو ڪوٽڙي بئراج تي مک وهڪرو 20 آگسٽ تي پهچندو: چيف انجنيئر.

—

ٽوڙي بند جو گهارو هڪ ڪلوميٽر کان وڌيڪ ٿي ويو.

ٻوڏ جي پاڻيءَ وڌيڪ 50 ڳوٺ ٻوڙي ڇڏيا، ڳوٺ ۾ سوين ماڻهو ڦاٿل. آبپاشي عملدار هڪ هفتي کان گم آهن، بندن جي مرمت ورڪس ۽ سروس طرفان ڪرائي پئي وڃي.

—

برساتن ۽ ٻوڏ سبب پاڪستان جو 63 سالن ۾ جوڙيل معاشي ڍانچو تباهه ٿي ويو.

ڪنهن ملڪ جون زمينون سُکي وڃن ۽ صنعت جو ڦيٿو رڪجي وڃي ته ترقي خواب بڻجي ويندي آهي. پاڪستان 63 سالن ۾ ڪيترين ئي

مشڪلاتن ڪي منهن ڏنو آهي، 1947ع ۾ ملڪ ۾ صرف 34 ننڍا ننڍا ڪارخانا هئا، جن ۾ 24 هزار پورهيت ڪم ڪندا هئا. 63 سالن کان پوءِ جي ڊي پي ۾ صنعتن جو حصو 26 سيڪڙو برآمدات جو 53 سيڪڙو ۽ روزگار جي فراهمي جو 63 سيڪڙو حصو رهيو آهي.

—

جيڪب آباد ۽ بلوچستان کان ايندڙ پاڻي 3 ڏينهن اندر قمبر ۾ داخل ٿيڻ جو امڪان.

ٽوڙي بند وارو پاڻي بيگاري ڪئنال ۽ ٻين رستن ذريعي رتيديري کان ٿيندو قمبر ۾ ايندو. ٻوڏ وارو پاڻي چڪي واري علائقي مان جاگير ۾ ڇڏڻ جو فيصلو ڪيو ويو.

—

ڪراچي ۾ 18 هزارن کان وڌيڪ ٻوڏ متاثر پهچي چڪا.

متاثر رزاق آباد، محمود آباد، لياري ايڪسپريس وي ڪالوني ۽ ٻين علائقن جي ڪئمپن ۾ ترسيل. ٻوڏ ستيل ڪراچي جي روڊن رستن تي ويهڻ بدران ڪئمپن ۾ اچن. ڪراچي ۾ هڪ ڪروڙ ٻوڏ متاثر اچن ته به ترسائينداسين، کين هر سهولت ڏني ويندي: گهرو وزير ذوالفقار مرزا.

50 هزار ماڻهن جي رهائش جو بندوبست ڪيو آهي، پر جيڪي به ايندا، انهن کي ترسايو ويندو: جميل سومرو.

—

منڇر ڍنڍ جي اٿلڻ جي صورت ۾ هڪ لک ماڻهو متاثر ٿيڻ جا امڪان.

ڍنڍ جي سطح وڌيڪ 2 انچ وڌي 110.7 آر ايل مان 110.9 آر ايل تي وئي، بندن تي دٻاءُ. 520 اسڪوائر ڪلوميٽر پکيڙ رکندڙ منڇر ۾ 20 مختلف نئين جهل مگسي، پنجاب ۽ مٿانهن علائقن مان پاڻي اچي ٿو. ايم اين ويءِ ڊرين جو گندو پاڻي به منڇر ۾ ڇوڙ ٿئي ٿو سنڌوءَ ۾ وڌي ٻوڏ سبب ڍنڍ جو پاڻي درياءَ ۾ ڇوڙ نٿو ٿئي. چاڙهه سبب اڙل ۽ دانستر واهن ذريعي منڇر جو پاڻي ابتڙ ڍنڍ ۾ وهي ٿو پرپاسي جي ماڻهن ۾ خوف.

—

ٺٽي ۽ سجاول ۾ آپريشن ڪري زميندار بند ٽوڙيا ويا.

—

دادو ضلعي جا وڏيڪ 110 ڳوٺ ٻڏي ويا، بچاءَ بندن کي روڙيون، 48 ٻيڙيون ٻڏيون، دادو- مورو پل ٽريفڪ لاءِ بند.

ضلعي اندر سنڌوءَ ۾ پاڻي جو وڏو وهڪرو پاڻي بندن کي پاڻڻ لڳو حساس قرار ڏنل بندن وٽ هنگامي حالتن جو اعلان.

دادو- مورو روڊ کي سيپيج تي ويو پل کي ٽريفڪ لاءِ بند ڪيو ويو سنڌو ۾ چاڙهه ڏسڻ لاءِ آيل فيمليز کي پل کان واپس ڪيو ويو. متاثرين ٻيڙيون نه ملڻ خلاف احتجاج ڪيو روينيو عملي کان 48 ٻيڙيون ٻڏيون، ميهڙ جي ٽن يو سيز جا 100 کان وڏيڪ ڳوٺ ٻڏي ويا. دادو شهر کي خطرو آهي، شهر کي بچائڻ لاءِ دادو - مورو روڊ کي ڪٽ ڏياريو ويندو شهر کي بچائڻ لاءِ هر فيصلو ڪبو: چونڊيل نمائندا.

—

لاڙڪاڻو ريلوي انتظاميا جي بي حسي، ٽڪيٽ نه هجڻ تي ٻوڏ متاثرن کي لاهي ڇڏيو.

جيڪب آباد مان سوين ٻوڏ متاثر ڪراچي وڃڻ لاءِ اسٽيشن تي پهتا. ريلوي انتظاميا ٽڪيٽ نه هجڻ تي لاچار ۽ غريب ماڻهن کي سفر ڪرڻ نه ڏنو.

(روزاني ڪاوش).

❁

17 آگسٽ 2010ع

گڊو بئراج ريگيوليٽر لڙهي ويو، آر بي او ڊي کي وڏيڪ ڪٽ، آمري پاڻي هيٺ، ڳڙهي خيرو خالي، شهداد ڪوٽ ۽ قبو سعيد لاءِ وارننگ

ٻوڏ ۽ هيرالدين ڊرين جو پاڻي اوور ٽاپ ٿيڻ بعد کير ٿر ڪئنال ۾ داخل ٿي ابتو وهڻ لڳو پاڻي جي دٻاءَ سبب سنڌ - بلوچستان جي پاڻي ورڇ وارو هنڌ گڊنگ ريگيوليٽر ٽٽو شهداد ڪوٽ ۽ قبو سعيد مان لڏپلاڻ شروع. قبو سعيد تعلقي کي اڳ ئي وارننگ جاري ڪري ڇڏي آهي، شهري، پوڙها،

عورتون ۽ معصوم ٻار محفوظ هنڌ منتقل ٿين، شهداد ڪوٽ کي ٻه خطرو ٽي سگهي ٿو ڪوشش آهي ته پاڻي واپس بلوچستان طرف موڪليون: ڊي سي او قمبر - شهداد ڪوٽ.

جيڪب آباد شهر ٻڏڻ جو خطرو ٽري ويو شهر کي في الحال خطرو ناهي: (اعجاز جکراڻي / ڊي سي او)، ٻوڏ جو پاڻي ڳڙهي خيرو طرف وڌڻ لڳو 80 سيڪڙو ماڻهو لڏپلاڻ ڪري مختلف علائقن ڏانهن هليا ويا. ٻوڏ جو پاڻي رتو ديرو تعلقي ۾ داخل نه ٿيندو، ان جو رخ ڳڙهي خيرو تعلقي کان پوءِ بلوچستان جي ڪڇ حصن ۽ قمبر - شهداد ڪوٽ جي ڪاڇي وارن علائقن ڏانهن آهي، جنهن سان نقصان گهٽ ٿيندو: صوبائي وزير اياز سومرو.

مانجهند تعلقي وٽ بچاءُ بندن تي سخت دٻاءُ ٿيڻ بعد آر بي او ڊي کي وڏيڪ 3 هنڌ ادو گهارا هنيا ويا، تاريخي ماڳ آمري ۾ ٿيبات ٻڏي ويا، لڪي شاهه صدر سميت 20 ڳوٺ پاڻي هيٺ، 7 هزارن کان وڌيڪ ماڻهو ڦاٿل. سيوهڻ، مانجهند ۽ ڪوٽڙي تعلقن جي ڪچي وارن علائقن ۾ پاڻي جي سطح ۾ واڌ، 50 کان وڌيڪ ڳوٺ پاڻي هيٺ اچي ويا، ڦاٿل ماڻهن طرفان پنهنجا گهر ڇڏڻ کان انڪار.

پاڪستان ۾ 35 لک ٻار وبائي بيمارين ۾ ورنجي وڃڻ جو خطرو آهي: گڏيل قومون.

ٻوڏ سبب ڊائريا ۽ ٻين بيمارين ڦهلجڻ جو خطرو موجود آهي. اسان کي ماڻهن جي صحت ۽ انهن کي صاف پاڻي مهيا ڪرڻ بابت ڳڻتي آهي، صاف پاڻي ضروري آهي. پاڪستان جي خراب ساک سبب عالمي برادري کان امداد وٺڻ ۾ مشڪل پيش اچي رهي آهي.

ٻيڙ لوءِ لڳ ماني ڳيي لاءِ احتجاج ڪندڙ ٻوڏ سٽيلن مٿان پوليس جي وحشياڻي لٺبازي، ڏرڙو 20 رتو رت حالت ۾ گرفتار.

ٻيڙ لوءِ باءِ پاس وٽ ڪنڌ ڪوٽ ۽ جيڪب آباد مان آيل متاثرن کاڌ خوراڪ نه ملڻ ۽ بيمار ماڻهن جو علاج نه ٿيڻ خلاف روڊن تي نڪري آيا. ٻيڙ لوءِ پوليس پاران احتجاج ڪندڙن مٿان ڏرڙو ختم ڪرڻ لاءِ زور، احتجاج ختم نه ٿيڻ تان سکر ۽ خيرپور مان آيل نفري متاثرين تي ڏنڊا

وسايا. پوليس اهلڪار بک ۾ پاهه ٿيندڙ ٻوڏ متاثرين کي لٺيون هڻي روڊ تان ڊوڙائيندا رهيا، 20 ڄڻن کي حراست ۾ وٺي ٻيهر لوڙ تاڻي تي بند ڪيو ويو.

خيرپور ۾ سکر جي ڊي سي اوز کي واهر لاءِ فون ڪيا، موٽ ۾ ڏنڊا مليا (متاثر)، ٻوڏ ستيلن جا ڪجهه نوجوان گاڏين مان ڦر لٽ ڪري رهيا هئا: پوليس.

—

گڊو ۽ سکر بئراجن وٽ وڏيڪ چاڙهه، ٽوڙي بند جو گهارو 3000 فوٽ تي ويو 20 لک ايڪڙ زمين ٻڏڻ جو انڪشاف.

چاچڙان شريف وٽ سطح 11 فوٽ 4 انچ کان گهٽ نه ٿيڻ سبب گڊو وٽ سپر فلڊ واري صورتحال 4 کان 6 ڏينهن رهندي، گڊو وٽ وهڪرا پوڻا 11 لک کان ٽپي ويا، سکر بئراج وٽ وهڪرو سوا 10 لک ڪيوسڪ تي پهچي ويو. ڪي ڪي بند ۽ ٽوڙي بند وٽ پاڻي جي سطح ۾ 3 انچ واڌ، ٽوڙي جو گهارو 23 فوٽ اوچو ۽ 3000 فوٽ ويڪرو ٿي ويو هڪ لک 10 هزار ڪيوسڪ گهاري واري پاڻي سان اڳ ۾ ٿي ٻڏل علائقن ۾ وڏيڪ نقصان جو خطرو.

ڳڙهي خيرو ۽ شهداد ڪوٽ جو پاڻي 5 ڏينهن ۾ منڇر پهچندو 25 آگسٽ تي ڇڪار ٿيندڙ منڇر جو سنڌوءَ ۾ ڇوڙنا ممڪن هوندو ڪوٽڙي بئراج ۾ 9 لک ڪيوسڪ وارو وهڪرو 20 آگسٽ کان جوار ڀاٽا ٿيڻ ڪري سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري نه سگهندو. نيو سعيد آباد لڳ بچاءُ بند کي روڙيون، هراس، ٽوڙي واري گهاري سبب سنڌوءَ جي ساڄي ڪپ جي 20 لک ايڪڙ زمين ۾ فصل تباهه ٿيا. ٻوڏ وارو پاڻي ميرو خان، ڳڙهي ياسين ۽ ڳڙهي خيرو لاءِ خطرناڪ آهي: نور محمد بلوچ.

—

دادو- مورو پل جو وڏو حصو لڙهي ويو لاڙڪاڻو- خيرپور پل جي گائيڊ بند کي ٻه گهارا.

درياءَ ۾ چاڙهه سبب پل جي هڪ ڪلوميٽر جي مفاصلي تي روڊ مان شمندڙ معمولي پاڻي بند نه ڪرڻ سبب 30 فوٽ روڊ لڙهي ويو. پاڻي جي تيز وهڪري ۾ 30 ڳوٺ ٻڏي ويا، 100 کان وڏيڪ گهر پٽ، متاثر خاندانن جي عورتن، معصوم ٻارڙن ۽ ٻڍڙن پل تي پهچي پناهه ورتي. روڊ کي لڳل 30

فوٽن جو گهارو ڪجهہ ئي ڪلاڪن ۾ 60 فوٽ تائين پهچي ويو نوشهرو فيروز شهيد بينظير آباد ۽ دادو ضلعن جو زميني رابطو ڪٽجي ويو. بار بار دانهڻ باوجود 4 ڪلاڪن تائين ڪو بہ عملدار نہ پهتو هو هن وقت کليل آسمان هيٺ امداد لاءِ واجهائي رهيا آهيون: متاثر ٿيل.

گائيڊ بند کي گهارن جي اطلاع تي اين ايچ اي توڙي آبپاشي کاتي وارن سان گڏ صوبائي وزير اياز سومرو ۽ ٻيا پهتا.

—

سنڌ ۾ ٻوڏ متاثرن ۾ گيسٽرو پکڙجڻ سبب وڏيڪ 7 ٻارڙن سوڌو 10 ماڻهو فوت، سوين مبتلا.

ڪنڌڪوٽ ۾ 2، ڪشمور ۾ هڪ، ڳڙهي ياسين ۾ ٻارڙي ۽ نوجوان، فريد آباد ۾ عورت، ٺاٽو ٻولا خان ۽ احمد پور ۾ 2 ٻارڙيون ۽ ڪراچي ۾ 2 ٻارڙا فوت ٿيا.

—

پني عاقل لڳ ٻيڙي بجليءَ جي ٿنڀي سان ٽڪرائجي وئي، 15 ڄڻا فوت، 8 ڄڻن کي بچايو ويو.

ڪچي جي علائقي سومرا پنهواري جا رهواسي ٻيڙيءَ ۾ بچاءَ بند طرف اچي رهيا هئا، حادثو درياءَ ۾ موجود ٿنڀي سان ٽڪرائجڻ سبب پيش آيو. ريسڪيو عملدارن هيليڪاپٽر گهرائي ورتو پاڪ فوج ۽ نيوي جي جوانن احسان سومرو سندس زال شهناز ۽ نينگر زمان سوڌو 7 جانيون بچايون. منهنجو پٽ، ننهن ۽ پوٽو ٻڏي ويا آهن: (ڳوناٺو)، خورشيد شاهہ سيف الله ڌاريجو ۽ حاجي انور مهر پهتا، ڳوٺ ۾ روج راڙو.

—

ٻوڏ سٽيلن کي ڊٺل گهرن کان بہ وڌيڪ بهتر گهر ٺهرائي ڏيندا سين، معاوضو بہ ڏنو ويندو: وڏو وزير.

جيڪب آباد کي في الحال بچايو ويو آهي، شڪارپور کي بہ ٻڏڻ کان بچائڻ جي مڪمل ڪوشش ڪندا سين.

—

سنڌ ساري ويئي ٻڏي: 126

گڊو وٽ پاڻي جي سطح 5 لک ڪيوسڪ ٿيڻ تائين ٽوڙي بند وارو گهارو بند نٿو ڪري سگهجي: آبپاشي وزير سيف الله ڌاريجو.

ٽوڙي بند اوور ٽاپ ٿيڻ ڪري ٽٽي پيو بچاءُ بندن جي حفاظت لاءِ پوري مشينري استعمال ڪيون پيا.

—

ڪوٽڙي بئراج کي خطرو ناهي، رڳو 4 لک ڪيوسڪ وهڪرا گذرندا: قائره.

اندازو هو تہ ڪوٽڙيءَ وٽ 8 لک ڪيوسڪ وهڪرا هوندا، پر هاڻي 4 لک ڪيوسڪ وهڪرا گذرندا. سکر بئراج وٽان گذرندڙ پاڻي علائقي ۾ ٽڙي پکڙجي ويو آهي.

—

پاڪستان اسلامي ملڪن جو اجلاس گهرائڻ جي اپيل ڪري ڇڏي، بحاليءَ جي ڪم ۾ 2 سال لڳي ويندا.

ٻوڏ ۽ برساتن سبب اربين ڊالرن جو نقصان ٿيو آهي، عالمي بئنڪ ۽ ايشيائي بئنڪ کي نقصان جو ڪاٿو لڳائڻ جو چيو آهي: شاه محمود قريشي.

جنرل اسيمبلي جي اجلاس ۾ بان ڪي مون پاڪستان ۾ ٿيل تباهين بابت بريفنگ ڏيندو هليري بہ شرڪت ڪندي، 10 لک گهر تباهہ ٿيا آهن، فصلن ۽ چوپائي مال جي نقصان جو اندازو پاڻي لهڻ کان پوءِ ٿي سگهندو.

—

ڪوٽڙي ڪبير ۾ غوثپور ۽ شڪارپور واسي ٻوڏ ستيل کليل آسمان هيٺ ويٺل، عورتون ۽ ٻارڙا مختلف بيمارين ۾ ورتجي ويا.

—

حيدرآباد ۾ پهتل ٻوڏ ستيلن جو انگ 4200 تي ويو فاقا ڪٽڻ تي مجبور.

ٻوڏ ستيلن جو حيدرآباد آمد جو سلسلو جاري، رليف ڪئمپن ۾ اڻپورا انتظام.

(روزاني ڪاوش)

❁

18 آگسٽ 2010ع

پاٽوٽ لڳ سپر فلڊ، ٽوڙي ويجهو هيبت بند تي پيو ٻوڏ جو پاڻي منڇر ۾ ڇوڙ ٿيندو ڪاڇي جا 86 ڳوٺ خالي ڪرڻ جي وارننگ، لڏپلاڻ.

چاچڙان شريف وٽ پاڻي وهڪرن جي سطح 2 انچ گهٽجي 14 فوٽ 2 انچ رهجي وئي، اسڪردو کان وٺي تونسا ۽ پنجند تائين سنڌوءَ ٽوڙي ان ۾ ڇوڙ ڪندڙ دريائن ۾ تيزي سان لاٿ. ڪوهه سليمان ۾ پڻ برساتون رڪجي ويون. گڊو وٽ وهڪرو گهٽجي 10 لک 56 هزار ڪيوسڪ تي ويو وڌيڪ 2 ڏينهن تائين گڊو جي سطح 10 لک ڪيوسڪ رهندي: (موسميات کاتو)، سکر بئراج وٽ 16 ڪلاڪن کان سطح سوا 10 لک ڪيوسڪ تي بيٺل، ڪوٽڙي بئراج تي 22 آگسٽ تي 8 لک ڪيوسڪ پاڻي پهچندو: چيف انجنيئر.

پاٽوٽ وٽ 8 لک ڪيوسڪ جي وهڪري اسپرن کي پائڻ شروع ڪيو لقمان ڪوريجو وٽ بچاءَ بند کي روٽيون، پاڄ، مخدوم امين فهيم پهتو ٻوڏ وارو پاڻي ڪيڻ لاءِ ڪيترائي آپشن موجود آهن، شهداد ڪوٽ جا شهري لڏ پلاڻ نہ ڪن: نادر مگسي.

ٽوڙي بند ۽ بلوچستان مان ايندڙ پاڻي هفتي اندر ڪي اين شاهه ۽ ميهڙ تعلقن مان گذرندو 2007ع ۾ آيل ٻوڏ ۾ ايم اين اين وي ڊرين کي هنيل ڪٽ اڃا بند نہ ٿي سگهيا، بچاءُ بندن تي هنگامي حالتون لاڳو هر ڪلوميٽر تي ڪئمپ قائم. آر بي او ڊي سم نالن کي گهارڻ سبب وڏا ڇچر، ننڍا ڇچر ۽ ڪلر سميت آس پاس جا وڌيڪ 20 ڳوٺ پاڻي هيٺ، تيز برساتن سبب نئيون وهي آيون، سن شهر پاڻي جي گهيري ۾ اچي ويو ڪير ٿر ڪئنال کي گهاري بعد اوستا محمد ۽ گنداخا شهر خالي ڪرايا ويا.

—

عوام سياسي اداڪارن جي ڇوڙ تي نہ لڳي، اهي رڳو فوٽو ڪيدرائڻ ۾ پورا آهن، حالتن کي بهتر ڪرڻ ۾ وقت لڳندو: (صدر آصف علي زرداري).

تاريخ جي وڏي آفت آهي، ان لاءِ الله تعاليٰ اسان کي چونڊيو آهي ۽ اهو چئلينج قبول ڪريون ٿا. نظام ۾ ڪمزوريون آهن، انهن کي بهتر ڪيو ويندو. اسان ايندڙ نسلن لاءِ ڪم ڪري رهيا آهيون، ڪنهن تي احسان نه پيا ڪريون. تنقيد جي پرواهه ناهي، متاثرن جي مدد ڪندا رهنداسين، هيڏي وڏي آفت کان پوءِ پاڻ کي سنڀالڻ ۾ وقت لڳندو. خدا نه ڪري جيڪڏهن سياسي جماعتون، اين جي اوز ۽ عوام ناڪام ٿيو ته پوءِ انتها پسند ۽ عسڪريت پسند جاءِ والاريندا.

—

سنڌ ۾ ٻوڏ سٽيلن ۾ گيسٽرو جي وبا، 5 ٻارڙن ۽ ٽن عورتن سوڌو وڌيڪ 14 ماڻهو فوت.

قاسم آباد جي هڪ گرلز اسڪول ۾ قائم ڪئمپ ۾ 4 سالن جو بيت الله ۽ هالا ناڪا واري ڪئمپ ۾ پيرسن محمد رمضان سڏايو فوت ٿي ويا. سانگي ۾ ٻه پيرسن قادر ميراڻي فوت ٿيو ڪوهستان ۾ نوجوان يار محمد، ٻارڙا شوڪت ۽ مني ڏيءَ غازي ڪوسي دم ڏنو. شاهپور چاڪر ۾ ٽل واسي ٻارڙو وقار، گهوٽڪي ۾ نوجوان ڏٽي بخش، ڏهرڪي ۾ حڪيمان، ڪنڌ ڪوٽ ۽ ڪشمور ۾ 4 ۽ رتوديرو ۾ عورت شهناز جکرو فوت ٿيا.

منڇر لاءِ دعا ئي ڪري سگهجي ٿي، ڪوٽڙي تي 8 لک ڪيوسڪ پاڻي پهچندو: ادريس راجپوت.

—

لاڙڪاڻي مان خاص ٽرين هڪ هزار متاثرن کي ڪراچي ڪٺي وئي.

—

ٻوڏ سبب سڄي سنڌ جي صورتحال ڳنڀير آهي، وڏن شهرن کي بچائڻ لاءِ هنگامي قدم کنيا پيا وڃن: وڏو وزير.

وڏي وزير سيد قائم علي شاهه پاران ٽتي پيل گٽنگ ريگيوليٽر ۽ قمبر ضلعي جو فضائي معائنو ڪيس ٻوڏ جي ايندڙ پاڻي بابت بريفنگ ڏني وئي.

ٽوڙي بند وارو پاڻي شهداد ڪوٽ، قمبر ۽ دادو تائين وڃي سگهي ٿو

منڇر جي پاڻي سان ڪنهن کي بہ نقصان نہ ٿيندو: قائم علي شاهہ

گهاري وارو پاڻي روڪڻ مشڪل آهي، لاڙڪاڻو ۽ شڪارپور شهر تہ بچي ويندا، پر قمبر - شهداد ڪوٽ ضلعي کي خطرو آهي. گڊو ۽ سکر وچ ۾ 7 لک ماڻهو متاثر ٿيا آهن، اڃا بہ 40 لکن کان وڌيڪ متاثر ٿيندا، متاثرن کي ماڳن تي پهچائڻ ۾ 6 مهينا لڳي ويندا.

—

ٻوڏ سٽيلن لاءِ ڊالر ساڍا 6 ارب روپين مان سنڌ کي جائز حصو ڏياريو: سنڌ سرڪار جي آمريڪي اختيارين کي اپيل.

سنڌ واحد صوبو آهي جيڪو انتها پسندي کان بچيل آهي، ايئن نہ ٿئي تہ هتي بہ اهڙي لاڙي کي هٿي ملي: صوبائي حڪومت جو موقف.

ٻوڏ نقصانن جو جائزو وٺڻ لاءِ آيل آمريڪي حڪومت جي وفد جي سنڌ سرڪار جي نمائندن سان گڏجاڻي، ٻوڏ بابت بريفنگ ورتي. آمريڪي وفد کان ٻوڏ ۾ ڦاٿل ماڻهن کي ڪڍڻ لاءِ 6 هيليڪاپٽر بہ گهريا آهن: قيصر بنگالي.

—

قاسم آباد ۽ لطيف آباد جي بندن تي وزارتي ڪاميٽي ڀاران بي اعتمادي ظاهر، جاني ۽ مالي نقصان جو ذميوار ايم ڊي سيڊا هوندو: زاهد ڀرڳڙي.

اسان گهٽ ۾ گهٽ ٻن بندن جي حساس هنڌن تي پنهنجي ڳڻتي ظاهر ڪندي ضروري مرمت ۽ مضبوطي لاءِ اپاءَ وٺڻ جي هدايت ڪئي هئي. بدقسمتيءَ سان سيڊا اختيارين بندن جو ڪم مڪمل ناهي ڪيو سيڊا جي لاپرواهي سبب لکين ماڻهن کي خطرو آهي: علي نواز شاهہ.

ٻوڏ جو پاڻي ڪوٽڙي بئراج تي پهچڻ کان اڳ 24 ڪلاڪن ۾ رهيل ڪم مڪمل ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ سيڊا ذميوار هوندي.

—

ٻوڏ ۾ ترڪيل مڪڙي کان ماءُ جي ممتا کسجي وئي، پر اُميد جو ڏيئو روشن آهي.

سائره لاءِ هاڻي ماءُ جي پرسڪون هنج بدران صرف پيڻن ۽ پاڻرن جا ياڪر رهجي ويا. جيڪب آباد ۾ ٻوڏ اچڻ جو ٻڌي فوت ٿيل غازي خان جي زال 9 ٻارن کي ممتا کان محروم ڪري وئي. سائره جي پيشاني تي ملنڊڙ

ياڻرن ۽ ٻيڻرن جي چمين ۾ ماءُ جي چپن جهڙي مٺاس جو احساس نه آهي. رليف ڪئمپ ۾ پهتل سائره جي ٻروئن جي سرمي سان سجاوٽ هاڻي ڪير ڪندو؟ جيون ساٿي جي هميشه موڪلائي ۽ 9 ٻارن ڪي ٻوڏ مان ٻاهر ڪيڻ واري گهڙي جو درد غازي ئي ڄاڻي. زندگي جي مستقبل ڪان ٻي نياز 9 ٻارن جو والد سندن مستقبل لاءِ سوچن ۾ گم رهي ٿو.

(روزاني ڪاوش)

❁

19 آگسٽ 2010ع

گڊو ۽ سکر وٽ لاٿ، ڪوٽڙي وٽ واڌ، ڳڙهي خيرو شهر ٻڏي ويو 3 عورتون لڙهي ويون، قبو سعيد خالي ڪرڻ لاءِ آخري وارننگ

گٽنگ ريگيوليٽر ٽٽڻ بعد ڪير ٿر، بيگاري ۽ سيف الله ڪئنالن ڪي لڳل گهارن جو پاڻي ڳڙهي خيرو شهر ۾ داخل ٿي ويو 8 ڪان 10 فوٽن تائين پاڻي پيهجي ويو شهر ڪي وڏيڪ تباهي ڪان بچائڻ لاءِ ڪير واهه شاخ ڪي 2 ڪٽ ڏنا ويا. شهري جانيون بچائي بيگاري پل، ڪوڪر لاڙو جيڪب آباد روڊ، ريلوي ڦاٽڪ ۽ ٻين هنڌن تي پهتا، 500 ڪان وڏيڪ شهري اڃا تائين شهر ۾ ڦاٿل، ميران پور پرسان 3 عورتون ٻوڏ ۾ لڙهي ويون. پاڻي شهداد ڪوٽ جي سنجر ڀٽي ۽ سجاول جوٽيجو جي گل شاهه پرسان پهچي ويو پاڻي ايترو تيز هو جو رڳو ٻچڙا ڪيڊي ٻاهر نڪتاسين: (فضل حسين لهر)، شهداد ڪوٽ شهر بچائڻ لاءِ بند ٻڌو پيو وڃي ۽ قبو سعيد ڪي خالي ڪرڻ لاءِ آخري وارننگ ڏني آهي: ڊي سي او ياسين شر.

بيگاري وارو پاڻي دودا پور ۽ ڳڙهي خيرو جي حدن ۾ ڦهلجي رهيو آهي ۽ پاڻي جو زور گهٽ ٿي ويو آهي، شهداد ڪوٽ شهر ٻاهران بند کي وڏيڪ مضبوط ڪرڻ لاءِ ڪم ۾ تيزي آندي آهي: نادر مگسي.

چاچڙان شريف وٽ سطح ۾ وڏيڪ 2 انچ جي لاٿ، تربيلا وٽ سنڌوءَ ۾ نندي ٻوڏ، ڪابل درياءَ جو وهڪرو هڪ لک ڪيوسڪ تي پهتو، گڊو وٽ

وهڪرو 10 لک هڪ هزار ۽ سکر وٽ 10 لک 7 هزار ڪيوسڪ تي پهچي ويو. ياڙوٽ وٽ دريائي وهڪرو ساڍا 8 لک ڪيوسڪ تي پهچي ويو ياڙوٽ، سيڪاٽ، باڻو ديرو ۽ بين هنڌن تي روڙيون، اسپر جو ڪجهه حصو ڏماڪي سان ڍهي پيو. ڪوٽڙي وٽ 70 هزار ڪيوسڪ جي واڌ، 8 لک ڪيوسڪ وهڪرو 21 آگسٽ تي پهچندو: چيف انجنيئر.

—

وزير اعظم پاران اڄ نيشنل ڊزاسٽر مئنيجمينٽ ڪميشن جو اجلاس طلب.

اسلام آباد ۾ ڪوٺايل اعليٰ سطحي اجلاس ۾ فوجي سربراهه ۽ چارئي وڏا وزير شرڪت ڪندا.

—

ٺٽي ضلعي ۾ بندن تي دباءُ، ڪچي جا وڏيڪ 13 ڳوٺ پاڻي هيٺ.

منارڪي بند وٽ ڪاڌ وڏي 120 فوٽن تائين تي وئي، خوف واري صورتحال.

—

ڳڙهي خيرو جا شهري ٻڏا ته ڪيس ڏاريجي تي داخل ڪرائيبو: غلام محمد شهلياڻي.

آبپاشي واري وزير سيف الله ڏاريجي هٿرادو ڳهارا هٽايا آهن. وزيرن خورشيد شاهه جي چوڻ تي ڪيلي جو فصل بچايو اسان کي ٻوڙيو ويو آهي. وڏي وزير کي وزيرن سان نه گڏجڻ ڳهرجي ها، گڏجاڻين ۾ نه گهرايو ويو.

—

منڇر ڍنڍ جي سطح 111.5 آر ايل تي وئي، ٻوڏ جو پاڻي 10 ڏينهن اندر چوڙ ڪندو، چوڪسي شروع.

نئين گاج سميت مختلف برساتي نئيون وهي اچڻ بعد منڇر ڍنڍ جي سطح ۾ معمولي اضافو ٻوڏ جو پاڻي اڃا تائين نه پهتو. ٻوڏ جو پاڻي 8 لک 10 ڏينهن اندر منڇر ۾ چوڙ شروع ڪندو. جنهن سان منڇر جي ليول خطرناڪ حد تائين وڌڻ جو خدشو ظاهر.

—

مورو پرسان ٻوڏ متاثرن کي محفوظ هنڌ ڏانهن کڻي ويندڙ ٻيڙي اونڌي، عورت ۽ 3 ٻارڙا ٻڏي فوت.

ٻيڙي گهڻو وزن هجڻ ڪري اونڌي ٿي، ڏيڍ سالن جو صديق، 3 سالن جي سونهن، 4 سالن جو وڪيو ۽ 30 سالن جي پروين ٻڏي ويئي. نيوي جي ٽوپن 4 ڪلاڪن جي جدوجهد بعد لاش هٿ ڪري ورتا. اطلاع تي ايم پي اي مسرور جتوئي، ڪرنل عدنان، ايس پي او ۽ ٻيا عملدار پهچي ويا. پراڻو گڇيرو اسان جو ڳوٺ آهي، مٿي هجڻ ڪري ٻوڏ جو خطرو نه هو پر مڇرن جي آزار کان ڪراچي وياسين ته حادثو پيش آيو: بچي ويل ڳوٺاڻا.

—

هٿ سان گهارا هڻڻ جا الزام هڻندڙن کي ٻڏي مرڻ گهرجي: جميل سومرو.

ٽوڙي بند ٽوڙي سيف الله مگسي ڪئنال کي حڪومت ڪٽ ناهي هنيو. شهلياڻي مصيبت ۾ آهي، هن تي ڪاوڙ ڪرڻ بدران هن جي مدد ڪرڻ گهرجي: مراد شاهه.

ڳڙهي خيرو کي هٿ سان ٻوڙڻ جي فيصلي لاءِ ڪو به اجلاس ناهي ٿيو: جکراڻي.

—

گهوٽڪي ويجهو زمينداري بند ٽٽڻ کان پوءِ پاڻي ماڇڪو بند ڏانهن وڌڻ لڳو ريڻي ڪئنال کي ڪاٽ، نيشنل هاءِ وي به پاڻي هيٺ

شهيد بينظير آباد مان 9 لک ڪيوسڪ پاڻي جو گذر، بندن ۾ روڻيون.

ميڪارو ڊورو چراڙو ۽ منڊ منگي بندن تي دٻاءُ سبب روڻيون پئجي ويون.

—

"پورو سامان ناهي مليو جيترو ظاهر ڪيو ويو آهي." سنڌ سرڪار پاران اين ڊي ايم اي کي خط

اعلان موجب سنڌ کي 16606 خيما ڏنا آهن، پر اسان کي ساڍا 3 هزار خيما مليا آهن.

—

ٻوڏ وارن علائقن ۾ فوري طور دوائون فراهم نه ڪيون ويون ته وڏي تباهي ايندي: سنڌ سرڪار.

اسلام آباد ۾ ٿيل اعليٰ سطحي اجلاس ۾ اين ڊي ايم اي، عالمي بئنڪ،

ايشيائي بئنڪ ۽ صوبائي حڪومتن جي نمائندن شرڪت ڪئي. ٻوڏ متاثر علائقن ۾ دوائون فراهم ڪرڻ لاءِ تيار آهيون، ملڪ ۾ وڏيڪ امداد اچي وئي آهي: جنرل نديم.

.سنڌ سميت صوبائي حڪومتون نقصان بابت ڊيٽا گڏ ڪرڻ ۽ عالمي مالياتي ادارن حوالي ڪرڻ لاءِ ڪاميٽيون قائم ڪنديون.

—

سنڌ جي 40 لک ٻوڏ متاثرن ۾ 10 لک ماڻهو بيمار.

متاثرن جي تعداد ۾ مسلسل اضافو 5 لک عورتون حمل سان آهن. ميڊيڪل ڪاليجن ۾ پڙهندڙ فائنل ايئر جي شاگردن کي ٻوڏ متاثر علائقن ۾ موڪليو ويندو. ڳورهارين عورتن کي اسپتالن جي ويجهو ترسايو ويندو: (قمرالزمان قائره).

—

ٻوڏ سٽيل 5 لک ڳورهاري عورتن کي طبي سهولتون فراهم ناهن. خيمن ۾ ٻارڙا پيدا پيا ٿين، مائرن جو غذائي ضرورتون پوريون نه پيون ٿين: گڏيل قومون.

سنڌ تباهه ٿي وئي آهي ۽ جمالي ايئن پيو ڳالهائي ڄڻ علي واهڻ ۾ جانور ٿا رهن: قائم علي شاهه.

جمالي جي ايتري تباهي ناهي ٿي، جيتري تباهي سنڌ ۾ ٿي آهي، لکين ماڻهو دربدر آهن. آئون به گهڻو ڪجهه ڳالهائي سگهان ٿو پر ايئن نه ڪندس. ٽوڙي بند ۽ دادو ـ مورو روڊ کي هٿرادو گهارا ناهن هنيا ويا. آبپاشي کاتي ۽ پاڻي ماهرن جا ٻوڏ بابت اندازا غلط ثابت ٿيا.

(روزاني ڪاوش)

❁

20 آگسٽ 2010ع

ڪوٽڙي وٽ وڏي ٻوڏ. ڳڙهي خيرو کي ٻوڙڻ بعد پاڻي قمبر ـ شهداد ڪوٽ ضلعي ۾ داخل، سجاول جوڻيجو خالي، حمل ڍنڍ جا دروازا کوليا ويا.

گڊو ۽ سکر بئراجن وٽ لاٿ، ملڪي دريائي وهڪرن ۾ بہ گهٽتائي، ڪوٽڙي بئراج وٽ هڪ ڏينهن ۾ هڪ لک ڪيوسڪ جي واڌ، وهڪرا 5 لک 8 هزار تي ويا، پاٽوٽ وٽ وهڪرو 9 لک ڪيوسڪ تي پهتو بندن کي روڙيون، ملاڪاتيار ۽ وسي ملوڪ شاهہ واسي هاءِ الرٽ. ڳڙهي خيرو کي بوڙڻ بعد پاڻي اوڀر طرف کان ڳوٺ داد محمد لهر وٽان سڄاول جوڻيجو ۾ داخل ٿي ويو. ڪيترائي ڳوٺ پاڻي هيٺ، گلاب شاهہ پوليس چوڪي وٽ ڪٽ ڏئي پاڻي آر بي او ڊي ٽري ۾ ڇڏيو ويو. قبو سعيد خان کي سيپ کان وڏيڪ خطرو. ڳڙهي خيرو ۾ ڦاٿل ماڻهن کي هيليڪاپٽر ذريعي ٻاهر ڪڍيو ويو، اڃا بہ ماڻهو ڦاٿل، ٻيڙ پٽ لڙهي ويا، عورت سميت 3 ڄڻا فوت. اعجاز جکراڻي، عائشہ کوسو ڊي پي او پرويز چانڊيو ۽ ڊي سي او ڳڙهي خيرو مان ڦاٿل ماڻهن کي هيليڪاپٽر ذريعي ٻاهر ڪڍيو شهر ۾ 10 کان 12 فوٽ پاڻي بيٺل، ايف پي بچاءُ بند تي دٻاءُ. حمل ڍنڍ جا 5 دروازا کوليا ويا، ايم اين وي ڊرين ذريعي پاڻي جو منڇر ۾ ڇوڙ. شهداد ڪوٽ کي بچائڻ لاءِ 2 لک مٽي جي ٻورين وارو بند ٺهڻ لڳو ٻوڏ جو پاڻي شهداد ڪوٽ شهر کان 4 ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي آهي: ڊي سي او.

—

خيبر پختونخواهہ حڪومت پاران نيشنل ڊزاسٽر ڪائونسل جي مخالفت.

ڪائونسل تحت صوبا مرڪز کي پئسا ڏيندا، اها صوبن سان ناانصافي آهي، فنڊ سڌي ريت صوبن کي ڏنا وڃن، اڄ ڊونرز ڪانفرنس گهرائي آهي : (صوبائي وزير ميان افتخار).

—

ٻوڏ ۾ ائٽمي ۽ فوجي نڪاتا مڪمل طور محفوظ آهن: پاڪ فوج.

ملڪ ۾ وڏي تباهي آئي آهي پر ائٽمي ۽ فوجي نڪاتن کي نقصان ناهي پهتو.

—

سنڌ ۾ گيسٽرو سبب وڏيڪ 18 جانيون ضايع، سوين ماڻهو وبائي مرض ۾ مبتلا.

غوثپور م 3 ٻارڙا ۽ هڪ عورت دم ڏنو جيڪب آباد ۾ 2 ٻارڙن ۽ هڪ

عورت حياتي وڃائي. ڪنڌيارو ۾ 2 ٻارڙا، ٻيهر لوءِ ڪئمپ ۾ پڻ 2 ٻارن جي زندگي جو ڏيئو اجهي ويو.

—

بيگاري ڪئنال ڪي گهارو هٽي پاڻي شڪارپور طرف ڇوڙ، وڏيڪ 100 ڳوٺ ٻڏي ويا، 3 عورتون ۽ 2 ٻار لڙهي ويا.

شڪارپور ضلعي اندر ڪئنالن کي لڳل گهارن واري پاڻي جون تباهيون جاري، پاڻي جو وهڪرو گولو دڙو علائقي ۾ پهچي ويو. شهر کي بچائڻ لاءِ ڪوششون ڪريون پيا: (آغا سراج)، ڳڙهي ياسين کي ڪو خطرو ناهي، شهري پريشان نه ٿين: (ڊي سي او). سنڌ ڪئنال واري گهاري کي بند ڪرڻ لاءِ آرمي پهتي، ٺل کان خانپور طرف اينڊڙ 6 عورتون پاڻي ۾ لڙهي ويون، ٽن کي بچايو ويو. لکيءَ ۾ نينگر ٻڏي فوت.

—

ڄامشوري ويجهو آر بي او ڊي ۽ منگلي پاٽوٽ بچاءَ بند کي گهارا، 20 ڳوٺ پاڻي هيٺ، انڙ پور ۽ ٻيدا پور خالي ڪرڻ جي وارننگ

ضلعي وٺان سنڌو مان پاڻي جو وڏو وهڪرو گذرڻ سبب ڪوٽڙي، سيوهڻ ۽ مانجهند تعلقن جي بچاءَ بندن تي دٻاءُ وڌي ويو.

صدر آصف پاران قوم کي اڄ ٻوڏ جي تباهين کان محفوظ رکڻ جي دعا جي اپيل.

—

14 صوبائي کاتن کي هڪ ڏينهن اندر ٻوڏ جي نقصانن بابت رپورٽ تيار ڪرڻ جو حڪم.

قيصر بنگالي جي صدارت هيٺ 14 کاتن جي سيڪريٽرين جو هنگامي اجلاس، صوبائي ڊزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽي جا عملدار شريڪ. پنجاب ۽ سرحد پنهنجا ڪيس پيش ڪري ڇڏيا آهن. سنڌ حڪومت کي پڻ پنهنجو ڪيس پيش ڪرڻ جو چيو ويو آهي: بنگالي.

هڪ ڏينهن اندر ڪهڙي رپورٽ تيار ٿيندي؟ (سوال)، اسان رستو ڪڍي ورتو آهي: قيصر بنگاليءَ جو جواب.

—

ٻوڏ متاثرن ۾ فنڊن جي شفاف ورهاست لاءِ نيشنل اوور سائيٽ ڊزاسٽر مئنيجمينٽ ڪائونسل قائم.

وزيراعظم جي صدارت ۾ ٿيل اجلاس ۾ هڪ نئون ادارو قائم ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو اجلاس ۾ وڏا وزير ۽ فوجي سربراهه به شريڪ. ڪائونسل جي ميمبرن جا نالا صوبا ڏيندا، ملڪ جي مشهور ۽ ايماندار ماڻهن تي مشتمل ڪائونسل فنڊن جي نگراني ڪندي. ٻوڏ متاثرن کي واپس گهرن ڏانهن وڃڻ وقت 20 هزار روپيا روڪ امداد ڏني ويندي، نقصان جي سروي ڳوٺ سطح تي ٿيندي. آئون ڪائونسل جي نگراني ڪندس، ڪائونسل جو ڪم امدادي فنڊن جي ورڇ ۽ استعمال شفاف انداز ۾ بنا ڪنهن فرق جي ڪرڻ هوندو: وزيراعظم.

—

ٻوڏ سبب 45 ارب ڊالر جو نقصان ٿيو عالمي برادري مدد ڪري: پاڪستان.

عالمي برادري امداد نه ڏني ته دهشتگردي خلاف جنگ ۾ حاصل ڪيل ڪاميابي ضايع ٿي سگهي ٿي. پاڪستان ۾ ٻوڏ سٽيلن جي مدد عالمي برادري جو امتحان آهي: بان ڪي مون جو جنرل اسيمبليءَ جي اجلاس کي خطاب.

آر بي او ڊي ٿو شهر ٻوڙيندي، واپڊا جي اعتراضن باوجود سنڌ حڪومت 36 ارب خرچ ڪيا: واپڊا اختياريون

سنڌ حڪومت پاران 2004ع ۾ رٿا شروع ڪرڻ وقت واپڊا اختيارين اعتراض واري ڪچي کي نقصان رسڻ جو انديشو ڏيکاريو هو. واپڊا جي اعتراضن باوجود سنڌ حڪومت پنهنجي طور تي 14 ارب جي رٿا شروع ڪئي، جنهن کي هاڻ وڌائي 36 ارب تي پهچايو ويو. اسان اڳ ۾ چيو هو ته آر بي او ڊي ڪچي لاءِ نقصان ڪار ٿيندو هاڻوڪي ٻوڏ ۾ درياءَ جو دٻاءُ گهٽائڻ لاءِ ڪٽ هنيا ويا: راغب شاهه.

—

ٻوڏ متاثر نااميد ٿيڻ بدران صبر ڪن، سڀ ڪجهه ڪنداسين، نئون پاڪستان اڏيو ويندو: (صدر زرداري).

الزام هڻندڙ ڪجهه قوتون نه ٿيون چاهين ته هتي جمهوريت ڪامياب ٿئي، سالن تائين جيل ۾ وجهندڙ ڪرپشن جا الزام ثابت نه ڪري سگهيا. پاڪستان ۾ گهر تباهه ۽ پليون لڙهي ويون آهن، اسان ڪترينا ۽ ٻيون تباهيون ڏٺيون پر پاڪستان جي تباهي غير معمولي آهي: آمريڪي سينيٽر جان ڪيري. اسان پاڪستان کي نئين سر تعمير ڪنداسين، انتها پسند قوتن کي صورتحال جو فائدو کڻڻ نه ڏينداسين: صدر.

—

ڄامشورو ۾ ٻوڏ سٽيل علائقن مان آيل هزارين ماڻهو بي يار و مددگار، 2 ٻارڙا بک وگهي زندگيون وڃائي ويٺا.

سنڌ يونيورسٽي ڪالوني جي گرلز هاءِ اسڪول ۾ پورهيت محبوب علي جا 2 ٻار 2 ورهين جي انيلا ۽ 5 ورهين جو الطاف بک وگهي فوت ٿي ويا. ٻوڏ سٽيلن انتظاميا پاران ڪا به واهر نه ڪرڻ خلاف شهر جي مک چوڪ، انڊس هاءِ وي ۽ ريلوي ڦاٽڪ وٽ ڌرڻا هڻي ٽائرن کي باهيون ڏنيون. ڪوٽڙي روڊ تي ڪورٽ ڪامپليڪس وٽ ٻوڏ سٽيلن احتجاج ڪيو پوليس زبردستي ڌڪا ڏئي ۽ لٺبازي ڪندي ڌرڻو ختم ڪرايو.

ڊي پي او کي شاباس...

پرويز چانڊيءَ جي غير معمولي ڪارڪردگي، ٻوڏ سٽيلن کي ڪلهن ۽ ڪڇن ۾ کڻي هيليڪاپٽر ۾ سوار ڪرائيندو رهيو.

—

نواز شريف ڪاميٽي جو مذاق ڪرڻ بدران پاڻ متاثرين جي واهر ڪري: (عبدالستار ايڌي).

ملڪ مٿان مصيبت آيل آهي، اسان جا حاڪم پرڏيهه جا دورا پيا ڪن.

(روزاني ڪاوش)

21 آگسٽ 2010ع

ڪوٽڙي وٽ وهڪرا پوڻا 8 لک ڪيوسڪ، بندن کي روڙيون، آر بي او ڊي ۾ لوپ بند کي ڪٽ، پاڻي شهداد ڪوٽ شهر ويجهو پهچي ويو.

ڪوٽڙي بئراج تي سنڌوءَ جا وهڪرا تيزي سان انتهائي خطرناڪ ٻوڏ ۾ تبديل ٿي ويا، پاڻي جي سطح پوڻا 8 لک ڪيوسڪ تي پهچڻ بعد بندن تي دٻاءُ، گڊو بئراج وٽ 48 ڪلاڪن ۾ وهڪرا وڏي ٻوڏ ۾ بعد ۾ وچولي ٻوڏ ۾ تبديل ٿي ويندا، سکر بئراج وٽ وڏا وهڪرا برقرار. سنڌ ۾ ٻين دريائن جي ڪيچمينٽ ۾ اينبدڙ ڪيترن ڏينهن تائين وڏا مينهن پوڻ جي اميد ناهي، دريائن ۾ لاٽ رهندي: (موسميات کاتي جو ڊائريڪٽر). چاچڙان شريف وٽ سنڌوءَ جي سطح گهٽجي 13 فوٽن تي پهچي وئي، حيدرآباد ۾ گهاري پوڻ جي افواهن شهرين جو ساه مٿ ۾ ڪري ڇڏيو. لطيف آباد ۾ درياءَ جي پيٽ ۾ قائم ڳوٺ دڙي مياڻ ۾ ٻين ڳوٺن جي ماڻهن پاڻمرادو گهر خالي ڪري ڇڏيا، پاڻي گهرن ۾ داخل، مانجهند ۾ منگلي پاڙوٽ بند کي هنيل گهارو 50 فوٽ ٿي ويو، 10 هزار ماڻهو ڦاٿل، ٺٽي ضلعي جا 250 ڳوٺ ٻـ ٻڏي ويا، 84 هزار آبادي منتقل. ڄامشورو سيوهڻ واري انڊس هاءِ وي تائين پاڻي جو وهڪرو پهچي ويو پاڙوٽ وٽ ڪاڏ، 13 فوٽن وارو گيج ٻڏي ويو يار محمد ڪوسو ميمڻ جي وسي ۾ جاڪري بند ۾ سيمو روڙين ۾ ڪاڏ جي اطلاع تي لڏپلاڻ شروع، مخدوم امين فهيم پاران بندن جو دورو ملاڪاتيار لڳ ٻوڏ 4 ڳوٺ ٻوڙي ڇڏيا.

پاڻي شهداد ڪوٽ پرسان نئين ٺهندڙ بچاءُ بند تائين پهتو موٽر وي روڊ ۾ آر بي او ڊي ٽري کي 4 ڪٽ ڏٺي رخ قبو سعيد ۾ زيرو پوائنٽ ڏانهن موڙيو ويو پاڻي 3 ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي آهي، اڄ صبح جو ٽرينون هلنديون: ڊي سي او قمبر.

شهداد ڪوٽ جي شهرين لاءِ وارننگ جاري، عورتون، ٻارڙا ۽ بزرگ شهر خالي ڪري وڃن، باقي نوجوان مدد لاءِ موجود رهن: (انتظاميا)، ضلعي جا 200 ڳوٺ پاڻي هيٺ، شهداد ڪوٽ کان ڳاڏين تي وڏي لڏپلاڻ.

ڪراچي ۾ ٻوڏ متاثرين جي ڪئمپ ۾ ڀاڄ، 2 عورتون فوت، 6 زخمي.

ڪورنگي ڪئمپ ۾ ڪاڌ خوراڪ جو سامان ورهايو پئي ويو تہ ڀاڄ پئي، شمسہ ۽ ملوڪان فوت ٿي ويون.

—

ڳڙهي خيرو ۾ ماڻهن وٽ خوراڪ ناهي، ڪچا چانور ۽ ڪچو گوشت کائي رهيا آهن: غلام محمد شهلياڻي.

نيوز چينلز تي خبر نشر ٿيڻ بعد آرمي چيف مون سان ڳالهايو آهي. شهر ۽ ڀرپاسي جي علائقن ۾ اڃا بہ 200 ماڻهو ڦاٿل آهن، ڳوٺاڻن جي لاشن کي اڄ ڪڍنداسين.

—

پاڪستان ڀارت جي 50 لک ڊالر جي امداد قبول ڪري ورتي.

حڪومت ڀارت جي خير سگالي واري جذبي کي ساراهي ٿي: (شاھہ محمود قريشي) ڀارت ڀاران امداد جي آڇ تي سياست نہ ڪري رهيا آهيون. شدت پسندن کي موجوده صورتحال مان فائدو وٺڻ جي اجازت نہ ڏينداسين.

—

ٻوڏ سٽيلن جي ڪراچي ۽ حيدرآباد منتقلي لاءِ ٻن ڏينهن ۾ پرائيويٽ گاڏيون تحويل ۾ وٺڻ جو فيصلو.

چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ کي اپيل تا ڪريون تہ پبلڪ ٽرانسپورٽ جي حوالي سان فيصلي تي نظر ثاني ڪئي وڃي. چيف سيڪريٽري کي ڪراچي ۽ حيدرآباد جي ٽرانسپورٽرن سان ڳالهيون ڪرڻ لاءِ چيو آهي، ٽرانسپورٽرن ڀاڙن ۾ ڳاٽي ٽوڙ واڌ ڪئي آهي. لاڙڪاڻي ۽ قمبر - شهداد ڪوٽ جي ڊي پي اوز کي پبلڪ ٽرانسپورٽ تحويل ۾ وٺڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي، سنڌ ۾ 60 کان 70 لک ماڻهو متاثر ٿيندا.

—

ظفر الله جمالي وزير اعظم وارا حڪم نہ هلائي، جعفر آباد ڊاٺهن پاڻي ڇڏڻ بابت رئيساڻي کي اعتماد ۾ ورتو هو: وڏو وزير.

ٻوڏ ۾ غريب توڙي امير کي نقصان پهتو آهي، ٻوڏ متاثرن کي سندن علائقن ۾ 2 ـ 2 ڪمرن جا گهر ٺهرائي ڏبا. هاڪس بي ۽ يونس آباد ۾ نيون

ڪئمپون قائم ٿينديون، ڪئمپن ۾ متاثرن جي مسئلن بابت تاج حيدر ۽ عورتن جي سار سنڀال لاءِ شهلا رضا ۽ شرميلا فاروقي نگران مقرر. حڪومت طرفان هر ٻوڏ ستيل کي 20 ـ 20 هزار روڪ امداد ڏني ويندي: وڏي وزير جي صدارت ۾ گڏجاڻي ۾ فيصلو. سيد قائم علي شاهه رزاق آباد ڪئمپ جو دورو ڪيو ٻوڏ متاثرن کي سڀ سهولتون فراهم ڪرڻ جي خاطري.

—

گڊو بئراج وٽان ٻيو وڏو وهڪرو بلوچستان ۾ داخل، ڊيرا الهيار ۽ گنداخا ٻڏي ويا، سوين ماڻهو ڦاٿل.

—

ٿل ۾ روڊ تي ترسيل ٻوڏ ستيل پيرسن اُڃ ۽ بک وگهي فوت.

ڪاڏو نه ملڻ سبب فوت ٿيل پيرسن گل محمد پٽي جو لاش روڊ تي پيل رهيو.

—

ڳڙهي خيرو پرسان جعفر آباد پل وٽ 40 ڪان وڌيڪ ماڻهو ڦاٿل.

حڪومت کي اپيل آهي ته پاڻي ۾ ڦاٿل اسان جي عزيزن کي ڪڍيو وڃي: نبي بخش بليدي.

لاڙڪاڻي مان ڪراچي پهتل ٻوڏ ستيل ڪٽنب جا 2 ٻار گم.

افضل ۽ عجيب جسڪاڻي جو ٽيجو ٽائون مان گم ٿيا.

—

هر سال 20 ميل بندن جي مرمت ٿئي ها ته 63 سالن ۾ 1200 ميل بند تيار هجن ها: رضا هارون.

—

ڄامشوري ۾ 25 هزار کان وڌيڪ پهتل ٻوڏ ستيل بکون ڪاٽڻ تي مجبور، انتظاميا واهر نه ڪئي، ڌرڻو 3 ڪلاڪ روڊ بند.

انتظاميا شهر ۽ ڀرپاسي جي ڄابلو علائقن مان پهتل هزارين ماڻهن جي رهائش ۽ کاڌ خوراڪ جو ڪو به بندوبست نه ڪري سگهي، ماڻهو کليل آسمان هيٺ ويٺل. گلشن شهباز سوسائٽي جي کنڊر ٿيل ڪوارٽرن ۽ ٽينٽ سٽي شاميانن ۾ ماڻهو بيحال، ٻارڙا کير نه ملڻ سبب تڙپڻ لڳا، مايوسي وارو

عالم. ضلعي انتظاميا پاران واهر نہ ٽيڻ خلاف سوين ٻوڏ ستيلن سپر هاءِ وي تي سخت احتجاج ڪندي ڌرڻو هنيو ڇتي نعريبازي، انتظاميا ننڌٽڪو ڪري ڇڏي ڏنو آهي، ماني جي ڳڀي جو بہ ڪو بندوبست ناهي ڪيو ويو: (مظاهرين). ڊي سي او ۽ ٻين عملدارن پهچي ڌرڻو ختم ڪرايو.

(روزاني ڪاوش)

❁

22 آگسٽ 2010ع

سنڌ ۾ ٻوڏ جون تباهيون، آر بي او ڊي بند ٽٽي پيو. گهارا، قمبر، دادو، ڄامشوري ۽ ٺٽي ضلعن جا ننڍا شهر ۽ وڏيڪ سوين ڳوٺ ٻڏي ويا.

شهداد ڪوٽ کي بچائڻ لاءِ بند تي ڪم هلندڙ ڳوٺن جا رستا ڪٽجي ويا، قمبر ۾ بہ خوف. لڏپلاڻ، ڄامشوري، سيوهڻ، ڪوٽڙي ۽ مانجهند تعلقن جي شهري آبادين وٽ بندن تي دٻاءُ وڌي ويو ملڪ اسد جو اباڻو ڳوٺ بہ پاڻي هيٺ. کاٽوٽ ۽ آمري وٽ ريلوي ٽريڪ ٻڏڻ سبب ريل سروس معطل، منگلي پاٽوٽ بچاءُ بند کي گهارو 100 فوٽن کان وڌي ويو ڪوٽڙي جي خانپور واري علائقي ۾ زميندارن بند ٽٽڻ سبب ڳوٺ پاڻي هيٺ، پاڻي ڪراچي واهہ ڏانهن وڌڻ لڳو. ٺٽي ۾ ڪارو کهو وٽان آر بي او ڊي جو بند ٽٽڻ سبب پاڻي کي بي فيڊر ڏانهن وڌڻ لڳو ڪڇي جو شهر ٽنڊو حافظ ٻڏڻ بعد پاڻي راڄو نظاماڻي جو رخ ڪري ورتو 40 ڳوٺ پاڻي هيٺ اچي ويا. ڪوٽڙي اپ اسٽريم ۾ پاٽوٽ وٽ لوپ بند کي گهارو پوڻ ڪري ڳوٺ ۽ فصل پاڻيءَ ۾ ٻڏي ويا، ايس ايم بچاءُ بند کي ڪنڊو ۽ ٻين هنڌن تي روٽيون، رات دير تائين بند ڪيون ويون.

پاٽوٽ وٽ ٽٽل بند لوپ نہ هو پر اهو زميندارن بند هو: (آبپاشي عملدار)، بند لوپ هو 1976ع جي ٻوڏ ۾ بہ هتي پاڻي نہ آيو هو: ڳوٺاڻن جو موقف.

—

ٻوڏ ستيلن جي امداد ۾ ڪرپشن برداشت نہ ڪنداسين: آمريڪا.

پاڪستان کي واضح پيغام ڏنو آهي تہ فنڊن جو غلط استعمال نہ ٿيڻ گهرجي،

ڪوٽڙي بئراج وٽ وهڪرا 8 لک 8 هزار ڪيوسڪ تي ويا، پوٽا 9 لک ٽيڻ جو امڪان.

-

21 ڏينهن دوران برسات ۽ ٻوڏ سبب 21 ماڻهو فوت ۽ 3 لک 74 هزار مختلف بيمارين ۾ ورتجي ويا.

متاثرن کي صاف پاڻي ۽ صفائي جي سهولت نه ملي ته وڌيڪ 35 لک ماڻهن جي مرڻ جو خدشو آهي، جيڪا صورتحال خطرناڪ هوندي: وزير صحت

-

جوهي ۽ ڪي اين شاهه شهرن کي خطرو آهي، اميد ته شهداد ڪوٽ بچي ويندو: قائم علي شاهه.

-

سنڌ جي 17 ضلعن کي آفت سٽيل قرار ڏيڻ جو نوٽيفڪيشن جاري، وڏا پئڪيج ڏيڻ جو فيصلو.

سنڌ ۽ بلوچستان جي مختلف شهرن ۾ وڌيڪ 10 ماڻهو ٻوڏ ۾ لڙهي ويا، هڪ نوجوان کي بچايو ويو.

ڪنڌڪوٽ ويجهو بي ايس فيڊر تي سانوڻ جعفري جا 2 پٽ عبدالهادي، فضل الرحمان ۽ هڪ ڏيءَ حسنه جعفري لڙهي ويا.

(روزاني ڪاوش)

❁

23 آگسٽ 2010ع

ڪوٽڙي وٽ اڄ وهڪرو 9 لک ڪيوسڪ تي پهچندو، ٽوڙي بند وٽ لاٽ، مٽياري ۽ مانجهند وٽ روڙيون، ٺٽي ۾ سوا لک ماڻهو دربدر.

گڊو وٽ وهڪرو گهٽجي 7 لک 68 هزار ڪيوسڪ تي ويو، ڪوٽڙي وٽ وهڪرو 8 لک 61 هزار ڪيوسڪ تي پهچي ويو. ڪوٽڙي وٽ 5 ڏينهن سپر، 8 ڏينهن هاءِ فلڊ ۽ 10 ڏينهن وچولي ٻوڏ رهندي: (موسميات

ڪاٽو)، قاسم آباد ۾ 500 فوٽ پڇنگ لڙهي وئي.

ٺوڙي ۾ غوثپور بندن وارن گهارن جي وهڪري ۾ 15 ڪان 20 هزار ڪيوسڪ جي گهٽتائي، مٽياري ضلعي ۾ ياٽوٽ، هالا پراڻا، باڻو ديرو ڪلياڻ ۾ سيڪاٽ بندن تي دباءُ، وهڪرو سادا 9 لک ڪيوسڪ ٿيڻ بعد مخدوم امين فهيم هر گهر مان ٻه ماڻهو گهرائي ورتا. ملاڪاتيار وسي ملوڪ شاهه، حاجي پور ۾ ٻڏڪا بندن کي روڙيون، مقبرو شريف وٽ سم نالي جي مورين مان پاڻي اچڻ بعد وهڪرو روڪيو ويو ڪوٽڙي پل وٽ بند تي اڏيل 400 گهرن ۾ پاڻي داخل، خانپور جا وڏيڪ ڳوٺ پاڻي هيٺ، ريلوي بچاءَ بند تي پاڻي جو دباءُ. مانجهند ۾ سن وٽ پاڻي اوور فلو پيٽاري وٽ آر بي او ڊي جو سم نالو ٽٽڻ سبب پاڻي جو آبادين ڏانهن رخ، مانجهند ۾ سيوهڻ تعلقن ۾ پٽڙيون پاڻي هيٺ، ٻڌاپور انڙپور لڪي شاهه صدر آمري، ٽيباٽ، قبي، ڪلري، وڏا ۽ ننڍا ڇڇر پاڻي هيٺ.

دولهه درياءَ خان پل ٺٽي وٽ پاڻي جي گنجائش 4 فوٽ رهجي وئي، منارڪي بند ۾ سيمو ٿيڻ سبب 5 فوٽن تائين ڏبڻ نهي وئي، هيلايا سونڊا بچاءَ بند وٽ روڙيون، تيز هوائن ۾ ڇولين سبب بنا پڇنگ واري سورجاڻي بند وٽ ڪاڙ، گهوڙا باڙي جا 4 ڳوٺ ٻڏي ويا.

—

ٻوڏ سٽيلن لاءِ امداد 81 ڪروڙ ڊالرز تي وئي آهي: شاهه محمود قريشي.

عالمي برادري جو ضمير جاڳايو آهي، اپيل تي 25 ڪروڙ ڊالرز اضافي امداد جا اعلان ٿيا. يورپي يونين جو اجلاس 10 ۽ گڏيل قومن جي وزارتي ڪانفرنس 19 سيپٽمبر تي ٿيندي. معاشي بحران باوجود امداد ڏيڻ تي دوست ملڪن جا ٿورائتا آهيون.

—

نواز شريف "قرض اتارو ملڪ سنوارو" جو اڪائونٽ نمبر ڏئي: بابر اعوان.

قرض اتارو ملڪ سنوارو بئنڪ اڪائونٽ ۾ پيل رقم ٻوڏ متاثرن کي ڏيندا سين.

—

ٺل پرسان ٻوڏ جي پاڻي ۾ 3 لاش لڙهندي ڏٺا ويا.

متاثهين هنڌ تي ترسيل ٻوڏ متاثر ماڻهن اهڙو اطلاع انتظاميا کي ڏنو. انتظاميا لاشن بابت اطلاع ملڻ باوجود اهي نہ ڪيرايا.

—

لاڙڪاڻي جي امدادي ڪئمپ ۾ پوسٽ سبب ٻوڏ متاثر عورت فوت.

ڊي سي اسڪول واري ڪئمپ ۾ ترسيل گل پري بروهي دم ڏنو. ڳوٺ فتح پور وٽ انڊس هاءِ وي تي ترسيل متاثر پليو لانگاهہ دل جي بيماري سبب فوت ٿي ويو.

—

ٺل پرسان ٻوڏ متاثرن تي ٽريڪٽر ٽرالي چڙهي وئي، 3 فوت، 8 زخمي.

ڳوٺ خير محمد سميجو جا رهواسي ٻوڏ جي پاڻي سبب ٻاهر نڪري اچي رستي تي رات ترسيا.

ماڇڪي پرسان ڪچي ۾ هڪ خاندان جا 4 ڄڻا ٻڏي ويا، ٻارڙو فوت.

هترادو ناهيل ٻيڙي تي ٻارڙي سميت 4 ڀاتي ٻاهر اچي رهيا هئا تہ ڪلٽي ٿي پئي. ٽن ڄڻن کي پرپاسي جي ماڻهن بچائي ورتو ٻارڙو اعظم ٻڏي فوت، لاش بہ لڙهي ويو.

—

جعفرآباد ۾ ٻوڏ متاثر علائقن مان وڌيڪ 10 لاش مليا.

ضلعي ۾ ٻوڏ جي پاڻي ۾ ٻڏي فوت ٿيلن جو انگ 47 ٿي ويو.

—

شهداد ڪوٽ بچاءِ بند تي وڏو دٻاءُ، روڙيون پوڻ شروع. شهر بچائڻ لاءِ آخري ڪوششون جاري، 600 ڳوٺ ٻڏي ويا.

ٻوڏ وارو پاڻي نئين جوڙايل بند وٽ هڪ فوٽ واڌ ڪري ويو 6 فوٽن تائين پاڻي هلندڙ.

—

ٻڍا پور ويجهو ٻن ڀائرن سميت 4 نوجوان ٻوڏ جي وهڪرن ۾ لڙهي فوت ٿي ويا.

شهر جي آبادي پاڻي هيٺ اچڻ بعد رليف ڪئمپ ڏينهن ايندڙ 6

نوجوانن مان ريلوي لائين پل وٽ زاهد شورو ٻوڏ جي وهڪري ۾ ڪِري پيو. زاهد کي بچائيندي سندس ڀاءُ خالد بہ پاڻي ۾ لڙهي ويو ٻنهي ڀائرن کي بچائڻ لاءِ آيل احمد ۽ نواز شورو بہ ٻڏي ويا.

—

ڄامشوري ۾ امداد ڏيندڙ گاڏي جي پٺيان ڊوڙندڙ ٻوڏ متاثر پيرسن موٽر سائيڪل جي ٽڪر ۾ فوت.

—

کاٽوٽ جي ڪچي ۾ ڳوٺاڻو ٻوڏ جي پاڻيءَ ۾ ٻڏي فوت.

—

ڪشمور ڪان جهول پهتل ٻوڏ ستايل ڪٽنبن جي سرڪار سار نہ لڌي.
صحافين پاران عورتن ۽ ٻارن سميت ڪٽنبن کي هاءِ اسڪول ۾ رهايو ويو.

•

حمل ڍنڍ جا ڪوليل دروازا بند، منڇر ڍنڍ ۾ صرف 5 فوٽ پاڻي جي گنجائش رهجي وئي.

منڇر ڍنڍ جي پاڻي جي سطح 111.25 آر ايل رڪارڊ، 115 آر ايل کان پوءِ ڍنڍ کي خطرناڪ قرار ڏنو ويندو. دادو ضلعي ۾ امڪاني ٻوڏ جي خطرن سبب مراد شاهہ، رفيق جمالي، عمران ظفر، فياض ٻٽ ۽ آبپاشي توڙي آر بي او ڊي عملدار حمل ڍنڍ پهتا. نادر مگسي طرفان 4 ڏينهن اڳ حمل ڍنڍ جا ڪولر ايل دروازا آبپاشي چيف انجنيئر جي حڪم تي بند ڪرايا ويا.

—

ميرپور ٻرڙو جي 2 نارين ڪان ٻوڏ ور ڪسي ورتا، ٻارڙن جا انگل روئاڙين ٿا.

الهڏني ۽ ناهيد ڪمبڙو پنهنجن 8 ٻارڙن سميت حيدرآباد ڪئمپ پهتيون. اسان وٽ ٽڪو نہ هو نياڻي جون واليون وڪڻي ترڪ ڀاڙي تي ڪئي: (الهڏني). منهنجا ٻارڙا پيءُ جو پڇن ٿا، ڪين ڪوڙا دلاسا ڏئي وقت گذاريون ٿا. مڙس جو پتو ناهي، اڪيلي عورت 4 ٻار سنڀالي نہ ٿي سگهان: (ناهيد).

—

ٺٽ ۾ 12 سالن جي نينگري ٻوڏ جون تباهہ ڪاريون ڏسي ذهني توازن وڃائي ويٺي.
(روزاني ڪاوش)

❁

24 آگسٽ 2010ع

ٻوڏ ٺٽي جي ڪڇي ۾ تباهي مچائي ڇڏي، ٽنڊو محمد خان ۾ بندن کي ڪاٽ، ملاڪاتيار مان لڏپلاڻ، وڌيڪ برساتن جي اڳڪٿي.

ڪوٽڙي بئراج تي مٿيون وهڪرو 8 لک 91 هزار 450 ڪيوسڪ ۽ هيٺيون وهڪرو 8 لک 69 هزار 665 ڪيوسڪ تي ويو موسميات کاتي پاران اڄ کان ملڪ جي مٿانهين علائقن ۾ برساتن جي نئين ايڊوائيزري جاري. برسات جي نئين سلسلي سان سنڌوءَ ۾ تيون وڏو وهڪرو نهي سگهي ٿو ڪوٽڙي بئراج تي هڪ هفتي تائين وڏي ٻوڏ رهندي، سحرش نگر، حسين آباد، ڏيتا ڳوٺ ۽ لطيف آباد ۾ بندن تي پاڻي جو دٻاءُ، ڪرن شورو وٽ زميندار بند ٽوڙيو ويو. ايم - ايس بچاءُ بند، ماڙي محمد خان ۽ ٻين هنڌن تي روڙيون، ملاڪاتيار بند، لوپ بند، مير واهه بند، حاجي پور بند ۽ ٻڌڪا بند کي ڪاٽ، وسي بند کي 50 فوٽ روڙ، ٻوڏ جو پاڻي ڪينجهر طرف وڌڻ لڳو. سنڌوءَ جي وهڪري سونڊا هيلايا بند وٽ لوپ بند کي ٽوڙي ڇڏيو ٽنڊو حافظ شاهه جا وڌيڪ 32 ڳوٺ پاڻي هيٺ، سورجاڻي بند کي درياءَ جو پاڻي پائڻ لڳو شاهبندر جي يوسي گونگاٽيون جا 10 ڳوٺ پاڻي هيٺ اچي ويا. ڪوٽڙي جي ديهه ڪارو کهو ۾ زميندارى بند ٽٽڻ سبب علائقي جا 20 کان وڌيڪ ڳوٺ پاڻي هيٺ اچي ويا، پاڻي پڪي تي پهچي ويو خانپور جي ريلوي بند کي روڙيون، ڪوٽڙي پل ٽريفڪ لاءِ بند، مانجهند شهر پاڻي جي گهيري ۾، لڏپلاڻ شروع.

ٻوڏ متاثرن جي ڪئمپن ۾ گيسٽرو تي ضابطو نہ آيو 24 ٻارڙن سوڌو 31 ماڻهو فوت

غوثپور ۾ ڪاوش عيوضي قالو اوڳاهي جي پيڻ سبحان خاتون، پنو عاقل ۾ نوجوان ناري ڪمل اوڊو ۽ ٻين ڪئمپن ۾ دم ڏنو.

—

ٽوڙي بند تي ڪجهہ سياسي دوست سياست ڪن پيا، علي واهڻ بند ٽوڙڻ جو فيصلو خطرناڪ ثابت ٿئي ها: ڏاريجو.

اهو الزام آهي تہ زمينون ۽ فارم هائوس بچائڻ لاءِ بند ٽوڙيو ويو باقي اهو ميڃان ٿو تہ برسات سبب ٽوڙي بند جو گهارو وقت سر بڌجي نہ سگهيو. گڊو بئراج جي سطح 5 لک تيڻ بعد گهارو پڻ شروع ڪيو حمل جو پاڻي ايم اين وي ذريعي ڇوڙ ڪرائيو منڇر جي سطح 121 آر ايل تي سگهي تي.

–

سکر: ڪچي ۾ قاتل 340 ماڻهو پڪي تي پهتا، 2 ڄڻا لڙهي ويا.

اسان جي نياڻي شهزادي شيخ ۽ فيصل پلهہ لڙهي ويا آهن: حسين شيخ.

ٻوڏ متاثر 50 لک ماڻهو اڃا بي گهر ۽ کليل آسمان هيٺ ويٺل آهن: اقوام متحده

ٻوڏ متاثر ماڻهن جو انگ هڪ ڪروڙ 60 لک تي ويو آهي.

–

عاقل - آگاڻي بند جو 300 فوٽ حصو ڪائجي ويو، وڏو وزير پهتو لاڙڪاڻي شهر ۾ خوف.

مسلسل ڪاڏ سبب بند جي حالت نازڪ ٿي وئي، بند جي ٻين حصن تان پٿر ڪٽي ڪاڏ کي روڪڻ جون ڪوششون. اسپيڪر نثار کهڙي بند وٽ ڪئمپ قائم ڪري ڇڏي، وزيراعليٰ طرفان روهڙي مان پٿرن جون 500 ٽرڪون گهرائڻ جي هدايت. عاقل ۽ آگاڻي جا سوين ڳوٺاڻا بہ بند تي پهتا، رات دير تائين بند جو 20 فوٽ حصو درياءَ جي نشاني تي هو. وڏي تعداد ۾ پٿر وجهڻ جو ڪم هلندڙ ڦل، پير شير، عاقل، آگاڻي، چنا ۽ ٻين ڳوٺن ۽ لاڙڪاڻي شهر مان خوف ۾ لڏپلاڻ.

بند تي پٿر موجود هئا، صبح جو ايڪشن ٿيو تہ فوري طور تي پٿر وجهڻ وارو ڪم شروع ڪيو ويو ۽ اهو سلسلو جاري آهي: شجاع جوڻيجو.

–

شگفتہ جماڻي تي متاثرين فائرنگ ڪئي، سرڪار ڪيئن مدد ڪندي؟ مون وزير اعليٰ کي وزير اعظم لاءِ ڪروڙ جو چيڪ ڏنو پر هن پهچائڻ کان انڪار ڪيو: مخدوم محمد امين فهيم.

(روزاني ڪاوش)

❁

25 آگسٽ 2010ع

ٻوڏ جو پاڻي قبو سعيد خان ۾ داخل، دانستر واهه وٽ آر بي او ڊي کي 80 فوٽ ڳارو، ٺٽي ۽ ٽنڊو محمد خان ۾ بندن کي روڙيون.

بلوچستان کان ايندڙ پاڻي قبو سعيد خان تعلقي کي مڪمل طور تباهه ڪري ڇڏيو سيف الله برانچ کي 6 هنڌن تان ڳارا، شهر جا سمورا روڊ، آفيسون ۽ اسپتالون پاڻي هيٺ، ڻاٽي ۾ موجود 10 اهلڪارن ڇت تي پناهه ورتي، ڀرپاسي جي ڳوٺن جا سوين ماڻهو بي يار و مددگار ٻٽيل. شهداد ڪوٽ ڊرين اوور فلو ٿيڻ ڪري ميرو خان تعلقي جا 10 ڳوٺ پاڻي هيٺ اچي ويا، يو سي ڪنيڙا مان لڏپلاڻ، شهداد ڪوٽ مان لڏپلاڻ ڪندڙن جي واپسي، اڃا خطرو آهي، ماڻهو واپس نه اچن: نادر مگسي.

آر بي او ڊي کي دانستر واهه وٽ ڳاري بعد پاڻي ايل ايس بچاءُ بند سان لڳي ويو گاڏنچا ڳوٺ وٽ بند کي روڙيون، قاسم آباد جي مهر ڳوٺ وٽ پچنگ لڙهي وئي، جنهن کي بروقت بند ڪيو ويو. پاٽوٽ ويجهو اچي مسجد، ماڙي محمد خان ۾ شفيع محمد ڏاهري وٽان ۽ ٽنڊو محمد خان ويجهو ٻڌڪا، وسي، حجاي پور، مير واهه ۾ لوپ بندن کي 50 کان 70 فوٽن جون روڙيون پئجي ويون، ڪڇي جي مولچند ٻيلي ۾ پاڻي داخل. ٺٽي ضلعي جا ڪچي وارا سمورا علائقا پاڻي هيٺ اچي ويا، منارڪي، سورجاٽي، سونڊا، علي بحر، بي يو انڊو بي يو گليل، قادر ڏنو اگهيماڻي ۽ ڪوڪا بندن تي دباءُ، منارڪي بند تي پچنگ لڙهي وئي.

ڪوٽڙي کان سمنڊ تائين پاڻي وهڻ ۾ 8 ڏينهن لڳندا، اسلامي ملڪ ٻوڏ متاثرن جي مدد ڪن: وڏو وزير.

4000 ڳوٺ مڪمل طور تباهه ٿي ويا آهن، معيشت تباهه ٿي وئي آهي، حيدرآباد ۽ ڪوٽڙي ۾ ڪئمپ قائم ڪندس: سيد قائم علي شاهه.

سعودي سفير جي وڏي وزير سان ملاقات، سعودي حڪومت پاران

موڪليل امدادي سامان جو جهاز 130 ميمبرن واري ريسڪيو ٽيم سميت ڪراچي پهتو.

—

شڪارپور جو ٻوڏ وارو پاڻي شيرانپور وٽ واري جي پٽن ۾ ڦاسي پيو. ڪير ٿر ۾ اوور ٽاپ، بيگاري ڪي 50 فوٽن جو ڪٽ.

ٻوڏ جو پاڻي جيڪب آباد ضلعي جي شهر شيرانپور وٽ واري جي پٽن ۾ ڦاسي پوڻ ڪان پوءِ ڪير ٿر جي لاڪا پل ۽ گولو دڙو وٽ اوور ٽاپ ٿيڻ لڳو. وڏي آبادي متاثر ٿيڻ جو خطرو پاڻي روڪڻ جون ڪوششون، جيڪب آباد جي بيگاري ڪئنال ڪي 50 فوٽن جو ڪٽ هنيو ويو. پاڻي جو سردار مقيم کوسي جي ڳوٺ سوڏو 10 ڳوٺن ڏانهن رخ، هزارين ماڻهو ڦاٿل، جيڪب آباد شهر تي پاڻي جو دٻاءُ وڌڻ جو امڪان.

ڪجهه ماڻهو زمينون بچائڻ لاءِ انساني جانيون خطري ۾ وجهڻ گهرن ٿا، ڪارروائي ڪبي: (سراج دراني). جيڪب آباد انتظاميا وڏي وزير جو حڪم نه مڃيو: آغا ارسلان.

—

ٽوڙي بند جو گهارو بند ڪرڻ لاءِ مرمتي ڪم جاري آهي: ڌاريجو.

چناب ۾ پارٽ وڌيڪ پاڻي موڪليو تہ صورتحال خطرناڪ ٿي ويندي: پرڏيهي وزارت ان حوالي سان پارٽ سان رابطو ڪري، وڌيڪ پاڻي آيو تہ مشڪلاتون وڌي وينديون. (آبپاشي وزير).

—

ٻوڏ متاثر ڪئمپن ۾ گيسٽرو، 12 ٻارڙن سوڏو وڌيڪ 18 ماڻهو فوت.

سکر ۾ نفيسا، واحد بخش، غلام مصطفي، بلاول، بابو ۽ ريشمان فوت ٿيا. محمد يوسف، سائره، الهبچايو عبدالرئوف، نصير احمد، عبدالڪريم ۽ ٻيا فوتين ۾ شامل.

—

ٻوڏ سٽيلن جي عزت ۽ احترام سان گهرن ۾ واپسي تائين فوج قومي فرض نڀائيندي، امدادي سرگرميون تيز ڪريو: آرمي چيف.

آرمي هائوس ڪراچي ۾ گورنر عشرت العباد ۽ سيد قائم علي شاهه

آرمي چيف کي ٻوڏ جي صورتحال ۽ ٻوڏ متاثرين جي بحالي بابت بريفنگ ڏني. عالمي برادري ٻوڏ سٿيلن لاءِ سوا 77 ڪروڙ ڊالرز ڏيڻ جي خاطري ڪرائي آهي، حڪومت کي ساڍا 10 ڪروڙ ڊالرز ملي چڪا آهن: آرمي چيف کي ڄاڻ.

–

سنڌ ۾ ٻوڏ سبب 404 ڄڻا فوت ٿي چڪا، گيسٽرو سپ کان وڌيڪ 49.50 سيڪڙو جاني نقصان ڏنو.

ٽوڙي بند ٽٽڻ کان پوءِ آيل ٻوڏ سبب بي گهر ٿيل لکين ماڻهن مان 200 ڄڻا گيسٽرو وگهي فوت ٿيا، فوتين ۾ 150 ٻار شامل. ٻوڏ کان پوءِ گهر ڊهڻ، پاڻي ۾ لڙهي وڃڻ، بک وگهي مرڻ، لتاڙجي مرڻ ۽ ٻيڙيون اونڌيون ٿيڻ جي واقعن ۾ 160 ڄڻا فوت ٿيا. ٽئين نمبر تي يعني 8 سيڪڙو جاني نقصان ٻوڏ متاثرن کي پيش آيل مختلف روڊ حادثن سبب ٿيو. روڊ حادثن سبب ٻارڙن ۽ عورتن سميت 31 ٻوڏ متاثر فوت ٿيا، ٻيڙيون اونڌيون ٿيڻ سبب 13 ڄڻا ٻڏي ويا.

–

ٻوڏ وارن علائقن ۾ تڪڙا قدم نه کنيا ويا ته 35 لک ٻارڙا متاثر ٿيندا: يونيسيف.

پارٽنر ادارن سان گڏجي روزانو 15 لک ماڻهن کي پيئڻ جو صاف پاڻي مهيا ڪريون پيا.

(روزاني ڪاوش)

❋

26 آگسٽ 2010ع

رتيديري ۽ ڳڙهي خدا بخش کي خطرو 6 ڄڻا فوت، ٽوڙي جا گهارا ٻڌڻ جي منظوري

شيران پور واري علائقي ۾ کير ٿر ڪئنال کي 2 گهارا پئجي ويا، ڪيترائي ڳوٺ ٻڏي ويا، نانگ ڪڪڻ ۽ ٻڏڻ سبب 2 ڄڻا فوت ٿي ويا،

لاڙڪاڻي ضلعي ۾ ٻوڏ جو پاڻي اچڻ جو خوف. شهرن ۾ ڳوٺن مان لڏپلاڻ، انتظاميا پاران لڏا نہ ڪڍڻ جو مشورو. شهداد ڪوٽ جي بند تي دٻاءُ برقرار، مرمتي ڪم جاري. شهرين جي واپسي، جيڪب آباد جو رابطو اڃا بحال نہ ٿيو. پنهي شهرن ۾ کاڌ خوراڪ جي کوٽ. راڌڻ ۾ 3 ٻار ٻڏي فوت، ڪنڊياري ۾ ٻيڙي اونڌي ٿيڻ ڪري هڪ ڇٽو فوت ٿي ويو.

گڊو ۽ سکر بئراجن وٽ پاڻي جي وهڪري ۾ لاٿ، ڪوٽڙي وٽ 9 لک 38 هزار ڪيوسڪ جو وهڪرو برقرار، متياري، ڪوٽڙي، جامشوري، حيدرآباد ۽ ٺٽي جي بچاءَ بندن تي دٻاءُ برقرار، سمورا بند محفوظ آهن: ڊي سي او ٺٽو.

سنڌ سرڪار رتيديري طرف ايندڙ پاڻي جو رخ موڙڻ لاءِ ڪٽ هڻڻ ۽ ٽوڙي بند جا گهارا پٽڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي. متاثر حيدرآباد ۽ ڪراچي وڃن، 2 خاص ترينون هلائينداسين: قائم علي شاهہ.

—

عورتن ۽ ٻارن کي گهليندي پوليس ۽ سٽي حڪومت جي اهلڪارن ٻوڏ سٽيلن کي فليٽن مان اٿاري ڇڏيو.

چيپل سن سٽيءَ ۾ واقع فليٽن مان ٻوڏ متاثرن کي ڪڍڻ لاءِ اهلڪارن طرفان طاقت جو بي رحماڻو استعمال. فليٽ خالي نہ ڪرڻ تي 7 ٻوڏ متاثر پوليس تشدد ۾ زخمي، صفدر سرڪيءَ جي گهر ۾ بہ ڇاپو هنيو ڏاهہ. ٻوڏ متاثرن کان ڇت کسيندڙ رابعا سٽي، الآصف اسڪوائر، گٽر باغيچي سميت هزارين ايڪڙ زمين تي قبضو ڪندڙن خلاف ڪارروائي ڇو نہ ٿا ڪن؟ ڪراچي کان ڪشمور تائين ڀرپور احتجاج ۽ ڇنڇر تي سڄي سنڌ ۾ هڙتال ٿيندي: صفدر سرڪي ۽ محمد راهمون.

—

قبي، قمبر ۽ ميري خان جا وڏيڪ 10 ڳوٺ پاڻيءَ هيٺ، ساروهہ ڍنڍ تار ٿي وئي.

ايس ڪي ٿي سم نالي کي پاڳو واري موري ۽ چوڙي شاخ وٽان 10 گهارا پئجي ويا، سوين ماڻهو اڃا تائين ڦاٿل. ساروهہ ڍنڍ ۾ وڌيڪ ڇوڙ جي گنجائش ختم ٿي وئي. پاڻيءَ جي اٿڻي موٽ سبب 15 ڳوٺن ۾ ٻوڏ.

سنڌ جي ٻوڏ متاثر علائقن ۾ ڪئمپن ۾ گيسٽرو وگهي وڌيڪ 4 ماڻهو فوت.

ڪراچي گلشن معمار واري امدادي ڪئمپ ۾ 22 سالن جي زينت دم ڏني حوالي ڪيو.

(روزاني عوامي آواز)

4 سيپٽمبر 2010ع

پاڻي سيتا روڊ شهر ويجهو پهچي ويو جوهي کي به خطرو وارهه ۾ نصير آباد کي بچائڻ لاءِ ڏامراهه واهه کي ڪٽ جو فيصلو.

خيرپور ناٿن شاهه شهر کي ٻوڙڻ بعد پاڻي سيتا روڊ کان ڏيڍ ڪلوميٽر جي مفاصلي تي جوهي بئراج بند سان ٽڪرائجي ويو جاتي ٻڏڻ بعد پاڻي جو رخ لاڙيون ڏانهن. سيتا روڊ جي پرپاسي مان هزارين ماڻهن جي لڏپلاڻ، ڪيترائي ماڻهو ڦاٿل، دادو کي بچائڻ لاءِ رنگ بند جو ڪم جاري، ڪي اين شاهه ۾ 4 کان 5 فوٽ پاڻي بيٺل. ڪي اين شاهه ٽاڻو اسپتال، گرڊ اسٽيشن ۾ سرڪاري عمارتون به ٻڏي ويون، ڪاوش عيوضي جو گهر به پاڻي هيٺ، پاڻي جوهي رنگ بند ويجهو پهتو. وڏو وزير نصير آباد پهتو نادر مگسي ۾ چيف انجنيئر سکر بئراج جي بريفنگ، پاڻي جو دٻاءُ وڌي ويو ته ٽڪراري ٻٽيل ڏامراهه واهه کي پچڙي ۾ ڪٽ هنيا ويا.

–

فيڊرل فلڊ ڪميشن جو ٻيو ڪارنامو: سنڌ ۾ مري ويل چوپائي مال جو انگ هڪ لک کان وڌيڪ گهٽائي ڇڏيو.

فلڊ ڪميشن به ڏينهن اڳ سنڌ ۾ ٻوڏ سبب مري ويل جانورن جو تعداد هڪ لک 29 هزار 416 ڄاڻايو هو. ڪميشن طرفان ڪالهه جاري ڪيل انگن اکرن ۾ ڊرامائي تبديلي ڪندي سنڌ ۾ مري ويل جانورن جو انگ

صرف 24 هزار 788 ڇاٽايل. رپورٽ موجب پنجاب، خيبر پختونخواهه، گلگت بلتستان، آزاد ڪشمير توڙي فاٽا جي انگن اکرن ۾ ڦير ڦار ٿي، بلوچستان جي انگ ۾ واڌارو. سنڌ ۾ 2 لک 17 هزار گهر جزوي طور ۽ هڪ لک 25 هزار 483 گهر مڪمل طور تباهه ٿيا آهن: فلڊ ڪميشن جي رپورٽ.

—

وڏي وزير طرفان پنجاب جي ٻوڏ متاثرن جو انگ وڌائڻ وارو معاملو سي سي آءِ ۾ اٿارڻ جو فيصلو.

سيد قائم علي شاهه فلڊ ڪميشن جي رپورٽ جو نوٽيس ورتو آهي، سومر ڏينهن ٿيندڙ سي سي آءِ جي اجلاس ۾ معاملو اٿاريندو: سنڌ حڪومت ٻوڏ نقصانن لاءِ ملندڙ عالمي امداد ۽ ملڪي وسيلن مان پورو پورو حصو وٺڻ لاءِ هر فورم تي جنگ وڙهندي. وفاقي فلڊ ڪميشن پاران ٻوڏ جي نقصانن جي جاري ٿيندڙ رپورٽ سنڌ حڪومت ڪي نه اماڻي ويندي آهي: (وڏي وزير جو صلاحڪار قيصر بنگالي).

اسان ڪي اين-ايچ-اي جهڙن ادارن تي اعتبار ناهي، پرڏيهي امداد وفاقي سرڪار پاڻ پلي خرچ ڪري اسان جي نقصانن جو ازالو ڪيو وڃي: (انٽرويو ۾ اظهار).

—

الهه تلهه تباهه ٿيل ٻوڏ سٽيلن کي 6 مهينا ڪئمپن ۾ گذارڻا پوندا: بنگالي.

55 لک ماڻهو پاڻي سڪڻ بعد پنهنجن علائقن ۾ واپس هليا ويندا. ڪئمپن ۾ ماڻهن جي رهڻ جي حالت بهتر ڪرڻ جي ضرورت آهي.

—

لکين ٻوڏ سٽيل عيد بنا ڪپڙن، چپلن ۽ مينديءَ جي اسڪولن، خيمن ۽ کليل آسمان هيٺ ملهائيندا.

ڪشمور، جيڪب آباد، شڪارپور، قمبر، دادو ۽ ٺٽي جي هزارين ڪٽنبن خوفناڪ ٻوڏ سبب اباڻا گهر ڇڏي ڪئمپن ۾ پناهه ورتي. 4 هفتن کان ڪئمپن ۾ ترسيل متاثرن کي حڪومت توڙي مختلف تنظيمون رڳو رهائش ۽ کاڌ خوراڪ مهيا ڪن ٿيون.

ٻوڏ متاثر ٻارن لاءِ نوان ڪپڙا ۽ ٻيو سامان خريد ڪري نہ سگهيا، اسان جو سڀ ڪجهہ لڙهي ويو رڳو سر بچائي نڪتا آهيون: (قائم پتو). ٻوڏ قهر ڪيو ماڻتياڻي جي گيسترو ۾ فوتگي سبب عيد سادگي سان ملهائبي: (مٺل ڏول)، چونديل نمائندا حال پڇڻ نہ آيا آهن.

—

ترڪ خاتون اول خيرپور ۾ ٻوڏ ستايل عورتن جو درد ٻڌي ڳوڙها روڪي نہ سگهي.

ترڪي جي وزير اعظم جي گهر واري خيما وسنڌين جي دوري دوران عورتن سان ڏک سور اوريا. ترڪي ڏکئي وقت ۾ پاڪستاني عوام کي اڪيلو نہ ڇڏيندو: (ايمان اردگان)، دوري دوران سخت حفاظتي انتظام.

—

وارهہ شهر لاءِ خطرناڪ صورتحال، بچاءَ بند تي وڏو دٻاءُ، حمل ڊنڊ بہ ٻرجي وئي.

گهارا اڃا تائين بند نہ ٿي سگهيا، ٻوڏ جو پاڻي بچاءَ بند کان صرف اڌ فوٽ کان هيٺ آهي. خطرناڪ صورتحال سبب ڏيڍ سئو مزدور ۽ شهري بند کي بچائڻ جي ڪوشش ۾ رڌل، ماڻهن ۾ خوف، وڏي لڏپلاڻ. نصير آباد جي ٻئي بچاءَ بند کي بہ پاڻي اوور ٽاپ ڪرڻ لڳو صدر آصف کي پنهنجن خدشن کان آگاهہ ڪيو اٿم: نادر مگسي.

—

دادو- مورو پل وٽ روڊ کي لڳل گهارو بند ڪرڻ لاءِ ڪم شروع نہ ٿيو زميني رابطو بدستور ڪٽيل.

موري واري طرف کان روڊ کي پيل گهاري بعد ٽن هفتن کان دادو سان موري، نوابشاهہ ۽ نوشهرو فيروز جي عوام جو رابطو ڪٽيل آهي. مجبوري وچان ماڻهو گهارن وٽان ٻيڙي تي سفر ڪري پار پهچن ٿا ۽ في ماڻهو ڪرايو 300 روپيا ڀري ٿو. انتظاميا روڊ کي بند ڪرڻ لاءِ اڃا تائين خاموش، 30 فوٽ لڳل گهارو 400 فوٽ ٿي ويو.

—

ڦبو سعيد خان ۾ عورت سميت 3 ماڻهو ٻوڏ ۾ لڙهي ويا، بچائڻ لاءِ دانهون ڪندا رهيا پر ڪنهن نہ بچايو!

ايف بي بچاءُ بند تي وينل هڪ عورت ۽ مرد سيف الله برانچ جي گهاري پرسان پاڻي ۾ لڙهي ويا. ٻئي بچائڻ لاءِ وڏيون دانهون ڪندا رهيا پر پاڻي جو بي رحم وهڪرو کين لوڙهي ويو. قبو سعيد خان لڙهي ايندڙ هڪ پيرسن شهداد ڪوٽ وٽ بيهوش حالت ۾ مليو اسپتال ۾ دم ڏنائين.

(روزاني ڪاوش)

❁

3 سيپٽمبر 2010ع

ڪي اين شاهه ۾ جاتي ٻڏي ويا، انڊس هاءِ وي پاڻي هيٺ، 7 ڄڻا لڙهي ويا، جوهي برانچ ڪي ڪٽ

خداواهه ڪي 20_20 فوٽن جا 3 گهارا، جيڪي بعد ۾ وڌي 200_200 فوٽ تي ويا، ڪيترائي ڳوٺ ٻڏي ويا. خداواهه ڪي اين شاهه جي آخري ڊفينس لائين هئي جتان 3 گهارا لڳڻ بعد صورتحال خراب ٿي وئي. پاڻي باءِ پاس سان ٽڪرائجڻ بعد اوور ٽاپ ڪندو شهر جي شهباز ڪالوني وٽان داخل ٿيو شهر مان ڏيڍ لک ماڻهو افراتفري ۾ لڏي ويا. انتظاميا آخري وقت وارننگ جاري ڪئي. خداواهه جي گهارن وارو پاڻي انڊس هاءِ وي تي پهچڻ بعد لاڙڪاڻي کان حيدرآباد ۽ حيدرآباد توڙي دادو کان لاڙڪاڻي ويندڙ گاڏين کي روڪيو ويو. ٽرئفڪ بلاڪ ٿي وئي. انڊس هاءِ وي ڪيترن ئي هنڌن تان ٽٽي ويو پاڻي جو رخ سيتا روڊ تاريخي شهر ڀولڙي ۽ دادو شگر ملز ڏانهن آهي، ڳوٺ شاهي لغاري جا 4 ڄڻا لڙهي ويا. ڳوٺاڻن هڪ عورت کي بچائي ورتو. ڪي اين شاهه تعلقي جي ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ ماڻهو اڃا تائين ڦاٿل، انتظاميا ۽ چونڊيل نمائندن واهر ئي نه ڪئي، ماڻهن جون رڙيون، جوهي برانچ کي گهارو هنيو آهي، اميد ته دٻاءُ گهٽجي ويندو: ڊي پي او دادو. ايم. ايس بند جي گهاري وارو پاڻي جاتي جي آخري ڊفينس لائين پڇاري ڪئنال کي ٽوڙي شهر ۾ داخل ٿي ويو. ڊي ڊي او، مختيارڪار هائوس، ٽي ايم اي آفيس، تعلقي اسپتال ۽ 900 گهر ٻڏي ويا، ماڻهن جي لڏپلاڻ 4 ٻار ڙا لڙهي ويا.

ٻوڏ ۾ ٻه ٻه اڪيائي: فلڊ ڪميشن ٻن ڏينهن اندر پنجاب جي ٻوڏ متاثرن جي انگ ۾ 62 لک 91 هزار جو اضافو ڪري ڇڏيو.

وفاقي فلڊ ڪميشن ملڪ ۾ آيل ٻوڏ جي صورتحال بابت 31 آگسٽ تي جاري ڪيل انگن اکرن ۾ پنجاب صوبي ۾ متاثرن جو انگ 19 لک 8 هزار هو جيڪو انگ ڪالهه 82 لکن تائين پهچايو. ٻن ڏينهن ڪانپوءِ جاري ڪيل انگن اکرن ۾ پنجاب ڪانسواءِ ٻين صوبن جي صورتحال ۾ تبديلي نه ڄاڻائي وئي. سنڌ ۾ ٻوڏ متاثرن جو ٻه ڏينهن پراڻو تعداد 40 لک 15 هزار ۽ خيبرپختوا ۾ 15 لک 63 هزار متاثر ڄاڻايل. 31 آگسٽ تي پنجاب ۾ ٻوڏ سبب متاثر ٿيل ڳوٺن جو تعداد 3132 هو جيڪو انگ ساڳيو آهي پر صرف ٻوڏ سبب متاثر ٿيل ماڻهن جي انگ ۾ 62 لکن کان وڌيڪ واڌ ڄاڻائي وئي.

—

ٻوڏ سٽيلن لاءِ پرڏيهه مان ملندڙ امداد جي ورڇ ۾ سنڌ سان ناانصافي ٿيڻ جو خدشو.

نيشنل ڊزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽي جون اعليٰ اختياريون سنڌ ۾ ٿيل نقصان واري رپورٽ ڪي ٿي مهڻ لاءِ تيار ناهن. سنڌ حڪومت اين ڊي ايم اي ۾ سنڌ جي ڪا ٻه نمائندگي نه هجڻ تي صدر ۽ وزيراعظم کي شڪايت ڪري ڇڏي. سنڌ ۾ سادا 4 کرب رپين جو نقصان ٿيو آهي ۽ مڪمل سروي بعد اهو نقصان وڌي ٻه سگهي ٿو: (قيصر بنگالي). ڊزاسٽر اٿارٽي وارا اسان جي رپورٽ کي نٿا مڃين. اسان کين ٻڌائي ڇڏيو آهي ته رپورٽ زميني حقيقتن تي ٻڌل آهي. وفاقي حڪومت جا ادارا سنڌ ۾ ٻوڏ سبب ٿيل نقصان جو ڪاٿو گهٽ لڳائي رهيا آهن. مالي امداد جي ورڇ ۾ ناانصافي جو خدشو آهي: (رليف ڪمشنر).

—

4 سيپٽمبر 2010ع

فيڊرل فلڊ ڪميشن جو ٻيو ڪارنامو: سنڌ ۾ مري ويل چوپائي مال جو انگ هڪ لک کان وڌيڪ گهٽائي ڇڏيو.

فلڊ ڪميشن ٻہ ڏينهن اڳ سنڌ ۾ ٻوڏ سبب مري ويل جانورن جو تعداد هڪ لک 29 هزار 416 ڄاڻايو هو. ڪميشن طرفان ڪالهہ جاري ڪيل انگن اکرن ۾ ڊرامائي تبديلي ڪندي سنڌ ۾ مري ويل جانورن جو انگ صرف 24 هزار 788 ڄاڻايل رپورٽ ۾ پنجاب خيبرپختونخوان، گلگت بلتستان، آزاد ڪشمير توڙي فاٽا جي انگن اکرن ۾ قيرقار نہ ٿي، بلوچستان جي انگ ۾ واڌارو. سنڌ ۾ 2 لک 17 هزار گهر جزوي طور ۽ هڪ لک 25 هزار 483 گهر مڪمل طور تباهہ ٿيان آهن: (فلڊ ڪميشن جي رپورٽ)

—

وڏي وزير طرفان پنجاب جي ٻوڏ متاثرن جو انگ وڌائڻ وارو معاملو سي سي آءِ ۾ اُٿارڻ جو فيصلو.

سيد قائم علي شاهہ فلڊ ڪميشن جي رپورٽ جو نوٽيس ورتو آهي، سومر ڏينهن ٿيندڙ سي سي آءِ جي اجلاس ۾ معاملو اُٿاريندو: (قيصر بنگالي). سنڌ حڪومت ٻوڏ نقصانن لاءِ ملندڙ عالمي امداد ۾ ملڪي وسيلن مان پورو پورو حصو وٺڻ لاءِ هر فورم تي جنگ وڙهندي، وفاقي فلڊ ڪميشن پاران ٻوڏ جي نقصانن جي جاري ٿيندڙ رپورٽ سنڌ حڪومت ڪي نہ اماڻي ويندي آهي. (وزير جو صلاحڪار). اسان ڪي اين ايچ اي جهڙن ادارن تي اعتبار ناهي، پرڏيهي امداد وفاقي سرڪار پاڻ پلي خرچ ڪري اسان جي نقصان جو ازالو ڪيو وڃي: ڪاوش کي انٽرويو.

—

الهہ تلهہ تباهہ ٿيل ٻوڏ سٽيلن کي 6 مهينا ڪئمپن ۾ گذارڻا پوندا: (قيصر بنگالي).

55 لک ماڻهو پاڻي سڪڻ بعد پنهنجن علائقن ۾ واپس هليا ويندا. ڪئمپن ۾ ماڻهن جي رهڻ جي حالت بهتر ڪرڻ جي ضرورت آهي.

—

ٻوڏ بابت آرمي جو خرچ سنڌ سرڪار پريندي.

—

ٻوڏ نقصانن جي بحالي لاءِ ڪنهن نئين اداري جوڙڻ جي ضرورت ناهي: بنگالي

پاٽي سيتا روڊ شهر پهچي ويو جوهي کي بہ خطرو وارهہ ۾ نصيرآباد کي بچائڻ لاءِ ڏامراهہ واهہ کي ڪٽ جو فيصلو.

خيرپورناٿن شاهہ شهر کي ٻوڙڻ بعد پاٽي سيتا روڊ کان ڏيڍ ڪلو ميٽر جي مفاصلي تي جوهي ٻئراج بند سان ٽڪرائجي ويو جاتي ٻڏڻ بعد پاٽي جو رُخ لاڙيون ڏانهن. سيتا روڊ جي پرپاسي مان هزارين ماڻهن جي لڏپلاڻ ڪيترائي ماڻهو ڦاٿل، دادو کي بچائڻ لاءِ رنگ بند جو ڪم جاري، ڪي اين شاهہ ۾ 4 کان 5 فوٽ پاٽي بيٺل. ڪي اين شاهہ ٽاٽو اسپتال ۾ گرڊ اسٽيشن سميت سرڪاري عمارتون بہ ٻڏي ويون. پاٽي جوهي رنگ بند ويجهو پهتو. وڏو وير نصيرآباد پهتو نادر مگسي ۾ چيف انجنيئر سکر ٻئراج جي بريفنگ پاٽي جو دٻاءُ وڌي ويو تہ ٽڪراري ٻٽيل ڏامراهہ واهہ کي پچڙي ۾ ڪٽ هنيا ويندا.

❁

5 سيپٽمبر 2010ع

سپريو بند کي گهارو دادو شهر لاءِ خطرو وڌي ويو ڪجهہ ڪلاڪن ۾ لکين ماڻهن جي لڏپلاڻ، جوهي ۾ ميهڙ لاءِ آخري وارننگ.

ڳوٺ موچي وٽ سپريو بند کي اوچتو 30 فوٽ گهارو پيو هو جيڪو بعد ۾ 200 فوٽ تي ويو پاٽي تيزيءَ سان ميهڙ طرف وڌڻ لڳو شهر کي بچائڻ لاءِ ميهڙ ڊرين کي ڪٽ، خوف ۾ ماڻهو ٻاهر نڪري آيا. منگواڻي جان جو ڳوٺ ۾ قاضي عارف جا 50 ڳوٺ پاٽي هيٺ، هزارين ماڻهو ڦاٿل، ميهڙ شهر بند تي ويو سوين ماڻهو لاڙڪاڻي ۾ نصيرآباد ڏانهن پيادل روانا، ٽرانسپورٽ ۾ چونڊيل نمائندا گم. ميهڙ بعد سيتا روڊ بہ 70 سيڪڙو خالي، ڪي اين شاهہ جا وڏيڪ ڪيترائي ڳوٺ ٻڏي ويا، جوهي رنگ بند سان پاٽي ٽڪرائجڻ تي آخري وارننگ، ماڻهن جي لڏپلاڻ، گورنمينٽ ڪاليج پاٽي هيٺ، دادو شهر واسين کي محفوظ هنڌن تي وڃڻ جي صلاح.

صدر طرفان سنڌ ڪابينا ۾ ٻوڏ متاثرن بابت فيصلو نہ ٿيڻ تي ڪاوڙ اڄ هنگامي اجلاس طلب.

سنڌ ڪابينا جو پيهر اجلاس صدر ۽ وزيراعظم جي گڏيل صدارت ۾ ٿيندو.

—

سنڌ سرڪار طرفان فلڊ ڪميشن جا انگ اکر رد، بند ٽوڙڻ بابت ثبوت مليا تہ عدالتي ڪميشن جوڙبي: وڏو وزير.

وزيرن، صلاحڪارن، ريسڪيو ادارن، روينيو آبپاشي، چوپائي مال، رليف، پوليس، تعليم، صحت کاتي ۽ ضلعي حڪومتن جي آفيسرن ۽ ملازمن جون موڪلون رد. اسان نقصانن جي سروي ڪئي آهي، عالمي بئنڪ ان جي تصديق ڪري رهي آهي، پنهنجن انگن اکرن تي هلنداسين، ڪابينا گڏجاڻي ۾ فيصلو. فنڪشنل ليگ طرفان ٻوڏ متاثرن جي بحالي لاءِ جوڙيل منصوبو ڪابينا ۾ پيش، سفارشون تيار ڪرڻ لاءِ 5 وزيرن تي ٻڌل سيل جوڙيو ويجي: متحده اڳواڻ سردار احمد.

—

وزيراعظم طرفان سنڌوءَ جا بند ٽوڙڻ بابت جاچ جو حڪم، اي پي سي گهرائڻ جو اعلان، سياڻي سي سي آءِ اجلاس ٿيندو.

آبپاشي وزير پاڻ چيو هو تہ ٽوڙي بند کي هٿ سان ٽوڙيو ويو آهي: (غوث بخش مهر). مقامي ماڻهو چون ٿا تہ ٽوڙي کي ٽوڙيو ويو اچا تائين 60 هزار ڪيوسڪ پاڻي هلي پيو ملوث ماڻهن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي: (هزار خان بجاراڻي). بلوچستان وارا چون ٿا تہ اسان انهن کي ٻوڙيو آهي، ان جي بہ جاچ ڪرائي وڃي، زرعي قرض معاف ڪيا وڃن: (اعجاز جکراڻي). ڪجھ ڏرين کي متاثرن جي ڪراچي آمد تي اعتراض آهي، ورهاڱي وقت انهن ماڻهن کي جيءَ ۾ جايون ڏنيون هيون: (گل محمد جکراڻي). حڪومت پنجاب کي ملڪ جو صوبو نٿي سمجهي، ان ڪري اڃا تائين فنڊ ناهن ڏنا ويا: (چوڌري نثار). اهڙي ڳالھ ناهي، ڪنهن بہ صوبي کي اڃا تائين متاثرن لاءِ امداد ناهي ڏني وئي: وزيراعظم گيلاني.

وارهه ۾ نصير آباد جي بندن تي دٻاءُ برقرار ـ مل ڊنڊ ۾ خطرناڪ صورتحال، پاڻي اوور فلو ٿيڻ لڳو.

ميهڙ ۾ سپريو بند ٽٽڻ باوجود وارهه ۾ نصير آباد جي بچاءُ بندن تان دٻاءُ نه گهٽيو. ماڻهن ۾ خوف برقرار حمل ڊنڊ ۾ پاڻي جي سطح خطرناڪ حد 13 فوٽن تائين پهچي وئي. ڊنڊ جي ريگيوليٽر وٽان پاڻي اوور ٽاپ ٿيڻ لڳو هڪ فوٽ دروازا کوليا ويا. پاڻي جو ايم اين وي ڊرين ۾ ڇوڙ. وارهه ۾ نصير آباد شهرن کي بچائڻ ۾ ڪامياب ويا آهيون: (نادر مگسي). باڍهه ۾ امڪاني ٻوڏ خلاف احتجاج، جلوس، ڌرڻو.

(روزاني ڪاوش)

❁

6 سيپٽمبر 2010ع

پاڻي ميهڙ شهر پرسان انڊس هاءِ وي تي پهچي ويو ايف پي بند تي به دٻاءُ، دادو ضلعي جا 8 لک ماڻهو دربدر.

سپريو بند جو گهارو 200 فوٽن کان وڌي ويو وڏيڪ ڪيترائي ڳوٺ ٻڏي ويا. ٻوڏ جو پاڻي ميهڙ شهر کان هڪ ڪلوميٽر جي مفاصلي تي رهجي ويو انڊس هاءِ وي تي 3 ڪلوميٽرن تائين اوور ٽاپ. ميهڙ کي بچائڻ لاءِ رائيس ڪئنال کي ڪٽ ڏيڻ جو فيصلو به نه ٿي سگهيو خان جو ڳوٺ، قاضي عارف منگراڻي ۽ ڪولاچي يوسيز ۾ وڏي تباهي، ڪيترائي ماڻهو اڃا تائين ڦاٿل. ميهڙ شهر ٻئي ڏينهن به بند، جي او سي حيدرآباد سپريو بند جو معائنو ڪيو ۽ ميهڙ توڙي ڪي اين شاهه جو فضائي دورو سپريو بند وارو گهارو 48 ڪلاڪن ۾ بند نه ٿيو ته وڏي تباهي ايندي: (قاضي شفيق مهيسر).

ميهڙ پرسان ايف پي بند کي ڪٽ ڏيڻ جي ڪوشش ناڪام، بند تي وڏو دٻاءُ خدا واهه جي گهارن جو پاڻي ڪي اين شاهه کي ٻوڙڻ بعد جوهي ٻراج سان ٽڪرائجي ويو سيتا روڊ شهر کي به وڏو خطرو. جوهي کي بچائڻ لاءِ رنگ بند جو ڪم هلندڙ تعلقي ۾ ڪيترائي علائقا ٻڏي ويا. نئين ضلعي

۾ جاتي ۽ شاهبندر تعلقن مان هڪ پاٽي سمنڊ ۾ ٻيو لاڏيون وچڙ لڳو ٻن سياسي ڌرين ۾ تڪرار ڪيترائي ماڻهو قاتل.

—

سنڌ ۾ ٻين صوبن کان گهڻ ماڻهو متاثر ٿيا آهن، وڏو نقصان ماڻهن جي ضد سبب ٿيو: وزيراعظم.

خيبر پختونخواهه ۾ وڏو نقصان ٿيو آهي، سنڌ ۾ جيڪي به ماڻهو ٻڏا آهن، اهي پنهنجي ضد سبب ٻڏا آهن. ماڻهن کي اڳواٽ اطلاع ڏنو ويو هو پر اهي ٻاهر نه نڪتا ۽ پاڻ کي بچائي نه سگهيا، ڪجهه ماڻهو اڃا به قاتل آهن.

—

"حڪومت وٽ امدادي سامان ختم ٿي چڪو آهي، واپس وڃو." ڪوٽ ڏيجي جي مختيار ڪار متاثرن کي موٽائي ڇڏيو.

—

ڊزاسٽر اٿارٽي سنڌ ۾ ٻوڏ دوران خاص ڪردار ادا نه ڪيو: قائم علي شاهه.

ڊزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽي جي چيئرمين کي ٽن مهينن کان ڏنو ٿي ناهي.

—

صدر سنڌ سرڪار کي ٻوڏ کان بچي ويل ضلعن جي ماڻهن تي "ٻوڏ ٽيڪس" لاڳو ڪرڻ جي هدايت ڪري ڇڏي.

ڪراچي ۾ صدر ۽ وزيراعظم جي صدارت ۾ اجلاس، ٻوڏ کان بچي ويل ضلعن جي مال ملڪيت، بنگلا، ڪارخانا ۽ ٻيو وڻج واپار زڪندڙ ماڻهن تي هڪ ڀيري لاءِ ٽيڪس لاڳو ڪيو ويندو. امير ۽ سرندي وارا ماڻهو ٽيڪس ڏئي سگهن ٿا ۽ وٽن گنجائش به آهي، اسان پاڻ ٽيڪس ڏينداسين ته پوءِ عالمي برادري کي به چئي سگهنداسين ته اسان جي مدد ڪري: صدر آصف زرداري.

سنڌ ڪابينا جي اجلاس ۾ پ پ جي وزيرن ٻوڏ ٽيڪس جي حمايت ڪئي، فنڪشنل ليگ جي امتياز شيخ به چيو ته پلي هڪ ڀيري لاءِ ٽيڪس هئو ايم ڪيو ايم جي وزيرن چيو ته اهو بهتر فيصلو ٿيندو پر حتمي راءِ صلاح بعد ڏيندا: (ذريعا). صدر چيو ته سنڌ پنهنجي مدد پاڻ تحت سال ۾ هڪ ارب ڊالرز ٽيڪس جمع ڪري سگهي ٿي، درياءَ جو ليفٽ بينڪ وارو

علائقو ٻوڏ کان بچي ويو آهي. 500 گز تائين پلاٽ رکندڙ ماڻهو اهو ٽيڪس ڏئي سگهن ٿا: (ذريعا). 500 گز جو پلاٽ رکندڙ تي 50 هزار روپيا، هڪ هزار گز جو پلاٽ رکندڙ تي هڪ لک روپيا، 2 هزار گز جو پلاٽ رکندڙ ماڻهو تي 2 لک روپيا ۽ 5 هزار گز پلاٽ تي رهائش رکندڙ تي هڪ پيرو 5 لک ٽيڪس لاڳو ڪرڻ جي تجويز.

وڏيرن کان زمينون کسي اهي غريب ماڻهن ۾ ورهايون وڃن: (ايم ڪيو ايم جي تجويز). ٻوڏ کان پوءِ قدرتي طور تي زرعي سڏارا اچي ويا آهن: (صدر). سنڌ ۾ 5 کرب کان وڌيڪ جو نقصان ٿيو آهي. 19 ضلعا متاثر ٿيا: قائم علي شاهه.

—

صدر جي آبپاشي وزير سيف الله ڌاريجي کان سخت لهجي ۾ پڇا: آصف زرداري ڌاريجي جي بريفنگ تي بي اطميناني ظاهر ڪئي ۽ ڪيس ٺوڪيو. صدر ڌاريجي کان پڇيو تہ "ڪور وال ڇا آهي؟" ڌاريجو جواب نہ ڏئي سگهيو.

—

وفاق طرفان ٻوڏ متاثرن لاءِ ورهايل سامان ۾ بہ سنڌ سان بہ اکيائي، صوبي ۾ 10 لک گهر ڊهڻ جي تصديق.

ٻوڏ سبب وڏ ۾ وڏ متاثر ٿيل سنڌ کي پنجاب ۽ خيبر پختونخواهہ صوبن کان بہ گهٽ رليف سامان ڏنو ويو. بلوچستان 48، خيبر پختونخواهہ 1154، پنجاب 103 ۽ سنڌ ۾ 179 ڇٽا فوت ٿيا آهن: اين ڊي ايم اي.

—

آفت ستيل قرار ڏنل 17 ضلعن بابت نئون نوٽيفڪيشن جاري، 222 ننڍا وڏا شهر شامل.

نئين جاري ٿيل نوٽيفڪيشن ۾ 11 سئو ديهن ۽ 232 يوسيز کي شامل ڪيو ويو. نادرا ۽ صوبائي ڊزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽي کي معاوضن جي رقم ورهائڻ جي هدايت. جيڪب آباد ضلعي جي سڀ کان وڌيڪ 74 ننڍن شهرن کي آفت ستيل قرار ڏنو ويو.

ٻارڻ آباد وٽ ڪٽ بعد جاتي جو باقي ملڪ سان زميني رابطو ڪٽجي ويو.

—

خانپور ۾ هاءِ وي وٽ هزارين ٻوڏ متاثر مهيني کان ويٺل، ڪنهن به مدد نه ڪئي، انتظاميا ۽ چونڊيل نمائندا لاپتا.

تعلقي ۾ ٻوڏ وڏي تباهي مچائي، هزارين دربدر ٿيل ماڻهن کي اجا تائين خيما به نه ملي سگهيا. ڪنڊ ڪوٽ. شڪارپور انڊس هاءِ وي جي ٻنهي ڪپرن کان هزارين متاثر کليل آسمان هيٺ ترسيل، ڪين ڪئمپون به نه مليون. متاثرن کي به ويلا ماني ملڻ به مشڪل. سخت گرمي ۽ گندگي سبب بيمارين متاثرن کي وڪوڙي ورتو. معصوم ٻارن کي کير به نٿو ملي، انتظاميا پاران مدد نه ڪرڻ سبب متاثر پير وارن گهرن مان ماني وٺي پيٽ جي باهه اجهائڻ لڳا. چونڊيل نمائندا به بلڪل لاپتا ٿي ويا، سڪٽي همدردي لاءِ به متاثرن وٽ لڙي نه آيا. مهيني کان ٻچڙن سميت بي يار و مددگار ٻٺيل آهيون، انتظاميا ڪاڏو نه ڏئي بکن ۾ مارڻ چاهي ٿي، ڪو چونڊيل نمائندو به ناهي آيو (متاثر).

—

ڪي اين شاهه پرسان ٻوڏ جي پاڻي مان 2 لاش مليا.

ڳوٺ مير حسن وٽان ٻوڏ جي پاڻي مان 2 لاش هٿ ڪيا ويا.

(روزاني ڪاوش)

7 سيپٽمبر 2010ع

دادو جوهي ۽ ميهڙ لاءِ صورتحال انتهائي خراب، ايم اين وي ۽ بندن کي روڙيون، ماڻهن کي لڏي وڃڻ جي صلاح.

سپريو بند وارو گهارو بند نه ٽٽڻ ۽ رائيس ڪئنال کي ڪٽ نه ڏيڻ سبب ميهڙ شهر جي ٻڏڻ جا خطرا وڌي ويا، پاڻي دادو شهر کان به 20 ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي آهي: (آبپاشي وزير ڏاريجو). سپريو بند وارو

گهارو وڏي 400 فوٽ تي ويو وڏيڪ ڪيترائي ڳوٺ پاڻي هيٺ، شهر کي بچائڻ لاءِ پيٽو باءِ پاس وٽ ناهيل رنگ بند کي روڙيون، پاڻي ميهڙ ڊرين ۾ شيرو ڏيپر روڊ کي اوور ٽاپ ڪري قاضي عارف پهچي ويو. رائيس ڪئنال کي ڪٽ ڏيڻ تان ميهڙ ۾ ڪي اين شاهه مان چونڊيل پ پ نمائندن ۾ اختلاف، صوبائي وزير نادر مگسي پهچي ڳالهيون ڪيون، ميهڙ بچائڻ لاءِ رائيس ڪئنال کي ڪٽ ضروري آهي: نادر مگسي.

فريد آباد - ميهڙ روڊ پاڻي هيٺ، ايف پي بند کي وڏو خطرو جوهي واري رنگ بند تي دٻاءُ وڌي ويو بند کي مختلف هنڌن تان روڙيون، جوهي - دادو ۽ جوهي - ڀان روڊ تي پاڻي اوور ٽاپ ڪرڻ لڳو. رفيق جمالي، سيد غلام شاهه ۽ سجيلا لغاريءَ طرفان جوهي وارن کي لڏڻ جي وارننگ، پير مظهر وري قلجي، مخدوم بلاول، پيپري، موندر، خدا آباد ۾ ڦڪا جي ماڻهن کي لڏي وڃڻ جو چئي ڇڏيو ايم اين وي کي دادو طرف گهارا پيا ته شهر ٻڏي ويندو.

—

گيسٽرو وڌيڪ 14 ٻوڏ متاثرن کان حياتيون کسي ورتيون.

نوابشاهه ۾ ٻوڏ متاثرن جي رليف ڪئمپن ۾ گيسٽرو پکڙجي وئي.

—

فلڊ ڪميشن هيرا ڦيري نه ڇڏي، سنڌ جي ٻوڏ متاثرن جو انگ 5 لک 3 هزار گهٽايو ويو.

ڪميشن سنڌ جي ٻوڏ متاثرن جو اڳ ڄاڻايل انگ 44 لک 74 هزار 694 مان گهٽائي 39 لک 70 هزار 773 ڪري ڇڏيو. سنڌ ۾ ٻوڏ سبب لُڙهي مري ويل ڊورن جي گهٽايل تعداد ۾ اضافو ڪري هڪ لک هڪ هزار 896 ڪيو ويو رپورٽ جاري، صوبي ۾ ٻوڏ متاثر ڳوٺن جو تعداد 4960 مان وڌي 4997 تي ويو آهي: فلڊ ڪميشن. سنڌ حڪومت وٽ جيڪڏهن انگ اکر آهن ته اسان کي ڏئي، ڪنهن سان زيادتي نه ٿيندي: (قمر الزمان قائره).

—

جوهي کي بچائڻ لاءِ شهرين جا ارادا اٽل، بند تي ڏينهن رات ڪم، ڪامورا ۽ چونڊيل نمائندا گم.

شهداد ڪوٽ کي بچائڻ لاءِ نادر مگسي وڏي همٿ ڪئي، ڪامورن ۽ ماڻهن جون ڊيوٽيون هنيون، پر جوهي مان ڪامورا گم. ڪجهه هزار شهرين پنهنجي مدد پاڻ تحت رنگ بند کي مضبوط ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات ڪم شروع ڪري ڇڏيو. شهري گهرن مان ڪوڏرون، بيلچا ۽ ٻيو سامان کڻي آيا، ٽريڪٽر به ڪاهي آيا، انتظاميا مشينري فراهم نه ڪئي. مزدوري ڪندڙ ماڻهو مفت ۾ ڪم ڪرڻ لڳا، انتظاميا جي وارننگ رد، مختيارڪار هنگامي صورتحال باوجود ننڊون ڪرڻ لڳو.

—

ڄامشوري ۾ هزارين ٻوڏ سٽيلن جي واهر نه ٿي، رهائش ۽ کاڌ خوراڪ نه هئڻ ڪري ٻٽي عذاب ۾، ٽيج پياڪ پارڙو فوت، ڏرٽا.

ضلعي انتظاميا ٻوڏ سٽيلن جي واهر نه ڪري سگهي، ڇئن تعلقن مان لڏپلاڻ ڪري پهتلن جي ٽي هفتا گذرڻ باوجود رجسٽريشن نه ٿي. دادو ۽ ٺٽي ضلعن مان متاثرن جي آمد جو سلسلو جاري، شهر ۽ پرپاسي جي علائقن ۾ لڏپلاڻ ڪري ايندڙ متاثر خاندان ڪليل آسمان هيٺ ويٺل. ريلوي اسٽيشن وٽ ڪليل آسمان هيٺ ويٺل پورهيت جو 6 ڏينهن جو پٽ عدنان چانديو گرمي جي سٽ نه سهندي فوت ٿي ويو. ڄامشوري، پيٽاري، مانجهند، منظور آباد ۽ خانوٽ ۾ ٻوڏ سٽيلن واهر نه ٿيڻ ڪري احتجاجي مظاهرا ڪري ڌرڻا هنيا.

—

سنڌوءَ جي ڪاوڙ گهٽجڻ بعد شڪارپور جو ڪچو بيهر آباد ٿيڻ لڳو ماڻهن جي اجهن ڏانهن واپسي شروع.

درياءَ ۾ 8 فوٽن تائين لاٿ اچي وئي، هزارين دربدر ٿيل ماڻهن واپس اچي زمينون سنڀاليون. ڪئمپن ۾ رهندڙ ٻوڏ متاثر امداد جي آسري ۾ اتي ويٺل، عيد بعد ماڳن ڏانهن وڃڻ جو پلان. ڪچي واسين جا هزارين جانور بيمارين ۾ ورنجي ويا، ڪيترائي درياءَ ۾ لڙهي ويا. مال مري ويو ۽ فصل لڙهي ويو حڪومت سبسڊي تي ٽريڪٽر ڏئي مفت ۾ ٻج فراهم ڪري: (ڪچي واسي).

ٺل ويجهو 13 ڏينهن کان ٻوڏ ۾ ڦاٿل پيرسن بک وگهي فوت.

ڳوٺ فقير محمد لاشاري واسي 55 ورهين جي غلام نبي لاشاري بک وگهي دم ڏنو.

—

ڀهرام ۾ 500 ڪٽنبن لاءِ صرف 6 ديڳون ملڻ لڳيون، متاثر بکن ۾ پاهه.

انتظاميا پاران ماني نه ڏيڻ سبب ڪجهه متاثر پنڻ تي مجبور. منهنجا ٻچا بک تي آهن، ڪاڏو نه مليو آهي: عورت جون دانهون.

—

دادو - مورو روڊ کي لڳل گهاري ٻڌڻ جو ڪم سست رفتاريءَ سان شروع، ٻوڏ متاثرن کي پيڙين وارا ڦرڻ لڳا، في چڪر 5 هزار روپيا مقرر.

5 سئو فوٽ لڳل گهاري ٻڌڻ جو ڪم سست رفتاريءَ سان هلڻ ڪري اڃا تائين دادو ضلعي جو نوشهرو فيروز نوابشاهه ۽ ٻين ضلعن سان زميني رابطو بدستور ڪٽيل. جوهي، ميهڙ ۽ خيرپور ناٿن شاهه جي ٻوڏ متاثرن کي نوشهرو فيروز ضلعي ۾ لڏو ڪٽي اچڻ ۾ سخت تڪليف، پيڙين وارا ڪين ٻنهي هٿن سان ڦرڻ لڳا.

پيڙين وارن لڏي ٽپائڻ لاءِ في چڪر پنج هزار روپيا مقرر ڪري ڇڏيو وڏو ياڙو هجڻ ڪري ٻوڏ ستايل تڙپندا رهن ٿا، انتظاميا ڪا به مالڪي نه ڪري سگهي. نوان جتوئي، هوت خان ٻهراڻي ۽ ڏيپارجا جي اسڪولن ۾ 200 کان وڌيڪ ميهڙ ۽ خيرپور ناٿن شاهه جا ٻوڏ متاثر پهتا، عورتون ۽ ٻارڙا بيمارين ۾ مبتلا.

—

ٺٽي جا ساڍا 8 لک کان وڌيڪ ماڻهو ٻوڏ سبب بي گهر ٿيا آهن: سسئي پليجو.

فلڊ ڪميشن طرفان پيش ڪيل انگن اکرن کي رد ڪريون ٿا: موجوده صورتحال ۾ انگن اکرن ۾ هيرا ڦيري وارو عمل برداشت نه ڪبو. (صوبائي وزير).

(روزاني ڪاوش)

❁

8 سيپٽمبر 2010ع

حمل پرسان ايف پي بند کي گهارو، ميهڙ جوهي ۾ ڪي اين شاهه لاءِ پيهر وارننگ، دادو بچائڻ لاءِ چنبڙ کي ڪٽ جي تجويز.

ريگيوليٽر وٽ بند کي روڪيون، ايس ڊي او، انجنيئر ۾ 40 بيلدار ڦاسي پيا، ڳوٺ ڪنڊو ديرو وٽ ايف پي بند کي گهاري بعد پاڻي جو ميهڙ شهر تي دٻاءُ، سلطان پٽي روڊ کي ڪٽ ڏئي پاڻي جو رخ ٻيٽو جتوئي ڏانهن موڙيو ويو، ٻاڙهي وٽان نوجوان لڙهي ويو. ميهڙ ۾ جوهي رنگ بندن تان پاڻي اوور ٽاپ ٿيڻ جو خطرو آهي، جوهي واسي رنگ بند جي آسري تي نه ويهن، شهر خالي ڪرڻ کان سواءِ ڪو رستو ناهي، پر شهرين موڪليل 22 گاڏيون موٽائي ڇڏيون آهن: (ڊي سي او دادو). چنبڙ تي پاڻي جو سخت دٻاءُ آهي، لکت ۾ ڏئي ڇڏيو آهي ته جيڪڏهن پيان ۾ سيوهڻ جي وچ تي ڪرمپور وٽان ڪٽ نه ڏنو ويو ته دادو ۾ وڏي تباهي اٽتر تي ويندي: ايم ڊي واپڊا اسڪارپ.

صوبائي وزير مراد علي شاهه ڪرمپور تان سم نالي جي دروازن کي ويلڊنگ ڪرائي بند ڪرائي ڇڏيو آهي، پير مظهر الحق ايم ڊي واپڊا اسڪارپ جي ليٽر جي بنياد تي وڏي وزير، وزيراعظم ۾ پاڻي ۾ بجلي جي وفاقي وزير سان رابطو ڪري ورتو. يوسي ٿلتي، بوبڪ، پيان ۾ بچل چنا لاءِ ريڊ الرٽ جاري، يوسي دل کي خالي ڪرڻ جي وارننگ، لڏپلاڻ شروع تي وئي، سجو ڏيان منڇر تي آهي: (ڄام سيف الله ڌاريجو). ماڻهن کي ڪڍڻ لاءِ 3 سئو بسن جو قافلو ۾ هڪ ٽرين اڄ دادو پهچندي: سنڌ حڪومت جو ترجمان.

—

چنبڙ کي ڪٽ ڏيڻ بابت اهم اجلاس بنا نتيجي ختم، اڄ وڏو وزير دادو پهچندو.

پير مظهر ۾ رفيق جمالي جي صدارت ۾ ٿيل اجلاس ۾ چنبڙ کي ڪرمپور وٽان ڪٽ جي تجويز تي ويچاريو ويو.

سنڌ سرڪار ٻوڏ متاثرن ۾ 20 ـ 20 هزار وارا "وطن ڪارڊ" ورهائڻ شروع ڪري ڇڏيا.

وڏي وزير قائم علي شاهه مڪلي ۾ 200 متاثرن ۾ اهڙا ڪارڊ ورهايا ۽ ڪارڊ جا تفصيل ٻڌايا. "وطن ڪارڊ" اي ٽي ايم وانگر آهي، ڪارڊ ذريعي ڪنهن به بئنڪ مان ڪنهن به وقت ٿوري يا وري سموري 20 هزار رقم ڪيش ڪرائي سگهجي ٿي: (وڏو وزير). فلڊ ڪميشن سنڌ جي ٻوڏ متاثرن جا انگ اکر گهٽائي اسان جي ماڻهن جي دل آزاري ڪئي آهي. فلڊ ڪميشن جا انگ اکر قبول ناهن، اسان پنهنجو ڪيس گڏيل مفادن واري ڪائونسل ۾ رکي ڇڏيو آهي.

—

ميڊيا واويلا بند ڪري، ٻي صورت ۾ پرڏيهي امداد رڪجي ويندي، هر ڪٽنب کي لک روپيا ملندا: خورشيد شاهه.

ميڊيا پاران ٿيندڙ تنقيد سبب پرڏيهي ملڪن ۾ سنو تاثر نه پيو پکڙجي، عالمي ادارن جي امدد رڪجڻ جو خدشو آهي. سڄي ملڪ ۾ ڪميونيڪيشن ۽ زراعت جي بحالي لاءِ 3000 ارب گهرجن، ٻوڏ ستيلن کي گهر موٽائڻ ۽ ڪاٽي بعد باقي 80 هزار ڏبا.

—

ٺل واسي خاندان جا 18 ٻار والدين کان الڳ ٿي ويا، روئي روئي بيحال!

ٻوڏ دوران ٻارن جا والدين مال ڪاهي بلوچستان هليا ويا. 4 کان 10 سالن جي عمر جا 18 ٻار گهر ۾ رهجي ويا، عزيز اهلڪار کين خانپور ڪٺي آيو. معصوم ٻارڙا والدين کي ساريندي هر وقت روئيندا رهن ٿا، ننڊ به ڪو نه ٿا ڪن. ٻارن جي حالت خراب، عيد به پنهنجي والدين کان سواءِ گذاريندا. بلوچستان سان زميني رابطو ڪٽيل هئڻ ڪري پريشان آهيان، ٻار ضد ڪن ٿا: ٻار سنڀاليندڙ خيرالدين.

—

خيرپور ضلعي جي ڪچي واسين سميت ٻوڏ 4 لک ٻوڏ ستايل خالي هٿين لڙڪن ۽ سڏڪن سان عيد ملهائيندا.

ضلعي جي ڇئن تعلقن جا پوٽا پڻ لڪ ڪچي واسي ٻوڏ جي تباهي کان پوءِ امداد جو اوسيئڙو ڪندي اجڙيل ويڙهن ڪي ڏسندي روئندي عيد ملهائيندا. ٻين ضلعن کان اچي پناهه وٺي ويٺل متاثرن جي عيد به سرڪار پاران مدد نه ٿيڻ ڪري پنهنجي اباڻن ڪکن کان دور سڏڪندي گذرندي. عيد کان اڳ متاثرن کي 20 ـ 20 هزار روپيا ڏيڻ واري اعلان تي عمل نه ٿيو دربدر ۽ تباهه ٿيندڙ ماڻهو عيد خرچي جو اوسيئڙو ڪندا رهيا. ضلعي ۾ 3 سئو کان وڌيڪ ڳوٺ مڪمل طور تباهه ٿيا، 20 ڇٽا فوت ٿي ويا، هڪ ڪروڙ مڻ ڪمند سميت اربين روپين جا فصل تباهه ٿيا.

―

شڪارپور ۾ بيگاري ڪئنال کي لڳل 6 مان 2 گهارا ماڻهن پاڻ بند ڪري ورتا، حڪومت رڳو بهانا ڳولڻ ۾ پوري.

ضلعي اندر بيگاري، چوٿي ۽ سنڌ ڪئنال کي گهارا لڳي ويا هئا، جن ضلعي ۾ وڏي تباهي آندي. حڪومت ٽوڙي وارو گهارو بند نه ٿيڻ تائين ٻيا گهارا بند نه ڪري سگهڻ جو راڳ ڳائي مات ڪري ڇڏيو. حڪومت جي ڪوڙين دعوائن کي شڪارپور واسين واڪئو ڪري ڇڏيو. بيگاري جا 2 گهارا بند ڪري ورتا. سنڌ ڪئنال وارو گهارو به غوث بخش مهر ڪوششون ڪري پنهنجي ماڻهن ذريعي بند ڪرائي ڇڏيو باقي گهارا اجا هلندڙ. 2 گهارا بند ٿيڻ ڪري ٻڏي ويل جاڳڻ ۽ ٻين ڳوٺن ۾ پاڻي ۾ لاٿ، ماڻهن جي ماڳن ڏانهن واپس شروع.

(روزاني ڪاوش)

❁

9 سيپٽمبر 2010ع

جوهي رنگ بند تي درياءَ وڏي ويو دادو ـ مورو روڊ جو گهارو بند، اچ ٽرئفڪ لاءِ کوليو ويندو. ڀان سيدآباد پرسان چندبڻ کي گهارو منڇر ۽ درياءَ جي سطح برابر، اڙل وٽان 2 دروازا کوليا ويا.

ڳوٺ سڪيا چنا وٽان چندبڻ کي 10 فوٽ گهارو پئجي ويو ڳوٺ قادر بخش

چنو ڳوٺ صالح جمالي ۽ ڳوٺ بهادر شاهہ ۾ خوف، انتظاميا ۽ شهرين پهچي گهارو بند ڪري ورتو. ايف پي بند کي زيرو پوائنٽ وٽان ڪٽ ڏئي پاڻي منڇر ۾ ڇوڙ ڪرايو ويو منڇر جي سطح وڏي درياءَ جي برابر ٿي وئي، اڙل ٽيل وٽان 5 دروازن مان 2 کوليا ويا، اڄ ڇوڙ شروع ٿي ويندو. ٻوڏ جو تمام گهڻو پاڻي منڇر طرف اچي رهيو آهي، چنڊڻ جي ڪاٻي پاسي گهارا پيا تہ سيوهڻ ۽ دادو تعلقن کي سخت نقصان رسندو منڇر 118 آر ايل برداشت ڪري سگهي ٿي. (چيف انجنيئر سکر بئراج). ميهڙ شهر کي ڏنل رنگ بند تي دٻاءُ، رائيس ڪئنال کي ڪٽ ڏيڻ جي فيصلي تي عمل نہ ٿيو اڄ وڏي وزير جي آمد جو امڪان، ڪي اين شاهہ شهر جي مٿانهين وارن علائقن ڏانهن پاڻي چڙهڻ لڳو.

—

صدر آصف سان ڪراچي ۾ آرمي چيف جنرل ڪياني جي ملاقات، ٻوڏ صورتحال تي ڳالهيون

بند ٽوڙڻ جون ڳالهيون افسانہ آهن، الطاف سميت سيني اتحادين کي گڏ کڻي هلنداسين: (صدر)

آئون "هرڪوليس" نہ هئس جو ٻوڏ کي روڪيان، اينجلينا جولي پاڻ پاڪستان ناهي آئي، ان لاءِ مون کي ڪنهن کي ڇوٽو پيو منهنجا ٻار تہ ڏکي گهڙي ۾ ملڪ ۾ آهن. "هن جو" پيءُ سائيڪل تي هلندو هو پر هو هن وقت رائيس رولز ڪار ۾ هلي ٿو.

—

ميهڙ بچي ويو آهي، دادو جا 3 تعلقا پاڻي هيٺ آهن: وڏو وزير

ٻوڏ سبب سنڌ ۾ زراعت کي 7 ارب روپين جو نقصان ٿيو آهي. خيرپور ناٿن شاهہ ۾ 5 کان 7 فوٽ پاڻي بيٺل آهي.

—

ٻوڏ متاثر پيچ ڌاهہ وارين ڪارروائين کان پاسو ڪن، انهي سان حالتون خراب ٿي سگهن ٿيون. خورشيد شاهہ

"عيد خرچي ڏيو": سکر ۾ ٻوڏ ستيل سراپا احتجاج بڻجي ويا، ڳاڏين جي پيچ ڌاهہ، 8 اهلڪار يرغمال، شهر بند.

شهر جي مختلف اسڪول ۾ قائم امدادي ڪئمپن، سکر باءِ پاس تي قائم ٽينٽ سٽي ۾ ڪُليل آسمان هيٺ ويٺل متاثرين احتجاج رڪارڊ ڪرايو. ميونسپل اسٽيڊيم، سکر باءِ پاس، سٽي پوائنٽ، ايوب گيٽ، شاليمار ڦاٽڪ ۽ لوڪل بورڊ چوڪ وٽ پيچ ڏاهر: خورشد شاهه جا پورٽريٽ ڦاڙيا ويا. ڏنڊا برادرن نادرا جا بورڊ اُکيڙي ڇڏيا، شهرين ڪان ڦرلٽ ۾ مارڪيٽ، انتظاميا ڪئمپون فوج حوالي ڪرڻ جو چتاءُ ڏئي احتجاج ختم ڪرايو.

—

ٻوڏ سٽيلن پاران بنيادي سهولتون نه ملڻ خلاف ڌرڻا، وارهه ۾ جهيڙو لٺبازي، شهر بند ڪرائڻ جي ڪوشش.

قمبر، خانپور مهر، ڦل، قاضي احمد، سيراڻي، نئون دمبالو ۾ ماتلي ۾ ٻوڏ سٽيلن واهر نه ٿيڻ خلاف سخت احتجاج ڪيو. وارهه ۾ ٻوڏ سٽيلن جو کاڌ خوراڪ نه ملڻ خلاف ڌرڻو رستو نه ڏيڻ تان جهيڙو، 3 سٽيل گرفتار، پوليس لٺبازي ڪئي. رتوديرو ٺري ميرواهه، سوپو ديرو ڪنڊيارو پني عاقل، ڄامشوري ۾ ٻين شهرن ۾ احتجاجي مظاهرا ڪري ڌرڻا هنيا ويا.

—

سنڌ حڪومت صوبائي رليف ڪمشنر کي وڌيڪ 50 ڪروڙ جاري ڪري ڇڏيا رليف ڪمشنر طرفان امدادي سرگرمين لاءِ ڪراچي کي 11 ڪروڙ 90 لک، سکر، لاڙڪاڻي ۾ ٺٽي کي 10، 10 ڪروڙ ڏنا ويا.

سڀ کان وڌيڪ ٻوڏ متاثر ضلعي جيڪب آباد کي اداڻي ڪروڙ ۾ ٽنڊي محمد خان ضلعي کي 2 ڪروڙ 20 لک مليا. دادو کي 9 ڪروڙ 30 لک، خيرپور کي 3 ڪروڙ 90 لک ۾ شهيد بينظير آباد کي 2 ڪروڙ رپيا جاري ٿيا. ڪشمور کي 3 ڪروڙ 30 لک، شڪارپور کي 5 ڪروڙ 10 لک، ڄامشوري کي 4 ڪروڙ 20 لک روپيا ۾ حيدرآباد کي 3 ڪروڙ 20 لک جاري.

—

وفاقي توڙي صوبائي حڪومتن جا اعلان اڌورا، لکين ٻوڏ سٽيلن کي عيد کان اڳ روڪ معاوضو نه ملي سگهيو.

وقت نه بچيو آهي، دير ٿي وئي آهي، ٻوڏ سٽيلن کي عيد کان اڳ معاوضو نه ملي سگهندو (قيصر بنگالي)

وفاقي زڪوات ڪائونسل طرفان سنڌ جي ٻوڏ ستايلن لاءِ مليل هڪ ارب 15 ڪروڙ ورهائجي نہ سگهيا.

صوبائي زڪوات کاتي 20 ڏينهن اڳ مليل رقم بابت رليف ڪمشنر ۽ پي ڊي ايم اي کي خط لکي آگاهہ ڪري ڇڏيو. في متاثر خاندان کي 5 کان 10 هزار روپيا روڪ امداد ڏيڻ لاءِ رليف ڪمشنر کان تصديق ٿيل لسٽن جو شرط. رليف ڪمشنر ۽ پي ڊي ايم پاران بار بار ياد ڏيارڻ وارا خط لکڻ باوجود زڪوات کاتي کي ٻوڏ متاثرن جون لسٽون نہ ملي سگهيون. ٽڪڙن ۾ لسٽون نهرائڻ سان حقدارن سان ناانصافي جو خدشو آهي: (صوبائي رليف ڪمشنر غلام علي پاشا)

❁

14 سيپٽمبر 2010ع

منڇر جي سطح 119.8 آر ايل ٽي وئي، حمل وٽ دروازا بند ڪرڻ ۽ انڊس لنڪ ذريعي پاڻي درياءَ ۾ ڇوڙڻ جو فيصلو.

آر ڊي 10 کان 50 تائين پاڻي منڇر جي ايم سي بندن کي اچي لڳو آر ڊي 96 ۽ 97 سميت ڇئن هنڌن تي پيل روڙين کي فوري طور بند ڪيو ويو وزيراعليٰ طرفان جوڙيل ڪاميٽي علائقي جو فضائي دورو ڪيو. اڙل هيڊ کي اندران ٻنهي پاسن کان ڪٽ ڏنو ويو وڏيڪ 1000 ڪيوسڪ پاڻي درياءَ ۾ ڇوڙڻ شروع. منڇر جي صورتحال انتهائي خراب آهي، بندن کي محفوظ ڪرڻ سان گڏ ٽڪڙا فيصلا ڪيا وڃن: ادريس راجپوت.

نادر مگسي، مراد شاهہ ۽ شجاع جوڻيجي تي ٻڌل ڪاميٽي جي دوري بعد ايم اين وي ڊرين جا حمل ريگيوليٽر وٽ دروازا بند ڪرڻ جو فيصلو بہ ڪيو ويو آهي: صوبائي وزير نادر مگسي.

جوهي شهر خالي ڪرائڻ لاءِ قلم 144 لاڳو ميهڙ لنڪ سپريو بند کي موچي ڳوٺ وٽ پيل گهارو وڌي 400 فوٽ ٿي ويو رنگ بند تي دٻاءُ، راج واهہ وارو گهارو بہ 30 فوٽن مان وڌي 100 فوٽ ٿي ويو. دادو ۾ صوبائي وزير جام

سيف الله ڏاريجي جي چونڊيل نمائندن سان ڳڻجاڻي، دادو شهر کي بچائڻ ۾ منڇر تان دٻاءُ گهٽائڻ لاءِ ٽن ڏينهن کان پوءِ انڊس لنڪ ذريعي پاڻي درياءَ ۾ ڇوڙ ڪيو ويندو: ڏاريجو.

—

جوهي برانچ کي امڪاني ڪٽ خلاف سيتا روڊ ۾ پيارو اسٽيشن ۾ هڙتال، عمران ظفر لغاري جي گهر جو گهيراءُ، پٿراءُ.

پيارو اسٽيشن ۾ شهرين شٽربند هڙتال ڪري دادو - پيارو ڳوٺ ۾ سيتا روڊ بلاڪ ڪري 3 ڪلاڪ ڌرڻو هنيو. سيتا روڊ ۾ شٽربند هڙتال ڪرائڻ بعد رهواسين ايم پي اي عمران ظفر لغاري جي گهر جو گهيراءُ ڪري پٿراءُ ڪيو. بنگلي اندر بيٺل سيتا روڊ يو سي جي اڳوڻي ناظم جي گاڏي جا شيشا ڀڄي ويا، مڇريل ماڻهن پوليس جي خيمي کي باهه ڏئي ڇڏي، ايس ايڇ او سيتا روڊ معطل، انسپيڪٽر غلام رسول رورٽ. جوهي برانچ کي ڪٽ ڏيڻ سان ڪيترائي علائقا ٻڏي ويندا: (رهواسي)، سيتا به ڪي اين شاهه جيترو ئي عزيز آهي، افواهه غلط آهن: (عمران لغاري).

—

سجاول-جاتي روڊ بحال: ايم ايس بند جو گهارو 17 سيپٽمبر کان بند ڪرڻ جو فيصلو.

—

سنڌ ۾ وڏن جاگيردارن تي ٻوڏ ٽيڪس لڳائڻ تي اتفاق ٿيو آهي، 7 ارب روپيا حاصل ٿيندا: (آصف علي زرداري).

جتي اقتدار اسان جي پارٽي جي هٿ ۾ نه آهي، اتي جن جي حڪومت آهي، انهن کي چونداسين ته اهي جاگيردارن تي ٻوڏ ٽيڪس لڳائين.

—

وفاق اجا تائين ڪا به امداد ناهي ڏني، صدر ۽ وزيراعظم سان ڳالهايو اٿئون: قائم علي شاهه.

ٻوڏ متاثرن جي بحالي لاءِ وفاق کان پنهنجو حصو وٺنداسين، نقصان پورو ڪرڻ جي خاطري ڪرائي وئي آهي. دادو ۽ ميهڙ لاءِ خطرا ڪافي گهٽجي ويا آهن، ايندڙ ڪجهه ڏينهن ۾ صورتحال بهتر ٿي ويندي: خيرپور ۾ ڳالهيون.

موري ۾ نوان جتوئي پهتل ٻوڏ متاثرن جي واهر نہ ٿي سگهي، بکون ڪاٽڻ تي مجبور ٻارڙا گيسٽرو ۾ ورتجي ويا.

دادو ضلعي جي مختلف تعلقن ميهڙ جوهي ۾ ڪي اين شاهہ مان لڏپلاڻ ڪري ايندڙ ٻوڏ متاثرن جي مالڪي نہ ٿي سگهي. انتظاميا طرفان گهربل واهر نہ ٿيڻ ڪري ماڻهو بکون ڪاٽڻ تي مجبور ڪيترائي ٻارڙا گيسٽرو ۾ مبتلا، زندگيون داءُ تي لڳل. ٻوڏ سبب گهر گهاٽ ۽ سامان لڙهي ويو الهہ تلهہ وڃائي پهتاسين پر واهر نہ ٿيڻ ڪري پنهنجي گذارو ڪري رهيا آهيون: ٻوڏ متاثر.

—

ڪئمپن توڙي ٻاهر رهندڙ سمورن ٻوڏ متاثرن جي رجسٽريشن جو فيصلو ڪراچي ۾ نادرا جا 5 سينٽر قائم.

رزاق آباد سينٽر ٻاهران نادرا جي هڪ سينٽر رجسٽريشن شروع ڪري ڏني، پپري، گلشن معمار پولي ٽيڪنڪ ڪاليج ۽ مشرف ڪالوني ۾ اڄ رجسٽريشن شروع ٿيندي. نادرا پاران تيار ڪيل پروفارما ۾ نقصان جا تفصيل ڀريا ويندا، نقصانن جي تصديق لاڳاپيل ضلعن جا روينيو عملدار ڪندا. رجسٽريشن ڪرڻ بعد متاثرن کي 20 هزار روپين وارا وطن ڪارڊ جاري ٿيندا، ڪٽنب جو سربراهہ رڳو ڪارڊ کڻي سينٽر تي پهچندو. (روزاني ڪاوش)

❁

15 سيپٽمبر 2010ع

دادو کي بچائڻ لاءِ منڇر وٽان چنبڙ کي ڪٽ هڻڻ جو فيصلو سيوهڻ جي 4 يوسيز کي خطرو مراد شاهہ جو احتجاج، وڏو وزير اعلان ڪرڻ بنا روانو.

وڏي وزير سيد قائم علي شاهہ دادو پهچي ڊي سي او آفيس ۾ دادو ۽ ڄامشوري جي چونڊيل نمائندن، آبپاشي ۽ واپڊا عملدارن ڏار ڏار ڳڻ‌ڍاٽي ڪئي، زيرو پوائنٽ وٽ چنبڙ کي ڪٽ جو فيصلو ٿيو: (ذريعا) زيرو

پوائنٽ وٽان ڪٽ سان سيوهڻ تعلقي جي يوسيز دل، چنا، بوبڪ ۽ آراضي متاثر ٿيندي، دادو ۽ جوهي شهرن تان خطرو ٽرندو ۽ ڇنڊڻ تان پاڻي جو دٻاءُ گهٽجي ويندو: (ماهرن جي راءِ).

منڇر جي ايم ايس بند تي آر ڊي 90 کان 100 تائين پاڻي جو اوور فلو تيز هوا سبب بندن کي کاڙ، زيرو پوائنٽ وٽ پاڻي جي دٻاءُ سبب ڇنڊڻ ٽٽڻ جو خطرو اڙل هيڊ کي ڏنل ڪٽ جو فائدو نه ٿيو. پاڻي کي دڳ ڏيڻ جو فيصلو ٿي ويو آهي، دادو جا ماڻهو مزي جي ننڊ ڪن: (پير مظهر الحق). فيصلو دادو وارن جي حق ۾ ٿيو آهي، اعلان وڏو وزير اڄ صبح تائين ڪري سگهي ٿو: (مير نادر مگسي).

منڇر ۾ پاڻي جي آمد 30 هزار ۽ نيڪال 15 هزار ڪيوسڪ آهي: (آبپاشي سيڪريٽري). حمل جا دروازا بند ڪرڻ سبب 12 سئو ڪيوسڪ پاڻي ۾ لاٽ ٿي آهي: (واپڊا عملدار). منڇر ۾ گنجائش 124 آر ايل آهي، پر هن وقت به سطح خطرناڪ آهي: چيف انجنيئر انڊس رِور.

—

پنجاب ۾ بند ٽوڙڻ بابت عدالتي ڪميشن جاچ شروع ڪري ڇڏي

ڪميشن پاران 17 سيپٽمبر تائين لاهور ۾ مختلف ماڻهن جا بيان قلمبند ڪيا ويندا. پهرين ڏينهن تي سيڪريٽري آبپاشي سوڌو 11 آفيسرن جا بيان قلمبند ڪيا ويا.

—

وزيراعظم جي هدايت باوجود سنڌ ۾ بند ٽٽڻ بابت جاچ شروع نه ٿي.

4 سيپٽمبر تي وزيراعظم قومي اسيمبلي ۾ تقرير دوران جاچ جي هدايت ڪئي هئي.

—

جوهي شهر جي رنگ بند تي پاڻي جو دٻاءُ، 170 ڳوٺ پاڻي هيٺ، سوين گهر ڊهي پيا.

تعلقي ۾ ٻوڏ جي پاڻي جو ايم اين وي ڊرين ۽ جوهي جي رنگ بند تي دٻاءُ وڌي ويو.

ٻوڏ سبب 17 سئو ماڻهو فوت ۽ 54 لک 36 هزار ايڪڙ زمين متاثر ٿي آهي: پاڪ فوج.

ملڪ ۾ بدترين ٻوڏ سبب 6 هزار 3 سئو 95 شهر ۽ ڳوٺ متاثر ٿيا آهن. خيبر پختونخواهه 24، سنڌ 19 ۽ پنجاب ۾ 12 ضلعا تباهي جو شڪار ٿيل آهن.

—

پاڻي ۾ ٻڏل شهر ۾ ماڻهن گهرن جي ڇتن تي ڪٿون وڇائي پناهه گاهه ٺاهي ڇڏي.

گهرن جي ڇتن تي توڙي بندن تي ترسيل ٻوڏ متاثرن وٽ خوراڪ ختم.

—

"راشن ڏئي ٻڪ مرڻ کان بچايو" دادو ۾ وڏي وزير جي آمد دوران ٻوڏ متاثرن جا ڌرڻا، لٺبازي، ڇڪريون.

خيرپور ناٿن شاهه جي ٻوڏ متاثرن وڏي وزير سيد قائم علي شاهه جي آمد دوران ڊي ڊي او هائوس آڏو ڌرڻو هنيو. احتجاج ختم ڪرائڻ دوران مظاهرين ۽ پوليس ۾ منهن ماري، اهلڪارن لٺبازي ڪري کين پڇايو پر متاثر وري پهچي ويا. ٻوڏ متاثرن پريس ڪلب آڏو ڌرڻو هنيو ۽ هٿن ۾ پاڪ ڪتاب کڻي راشن ڏيڻ جون دانهون، ٻکون ڪاٽيون پيا، ٻچن کي بچايو وڃي: متاثر.

—

خيرپور جي ڪچي جا ماڳن تي پهتل ٻوڏ متاثرن کي ڇانوري ۽ ڳيپي جي ڳولا، وطن جي اوٽ ۾ ويهڻ تي مجبور.

ڳوناڻن جا گهر مٽي جي ڍيرن ۾ تبديل ٿي ويا، ٿهڪن سان گونجندڙ اوطاقون اُجڙي ويون، چوپايو مال ۽ فصل ختم ٿي وڃڻ ڪري متاثر ٻڏتر جو شڪار. 140 ڪلوميٽر واري دريائي پٽي جو ڪچو ٻڏڻ بعد بچاءَ بندن توڙي ڪئمپن ۾ وينل ڪچي واسين ڏيڍ مهينو ڏکن ۽ بکن ۾ گذارڻ بعد واپسي شروع ڪري ڇڏي. خوشحال ۽ مڇي مانيءَ وارا سمجهيا ويندڙ گهراڻا، بنگلن ۽ اوطاقن جا مالڪ سڀ ڪجهه ختم ٿيڻ کان پوءِ واپس موٽڻ بعد بنا اجهي جي وڻن جي اوٽ ۾ ويهڻ تي مجبور. ڊٺل گهرن کي ڏسي

متاثرن جي اکين ۾ لڙڪ اچي ويا. ڳوٺن جون اوطاقون اُداسي ۾ رُڃ جو ڏيک ڏيڻ لڳيون، ماڳن تي پهتل ماڻهو بيوس بڻجي ويا.

(روزاني ڪاوش)

16 سيپٽمبر 2010ع

منڇر جو گيج پڌي ويو ايم سي بند کي 300 فوٽ ڪٽ، بوبڪ، چنا، دل ۽ ٿلٽي جا علائقا ٻڏي ويندا.

ڍنڍ جو گيج 121 آر ايل تائين آهي، جيڪو ٻڏي وڃڻ بعد نئون گيج لڳائي سطح 125 آر ايل ڪئي وئي، رات تائين ڍنڍ جي سطح 121.5 آر ايل کان وڌي وئي، تيز هوائن سبب پاڻي اوور فلو ٿيڻ لڳو درياءَ گهٽائڻ لاءِ ڪٽ هنيو ويو.

منڇر ڍنڍ جي ايم سي بند کي آر ڊي 11 ۽ 12 وٽان باغ يوسف ۽ ڳوٺ پنجو ٿا وٽ شام جو 300 فوٽ ڊگهو ڪٽ هنيو ويو جتان 20 هزار ڪيوسڪ پاڻي خارج ٿيندو. انتظاميا سرڪاري طور تي انهي ڪٽ هڻڻ جو اعلان نہ ڪيو اهو پاڻي سيوهڻ تعلقي جي يوسيز دل، چنا، بوبڪ، ٿلٽي ۽ يوسي ون سيوهڻ جي علائقي کي ٻوڙيندو ڪرمپور وٽ پهچندو جتي پاڻي درياءَ ۾ ڇوڙ ڪرايو ويندو. ڪٽ بعد پاڻي جو رخ بوبڪ ۽ سيوهڻ جي يوسي هڪ جي ڪجهہ ڳوٺن ڏانهن تي ويو ڏيڍ لک آبادي متاثر ٿيڻ جو امڪان، 80 سيڪڙو ماڻهو لڏي ويا، 20 سيڪڙو ماڻهو اچا تائين ڦاٿل. جي او سي حيدرآباد ڪٽ واري جاءِ تي پهچي معائنو ڪيو منڇر کي زيرو پوائنٽ وٽ ڪٽ سان وڏو نقصان ٿئي ها، هي فيصلو صحيح ٿيو آهي، انڊس هاءِ وي ڪجهہ ڏينهن لاءِ بند ٿيندو: (جي او سي). اڙل هيڊ پرسان باغ يوسف وٽ منڇر جي بند کي ڏنل ڪٽ سبب منڇر مان پاڻيءَ جي سطح گهٽجڻ شروع ٿي ويندي، پر ايم اين وي تان ٽن ڏينهن بعد درياءَ گهٽجندو: واپڊا اسڪارپ جو پي ڊي.

سنڌ ساري ويئي ٻڏي: 178

ٻوڏ متاثرن کي لک لک روپيا ڏيڻ يا گهر ٺهرائي ڏيڻ بابت فيصلو سي سي آءِ اجلاس ۾ ٿيندو: وڏو وزير.

سنڌ اندر ٻوڏ سبب ساڍا 5 ارب ڊالرن جو نقصان ٿيو آهي، اهڙيون رپورٽون عالمي ادارن کي ڏنيون آهن. وطن ڪارڊ جي مخالفت ڪندڙ ٻوڏ متاثرنِ جا مخالف آهن، عوام ۽ اتحادي هن مشڪل گهڙيءَ ۾ ساٿ ڏين. 22 ڏينهن اندر ڪئمپن ۾ رهندڙ سمورن ٻوڏ متاثرن جي رجسٽريشن ڪري انهن وٽ وطن ڪارڊ پهچائيندا سين. منڇر جي پاڻي مان سيوهڻ کي ڪو بہ خطرو ناهي، قلندر بہ مدد ڪندو: قائم علي شاھ.

—

آمريڪي صدر جي نالي جي خبر ناهي، راشن ۽ پاڻي کپي: متاثر.

آمريڪي ايلچي مڪلي پهچي رليف ڪئمپ ۾ ٻوڏ متاثرن سان ڳالهيون ڪيون. توهان آمريڪي صدر کي سڃاڻو ٿا؟ (هالبروڪ)" جي نا! ٻوڏ متاثرن جو جواب. ڀلا پاڪستان جو صدر ڪير آهي؟ (هالبروڪ)، مون کي خبر ناهي، راشن ڏيو: (متاثر). آمريڪا جو صدر بارڪ اوباما آهي ۽ ان ئي مون کي توهان ڏانهن موڪليو آهي: هالبروڪ.

—

منڇر کي ڪٽ بعد پارڪو ۽ گئس لائين کي نقصان جو خدشو.

ڪٽ واري هنڌ ڀرسان تيل ۽ گئس جون 4 پائپ لائينون گذرن ٿيون. ڄامشوري جي انتظاميا ڪٽ ڏيڻ بابت اعتماد ۾ ناهي ورتو: (سوئي گئس انتظاميا). پائپ لائين کي نقصان ٿيو تہ سنڌ ۽ بلوچستان ۾ تيل ۽ گئس جي فراهمي معطل ٿيندي. ڪٽ واري هنڌ گئس جي والو اسيمبلي بہ موجود، رنگ بند ڏيڻ جو ڪم شروع.

—

حيدرآباد ۾ ٻوڏ ستيلن جو انگ 50584 ٿي ويو، 81 اسڪولن ۾ ڪئمپون هجڻ سبب تدريسي عمل ٺپ، شاگرد متاثر.

پرڳڻي جي مختلف ضلعن ۾ آيل ٻوڏ سبب پنهنجا اباڻا ڪک ڇڏي رليف ڪئمپن ۾ پهتلن جو انگ اڌ لک کان ٽپي ويو. حيدرآباد سٽي جي 20

ڪئمپن ۾ 21761، لطيف آباد جي 24 ڪئمپن ۾ 12898، قاسم آباد جي 38 ڪئمپن ۾ 10231 ۽ ڀهراڙي تعلقي ۾ 5694 متاثر پهتا. ضلعي رليف ڪاميٽي پاران اسڪولن ۾ رهندڙن کي ٽينٽ سٽي ٺاهي منتقل ڪرڻ واري فيصلي تي عمل نہ ٿيو نادرا پاران اڄ کان رجسٽريشن جو اعلان.

—

سپريو ۽ ايف پي بندن کي لڳل گهارا بند نہ ٿيا، ميهڙ - گاجي کهاوڙ روڊ جي موري لڙهي وئي، 50 ڳوٺن سان رابطو معطل.

ميهڙ ويجهو ڳوٺ موچي وٽ سپريو بند ۽ ڳوٺ ڪنڌو ڏيرو وٽ ايف پي بند کي لڳل گهارا اڃا تائين بند نہ ٿي سگهيا. يوسي قاضي عارف ۽ ٻليدائي مان ايندڙ ٻوڏ جو پاڻي ميهڙ - گاجي کهاوڙ روڊ کي اوور ٽاپ ڪري ميهڙ - لاڙڪاڻو انڊس هاءِ وي تي پهچي ويو. ڳوٺ دريائي وٽ ٻوڏ جي پاڻي ميهڙ - گاجي کهاوڙ روڊ جي موري کي لوڙهي ڇڏيو 50 ڳوٺن جو ميهڙ سان رابطو مڪمل طور ختم. ڳوٺ دريائي وٽ ٻوڏ جي پاڻي ميهڙ - گاجي کهاوڙ روڊ جي موري کي لوڙهي ڇڏيو 50 ڳوٺن جو ميهڙ سان رابطو مڪمل طور ختم. ٻيٽو باءِ پاس رنگ بند ۽ اتر طرف انڊس هاءِ وي تي پاڻي جو دٻاءُ وڌي ويو رنگ بند مضبوط ڪرڻ لاءِ مشينري طلب.

(روزاني ڪاوش)

❁

17 سيپٽمبر 2010ع

منڇر ڍنڍ آخر ٽٽي پئي، سيوهڻ ايئرپورٽ ٻڏي ويو انڊس هاءِ وي بہ پاڻي هيٺ

منڇر جي سطح انتهائي خطرناڪ ٿيڻ باوجود فيصلن ۾ گهڻي دير ڪئي وئي، ڪجهہ ڏينهن پهرين جوڙيل 3 رڪني ڪاميٽي علائقي جو دورو ڪيو ۽ ڪيترائي اجلاس ٿيا پر ڪو حتمي فيصلو نہ ٿيڻ ڪري وڏو نقصان ٿيو. باغ يوسف وٽان ڍنڍ کي 300 فوٽ ڪٽ ڏيڻ وارو فيصلو بہ دير سان ٿيڻ ڪري منڇر کي گهٽ رليف نہ مليو ۽ نيٺ رات جو دير سان ڍنڍ کي آر ڊي

92 کان 97 جي وچ ۾ 8 گهارا پئجي ويا. گهارا وڏي هڪ ڪلوميٽر جي ايراضي تائين ڦهلجي ويا، سيوهڻ ون، بوبڪ، چنا ۽ دل يوسيز جا باغ يوسف سميت 100 کان وڌيڪ ننڍا وڏا ڳوٺ ٻڏي ويا، پاڻي شهباز ايئرپورٽ ۾ داخل ٿي ويو. تاريخي شهر بوبڪ کي ٻه پاڻي جو گهيرو يان سيد آباد کي خطري سبب وارننگ، ڦاٽل ماڻهن کي ٻاهر ڪڍڻ لاءِ ترين هلائي وئي، وڏي پئماني تي لڏ پلاڻ شروع ٿي وئي. انڊس هاءِ وي تي پاڻي اچڻ بعد سيوهڻ جو دادو سان زميني رابطو ڪٽجي ويندو ٻوڏ جي پاڻي درياءَ ۾ ڇوڙ ڪرڻ لاءِ ايل ايس بند کي ڪرمپور وٽ 2000 فوٽن تائين ڪٽ ڏيڻ جو ڪم شروع. منڇر جي بندن کي گهارن بعد آبپاشي عملو سامان ڇڏي هليو ويو زيروپوائنٽ وٽ منڇر تي شديد دٻاءُ هو جتي ڪم جاري هو ته اوچتو گهارا پئجي ويا، جن کي ٻڌڻ ممڪن ناهي: چيف انجنيئر سکر بئراج.

—

تاريخي، علمي ۽ ادبي شهر بوبڪ پاڻي جي گهري هيٺ، اسپتال ۽ اسڪول ٻڏي ويا، يان کي بچائڻ لاءِ انڊس لنڪ کي مضبوط ڪرڻ جي ڪوشش، ڳوٺاڻن جو الهه تلهه لڙهي ويو رڳو سر بچائي نڪتا.

—

اڳوڻي وڏي وزير عبدالله شاهه جي دور ۾ ٺهيل شهباز ايئرپورٽ ٻڏڻ بعد عملو سامان ۽ مشينري ڪڍي هليو ويو ايئرپورٽ گذريل 5 سالن کان بند آهي صرف وي آءِ پي شخصيتون جهازن ۾ اچن ٿيون.

—

منڇر بابت فيصلي ۾ دير نه ڪئي، تيز هوائن سبب ڊنڊ کي گهارا پيا آهن: قائم علي شاهه

ڊنڊ ۾ پاڻي جي سطح 124 فوٽن تائين برداشت ڪرڻ جي سگهه موجود هئي پر هوائن ۽ وڏين ڇولين ڪم خراب ڪيو. منڇر جي پاڻي هاڻي پاڻمرادو رستو ٺاهي درياءَ جو رُخ ڪيو آهي، ڪرمپور وٽان پاڻي درياءَ ۾ ڇوڙ ڪيو ويندو. 10 کان 15 سيڪڙو ماڻهو علائقن مان نڪتا نڪرن، ڪين زبردستي منتقل نه ڪبو وڏي انگ ۾ ٻيڙين جو بندوبست ڪيو اٿئون.

18 سيپٽمبر 2010ع

گڏيل قومن پاڪستان ۾ ٻوڏ متاثرن جي واهر ۽ بحالي لاءِ 2 ارب ڊالرز جي اپيل ڪري ڇڏي.

–

مراد شاهه جو ڳوٺ به ٻڏي ويو آراضي ۽ بختيارپور کي خطرا، 2 پليون ڪري پيون، ريل رستو بند.

منڇر جي گهارن سبب پاڻي تباهيون ڪندل ايل ايس بند تائين وڃي پهتو وڌيڪ 100 ڳوٺ پاڻي هيٺ.

–

هر ٻوڏ ستيل پرٽيل جوڙي کي وطن ڪارڊ ذريعي امداد ڏني ويندي: خورشيد شاهه.

ٻوڏ ستيلن کي وطن ڪارڊ ذريعي پهرين مرحلي ۾ 20 هزار روپيا ۽ بعد ۾ 80 هزار روپيا جاري ڪيا ويندا.

–

ميهڙ ۾ پاڻي شينهڻ جو دڙو ۾ داخل، وڌيڪ 15 ڳوٺ ٻڏي ويا.

شهر جي اتر پاسي پاڻي جو دٻاءُ وڌي ويو پاڻي اوور ٽاپ ٿيڻ لڳو. ايم پي اي فياض ٻٽ ۽ ڊي سي او جي گڏجاڻي ۾ رنگ بند 3 ڪلوميٽر وڌائڻ جو فيصلو. ميهڙ جي ڏکڻ پاسي پاڻي ۾ لاٽ بعد رهواسين جي واپسي، ڪاروبار کوليو ويو.

–

ٻوڏ متاثرن لاءِ پرڏيهي امداد هڪ ارب 37 ڪروڙ 35 لک ڊالر ٿي وئي.

–

ٺل تعلقي جي 18 يوسيز جي 500 کان وڌيڪ ڳوٺن ۾ 2 کان 7 فوٽن تائين پاڻي بيٺل، جايون ڊهڻ لڳيون.

توڙي بند کي گهارو پوڻ سبب آيل ٻوڏ ۾ روڊ رستا لڙهي ويا. پوکيل فصل به مڪمل طور سڙي تباهه ٿي ويا. گهٽ ڏينهن تائين 2 کان 7 فوٽ پاڻي بيهڻ ڪري ڳوٺن ۽ شهرن ۾ جايون ڊهڻ شروع، ميرپور برڙو جونگل ۽ مبارڪپور شهر ويران.

لکين ڳوٺاڻا مختلف شهرن، ڳوٺن، بندن ۽ روڊن تي دربدر ويٺل، پاڻي جي نيڪال تائين سندن واپسي ناممڪن بڻيل. عارضي جوڙيل رستن جي خطرناڪ صورتحال، هفتي ۾ 8 ماڻهو فوت، 20 زخمي ٿي چڪا، مختلف هنڌن تان ٻوڏ جو وهڪرو جاري. ڳوٺن ۾ 10 فوٽن تائين پاڻي بيٺل آهي، جنهن سبب گهر ڊهن پيا، حڪومت واهر نٿي ڪري، سيني تعلقي واسين کي وطن ڪارڊ ڏنا وڃن: متاثر ڳوٺاڻا.

—

حيدرآباد جي ڪئمپ ۾ ميهڙ واسي جا 4 ٻار پراسرار بيماريءَ ۾ وڪوڙيل، هلڻ، ڦرڻ ۽ ڳالهائڻ کان لاچار.

نول راءِ هاءِ اسڪول ۾ رهندڙ ڳوٺ ٻنڊو واسي عبدالله ڏوهٽ جا 4 ٻار 22 سالن جو هاشم، 20 سالن جو آصف، اميد علي ۽ ثمرين پراسرار بيماريءَ ۾ وڪوڙيل. چارئي ٻار هلڻ، ڦرڻ ۽ ڳالهائڻ جي سگهه کان محروم بڻيل. نوجوان پٽن سميت ڇئني معذور ٻارن کي وهنجارڻ توڙي سندن صفائي ڪرائڻ جو ڪم سندن امڙ ڪندي آهي. ٻارن کي ننڍي هوندي روئڻ دوران دورو پوندو هو پوءِ ڳالهائڻ کان پڻ محروم رهيا ۽ هاٿي سندن چنگهون ڦري ويون آهن. ڪراچي ۽ حيدرآباد جي ڊاڪٽرن کان علاج ڪرائڻ باوجود بہ فرق ناهي پيو عالمن کان پڻ تعويذ ڪرايا آهن (ٻارڙن جي امڙ وزيران). ٻوڏ سبب ڪئمپ ۾ پناهہ وٺڻ ڪري معذور ٻار سڄو ڏينهن ڪئمپ ۾ رڙيون ڪندا رهن ٿا، سندن والدين سخت پريشان. جاڻايل بيماري موروثي ٿي سگهي ٿي، ٻارن جي هڏين جا ايڪسري ۽ رپورٽون ڪرائڻ بعد خبر پوندي تہ اهي علاج قابل آهي يا نہ: هڏين جو ڊاڪٽر.

(روزاني ڪاوش)

❁

19 سيپٽمبر 2010ع

منڇر جي سطح ۾ 2 فوٽ لاٿ، سيوهڻ تعلقي جا وڏيڪ 50 ڳوٺ ٻڏي ويا، ڪرمپور وٽان پاڻي جو درياءَ ۾ ڇوڙ شروع.

ايم اين وي ڊرين ۽ منڇر جي پاڻي جي سطح برابر ٿي وئي، ڪرمپور

لڳ سم نالي، منڇر ۽ درياءَ جو پاڻي گڏجي ويو سم نالي تي دٻاءُ. ٻوڏ جي پاڻي وڏيڪ 50 ڪان وڌيڪ ڳوٺ پنهنجي گهيري ۾ آڻي ڇڏيا. زميني ۽ مواصلاتي رابطو معطل، ريسڪيو آپريشن شروع. ميهڙ ۾ سپريو بند ۽ رنگ بند تي پاڻي ۾ لاٿ شروع، انتظاميا جي صلاح تي ماڻهن جي واپسي، 50 سيڪڙو دڪان کلي ويا.

—

سنڌ ۾ سپر فلڊ دوران ٻه 15 ضلعن ڪوٽ ڪي منهن ڏنو 14 مک ڪئنالن کي گهرج کان گهٽ پاڻي فراهم، فصل متاثر.

7 آگسٽ تي ٽوڙي بند کي لڳل گهاري بعد بي ايس فيڊر بدستور بند، گهوٽڪي کان 10000 بدران 7867 ۽ پٽ فيڊر کي 14000 بدران 6184 ڪيوسڪ پاڻي فراهم. سکر بئراج جا کير ٿر، خيرپور ايسٽ خيرپور ويسٽ ۽ رائيس ڪئنال اڄ ٻه ڪوٽ جو شڪار نارا ۽ روهڙي کي آبادگارن جي احتجاج بعد پاڻي فراهم. سکر ۽ ميرپور خاص ڊويزنن جا 4 ـ 4، حيدرآباد ڊويزن جا 6 ۽ لاڙڪاڻي ڊويزن جو لاڙڪاڻو ضلعو اڄ ٻه ڪوٽ کي منهن پيا ڏين.

—

نادرا حيدرآباد پهتل 48 سيڪڙو ٻوڏ متاثرين جي رجسٽريشن مس ڪري سگهي، وطن ڪارڊن جو ڪم شروع نه ٿيو متاثر پريشان.

نادرا اختياريون سنڌ جي ٻئي وڏي شهر حيدرآباد ۾ قائم 100 مان رڳو 48 رليف ڪئمپن جي رجسٽريشن مڪمل ڪري سگهيون آهن. نادرا پاران وطن ڪارڊ لاءِ ٻه رجسٽريشن شروع نه ڪئي وئي، ڪئمپن ۾ روزانو واڌ ٿئي پئي، رجسٽريشن جو ڪم هلي پيو: (نادرا عملدار). اسان کي وطن ڪارڊ جو پهرين ڄامشوري ۽ پوءِ حيدرآباد ۾ ڪم ڪرڻو هو پر اسان کي ڪا هدايت ناهي ملي: (دين محمد). اسان وٽ سمورن متاثرين جا تفصيل آهن: (امير چاموٽ).

(روزاني ڪاوش)

❁

20 سيپٽمبر 2010ع

اڙل واهه ابتو وهڻ لڳو سيوهڻ جي رنگ بند تي دٻاءُ، ڪاڇو شروع شهرين پر هراس، مظاهرو.

سيوهڻ جي 6 يوسيز ۾ 10 کان 15 فوٽ بيٺل پاڻي جو ڪرمپور وٽان ايل ايس بند ذريعي سنڌو درياءَ ۾ ڇوڙ جاري، ڪٽ سوڙها هجڻ ڪري پاڻي جو وهڪرو گهٽ.

–

ناٽو ڪاٽو رقمون جاري نه ٿو ڪري، امدادي ڪمن ۾ ڏکيايون پيش اچن پيون: صوبائي ڊزاسٽر اٿارٽي.

اداري جي اڪائونٽ ۾ ٻن سالن کان صرف 20 ڪروڙ پيل آهن. الاءِ ڇو رقمون جاري نٿيون ڪيون وڃن: (ڊي جي). وطن ڪارڊ پرڏيهه مان ٿهي اچن ٿا، جنهن ڪري نادرا طرفان گهٽ مرڪز ٺاهيا ويا آهن: (صالح فاروقي).

–

حيدرآباد پهتل 55،000 ٻوڏ متاثرن جي 2 ويلا ماني تي سوا 6 ڪروڙ خرچ ٿيڻ جي دعويٰ، شڪايتون برقرار.

حيدرآباد ۾ 4 آگسٽ کان متاثرين جي آمد شروع ٿي، 19 سيپٽمبر تائين متاثرين جو انگ وڌي 55،000 تائين وڃي پهتو. 4 کان 16 آگسٽ تائين سيلاٽي ٽرسٽ کاڌ خوراڪ جا بندوبست ڪيا، 17 آگسٽ تي سيلاٽي ٽرسٽ 35 هزار متاثر انتظاميا حوالي ڪيا. سرڪار حِدرآباد انتظاميا کي متاثرين لاءِ 7 ڪروڙ جاري ڪري چڪي، هڪ هزار متاثرين جي 2 ويلن تي هڪ لک خرچ اچي ٿو: برڪات رضوي.

–

"امداد ڏيو" سيوهڻ ۾ ٻوڏ متاثرن جو ڌرڻو سامان جي ٽرڪ تي چڙهي ڦرلٽ، ڇڪريون، اهلڪار زخمي، شيلنگ.

ڊي ڊي او روينيو آفيس ۾ 6 ٽرڪن تي آيل امدادي سامان نه ورهائڻ خلاف سوين متاثرن انڊس هاءِ وي تي ڌرڻو هنيو. متاثرن پاران امداد ڏيو راشن ڏيو جا نعرا، راشن ڪٽي بيٺل ٽرڪ جو اطلاع ملڻ تي متاثرن ڊوڙندي پهچي گاڏي مان سامان جي ڦرلٽ ڪئي. (روزاني ڪاوش)

❁

ٻوڌ ڪهاڻيون

سنڌو درياءَ لوڙهي چڙيا، تنهنجا منهنجا سارا خواب.
آءُ ته گڏجي اڏيون سنڌڙي، گڏجي پيار جا پوکيون گلاب.

نيٺ ته غم جا گهيرا ٽٽندا، نيٺ ٻڌي جا ٻيٽا ٽٻندا،
همت ڌاريو، هانوَ نه هاريو، اڪين نه پنهنجي آٽيون آب! .

ڦُهريل جهوپا ٻيهر اڏبا، وچڙيل سيئي ٻيهر گڏبا،
گڏجي سيئي 'نئين سنڌ' اڏيون، نوان شهر ۽ نوان باب.
(مورساگر)

موڪل اڃ مرن

ڊاڪٽر فاطمہ حسن

ٻوڏ هڪ ٻئي جي پويان شهر ٻوڙي ۽ وسنديون ويران ڪري رهي هئي، ڌرتي، هنن سيني جي پيرن هيٺان ڪسڪي رهي هئي ۽ هو آسمان ۾ اکيون کُپائي ان اڏام ڪنٽرولي جي اوسيئڙي ۾ هئا، جنهن ۾ وقت جو حاڪم اچڻو هو. هوءَ جيڪا انهن منجهان نہ هئي، اتي پاڻيءَ ۾ گهيريل ماڻهن جي مدد ڪرڻ آئي هئي ۽ حيران ۽ پريشان هئي تہ هي سڀ وزير ۽ عوام جا نمائندا، جيڪي ان مهل اُتي موجود هئا، تن ڪي تہ هن گهڙيءَ هتي هئڻ جي بدران ٻڏندڙ ماڻهن جي مدد ڪرڻ جي لاءِ انهن هنڌن تي هئڻ گهرجي ها، جتي خطرو وڌيڪ هو. هي سياستدان، قوم جا خادم، پنهنجي پنهنجي علائقي جا چڱا مڙس، سندن ماڻهون تہ سندن هر اشاري تي اُپا تي ويندا آهن، سندن حڪم تي نچڻ لڳندا آهن تہ پوءِ هي چڱا مڙس انهن کي انهن هنڌن تان ڇو نٿا ڪڍن، جتي ٻوڏ جو پاڻي پهچڻ وارو آهي. ڇا ڪين انهن ماڻهن جو ڪو اُلڪو آهي، جن جون زندگيون داءُ تي لڳل آهن؟ ڪيس شڪ هو تہ ايئن بلڪل ڪونهي ۽ هاڻ سندس اهو شڪ، پڪ ۾ بدلبو ويو. اجان ڪجهہ گهڙيون اڳ ڪيس هڪ فون آئي هئي، ”ڳوٺ چنڊڻ موريءَ تائين پاڻي پهچي ويو آهي، ماڻهو گهرن جي ڇتين تي ويٺا آهن، ڪچيون پڪيون ڀتيون ڍهي پونديون، ماڻهن جون زندگيون خطري ۾ آهن، اوهين وس وارن سان گڏ ويٺل آهيو انهن کي چئي ريسڪيو ڪرايو.“ هن پير ۾ ويٺل هڪ چونڊيل عورت ميمبر پاڻيءَ کي چيو:

”توکي خبر آهي تہ ڳوٺ چنڊڻ موريءَ ۾ پاڻي پهچي ويو آهي، ماڻهو ٻوڏ

جي پاڻي ۾ گهيرجي ويا آهن ۽ مدد گهري رهيا آهن."

ميمبرياڻي وراڻيو: "سنهنجو پنهنجو علائقو ئي پاڻيءَ ۾ ٻڏو پيو آهي، اتي به ڪو مدد ڪرڻ وارو ڪونهي."

اهو جواب ٻڌي هوءَ پريشان ٿي ويئي. اها با اختيار ميمبرياڻي، جنهن کي ماڻهن چونڊيو هو ڇا رڳو ان لاءِ آهي ته هو "هيلي پيڊ" تي ايئر ڪنڊيشنڊ گاڏيءَ ۾ وهي "وزير اعليٰ" جو انتظار ڪري. هن اهي خيال پاڻ تائين محدود رکيا ۽ نرميءَ سان چيو: "ڏسو مون کي هڪ ٽي وي چئنل جي خاطوءَ فون ڪئي آهي، ڇا آئون ڪيس ٻڌايان ته اوهان..."

سندس ڳالهه پوري ٿيڻ کان اڳ ئي ميمبرياڻي جلدي پنهنجي موبائيل تان هڪ نمبر ملايو شايد هوءَ ڪنهن اعليٰ عملدار سان مخاطب هئي.

"ٺيڪ آهي، اوهان مون کي ڪمانڊر صاحب سان ڳالهرايو... ڏسو ڪمانڊر صاحب! ڳوٺ چنڊڻ موريءَ ۾ ڪجهه ماڻهو ڦاٿل آهن، اوهان انهن کي ريسڪيو ذريعي..."

اڃا هن ڳالهه پوري ئي نه ڪئي هئي جو آسمان تي هڪ هيلي ڪاپٽر نمودار ٿيو. ميمبرياڻي موبائيل بند ڪري ڇڏي ۽ سڀ جو ڌيان اُن ڏانهن ٿي ويس. ٻيا ماڻهو به ان ڏانهن ايئن ڏسڻ لڳا، ڄڻ عيد جو چنڊ ڳولهي رهيا هجن. هيلي ڪاپٽر انهن جي مٿان لنگهي ويو.

"آرميءَ جو آهي." ميمبرياڻي سندس سامهون سيٽ تي ويٺل پنهنجي ساٿي عوامي نمائندي کي چيو.

"هائو آرميءَ جو آهي." جواب آيو ۽ انتظار جو سلسلو ٻيهر شروع ٿي ويو. هاڻ هوءَ ان انتظار مان بيزار ٿيڻ لڳي هئي.

"هتي وڏو حاڪم ڇو پيو اچي؟" هوءَ ميمبرياڻيءَ سان مخاطب ٿي.

"فيصلو ڪرڻ ته بند ڪٿان ٽوڙجي؟"

"بند ٽوڙيو ويندو؟ بند کي ته مضبوط ڪرڻ گهرجي." هن پڇيو.

"ڪٽ هڻون آهي بابا، اسان کي پنهنجون زمينون به ته بچائڻيون آهن."

ميمبرياڻي، هن جي اڻ ڄاڻائيءَ تي چڙ پئي ۽ هوءَ جيڪا گذريل

ڪيترن ئي ڏينهن کان هن علائقي ۾ گهمندي رهندي هئي، سا ڪمزور ۽ هنڌان هنڌان روڙهيون پوندڙ نالي ماتر بچاءَ بند کان چڱي طرح واقف هئي، کيس خبر هئي ته هاڻ پاڻي مٿي کان چڙهي چڪو آهي، ڪنهن فيصلي ۽ تدبير جو وقت گذري چڪو آهي. هوءَ بي چين ٿي ويئي.

”بندن ۾ ته پاڻهي گهارا پوڻ شروع ٿي ويا آهن... انهن کي ته بند ڪرڻ گهرجي، هاڻ وري گهاري وجهڻ جو فيصلو... اوهان کي ته خبر آهي ته پاڻي جي سطح ايتري ته بلند ٿي چڪي آهي؛ جو هاڻ ان جو رخ موڙڻ ممڪن ئي ڪونهي. بند مضبوط ۽ مٿي ڪرڻ گهرجن... اوهان جو شهر به پاڻيءَ جي ليول کان هيٺ آهي ۽ اهي ايڪس ڪيوبڪس جيڪي بند کي اوچو ڪرڻ جي لاءِ گهرايا ويا هئا، تن کي ٿورو رستو طئي ڪرڻ ۾ جيترين ڏکيائين سان منهن ڏيڻون پيو، اوترين رڪاوٽن ته ٻوڏ جي سامهون به نه آيون...“

ميمبرياڻي جي منهن مان اڻ ڄاڻائي ظاهر هئي.

هوءَ خاموش ٿي ويئي ۽ پنهنجي خيالن ۾ ٻڏي ويئي. هن جي ذهن ۾ هر هر هڪئي سوال اُڀري رهيو هو ته هي ماڻهو جيڪي هٿ موجود آهن ۽ هٿ تي هٿ ڏيو ويٺا آهن، تن کي اهو الڪو ئي ڪونهي ته ايم اين وي ڊرين جي بندن کي نقصان پهچي چڪو آهي، پاڻيءَ جو ريلو جيڪو اتان اچي پيو اهو انهن ڏانهن به ايندو... پر هي هيٺ ڪٿي ٿا ڏسن... سندن نظرون ته آسمان طرف آهن... هنن جا ذهن فقط سندن زمينن جي باري ۾ سوچي رهيا آهن، جن تي سندن باغ ۽ فصل بيٺل آهن...

”سڀ ڪجهه تباهه ٿي ويندو.“ هن ٻڙٻڙايو.

”اوهان ڪجهه چيو؟“ ميمبرياڻي سوال ڪيو.

”نه... نه... جي هائو... غالب پيو ياد پوي، ڇا ته جينئس هو چيو هئائين:

”کس کس کے گھر جائے گا سیلاب بلا میرے بعد۔“

ميمبرياڻي جي موبائيل وڄڻ لڳي.

”اڇا ته سيوهڻ جو دورو پيو ڪري... فضائي جائزو پيو وٺي... هونهه! ان جو مطلب اهو ٿيو ته ٿوري دير لڳندي.“

فضائي جائزو؟ هن تصور ڪيو.

وڏي حاڪم سان گڏ ويٺل هڪ نيم حڪيم نقشو پڪيڙي ڪاغذ تي ڏيکاري رهيو هو. 'اوهين هتي آهيو... هتان بند ٽوڙيو وڃي ته پاڻي فلاڻي علائقي ۾ هليو ويندو... فلاڻو علائقو فلاڻي جو آهي... ٻي پاسي جيڪي زمينون آهن، اهي به پنهنجا وڏا مخالف آهن...'

هن تصور ۾ ئي سڀ ڪجهه ڏسي ورتو هو. گذريل مهيني ٻوڏ جي وڏي وهڪري جو رخ جڏهن اُن پاسي ٿيو هو ۽ وڏو امڪان هو ته پاڻي اُتي پهچندو تڏهن به هوءَ اهڙين ڪيترين ئي گڏجاڻين ۾ موجود هئي. هن آبپاشي کاتي جي وڏن وڏن جڳادرين کي وڏا وڏا نقشا پکيڙي بند جي انهن هنڌن جي نشاندهي ڪندي ڏٺو هو جيڪي ڪمزور هئا، جتي ماضيءَ ۾ ٻوڏن سبب گهارا پيا هئا. کيس اطمينان ٿيو هو ته هاڻ کين خطري جو اڳواٽ اندازو آهي، تنهن ڪري هاڻ هو انهن هنڌن کي وڌيڪ مضبوط ڪندا. هن ٻڌو هو ته بند کي مٽي ڪيو ويندو. هن دل ئي دل ۾ غالب کي مخاطب ٿي چيو هو:

"کس کس کے گھر جائے گا سیلاب بلا؟"

غالب کان پوءِ کيس اڳوڻو آبپاشي جو وفاقي وزير ياد آيو هو جيڪو ان ئي علائقي جو هو پر هن بند مضبوط ڇو نه ڪرايو؟ هيءَ ته سڄو ئي بچاءَ بند آهي... بچاءَ... تحفظ... تحفظ ته مضبوط هئڻ سان ملندو آهي. هوءَ پُر اميد ٿي وئي هئي... کيس فقط انهن غريب ماڻهن جو ڏک هو جن جا گهر ڪچي ۾ پاڻيءَ هيٺ اچي ويا هئا ۽ هنن بند تي اچي پناهه ورتي هئي... هاڻ هوءَ ٻيهر انهن جي لاءِ امداد ڪٺي آئي هئي... کاڌي پيتي جون شيون، دوائون ۽ ڊاڪٽر... پر هتي اچي پتو پيس ته ڪجهه ئي ڏينهن ۾ پڪي جا علائقا به ٻڏي ويا هئا ۽ وڏا وڏا شهر به خطري هيٺ آهن. ايئن ڇو ٿيو؟ جيترا وات اوتريون ڳالهيون. ڪن ماڻهن جو خيال هو ته آبپاشي کاتي وارا نالائق آهن، هنن غلط صلاحون ڏنيون، مِس - گائيڊ ڪيو. کاتي وارا وري چئي رهيا هئا ته سنڌن ڪو به نٿو ٻڌي، هر وڏو پنهنجي زمين بچائڻ جي چڪر ۾ چڪتاڻ ڪري رهيو آهي، انهن جا هٿيار بند ماڻهو بند تي ويٺا آهن، اسان جيڪڏهن پاڻيءَ جو رخ موڙيون ته سنڌن سر جو خير ڪونهي.

"بندن ۾ گهارا پئجي ويا آهن, اهي تہ بند ڪريو." هن ڳالهہ ڪئي. "ڪير بند ڪندو؟" سندس ان سوال تي واپڊا جي هڪ ذميوار عملدار چيو:

"الله وڏو آهي, هو سڀ خير ڪندو."

"الله زمين تي اوهان کي پنهنجو نائب ڪري موڪليو آهي... اوهين تہ پنهنجو فرض نباهيو."

"اسين ڪجهہ بہ نہ ٿا ڪري سگهون... الله تي ڀروسو رکو."

"اوهين ڪهڙي قسم جا ماڻهو آهيو اوهان جي بہ تہ ڪا ذميواري آهي؟ ماڻهو لُڙهي ويندا, شهر ٻڏي ويندا, پر اوهين تماشو ڏسندا رهندا." هوءَ سندس ٽرجائي تي چڙ رڙيون ڪرڻ لڳي.

"اوهين جذباتي پيون ٿيو." جواب مليو.

آئون هن جي شڪايت ڪنديس. هن سوچيو پر ڪنهن سان؟ اهو جيڪو هيلي ڪاپٽر مان لهڻ وارو آهي, پر هو تہ پاڻ ڪو فيصلو نہ پيو ڪري سگهي. اجا بہ ڏينهن اڳ ئي ڪيس هڪ فيصلو ڪرڻ جي لاءِ ٻي شهر ۾ هيليڪاپٽر لاهڻو پيو هو پوءِ ان ئي هيليڪاپٽر ۾ هتان ڪان صلاح ڪارن کي گهرايو ويو هو جن صلاح ڏني هئي تہ ڪو بہ فيصلو ڪرڻ ۾ تڪڙ نہ ڪئي وڃي, جڏهن پاڻي مٿي چڙهي ويندو تہ بند ۾ ڪٽ هنيو ويندو. جا پاڻي کي سندن فيصلي جو اوسيئڙو هو اهو ڪٽ تہ سندن وڃڻ کان اڳ ئي پئجي ويو. هوءَ سوچيندي رهي. قدرت هنن جي اکين تي پڙدا چاڙهي ڇڏيا آهن, ذهنن ۽ دلين تي مهر هڻي ڇڏي آهي, تباهي سندن مقدر آهي.

هيلي ڪاپٽر لهي رهيو هو مٿي اڏي رهي هئي, وڻن جا پن ڇڻي رهيا هئا, مٽيءَ جو چڙ طوفان اُٿي رهيو هو هيلي ڪاپٽر جو پکو بند ٿيو تہ سامهون جو منظر چٽو ٿيو. هن ڏٺو تہ ميمبرياڻي وزيراعليٰ تائين پهچي چڪي هئي, گاڏيون گڏجاڻي جي هنڌ ڏانهن روانيون ٿي رهيون هيون, اک ڇنڀ ۾ هيلي پيڊ خالي ٿي ويو. سڀ ان پچ پچان ۾ هئا تہ گڏجاڻي ۾ وزيراعليٰ جي پرسان سيٽ ملي. جڏهن هو گڏجاڻي واري هنڌ پهتا تہ

صلاحڪارن ۽ ڪجهه عملدارن کي اندر موڪلي عمارت جو دروازو بند ڪيو ويو هو. پندرهن منٽن کان پوءِ هن هيلي ڪاپٽر کي پيهر فضا ۾ بلند ٿيندي ڏٺو. پنجن منٽن ۾ گڏجاڻي لاءِ سڄو ڏينهن ڇٽ ٿي ويو.

"گڏجاڻي ۾ ڪهڙو فيصلو ٿيو؟" هن اعليٰ عملدار کان پڇيو.

"شهر خالي ڪرڻ جو چتاءُ ڏنو ويجي." ورندي ملي.

هڪ ڀيو شهر خالي ڪرايو وڃي، پر هو ويندا ڪيڏانهن ۽ هو جيڪي بند تي ويٺا آهن ۽ پاڻي بند کان اوچو ٿي رهيو آهي، جيڪي هن شهر جي ڪئمپن ۾ آهن، جنهن ۾ پاڻي داخل ٿيڻ وارو آهي، هو ڪيئن ويندا ۽ ڪيڏانهن ويندا؟ ڪهڙو هنڌ محفوظ آهي؟ جواب ڏيڻ جي لاءِ هڪ ٻي گڏجاڻي جي گهرج هئي، ۽ ڇا ان لاءِ وقت ملندو؟ هن جي ذهن ۾ سوالن جو وهڪرو وهي رهيو هو.

"هاڻ هيلي ڪاپٽر ڪٿي لهندو؟" هن بي ساخته پڇيو.

"اوهان ڏاڍيون پريشان پيون نظر اچو ڇو؟" اعليٰ عملدار پڇيو.

"ماڻهو پاڻيءَ ۾ گهيريل، ماڻهو ڪيئن لڏيندا؟ ڪيڏانهن لڏي ويندا؟ ڪو ته هنڌ هئڻ گهرجي..نوح نبيءَ جي ٻيڙي ڪٿان ايندي؟" هن خود ڪلامي ڪئي.

"نوح نبيءَ جي ٻيڙي!؟" اعليٰ عملدار هن ڏانهن حيراني مان ڏٺو.

"هائو! هاڻ ته نوح نبي جي ٻيڙي ئي ايندي.. اوهان وٽ ته ڪجهه به ڪونهي... سوچ به ڪونهي... تدبير به ڪونهي... ٻيڙي به ڪونهي ته ٻيڙيا تو به ڪونهي... هڪ هيلي ڪاپٽر ۾ ته سڀ چڙهي نٿا سگهن... خير ڏسون ٿا ته:

کس کس کے گھر جائے گا سیلاب بلا میرے بعد؟"

❁

سنڊيڪار: يوسف سنڌي

مون کي به جيئڻ ڏيو....!

يوسف سنڌي

گهڻي ڪوشش جي باوجود به هو ڪجهه حاصل نه ڪري سگهيو. هڪ ته ماڻهن جي ڀيهه ايڏي ته گهڻي هئي، جو هو ٽرڪ جي ويجهو وڃي نه سگهيو پر جي به چار قدم اڳيان وڌيو به ٿي ته ماڻهن ڪيس اهڙا ته ڌڪا ٿي ڏنا، جو هو صفا پوئتي ڌڪجي ٿي رهيو ۽ ماڻهن جو رويو ايترو ته بي حسي ۽ بي حيائي وارو هو جو هن کي حيرت وٺيو ٿي ويئي. ان ڀيهه ۾ ڪيترائي ڏسٽا واسٽا ۽ سگها ڀلا ماڻهو به شامل هئا، پر ڪنهن به ڌانهنس ڌيان نه ڏنو ۽ سڀ ڪو ٽرڪ مان امدادي سامان کي ايئن لٽڻ لڳو ڄڻ اهو ڦريون ۽ آخري ڀيرو هو جو اهو سامان آيو هو ۽ پوءِ وري داڻو به نه ملندن... ڪين ڪو روڪڻ وارو به ته نه هو.

هي جڏهن ڌڪجي پويان ٿيو ته همت هاري ڇڏيائين ۽ ويهي رهيو. ٽرڪ آهستي آهستي هلندي ويئي، ماڻهو ٽرڪ جي پويان هوڪا ڏيندا ، رڙيون ڪندا، نعرا هڻندا، ڊوڙندا ويا ۽ ٽرڪ جي مٿان ويٺل به همراهه سامان جون ٿيلهيون انهن ڏانهن ايئن اڇليندا ويا، جيئن ڀونڪندڙ ۾ رومڙ ڪري ايندڙ ڪتي کي اڳيان وڌڻ کان روڪڻ لاءِ، ڪو مانيءَ پور اڇلي ڏبو آهي. جيئن هو ان ۾ لڳو رهي ۽ ماني اڇليندڙ همراهه اڳتي نڪري وڃي. پر هتي اها ترڪيب به نه هلي، ماڻهو ٽرڪ کي ماڪوڙين وانگر ورائي ويا... ماڻهن جي حملي جي سٽ نه سهي ٽرڪ تي ويٺل همراهن ڀڄي جند ڇڏائي ۽ ٽرڪ منٽن ۾ سامان کان ايئن خالي ٿي ويئي، جيئن ماڪڙ جي حملي کان

پوءِ وڻ ٽڻن کان خالي ٿي ويندا آهن:
هي، اهو سڀ ڪجهه ڏسندو رهيو.

ٿي ڏينهن اڳ جڏهن هو ڳوٺان نڪري اچي مڪلي تي پهتا هئا ته درياءَ شاهه دادلي کان فقط ٻُت تي پاتل ڪپڙا ۽ ٻه چار ڪپڙن جا ٻيا ڳنڍ ۽ پنهنجون زندگيون بچائي سگهيا هئا. اسر ويل هو اڃان روزو رکي مسجد ۾ نماز لاءِ وڃڻ جي تياري ڪري رهيو هو جو مسجد مان اعلان ٿيو ته "ڳوٺ وارؤ! درياءَ جو بند ٽٽي پيو آهي... پاڻي تيزيءَ سان ڳوٺ ڏانهن پيو وڌي، جيترو جلد ٿي سگهي، ڳوٺ خالي ڪري محفوظ هنڌن تي پهچو.."

اعلان ڇا ٿيو ڄڻ ڳوٺ ۾ قيامت برپا ٿي ويئي.

هي به پنهنجي زال، ننهن ۽ ڏهن سالن جي پوٽيءَ کي وٺي نڪتو. پٽهنس مزدوريءَ جي سلسلي ۾ وڏي شهر ويل هو. ماڻهن جون قطارون هيون، جيڪي بدحواسيءَ ۾ ڳوٺ خالي ڪري رهيا هئا. زائفائون هيون، جن مان ڪن جي مٿن تي هڙون هيون ته ڪن جي هٿن ۾ ٻارڙن جون آڱريون... ۽ ٻارڙا هئا، جيڪي اسر ويل اوچتو ايئن ننڊ ڦٽڻ کان پوءِ ماڻن جي بدحواسي ۽ ڀڄ ڀڄان ڏسي زور زور سان رڙيون ڪندا ويا، پر ڪين ڪو به پرچائي ماٺ نه ڪرائي رهيو هو. هن ڏٺو ته ڪيترائي ٻار ماڻن کان وڇڙي ويا هئا ۽ ڪن ماڻن وري چرين وانگر پنهنجن ٻارڙن کي پئي ڳولهيو.

عجيب بدحواسي هئي چوڌاري!

"هيءَ ته ڪاري قيام آهي." هن هلندي سوچيو. "مسيت ۾ ملئون واعظ ڪندي اڪثر چوندو آهي ته قيامت جي ڏينهن نفسا نفسي جي حالت هوندي.. نه پُٽ پيءَ جو نه زال مڙس جي، نه ماءُ ٻار جي واهرو هوندي.. هر ڪو پنهنجي اعمالن جو ڇنو ڪڻندو پڄندو وتندو."

وڏي شهر ڏانهن ويندڙ رستي تي ڪارين، سوزوڪين، موٽر سائيڪلن، سائيڪلن، بيل گاڏين ۽ گڏهه گاڏين جي ڊگهي قطار روان دوان هئي، ۽ انهن ۾ وينل ڇا ستيل هئا ماڻهو سامان، ٻڪريون... ماڻهو پاڻ بچائڻ ۽ محفوظ هنڌ تي پهچڻ لاءِ سڀ رشتا، ناتا، قدر ۽ انسانيت وساري چڪا هئا... ڪارن وارن ڪارون ايڏيون ته زور سان ٿي هلايون، جو ماڻهن کي رستي تان هٽڻ جو

موقعو به نٿي ڏنائون... ايئن ڪيترائي ماڻهو پاڻ بچائيندي ڪارڻ سان ٺڪرجي زخمجي به پيا.

وڏي شهر ڏانهن ويندڙ رستي تي هلندي هن جي نظر سائين دادن شاهه ميلا مار تي پيئي، جيڪو به چوهه مان وچي رهيو هو. پٺهنس قادن شاهه بلا تار به لٺ هٿ ۾ ڪٽيو ان ۾ ٻڌل گهنگهرين کي زور سان پٽ تي هڻندو وچي رهيو هو. اڄ ڪيس ”حيدر حيدر“ جا نعرا هڻڻ به وسري ويا هئا. هنن جي پويان حويليءَ جون بيبيون به هيون، جن مان ڪن جي هٿن ۾ ننڍيون هڙون ته ڪن جي ڪڇن تي ٻارڙا هئا... ڪين صحيح پردو به ڪيل ڪو نه هو... ”اجا ٻي کهڙي ڪاري قيام ڇٽبي، جو سادات ويچارا به ٿلڪي ويا... انهن ساداتن جي حويليءَ مٿان نر پکيءَ جي اڏرڻ تي به پابندي هئي...“ هي سوچي ٿو ”اي رب سائين! تون اسان مشڪين ٻچڙيوالن تي ڪو قياس ڪر... هي ٻوڏ واري بلا اسان تان ٽار...“ اهو چئي هو توبهه توبهه ڪري اکيون ٻي پاسي ڪري ٿو ڇڏي.. هو ٻي خياليءَ ۾ ساداتن جي حرم تي پنهنجي پيل نظر تي پڇتائڻ ٿو لڳي، ”الله مون کي معاف ڪر...“ هو دل ئي دل ۾ چوي ٿو.

وڏي شهر ڏانهن ويندي پنڌ ئي پنڌ، سخت اُس، مٿان وري روزو هن ايئن محسوس ڪيو هو ڄڻ هو پنهنجو لاش گهليندو پيو وچي ڪنهن قبر ۾ ڦٽو ڪرڻ جي لاءِ... هزارن جي تعداد ۾ ماڻهن جي رش ۾ هن ڇا ڇا نه ڏٺو.. ڪيس سٺ سال اڳ وارو منظر ياد اچي ويو جڏهن واڻيا پڳا هئا.. تڏهن هو اڃا ٻار هو ۽ پٺهنس پنهنجي ننڍپڻ جي سنگتي ڪرموءَ کي الوداع چوڻ جي لاءِ ڪراچي ويو هو ۽ هن کي به پاڻ سان وٺي ويو هو ۽ پٺهنس ڪراچيءَ ۾ تيستائين ڪرمون ۽ سندس گهر وارن سان ڪئمپ ۾ گڏ رهيو جيستائين هو پاڻيءَ جي جهاز ۾ چڙهي روانا نه ٿيا... ان وقت به هن ماڻهن کي ايئن ئي ٽولين جي صورت ۾ بدحواس، ويگاڻو ۽ ويچارو ٿي ڊپ ۾ سفر ڪندي ڏٺو هو... هن جي تصور ۾ به ڪو نه هو ته ڪو هو هڪ ڀيرو نه رڳو اهڙا نظارا ڏسندو پر خود به انهن ۾ شامل هوندو.

ڪجھ پنڌ هلڻ ڪان پوءِ جڏهن زالهنس دانهن ڪئي، ”اُدلوءَ جا پيءُ! ٿورو

ڊرو هل... اسين ٿڪي پيا آهيون.“ تہ هن کي هوش آيو هو ۽ هو رستي جي پاسي ۾ هڪ گُنبذ جي وڻ هيٺان ٿي ويٺا... هاڻ سندس پوٽيءَ اُڃ سبب رڙيون ڪرڻ شروع ڪيون ۽ هي پريشان ٿي ويو تہ ننڍڙيءَ لاءِ ڪيئن پاڻي هٿ ڪري. ماڻهو قطارن ۾ زل ڪاڙهي ۾ پگهر ڳاڙهيندا وڃي رهيا هئا. هن انهن کي ڏسڻ شروع ڪيو تہ ڪنهن وٽ پاڻي هجي تہ پوٽيهنس لاءِ گهري.

”اڏلو پيءَ! ادلوءَ جي ڪا خبر ورتي ٿئي...!؟“ زالهنس پنهنجي پُٽ جي اُلڪي ۾ پڇڪي.

”ڪٿان خبر وٺان... جيئن اُٿيا آهيون، تيئن ڪڙين تي زور اٿئون... ڪنهن کان پڇان؟“

”پوءِ... بہ...“

”ڪنهن ڪنڌيءَ پيڙاءَ ٿيون تہ ڪٿان خبر ڪيندوس ادلوءَ جي.“

تيسين هن جي نظر هڪ جوان مڙس تي پيئي، جنهن جي هٿ ۾ پاڻيءَ سان پريل ڪولر هو ۽ هن ٽڪڙو وڌي ان کي ٻانهن مان جهليو ”ابا پاڻي ڍڪ ڏي... ننڍڙيءَ جو اصل ساهہ ٿو وڃي.“

”حاضر چاچا...“ جوان مڙس ٻيهندي وراڻيو ۽ هي ڪيس پاڻ سان وٺي آيو ۽ جوان مڙس ڪولر جو ڍڪ کولي ان ۾ پاڻي پري ننڍڙيءَ کي ڏنو جيڪا ايئن پيئڻ لڳي، ڄڻ ٻيهر پاڻي نہ ملندس.

”ڏي خبر چاچا.... ڪهڙي ڳوٺ جو آهين؟“ جوان مڙس پڇيس.

”ارباب سانول خان جي ڳوٺ جو...“ هن وراڻيو.

”سانول خان تہ وڏو ماڻهو آهي. تعلقي جو ناظم بہ رهيو آهي، هن اوهان کي سواري ڪا نہ ڏني چا...؟“ جوان پڇيس.

”ابا! اسين تہ ايئن ئي رات جي اونداهيءَ ۾ گهر ڇڏي نڪتا آهيون.“

”اوهين ڪنهن جا ماڻهو آهيو.“ جوان وري پڇيس.

”ارباب سانول جا... ابا اسين سدائين ڪيس ئي وونٽ ڏيندا آهيون.“

”بلي بلي.... ارباب سانول خان... اڳوڻا تعلقہ ناظم بلي...“ جوان مڙس ڪندي طنز ڪندي چيو ۽ پوءِ پڇيو: ”ارباب سانول خان جي گهر ياتين بہ لڏيو يا هو اتي ڳوٺ ۾ رهيا پيا آهن.“

”ابا ڪلهه شام ٻڌوسين ته پنهنجي گاڏين ۾ ڪراچي هليا ويا...“

”واهه ته چئبو ڪين ملائڪن اڳواٽ ئي ٻڌائي ڇڏيو هو ته رات جو بند ٽٽندو.“

هي ماٺ ۾ رهيو.

”۽ اهو اوهان وارو اربابڙو سانول؟“

”نه اهو تبليڪ تي ويو آهي.“

هن جي جواب تي جوان مڙس هڪ وڏو ٺهڪ ڏنو جنهن سبب ويندڙ ماڻهن گهور ڪري جوان مڙس ڏانهن ڏٺو جڙ چئي رهيا هجن: ”صفا ڪو بلا ڪاڏو آهين. ماڻهو پنهنجي ساهه بچائڻ جي چڪر ۾ آهن ۽ تون نياڳا پيو ٺهڪ ڏئين ٿو.“

”ته چئبو چاچا... پاڻ وارو ارباب تبليغ تي ويو آهي، جيئن سندس لاءِ جنت ۾ جايون ٺهن، حورون ۽ غلمان ٻوڪ ٿين.“

جوان مڙس جي ان ڳالهه جو هن ڪان ڪو به جواب نه ڏنو ۽ هي ماٺ ۾ رهيو.

”چاچا! اهي وڏا ماڻهو سڀ حرامي آهن... پنهنجي مطلب جا... هينئر ته اوهان کي پڇڻون به ڪونه... باقي ڪم پوندن... ووٽ کپندن ته ماڻهو ماڻهو آهيون، چئي اچي اوهان جا پير چٽيندا.“

”هائو ابا...“ هن مڙيئي جوان مڙس کي سُر جهلايو.

”ڏسين ڪو نه پيو چاچا... اهي وڏا ماڻهو وڏيرا ۽ آفيسر... ڪيڏين نه وڏين گاڏين ۾... هڪ هڪ ۾ به چڙهيو پيا وڃن... دل ۾ ڪو قياس هجين ته ڪر اوهان جهڙن جهونن کي پاڻ سان گڏ ڪٽي اڳيرو ڪر نه ڪن... ڪنهن ڪنڌيءَ تي نه پهچائين... پر انهن حرامين کي اوهان مان ڏپ ٿي اچي ڏپ...“

هي خاموش رهيو. جوان مڙس ننڍڙي ڪان ڪولر جو ڍڪ ورتو ۽ پري اڳيان وڏايو جيڪو نهڙس وٺي پيتو.

”چڱو چاچا... ڪجهه اڳيرا ٿيون.“ جوان مڙس ڪولر جو ڍڪ بند ڪندي چيو ۽ ڪولر ڪٽي روانو ٿي ويو.

ماڻهن جي رش، جيئن پوءِ تيئن وڌندي ويئي. ڳوٺن جا ڳوٺ لڏي آيا هئا. هي انهن ويندڙن کي ڏسڻ لڳو جيڪي هن جيان ئي غريب هئا، بي وس هئا، ويڳاڻا هئا... هو ڪين خبر ڪو نہ هئي تہ هاڻ سنڌس آئيندو ڇا آهي؟

ان مهل اتان سنڌس اڳيان هڪ ڊبل ڪئبن گاڏي "پان پان" ڪندي، لنگهي ويئي، جنهن جا شيشا بند هئا. ان ۾ فقط ٻہ ڄڻا ويٺل هئا. هن گاڏيءَ ڏانهن ڏٺو ۽ دل ۾ خواهش ڪر ڪنيس تہ "ڪاش! هو ڪين پويان ويهاري ڪڻي هلن... جيئن هي پنڌ کان ڇٽي پون."

پر ٻي گهڙي ڪجهہ دير اڳ جوان مڙس جا چيل جملا ذهن ۾ تري آيس. "چاچا! هنن کي غريبن مان ڏپ ٿي اچي، تڏهن تہ هو گاڏين جا شيشا بہ چاڙهيو ٿا ڇڏين..." ۽ هي سڄو هَجي ويو ۽ دل ۾ اُڀريل خواهش ٻي گهڙيءَ دم توڙي ويس... ۽ ذهن ۾ اچيس ٿو "غريبن جو ڪير بہ ڪونهي ادا... هنن کي تہ ڇمڙ ئي نہ ڪپي ها..."

هنن ٻيهر هلڻ شروع ڪيو. ڄڻ محشر جي ميدان ڏانهن وڌيا رهيا هجن! رستي ۾ ماڻهن جي پُڻ پڻ ۽ وڏي سڏ ڳالهائڻ، زائفائن پاران رلين ۽ ٻاشاهہ پيرر کي سڏڻ ۽ ٻارن جي رڙين ۽ ڪيڪن... سخت اُس، اُڃ، متيندڙ گاڏين جي ڊوڙ... هو ڪيئن مڪلي پهتا، هو سوچي ٿو. "اسان مردن جو تہ خير آهي، پر زالن ۽ ٻارن جا تہ لاهہ ئي نڪري ويا آهن. مٿان وري راتوڪي گرهہ تي..." روزو بہ پاڻيءَ لپ ۽ ڪنهن کان مليل مانيءَ ڳيي تي کوليائين.

هو جڏهن مڪلي پهتا تہ سج ڪڏهوڪو لهي چڪو هو. مڪليءَ تي ماڻهن جا هشامر اچي گڏ ٿيا هئا. ماڻهن جي ايڏي تہ رش هئي، جو هن کي ايئن محسوس ٿيو ڄڻ اڄ محشر جو ڏينهن آهي ۽ صدين کان مڪلي جي قبرستان ۾ سُتل سڀ مردا، حساب ڪتاب ڏيڻ جي لاءِ جاڳي پيا هجن.

هن مڪلي پهچي هڪ وڻ جي هيٺان پوتارو وڇائي ٻارن کي ويهاريو. اها رات هنن ٻڪ تي گذاري، هي هِتان هُتان پيچ ڊڪ ڪري رڳو ايترو پت مس هٿ ڪري سگهيو جنهن مان رڳو ننڍڙي پوٽيهنس جي ڪک پرجي سگهي. هو ٻهراڙي جو ماڻهو هو ٻک، ڏک، مسئلا هن جي گهر جا ڀاتي هئا، پر هن اهڙي عذابن پري، ڏکي ۽ کليل آسمان جي هيٺان، مڇرن سان وڙهندي،

پيٽ ۾ ٻُڪ جا چڪ سهندي ڪڏهن به رات نه گذاري هئي. هو غريب ماڻهو هو سندس گهر ۾ دنياوي سکن ڪڏهن پلجي به پير نه پاتو هو ڪجهه هاريي ۽ ڪجهه هِتي هُتي مزدوري ڪرڻ کان پوءِ ڇڪي تاڻي رکا سکا ٽي ويلا ملنيءَ جا مس ڪائي سگهندا هئا. هاڻ ڪجهه ادلوءَ جي مزدوري ڪرڻ جي ڪري، جيڪو هن ٺي شهر ۾ ڪٿي مزدوري ڪندو هو ۽ هر جمع جي رات ڳوٺ ايندو هو ۽ کيس مزدوري مان بچايل ايترا پئسا ڏيئي ويندو هو جو گهر جو چرخو ڇڪي تاڻي هلڻ لڳو هو.

جڏهن هي وٺ پڪڙ ۾ ڳوٺان نڪتا هئا ته هن جي کيسي ۾ پيل رومال ۾ ويڙهيل ويهين روپين جو نوٽ ئي هن جو ڪُل اثاثو هو. "ويهن روپين مان ڇا ٿيندوءِ؟" هن سوچيو "۽ سِياٽي شهر ۾ ادلوءَ کي ڳولهڻ جي ڪوشش ڪندس...." پوءِ خيال آيس ته ادلو پاڻ هنن لاءِ پريشان هوندو ته ڪٿي آهن، کيس هنن جي لاءِ اُلڪي ته سمهڻ ئي نه ڏنو هوندو.. ڇو ته کيس خبر پئجي ويئي هوندي ته سندس ڳوٺ ٻُڏي چڪو آهي... جنهن هنڌ تي اڳ سندن گُهر هو.. سايون ٻنيون هيون... اُتي هاڻ رڳو پاڻيءَ جي اڇ ئي اَڇ آهي...

هن سڄي رات پنهنجي پُٽ جي اُلڪي ۾ گذاري ۽ ٻي ڏينهن هو چاهيندي به ادلوءَ جي خبر چار وٺڻ جي لاءِ ڪيڏانهن وڃي نه سگهيو جو کيس ڊپ هو ته ڪٿي ماڻهن جي وڏنڌڙ انبوهه ۾ سندس نڍڙو ڪٽنب گم ٿي نه وڃي. اُهو سڄو ڏينهن هن وڻ جي هيٺان ويهي آس پاس ويٺل ٻين ٻوڏ ستايلن سان خبرون چارون ڪندي گذاريو. سندن ڪو به حال پائي نه هو سيني جي ڪتا ساڳئي هئي، سيني کي پيٽ ۽ پنڻي جي ڳڻتي ۽ نظر سامهون روڊ تي هئي، جتي ڪنهن ڪنهن مهل وڏيون گاڏيون بيهي ماڻهن ۾ کاڌي پيتي جو سامان ورهائڻ تي لڳيون، پر هن جي اوستائين پهچڻ کان اڳ، سڀ ختم ٿي ويو ٿي... شام ڌاري ڪٿان ڪو پٽ جي ديگ ڪٽي اچي هنن ۾ ورهائي ويو ۽ هنن جي پيٽ ۾ پونڊڙ بک جي چڪن کان جند آجي ٿي.

ايئن ٻيو ڏينهن به گذري ويو... ڪو به سندن اوهي واهي نه ٿيو.. بس منجهند ڌاري ڪجهه وڏين گاڏين وارا آيا ۽ هنن کي ڪجهه بسڪوٽن جا

پاڪيٽ ۽ پاڻيءَ جون بوتلون ڏيئي، فوٽو ڪڍي.. سنڌن مووي پريندا روانا ٿي ويا.

هاڻ بک ھنن جي سهپ کان ٻاهر ٿي ويئي هئي. پنهنجي پوڙهي زال ۽ ننهن جي لٽل ۽ مايوس چهرن، هن جي اندر ۾ وڏ وجهڻ شروع ڪيا هئا. سندس پوٽي، جيڪا گهر ۾ سڄو ڏينهن ٽينگ ٽپا ڏيندي هئي، ايئن خاموش ۽ هر اينڌڙ ويندڙ کي گهوري ڏسي رهي هئي، ڄڻ ڪنهن ٻي دنيا جي مخلوق هجي.

هن کان اهو سڀ ڪجهه ڏٺو نه ٿيو ۽ هي اُٿي روڊ تي آيو ۽ ماڻهن جي ان انبوهه ۾ شامل ٿي ويو جيڪو سامان کڻي اينڌڙ هر گاڏي تي رومڙ ڪري، ان کي ڇهڻي ٿي ويو پر پنهنجن هيڻن هڏن سبب ڪجهه حاصل ڪري نه سگهيو هو ۽ هاڻ هو ٿڪي اچي رستي جي پر ۾ ويٺو هو ته هاڻ ڇا ڪري ۽ خالي هٿين ڪيئن وڃي؟

هڪ پيرو پيهر ماڻهن ۾ چر پر پيدا ٿي ۽ هوليرو مچي ويو. سامان سان پريل ٽرڪ کي سڀ ماڻهو ايئن ورائي ويا هئا، جيئن ڍونڍ تي ڳجهون حملو ڪنديون آهن. هن هڪ ٻن لمحن لاءِ انهن کي ڏٺو ۽ پوءِ منجهس ڪا از غيبي سگهه اچي ويئي ۽ هو "متان ويا آهيو" چئي ڊوڙندو وڃي ٽرڪ کي پهتو ۽ سامهون اينڌڙ ٻن همراهن کي ايئن ڌڪا ڏيئي پري ڪيائين، جيئن جوانيءَ ۾ ڪوڏي ڪيڏندي، سامهون واري کي ڪانچاڻ لاءِ اوچتو ڌڪ هڻبو آهي. ٻي گهڙي سامان سان پريل ٿيلهي هو پاڻ ڏانهن ڇڪڻ لڳو...

❁

درياءَ شاھ

اي اسانجي سنڌ جا سرتاج درياءَ ڏيان ڪر،
پنهنجي وس ڪان وڃ نہ ٻاهر، ترڪ هي تغيان ڪر،
ور ڏيئي واهڙ نہ هيئن ملڪ جو نقصان ڪر،
باز برسيل بستيون، واديون نہ هيئن ويران ڪر.

هوڏ هستي، موج مستي ڇڏي حليمت ساڻ هل،
جيءَ جيارا شاھ درياءَ جوش پنهنجو پاڻ جهل،
ٻوڙ ٻوڙان تنهنجيءَ ٻوڙي شهر ڀهراڙيون ڇڏيون،
هر ڇڏي هارين ويچارن ويڙھ ۾ واڙيون ڇڏيون.

دربدر ٿيا ديس واسي گهر ڇڏي خانہ بدوش،
شهر ڀهراڙيون، تنهنجي آهن ڇٽ چارئي طرف،
ٿيون تارازيون بيڪار ٿيا سودا سلف
سجاوٽون سڀ نيون ۽ ٻنيون ٻارا تلف،
بڪيا بي حال پٽڪن انگ اگهاڙا جيئن الف.

1956ع ۾ آيل ٻوڏ دوران جوڙيل نظم مان ورتل
شاعر: مولوي محمد عثمان 'پروان' سمون دڙائي.

پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ڀاڙي، ڪائُو، ڀاڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني ۾ چاهيون ٿا ته ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ٺاهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نسُل (پَ نَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَ نَ جي نالي کي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طرح وٽن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، چاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سِيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ -

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪِي پائي چيو تہ "منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)